# رسالو
# غلام محمد خانزئي
# جو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بيت سڀ سارا سچو تڙي صاحب رب
ستار جوڙي جوڙ جهان جي هادي
ٻيءَ آڌار نڪو آلوهت ۾ نڪا ڪيرت
ڪلمه نفي مان اثبات ڪري سارو ئي
سينسار پاڻهي اينهار يا رهو رو پاڻ ڪري
بيت جامع سڀ جهان هو حقيقت
هيڪڙي نه نڪو نالو نفي جو نه اثبات سبحان

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

# رسالو
# غلام محمد خانزئي
# جو

تصحيح ۽ مقدمو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ


شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

۱۴۰۵ھ/۱۹۸۵ع

ڇاپو پهريون ١٤٠٥ھ/١٩٨٥ع هڪ هزار

حق واسطا قائم

قيمت ٨٥ روپيا

ملڻ جو هنڌ
شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاه
۽
اعزازي سيڪريٽري شاه عبداللطيف ڀٽ شاه
ثقافتي مرڪز، حيدرآباد

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب پرفيڪٽ پرنٽرز، ٤٧-٤، صدر، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو
۽ عبدالحميد آخوند اعزازي سيڪريٽري ڇپائي شايع ڪيو.

# انتساب

شمس العلماء ڊاڪٽر
عمر بن محمد دائود پوٽي جي نالي
جنهن 'اعليٰ سنڌي شاعريءَ' جي
آڳاٽن ذخيرن کي سهيڙيو
۽
تحقيق سان شايع ڪرايو

نبي بخش

# مهاڳ

غلام محمد خانزئي اڄ کان هڪ سؤ ورهيه کن اڳ جو اديب، عالم ۽ سالڪ شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جو ڪلام هن رسالي سميت هڪ قلمي 'ڪليات' جي صورت ۾ پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخاني ۾ محفوظ هو، جيڪو پير صاحب جن جي طرفان مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي کي وڏيڪ تحقيق ۽ اشاعت خاطر عنايت ٿيو. اهڙو ذڪر ڊاڪٽر صاحب مرحوم، ڪتابڙي 'منهاج العاشقين' جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي جيڪو پڻ غلام محمد خانزئي جو تصنيف ٿيل آهي ۽ جنهن کي ڊاڪٽر صاحب جن سوڌي سنواري سنه ١٩٣٤ع ۾ شايع ڪيو.

غالباً سنه ١٩٥٣ع ڌاري راقم کي ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم پنهنجو ڪتبخانو ڏيکاريو ۽ پوءِ غلام محمد خانزئي جي 'ڪليات' وارو قلمي نسخو مطالعي لاءِ ڏنو ته آءٌ ڪين ان بابت پنهنجي راءِ ڏيان. ڪتاب ڪجهه وقت مون وٽ رهيو ۽ تفصيلي مطالعي بعد مون ڊاڪٽر صاحب جن کي ٻڌايو ته هي رسالو جيڪو خانزئي، حضرت شاه عبداللطيف جي رسالي کان متاثر ٿي جوڙيو، سو 'رسالن' جي سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي، ۽ بهتر ٿيندو ته پاڻ ان کي شايع ڪن. ان وقت هن رسالي جي 'سُر ڏهر' مان ڪافي بيت مون چونڊي اُتاريا هئا، جن مان ڪي پوءِ سنه ١٩٥٨ع ۾ ڪتابڙي 'لاکو ڦلاڻي' لکڻ وقت آن ۾ آندا ويا.

ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي وفات کان پوءِ اها اڻ تڻ رهندي آئي ته اهڙو ڪو موقعو ملي جو خانزئي جو هي قيمتي رسالو شايع ڪجي ته جيئن ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي پنهنجي مدعا پوري ٿئي، جيڪا سندن حياتيءَ ۾ اڻپوري رهجي وئي. محترمه بيگم خديجه دائود پوٽي صاحبه جن جا احسان جو هي قيمتي قلمي نسخو پاڻ وٽ سنڀالي رکيائون، جيڪو گذريل سال پياري سڄڻ آخوند عبدالحميد جي وساطت سان راقم کي دستياب ٿيو، ۽ جنهن کي مسلسل محنت سان صحيح طور پڙهي هن وقت شايع ڪجي ٿو.

محترم محمد اسماعيل شيخ رسالي جي مواد کي اتارڻ، پريس ۾ موڪلڻ ۽ ڇپائي وقت پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي آهي، جنهن لاءِ آءٌ سندس شڪرگذار آهيان.

اسلام آباد
ربيع الاول ١٤٠٥ھ
ڊسمبر ١٩٨٤ع

خادم العلم
نبي بخش

# عنوانن جي فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ۰۱ | سر ڪلياڻ | ۱ |
| ۰۲ | سر جمن | ۱۳ |
| ۰۳ | سر سريراڳ | ۳۱ |
| ۰۴ | سر ساموندي | ۴۰ |
| ۰۵ | سر سهڻي | ۶۵ |
| ۰۶ | سر سسئي آبري | ۸۵ |
| ۰۷ | سر معذور | ۱۲۹ |
| ۰۸ | سر ديسي | ۱۴۴ |
| ۰۹ | سر ڪوهياري | ۱۵۹ |
| ۰۱۰ | سر حسيني | ۱۸۲ |
| ۰۱۱ | سر ڪنڀات | ۲۱۶ |
| ۰۱۲ | سر بلاول | ۲۳۲ |
| ۰۱۳ | سر برووُ سنڌي | ۲۴۱ |
| ۰۱۴ | سر برووُ هندي | ۲۵۱ |
| ۰۱۵ | سر سارنگ | ۲۵۹ |
| ۰۱۶ | سر آسا | ۲۶۹ |
| ۰۱۷ | سر سورٺ | ۲۷۹ |
| ۰۱۸ | سر پرڀاتي | ۲۹۱ |
| ۰۱۹ | سر هيررانجهو | ۲۹۷ |
| ۰۲۰ | سر پورب | ۳۰۳ |
| ۰۲۱ | سر ڪاموڏ | ۳۱۰ |
| ۰۲۲ | سر ڪاريهل | ۳۱۹ |

| | | |
|---|---|---|
| ٢٣. سر ڪاهوڙي | ... ... | ٣٢٧ |
| ٢٤. سر رپ | ... ... | ٣٣٧ |
| ٢٥. سر رامڪلي | ... ... | ٣٤٨ |
| ٢٦. سر ڪيڏارو | ... ... | ٣٧٦ |
| ٢٧. سر ليلان چنيسر | ... ... | ٣٨٦ |
| ٢٨. سر ڏهر | ... ... | ٣٩٥ |
| ٢٩. سر ڪاپائتي | ... ... | ٤١٣ |
| ٣٠. سر گهاتو | ... ... | ٤٢٤ |
| ٣١. سر راڻو | ... ... | ٤٣٢ |
| ٣٢. سر مارئي | ... ... | ٤٥٣ |
| ٣٣. سر ڏناسري | ... ... | ٤٧٩ |
| ٣٤. سر شينهن ڪيڏارو | ... ... | ٤٨٥ |
| ٣٥. سر بسنت | ... ... | ٤٩١ |
| ٣٦. سر پورب مارئي | ... ... | ٤٩٧ |


ضميمو


| | | |
|---|---|---|
| ڪافيون | ... ... | ٥٠٣ |
| مولود | ... ... | ٥٣٦ |
| لولي (ٽيه اکري) | ... ... | ٥٣٧ |
| مناصح المؤمنين | ... ... | ٥٤٤ |
| غزل | ... ... | ٥٥٥ |
| منهاج العاشقين | ... ... | ٥٥٩ |
| شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڀن بيتن جي معنيٰ | | ٥٨٦ |

باسمہ تعالیٰ

# مقدمو

هيءُ 'رسالو غلام محمد خانزئي جو' سنڌي آساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جي شاهڪارن مان آخري شاهڪار آهي؛ هيءُ رسالو شاه عبداللطيف جي رسالي جو تعبير ۽ تفسير آهي؛ ۽ رسالي جي سُرن ۽ موضوعن بابت معياري بيان ۽ معنيٰ جي لحاظ سان ساڳئي هڪ ئي شاعر جي چيل بيتن ۽ واين ۾ 'رسالي جي هيئت ۽ ترتيب' جي هڪ تڪميلي صورت آهي.

## رسالا ۽ رسالن جا ڏڏي

'اعليٰ سنڌي شاعري' جنهن جو آساس يا بنياد نبي صلعم طرفان ڏنل اسلامي تعليم جي روشني ۾ ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت، ۽ معاشري ۾ شخصي ڪردار جي اعليٰ قدرن واري فڪر ۽ فهم تي ٻڌل آهي، تنهن جو پهريون وڏو شاعر ۽ باني مباني قاضي قادن هو. ان بعد ميون شاه ڪريم ٿيو جيڪو ڪنهن حد تائين قاضي قادن جو شارح هو. انهن پهرين ٻن وڏن عارفن شاعرن جو سڄو سربستو ڪلام جيڪڏهن سلامت رهي ها ته هرهڪ مجموعو پنهنجي جاء تي هڪ 'رسالو' مڃي ها. البت اهڙن اعليٰ معنوي بيتن جي ذخيري کي 'رسالي' جو نالو پهريون پيرو شاه لطف الله قادري ڏنو. پر اهو رسالو فقط 'بيتن' جي مجموعي جي صورت وارو رسالو آهي. مختلف سُرن هيٺ، بيتن ۽ واين جي داستانن واري ترتيب سان، پهريون رسالو ميين شاه عنات جو آهي، جنهن کي سنڌس پنهنجي آندل لفظ

'ڪلام' جي لحاظ سان 'ميين شاه عنات جو ڪلام' جي عنوان سان شايع ڪيو ويو آهي. ان بعد حضرت شاه عبداللطيف جو رسالو آهي جيڪو فڪر، معنيٰ ۽ بيان جي لحاظ سان سنڌي اساسي شاعري جي آسمان جو سج آهي. حضرت شاه صاحب کان پوءِ، سنڌس 'رسالي جي صورت ۽ هيئت' مطابق ٻين اهلِ دل شاعرن جي چيل بيتن ۽ واين جا مجموعا پڻ 'رسالن' جي صورت ۾ مرتب ٿيا. شاه لطف الله قادري کان وٺي (جنهن ڀهرڀائين 'رسالي' جو نالو آندو) ٻيا اهي وڏا شاعر جن کي "رسالن جا ڌڻي" چئي سگهجي ٿو، سي هي آهن*:

١. شاه لطف الله قادري (وفات ١١ صدي هجري جو آخر). سنڌس 'سنڌي رسالو' سنه ١٣٨٨/٩٦٨ ع ۾ شايع ٿيو.
٢. ميون شاه عنات (وفات ١١٣٣هه). سنڌس رسالو 'ميين شاه عنات جو ڪلام' جي عنوان سان سنه ١٣٨٣هه/ ١٩٦٣ع ۾ شايع ٿيو.
٣. شاه عبداللطيف (وفات ١١٦٥هه). سنڌس رسالي جي آڳاٽن قلمي نسخن کي پيش نظر رکي ٻه جدا متن شايع ڪيا ويا آهن، ۽ هن وقت 'مستند جامع متن' تي ڪم هلندڙ آهي.

---

* جيتوڻيڪ ڪن ٻين سالڪن جو ڪلام پڻ اعليٰ معيار جي لحاظ سان 'سنڌي اساسي شاعري' جو اهم جز آهي، مگر اهو 'رسالي جي سُرن' وارن موضوعن بدران ڪن خاص عنوانن سان يا فقط بيتن ۾ ئي مرتب ٿيو. البت حافظ عبدالوهاب سچل جو ڪلام بيتن ۽ واين توڙي سُروار موضوعن جي لحاظ سان اهڙو هو جو اهو جيڪر رسالي جي صورت ۾ مرتب ٿي سگهي ها، پر آڳاٽن ڪاتبن توڙي پوئين دور جي ترتيب ڏيندڙن انهي طرف پورو توجهه نه ڪيو. ضروري آهي ته سچل سائين جي ڪلام جي هڪ وڏي حصي کي نئين سر 'رسالي' جي صورت ۾ مرتب ڪري 'رسالن' جي صف ۾ شامل ڪجي.

۴. فقير صوفي محمد صديق (وفات ۱۲٦۵هه). سندس رسالو "راڳنامو" جي عنوان سان سنه ۱۴۰۱هه/۱۹۸۱ع ۾ شايع ٿيو.

۵. قنبر علي شاه پاڏائي (وفات ۱۲٦۴هه). سندس رسالو 'شاه شريف پاڏائي جو رسالو' جي عنوان سان سنه ۱۳۹۲هه/۱۹۷۲ع ۾ شايع ٿيو.

٦. خليفو نبي بخش صاحب (وفات ۱۲۸۰هه/۱۸٦۳ع ڌاري). 'خليفي صاحب جو رسالو' سنه ۱۳۹۰هه/۱۹٦٦ع ۾ شايع ٿيو.

۷. غلام محمد خانزئي (وفات ۱۹۰۴-۱۹۱۴ع؟). 'رسالو غلام محمد خانزئي جو' سنه ۱۴۰۵هه/۱۹۸۵ع ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

انهن ستن شاعرن جي رسالن ۾ اعليٰ سنڌي شاعري جو وڏي ۾ وڏو ذخيرو سمايل آهي، جنهن کي روشن ڪرڻ لاءِ اسان گذريل ٽيهن سالن کان وٺي سندن 'رسالن' ۽ ڪلام جي ذخيرن کي ڳولي هٿ ڪرڻ، انهن کي صحيح طور تي سمجهڻ، ۽ انهن کي سوڌي سنواري شايع ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. غلام محمد خانزئي واري هن ستين رسالي جي اشاعت سان 'سنڌي رسالن' بابت بنيادي تحقيق وارو مرحلو پورو ٿيو، ۽ اساسي (ڪلاسيڪي) سنڌي شاعري جو هي وڏو معياري ذخيرو، صحيح متن ۽ سهڻي ترتيب سان ڇپجي شايع ٿي ويو(۱).

## هن رسالي جو شاعر غلام محمد خانزئي

جيتوڻيڪ هن رسالي جو شاعر غلام محمد خانزئي نسبتاً

---

(۱) پير غوث محمد شاه لکپت (ڪڇ) واري جو رسالو اسان جي سامهون آهي، پر معنيٰ توڙي بيان جي لحاظ سان اهو البت سادو آهي. اهڙي طرح ڪن ٻين جي ڪلام جا ٿورا گهڻا ذخيرا رسالن واري سٽاء ۾ موجود آهن، پر اهي به معياري سطح جا ناهن.

ويجهي ڏؤر جو آهي تہ بہ سندس زندگي جو تفصيلي احوال دستياب نہ ٿي سگهيو آهي(١). البت هن پنهنجي تصنيف ۾ جيڪي ڏاڻا ۽ اهڃاڻ ڏنا آهن، تن مان سندس سوانح جو مختصر خاڪو هيٺين طرح مرتب ڪري سگهجي ٿو.

غلام‌محمد ولد خان محمد خانزئي اندازاً ١٢٥٠ هجري ڌاري ڄائو. غالباً سندس 'خانزئي' خاندان، بلوچن جي بروهي قبيلي جي نک مان هو(٢) جيڪي پير صاحب جهنڊي واري جا مريد هئا. غلام‌محمد بہ شايد ابتدائي تعليم انهيءَ ساڳئي مڪتب ۾ پوري ڪئي جنهن ۾ بزرگن جا ٻار پڙهيا. اهڙي چڱي ماحول جو سندس تربيت تي وڏو اثر پيو. مڪتبي تعليم پوري ڪري سمجهہ وارو ٿيو تہ پاڻ بہ پير صاحب جهنڊي وارن جو مريد ٿيو. ساڳئي وقت سندس طبع ۾ شاعرانہ شعور بہ پيدا ٿيو، جو پوءِ ان وقت جي سجاده نشين پير صاحب جهنڊي واري جي تعريف ۾ هيٺيون ڪلام چيائين تہ:

سهڻو چڙهيو سفر تي وو، نيزو ڪئي نيشان لو
ٿيو ســوار سقب تـــي، مـــاراهيو سبحان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو(٣)

هن ڪلام جي سٽاءَ مان ظاهر آهي تہ اهو سندس اوائلي دور واري عقيدت جو آئينو آهي، ۽ شاعرانہ لحاظ سان سرسري سطح وارو آهي. جنهن پير صاحب ڏانهن سندس اشارو آهي،

---

(١) ١٥-٢٠ سال اڳ سرهياري (ضلعو نواب شاه) جي آسپاس ڪيل ڪنهن ڪچهري ۾ غلام‌محمد خانزئي جي احوال بابت اسان‌کي ڪي لکيل پنا مليا هئا، جن‌کي سنڀالي رکيو ويو پر وري پوءِ اهي دستياب نہ ٿي سگهيا.

(٢) 'خانزئي' نالي مان پيو گمان اهو بہ ٿي سگهي ٿو شايد تہ اها نک ڪنهن 'پٺاڻ قبيلي' جي هجي.

(٣) سڄي ڪلام لاءِ ڏسو هن رسالي جو 'ضميمو' صفحو ٥٠٢

سو غالباً پير رشيدالدين شاهه (ولادت ١٢٥٤هه- وفات ١٣١٧هه) هو. جنهن کي 'بيعت ڏني' سڏيو وڃي ٿو. ان مان پائنجي ٿو ته غلام محمد لڳ ڀڳ پير رشيدالدين شاهه جو همعصر هو.

نو عمر غلام محمد وڏي ذهن ۽ شعور وارو هو. اعليٰ تعليم چوٽيارين جي مشهور درسگاهه (تعلقو سانگهڙ) ۾ ورتائين. جيڪا ان وقت سنڌ جي وڏين اعليٰ تعليمي درسگاهن مان هڪ هئي، جتي وڏا لائق ۽ فاضل استاد پڙهائي رهيا هئا. اتي اعليٰ ديني تعليم سان گڏ، غلام محمد فارسي ۽ عربي ۾ ڪافي دسترس پيدا ڪئي. هن درسگاهه جي استادن مان جنهن جي غلام محمد تي خاص شفقت هئي، سو هو ميون عبدالحڪيم (بن ميون عبدالرحمان بن ميون محمد بن ميون مبين) جيڪو پنهنجي وقت جو عالم، فاضل ۽ فقيه هو. "نجوم الهديٰ في آخر الظهر" سندس تصنيف ڪيل آهي.

مخدوم ميان عبدالحڪيم جي پنهنجي ذهين ۽ صالح شاگرد تي ايتري ته مهر جي نظر ۽ مهرباني رهي جو سعادتمند غلام محمد به ڪيس علمي ۽ تعليمي سلسلي ۾ مرشد برابر سمجهيو ۽ تعليم جي تڪميل بعد به هو ميين صاحب جي فيض پري صحبت مان سرشار ٿيندو رهيو. سندس ارشاد تي سنه ١٣٠٢هه جي صفر مهيني ۾، سنڌي ۾ "مناصح المؤمنين" منظوم ڪيائين. مهاڳ ۾ چاڙهيو اٿس ته: 'سنڌي ۾ هن ڪتاب لکڻ جو امر مون کي منهنجي استاد ميان عبدالحڪيم ويٺل شهر چوٽياري جي ڪيو آهي، جيڪو شهر ترڙ ۾ ڪاري ناري جي ڪپ تي آهي' (ڏسو صفحو ٥٤٤). غلام محمد جي پنهنجي شفيق استاد ميين عبدالحڪيم سان جيڪا محبت ۽ عقيدت هئي، ان جي مدنظر پائنجي ٿو ته هن رسالي جي سُر ڏناسري جي 'داستان پهرئين' وارن آخري پنجن بيتن ۾ 'ميان صاحب' وارو خطاب (جنهن جو معنوي مفهوم الڳ آهي) به غالباً سندس پنهنجي استاد 'ميين صاحب' (عبدالحڪيم) جي نالي جو يادگار آهي.

ذهين ۽ سعادتمند طالب العلم غلام محمد بالآخر چوٽياري
جي درسگاه مان ئي اديب ۽ عالم ٿي فارغ ٿيو. ان بعد غالباً
هن پاڻ هڪ عالم ۽ اُستاد جي حيثيت ۾ پڙهايو ۽ ديني تعليم
ڏني، ۽ 'مولوي' سڏجڻ لڳو جيئن ته رسالي جي آخر ۾ ڏنل
عبارت مان ظاهر آهي. سندس انهيءَ علمي ۽ تعليمي مشغلي
واري دور جا حالات معلوم نه ٿي سگهيا آهن، پر سندس
تصنيفات مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته هو تصوف ۽ طريقت
ڏانهن مائل ٿيو، ۽ پڻ سلوڪ ۽ طريقت جي سلسلي تي
علمي طور سوچيائين ۽ ان کي گهڻو ڪجهه سمجهيائين. حضرت
شاه عبداللطيف جي رسالي سان سندس دلي محبت ٿي ۽ ان جو
گهرو مطالعو ڪيائين ۽ ان کان متاثر ٿي پنهنجو رسالو جوڙيائين.
سنڌي توڙي فارسي شعر ۽ ادب سان سندس ذوق وڌيو، ۽
پاڻ سنڌي ۾ بيت، ڪافيون ۽ نظم توڙي فارسي ۾ غزل چيائين.
سنه ۱۲۰۲-۱۲۰۳ ھجري ڌاري جڏهن سندس عمر پنجاه کان
مٿي هئي تڏهن علم ۽ فضل، ادب ۽ شعر ۾ غلام محمد خانزئي
اعليٰ درجي واري حيثيت رکندڙ هو. علمي ۽ ادبي لحاظ سان
ميين عبدالحڪيم چوٽياروي جهڙي بزرگ ۽ برگزيده عالم جو
مٿس ايترو ته اعتماد هو جو کيس سنڌي ۾ 'مناصح المؤمنين'
منظوم ڪرڻ لاءِ چيائين.

سال وفات. جيتوڻيڪ غلام محمد خانزئي جهڙي اعليٰ
اديب ۽ سالڪ جي تاريخ وفات في الحال معلوم نه ٿي سگهي
آهي، مگر ان سلسلي ۾ هيٺيان ڏاڻا ۽ اهڃاڻ غور طلب آهن:
هو لڳ ڀڳ جهڙي واري پير رشيدالدين جو همعصر هو، جنهن
سنه ۱۲۱۷ھ ۾ وفات ڪئي. هن شاعر رمضان واڍي جي هڪ
ڪافي جي هيٺين ٿلهه کان متاثر ٿي انهيءَ ساڳئي ٿلهه پويان
پنهنجي طرفان مصراعون وڌايون (ڏسو صفحو ۵۳۳):

ٿلهه: "مون ڪتيو نه پورو پاءُ ڙي، صبح سڏيندا سير لاءِ"

اصل 'قلمي مجموعي' ۾ پنهنجي هٿ اکرين مٿان لکيو اٿس تہ:
"هي ڪافي منڊ رمضان واڍي جو ۽ مصراع هن نيازمند غلام محمد جون جوڙيل آهن." ان مان ظاهر آهي تہ هو پاڻ ۽ رمضان واڍو (پٽ شهمير پٽ صالح شهميراڻي لاکو واڍو ويٺل پنجمورو، جيڪو پيرجهنڊي جي ڳوٺ کي ويجهو آهي) همعصر هئا. رمضان واڍي ١٣٣٠هہ (١٩١٤ع) ڌاري وفات ڪئي.
غلام محمد خانزئي جي پنهنجن تصنيفن ۾ (جيڪي سندس پختہ ذهن ۽ اعليٰ فهم جو نتيجو آهن) سنہ ١٣٠٢-١٣٠٣هہ وارن سالن جا حوالا موجود آهن جنهن جي معنيٰ تہ ان وقت سندس عمر پنجاهہ سالن کان يقيني طور مٿي هئي. انهن اهڃاڻن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ هن اندازاً ١٣٢٠-١٣٣٠هہ (١٩٠٤-١٩١٤ع) واري عرصي ۾ وفات ڪئي. بهرحال سندس وفات جو پڪو پختو سال وڌيڪ تحقيق طلب آهي.

## سندس تصنيفون

١٣٠٢-١٣٠٣هہ وارن ٻن سالن ۾ عالم ۽ اديب غلام محمد خانزئي پنهنجن تصنيفن جي تڪميل ۽ ڪتابت (صاف سهڻي آتاري) ڏانهن خاص توجهہ ڏنو. سندس تصنيفن ۽ تاليفن بابت اسان جي ڄاڻ في الحال فقط سندس هڪ ئي 'قلمي مجموعي' تائين محدود آهي، جيڪو ڪانئس پوءِ پيرصاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخاني ۾ محفوظ رهيو، جتان پوءِ مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽي کي مليو، ۽ جيڪو هينئر اسان جي آڏو آهي. هن مجموعي ۾ خانزئي جو تصنيف ٿيل هيٺيون مواد شامل آهي:

* رسالو غلام محمد خانزئي جو. رسالي جي ڪتابت (سهڻي صاف اتاري) جي تاريخ مهينو صفر سنہ ١٣٠٣هہ آهي. رسالي بابت هيٺ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

۰۳ چہ وجهي وجه تو ببینم حبیبا
بہ بیماریان را دوا کن طبیبا
بگیرانِ خود را نه گریان گذاري
۰۴ امیدم چنان است از دستِ جانا
بخاکِ فتاده بگردم توانا
غلامِ محمد مکن بیقراري

* مولود (صفحو ٥٣٦). هن ذخيري ۾ شامل سندس فقط هڪ ’مولود‘ آهي ۽ پيو مرشد جي ثنا ۽ تعريف، جيتوڻيڪ ڪاتب ٻئي ’مولود جي عنوان هيٺ لکيا آهن.

* سنڌي غزل (صفحا ٥٥٥-٥٥٨). هن ذخيري ۾ جملي ڇهه غزل آهن، جن ۾ سندس غزل واري شاعري وچٿري سطح واري آهي. فارسي غزلن سان گڏ لکيل سندس هينئين غزل ۾، فارسي سان گڏ سنڌي فقرا پيوند ٿيل آهن. اها مشق سندس شگفته طبع جو نتيجو آهي:

ميان مردمان ديدم تہ منهنجو يار تي آيو
دران دم دوست مي ديدم عجب اسرار تي آيو
نديدم همچين آدم نہ ديگر ڪو ٻڏو مون پيو
بصورت شمس فردوسي جنسي گلذار تي آيو
رخش رخشان ڪمان قوسِ قزح سهڻا ڀروُن آن جا
معطر زلف مشڪينش ڪتوريءَ بار تي آيو
ز ميخانہ برون آمد پيالو مي ڪيو هٿ ۾
ز بس نوشيدنِ آن مي ڪٻڪ جي ڊار تي آيو
برون رفتہ نظر ڪردم ڏٺو مون يار پنهنجي ڪي
ڪہ بريڪرانِ ناز انگيز شتہ هسوار تي آيو
غلام محمد بچشمان بين چڱي صورت رڪي دلبر
ز صورت لامثال است و ڪيو مينگار تي آيو

ڪردارن بابت سُلوڪ جي روشنيءَ ۾ تمثيلي معنيٰ سمجهايل آهي. موضوع توڙي معنيٰ جي اعتبار سان هيءُ رسالو سنڌ ۾ سلوڪ ۽ تصوف واري فڪر ۽ فلسفي جي روايت جو نشان آهي. هن ڪتابڙي مان ظاهر آهي ته مصنف غلام محمد خانزئي نه صرف عالم ۽ اديب هو، پر سلوڪ جي سلسلي جي به ڪيس ڪافي ڄاڻ هئي.

* شاه عبداللطيف جي ٻن بيتن جي معنيٰ (صفحا ٥٨٦-٥٩٢).

سلوڪ واري ڄاڻ جي روشنيءَ ۾، حضرت شاه صاحب جي ٻن بيتن (هڪڙو 'سسئي' ۽ ٻيو 'ڪاپائتي' مان) جي معنيٰ ڀريائين پارسي ۾ لکيائين ۽ پوءِ ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين. 'قلمي مجموعي' ۾ اهي ٻئي سنڌس پنهنجي هٿ اکرين لکيل آهن.

## خانزئي جي رسالي جي تصنيف وارا سال

غلام محمد خانزئي پنهنجو رسالو جيتوڻيڪ ارادي طور جوڙيو، ۽ "شاه جي رسالي" کان متاثر ٿي جوڙيو، مگر غالباً اهو ڪنهن هڪ مهيني يا هڪ سال ۾ ويهي جوڙي پورو ڪونه ڪيائين. سندس رسالي ۾ شامل ٢٥٩ بيتن ۽ ١٧٤ واين جو وڏو شاهي ذخيرو ڪنهن وڏي ڪ مدت ۾ جڙي راس ٿيو هوندو، ۽ ڪنهن حد تائين انهيءَ مدت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. خانزئي جي رسالي ۾ ڇتيهه سُر ڏنل آهن. 'ڇٽيهن سُرن' وارو اهو تعداد، 'شاه جي رسالي' جي قلمي نسخن يا ڇاپن مان اسان کي پهريائين سنه ١٢٨١ هجري (١٨٦٤ع) ۾ ڪاتب عبدالحميد جي لکيل رسالي ۾ مليو ٿو، ۽ ڇاپي رسالن مان پهريون ڀيرو بمبئي واري ٻئي ڇاپي ۾ مليو ٿو جيڪو سنه ١٢٩٣هه (١٨٧٦ع) ۾ شايع ٿيو. خانزئي يقيني طور جواني کان وٺي شاه جي رسالي جو مطالعو ڪيو هوندو، ۽ سندس مطالعي وارو اهو رسالو (يا رسالا) به قلمي ٿي هوندو. ٿي سگهي ٿو ته ان وقت سندس

سامهون رسالي جو ڪو اهڙو قلمي نسخو هجي، جنهن ۾ 'چٽيهه سُر' ڏنل هجن. پر اهڙو امڪان گهٽ ٿو نظر اچي، ڇاڪاڻ جو هن وقت تائين ڇٽيهن سُرن وارو قلمي آثارو فقط هڪ ئي معلوم ٿي سگهيو آهي، جيڪو ۱۲۸۱هه جو لکيل آهي، جنهن ۾ ڇٽيهون سُر 'بسنت بهار' جي عنوان سان وڌايل آهي. 'بسنت بهار' جي واڌاري سان شاه جي رسالي جي ڇٽيهن سُرن وارن صورت حقيقت ۾ سنه۱۲۹۳هه (۱۸۷٦ع) ۾ ٻئي بمبئي ڇاپي جي اشاعت سان ئي عام طور مشهور ٿي. قوي گمان آهي ته اهو ڇاپو، جنهن ۾ ڇٽيهون سُر بسنت بهار آهي، خانزئي جي مطالعي هيٺ پڻ رهيو، ڇاڪاڻ جو خانزئي جي رسالي ۾ بلڪل اهي ئي ساڳيا ڇٽيهه سُر شامل آهن. اهو ٻيو بمبئي ڇاپو، شايع ٿيڻ کان پوءِ هڪ سال جي اندر سنڌ ۾ پهتو هوندو، يعني ته سنه۱۲۹۴هجري ۾ خانزئي جي مطالعي هيٺ آيو هوندو. سندس پنهنجو موجود رسالو سنه۱۳۰۳هه ۾ لکجي پورو ٿيو. انهن سالن کي مدنظر رکندي، هن نتيجي تي پهچي ٿو ته خانزئي پنهنجي رسالي جو سُر 'بسنت بهار' ۽ توڙي ڪن ٻين سُرن جي تڪميل ۽ ترتيب غالباً سنه۱۲۹۴هه کان وٺي ۱۳۰۳هه وارن سٺن اٺن سالن ۾ ڪئي.

## هن رسالي جو متن ۽ مواد

سچو 'قلمي مجموعو'، جنهن جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي، ڏگهن پنن تي ڪاري مس سان صاف چٽي قلم ۾ لکيل آهي. مجموعي جي ۲٦۱ ورقن مان، ۱۸۲ ورقن (يا ۳٦۳ صفحن) وارو ڀاڱو رسالي جي متن وارو آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ ڪافي صفحا يا صفحن جا ڀاڱا بنا لکيت جي خالي ڇڏيل آهن. هر صفحي تي لکيت واري اراضي $9 \times 5\frac{1}{4}$ انچ آهي، جنهن ۾ سراسري طور ۱۷ سٽون سمايل آهن. آخر ۾ ڪاتب طرفان رسالي جي خاتمي واري عبارت هيئين طرح لکيل آهي:

"پورو ٿيو رسالو مولوي غلام محمد جو
تاريخ ستين مهيني صفر جي وقت صبوح
جو ڏينهن سومار جي سنہ تيره سؤ
ٽي وره ۾ ١٣٠٣ھ"

هن عبارت مان پاڻئجي ٿو تہ سندس هي رسالو غلام محمد خانزئي خود پاڻ کونہ لکيو پر ڪنهن ٻئي ڪاتب لکيو، جنهن سندس نالو (ضمير غائب ۾) "مولوي غلام محمد جو" (تصنيف ڪيل) ڪري ڄاڻايو. هن مجموعي ۾ غلام محمد جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل عبارتن ۾ هن پاڻ کي "نيازمند غلام محمد خانزئي"(١) "نيازمند غلام محمد"(٢) "بنده غلام محمد"(٣) يا محض "غلام محمد"(٤) ڪري لکيو آهي، ۽ ڪٿي بہ پاڻ کي "مولوي غلام محمد" ڪري ڪونہ لکيو اٿس. رسالي جي اندروني مطالعي مان پڻ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ رسالو خود مصنف جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل ناهي، نہ تہ ڪي خاميون پيدا نہ ٿين ها. مثلاً (الف) ڪن لفظن جي صورتخطي صحيح ناهي، جيئن تہ 'هيرات' کي 'حيرات'، 'حَل' کي 'هل' ڪري لکيو ويو آهي. (ب) ڪن جاين تي شايد ڪاتب اصلوڪا الفاظ صحيح طور نہ اُتاريا آهن، جنهن ڪري معنيٰ مبهم ٿي پئي آهي (اسان اهڙين جاين تي هيٺ حاشين ۾ ڄاڻايو آهي تہ 'اصل ائين' ڏي لکيل آهي). (ج) سُرن يا داستانن جي عنوانن ۾ بيتن جو تعداد صحيح طور نہ لکيو ويو آهي. مثلاً ڪاتب سُر ڪلياڻ ۽ ان جي داستان پهرئين جو عنوان هيٺين طرح لکيو آهي:

---

(١) ٻئائي صاحب جي ٻن بيتن مان پهرئين بيت جي سنڌي معنيٰ ۽ شرح جي آخر ۾. (٢) رمضان واڍي جي ٿلهہ واري ڪافي جي مٿان. (٣) سندس لکيل ڪافين جي آخر ۾. (٤) "منهاج العاشقين" (فارسي) ۽ "مناصح المؤمنين" جي آخر ۾، ۽ ٻين ڪن جاين تي.

لا اله الا الله محمد رسول الله
پورو ٿيو رسالو مولوي غلام محمد جو تاريخ ستين
جمعي ظهر جي وقت صبح جو ڏينه
سومار رجب سن تيرهن
سؤ ٽي ورهيه
١٣٠٣ھ

كاتب طرفان رسالي جي خاتمي واري عبارت.

شروع سُر مارئيءَ جو هاڻي داستان آهن جملي ٻه

تِن داستانن پهرئين داستان ۾ بيت ارڙهن

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

اُتَڏي پُوم سَنجُو منجهِ سَرِير مَنيو يايان سُوهراسارو
مُلڪ مَلير ٿيلا هون تقدير آئي وڏو ڪونتي ١ قضا آندي سَس
ڪُونتي ڪيتي جي همايس بينگهي پهواڻ جي ماڏ نياس آئي
آڙياس لکي لوح قلم جي ٢ قضا آندس ڪُونتي ڪئي جي
جائي ڪئي عمر سومرا ڪٿ مارون آماڻي آئي آڙائي قسمت قيد
الماڻي جي ٣ قضا آنديس ڪونتي مهجو ملڪ ملير جي سانگيئڙ
جو صاف رهي تو سير ڪليو ٿن بانهه پاو جو بنيڙ مونکي عمر مير
ٿئي مج اوڏهم ٤ مونکي مارون جي لو لو منجهه لغار و سري
ٿين وجود ماءِ پهواڻ آر صاحب ربَ سائي هج ڪري ولانيد
جا ٥ ستي لڏم هوندن جاءِ نجسو جيئي مهجو مارون ي ساه
تايوسيئي ماءِ آراءِ پون ويئ ودنن ويڙهيجن ٦ ستي لڏم

خانگي جي رسالي مان سر مارئي جو

شروعاتي صفحو.

”شروع ڪلياڻ جو ٽري داستانان آهن جملي بيت ٽيهه آهن، داستانون پهرو هن داستاني ۾ پنجويهه بيت آهن“

حالانڪ هن سُر هيٺ پاڻ جيڪو متن لکيو اٿس، ان موجب داستانا ٽري نه پر چار آهن، ۽ پڻ هن پهرئين داستان ۾ ’پنجويهه‘ نه پر ’ڇهويهه‘ بيت آهن. اهڙي طرح سُرن جي عنوانن ۾ بيتن جو جيڪو تعداد لکيو اٿس تنهن جو سڄي رسالي ۾ جملي جوڙ (٢١٠٨) بيهي ٿو، پر هر سُر هيٺ داستانن جي عنوانن ۾ بيتن جو جيڪو تعداد ڄاڻايو اٿس، ان جو جملي جوڙ (٢٤٤٩) آهي: يعني ته ٻنهي ۾ ٣٤١ بيتن جو فرق آهي. پر ڪاتب عنوانن ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي تنهن کي ڇڏي، سڀني سُرن هيٺ جيڪي بيت واقعي لکيل آهن تن کي ڳڻجي ٿو ته اهو تعداد (٢٥٩٠) بيهي ٿو.

اصل مواد جيڪو ڪاتب اتاريو سو غالباً جدا جدا پنن تي لکيل هو، ۽ جيئن ٿي مصنف (غلام محمد) انهن کي ڏسندو ۽ ڪيس ڏيندو ويو تيئن ڪاتب اتاري لکندو ويو. ڪن سُرن جي داستانن جا آخري بيت يا وايون بروقت ڪيس نه مليون ته انهن لاءِ اوتري جاءِ ڇڏي ڏنائين: يعني ته صفحي جو اڌ يا سڄو صفحو يا اڃان به وڌيڪ خالي ڇڏيائين. اهڙا ڪي ڇڏيل خال پوءِ مواد ملڻ تي لکي پورا ڪيائين، پر ڪي اڃا به رهجي ويا. اصل قلمي مسودي ۾ هر سُر هيٺ جتي به اهڙو ڪو خال ڇڏيل آهي ۽ مواد ڪٽل آهي ته اسان هن ڇاپي جي حاشيي ۾ اهڙو اشارو ڪيو آهي. مثلاً

- سُر ڪلياڻ، داستان-٤ هيٺ فقط نَوَ بيت لکيل آهن، ۽ باقي پيا بيت توڙي وائي ڪٽل آهن.
- سُر سهڻي، داستان-٧ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر معذور، داستان-٦ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر ڪوهياري، داستان-٩ هيٺ فقط چار بيت لکيل آهن، ۽ باقي پيا بيت توڙي وائي ڪٽل آهن.

- سُر کنڀات، داستان-٦ هيٺ فقط پنج بيت لکيل آهن، ۽ باقي پيا بيت توڙي وائي ڪٽل آهن.
- سُر آسا، داستان-٣ هيٺ وائي لکيل ڪانهي، جيتوڻيڪ ڪاتب طرفان لکيل عنوان "وائي" موجود آهي ۽ پڻ صفحو خالي ڇڏيل آهي.
- سُر ڪاهوڙي، داستان-٤ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر ڏهر، داستان-٦ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر ڪاپائتي، داستان-٤ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر مارئي، داستان-١١ هيٺ وائي ڪٽل آهي.

اهو مٿيون وچور خالي ڇڏيل صفحن مطابق آهي. پر ان ڪان سواءِ، ڪاتب جيڪو مواد آتاري لکيو، تنهن مان به ڪم از ڪم ٻه ورق يا چار صفحا ڪٽل آهن. قلمي مسودي جي شروع ۾ ڏنل سُرن جي صفحن وار فهرست مان معلوم ٿئي ٿو ته سُر آسا صفحي ١٩٠ کان شروع ٿئي ٿو، مگر اهو صفحو (جنهن تي 'سر آسا' جو عنوان لکيل هو) توڙي ان کان اڳ وارا سُر سارنگ جا ٽي صفحا ڪٽل آهن. انهن ٽِنهي صفحن ۾ اندازاً چاليهه کن بيت ۽ ڪم از ڪم هڪ وائي (سُر سارنگ جي) لکيل هئي، پر مسودي جا اهي چار ئي صفحا (١٨-١٩) جلد ۾ موجود ناهن.

اصل مسودي ۾ جيڪي صفحا موجود ۽ لکيل آهن، تن ۾ جملي بيتن جو تعداد (٢٠٩٠) ۽ واين جو تعداد (١٧٤) آهي. جيڪڏهن ٻن ضايع ٿيل ورقن وارو مواد ۽ پيو باقي اڻ-آتاريل مواد جنهن لاءِ صفحا خالي ڇڏيل آهن، موجود هجن ها ته هن رسالي ۾ (٢٦٧٥) کن بيت ۽ (١٩٠) کن وايون هجن ها.

موضوع جي لحاظ سان هر داستان ۾ بيتن جي ترتيب مصنف جي ڏنل آهي، ۽ مجموعي طور سان اها سڄي سهڻي بيٺل آهي، سواءِ سُر ڪنڀات جي داستان-٣ ۽ داستان-٦ جي،

جن پنهي جو موضوع 'تارا' آهي؛ پر داستان-۳ ۾ ۱۶ بيت آهن ۽ داستان-۶ ۾ فقط ۵ بيت. اهي ٻئي داستان گڏجي هڪ يڪو داستان ڪجي ها ته به جملي ۲۱ بيت ٿين ها ۽ موضوع به ساڳيو رهي ها. بهرحال جيئن ته اهو فقط هڪ ئي اهڙو مثال آهي، انهيءَ ڪري اسان اصل ترتيب کي قائم رکيو آهي. سُرن اُنءَ داستانن جي عنوانن ۾ بيتن جي ڇاپايل تعداد ۾ جاءِ بجاءِ غلطيون هيون. انهيءَ ڪري اهي عنوان ڇڏي ڏنا ويا آهن. هر داستان هيٺ اسان بيتن کي پنهنجي طرفان چورس ڏنگين ۾ نمبر ڏنا آهن، انهيءَ لاءِ ته حوالي ڏيڻ ۾ آساني ٿئي. ڪاتب جي اصل لکمت ۾ جتي به زير زبر جي غلطي هئي، تنهن کي اسان هن متن ۾ درست ڪري ڇڏيو آهي، ۽ اهڙين درستين تي وڌيڪ بحث ڪونه ڪيو آهي. البت ڪن مبهم لفظن ۽ فقرن کي اسان صحيح طور پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اهڙي حالت ۾ هيٺ حاشيي ۾ اشارو ڪيو آهي ته اصل صورتخطي ڪيئن هئي. ڪي قاتي ويل يا ميساريل لفظ ۽ فقرا، اسان پنهنجي گمان موجب لکيا آهن ۽ اهي [چورس ڏنگين] ۾ رکيا آهن.

## رسالي ۾ استعمال ٿيل ٻوليءِ جي نوعيت:

هت اسان جو مقصد، لساني يا لغوي اعتبار سان ڪو تفصيلي بحث ڪرڻ ناهي، پر هن موضوع کي رڳو ايتري قدر بيان ڪرڻو آهي جيتري قدر ان مان هن رسالي جي مصنف غلام محمد خانزئي جي مجموعي طور سان مختلف ٻولين بابت سندس ڄاڻ، يا خاص سنڌي ٻولي جيڪا هن ڪم آندي ان جي نوعيت معلوم ٿي سگهي. انهيءَ مان سندس سوانح به ڪنهن حد تائين روشن ٿي سگهي ٿي.

سندس هن رسالي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته خاص ٻن ٻولين، يعني سنڌي ۽ سرائيڪي تي ڪيس مَلڪو آهي: انهن

ٻنهي کي ائين آندو اٿس جو ڇڻ ته سندس مادري زبانون آهن.
ٻن ٻولين عربي ۽ فارسي جي ڪيس چڱي علمي ڄاڻ آهي. ٻين
ٻن ملندڙجلندڙ ٻولين، يعني هندي ۽ اردو جي پڻ ڪيس چڱي
واقفيت آهي. اڳين 'رسالي ڏٺين' جي ڀيٽ ۾ غلام محمد خانزئي
انهي پوئين دور جو شاعر آهي جڏهن ڪي انگريزي لفظ پڻ
سنڌي ۾ استعمال ٿيڻ لڳا هئا ۽ ڇڻ سنڌي زبان جو جـز ٿي
ٻنيا. خانزئي اهڙا ڪي لفظ پڻ پنهنجن بيتن ۾ آندا آهن،
جيئن ته:

'پاس' (ص‌ص۵۸-۵۹) يعني اجازت نامو

سي ڪئن پار پڄن، پاسـُون جن پسائيون
(سـُر سامونڊي، د-۷)

اسڪول (ص‌ص۱۰۸-۳۶۹)

سورن جي اسڪول، ڏنم سبق سڪ جو
(سـُر رپ، د-۷)

ڪامورو (ص ۲۲)

قمر قـريبن جـو تـيء قاصد ڪـامورو
(سـُر رپ، د-۲)

سندس سنڌي ٻولي جي استعمال بابت اسان هيٺ ذرا تفصيل
سان لکنداسون. سرائيڪي ٻولي ۾ سندس مهارت تـي
رسالي جو سـُر هير رانجهو ۽ سرائيڪي ۾ چيل سندس
وايون ۽ ڪافيون شاهد آهن. ٻوليءَ جي مزاج جي لحاظ سان،
سـُر جمن داستان-۱ جي سندس هيٺين وائي اهڙي آهي، جو
سرائيڪي ۾ مادري زبان واري اهليت رکندڙ ڪان سواءِ ڇڻ
ڪو پيو چئي نٿو سگهي:

وائي

مٺن ´وڍِيان وو مٺن ´وڍِيان
عشق ٿـُساڏي وو ٻار مٺن وڍيان

- عيدان (سامونڊري، داستان-١، بيت ١٥)
- سٽان (سامونڊري، داستان-٦، بيت٩)
- لوڪان، موڪان، نوڪان (رائو، داستان-٦ بيت٩)
- ايلان، ريلان، ويلان (لولي، ص ٥٤١)

”تيس ڪاٺياري ڪاڪ ۾ لڄايس لوڪان
ڦوڙائي فراق جون من اندر موڪان
نيه سنديون نوڪان، لوءِ لوءِ ۾ لائي ويون“

—

”ميم منهنجي من تي لايون عشق ايلان
ويئي هنجهون هاريان، رويو رت جون ريلان
والي وار ولهيءَ تي وري وصل جون ويلان“

- آڙهي=وڙهي: ”سائر ٻوڙي سهڻي، لس ۾ آڙهي سير“ (سهڻي د-١، بيت ٨)
- ڏُپَهرو=ٻپهرو: ”ڏپهرو ڏونگر ۾ ڪيو رات رهي“ (ديسي د-٢، بيت ١)
- اوهي= ”اوهي ڪرها ڪيم قطاريو، ٻاروچا!
رهو رات پنهور ۾ ڪوهياري“ (د-٤، وائي)
- ڏيوَنَ=ڏيز: ”هلي ڪوري وچ ۾ ڏيوَنَ سر صحي“ (جمن د-٦، بيت ٨)
- وَتائين=ورتائين: ”وارث وتائين، وري رَنيهي روح جو“ (سهڻي د-٦، بيت ١)
- وَدائون=ورتائون: ”وَدائون ورد ڪري وجودي ورجيس“ (ڏهر د-٥، بيت ١٣)
- ڪَڍيئُون= ”وجي پاڻ ڪڍيون، ڪويهارو ڪيچ ڏئي“ (حسيني د-١، بيت ٢)
- وِهڻيي= ”ڪايا مٿي ڪانگ، مر وِهني سسئي“ (حسيني د-١٠، بيت ٦)

## لاڙي ٻوليءَ جا مثال

- جين^ = جمن، ڪيچ = ڪيچ، جنه تنهن = جنهن تنهن
- ٿين = ٿين، ٿين = ٿين، پئين = پوَن، ڪين = ڪائن

ذائقو زهرات جا مري مات نه ٿين
هتان ملڪالموت جي ڪاتي ڪنا ڪين
ذينه نباهي نين، پي پيالو پرت جو
(جمن د-۴، بيت ٦)

---

مر تان ڪين ڪيان، هڏا ڏوٿيڙن سين
(مارئي د-٦، بيت ١١)
متان اچي پين، آڏا پهر پرين ڪي
(ڪوهياري د-١، بيت ١٣)

---

- پيندياءِ = پونديا، توکي پوندي
تهان پوءِ پيندياءِ، سڏ پرين جي پار جي
(ڪلياڻ د-د، بيت ٢)
- آن^ (اوهان)، آن ڪي (اوهان ڪي):
آهَ نه آن^ جيڏي، جي مون وسهو سرتيون
آن ڪي سک سهاڳ جي قرابت ڪيڏي
تات نه مون تيڏي، جنهن سان پسان پرينءَ کي
(ڪوهياري د-٦، بيت د)
- هُون^ = هئن، چُون^ = چوَن، ڏُون^ = ڏئن،
رُون^ = رئن، پُون = پوَن

### وائي

تان تان ويج نه هُون^، جان جان جيءَ نه جڏو ٿئي
١. ويڏن پنهنجي مرض جي، وڃي ويج نه چُون^
جان جان جيءَ نه جڏو ٿئي

٢. جيسين ميرو نہ ٿيي تيسين ڏوبي نہ ڏَوُنِ
جان جان جيءُ نہ جڏو ٿئي
٣. مادر مُور نہ ڏي ٻُبا، جيسين نيڻ نہ رُوُنِ
جان جان جيءُ نہ جڏو ٿئي
٤. واقف جـي هن واٽ جـا پنڌ پـروڙي پُوُنِ
جانَ جان جيءُ نہ جڏو ٿئي
٥. غلام محمد ڪونہ لهي محبت جـــو مضمون
جان جان جيءُ نہ جڏو ٿئي
(جمن: د ـ ٥)

— روه = روئي، چوه = چوي، هوه = هجي:
اڏر نڏر ايري، هيءَ تان جڏي جوه
ويئي واڙيـن تـي رت ورنـو روه
ڪيڏي پار پنهون جا، چاڪ چڪايو چوه
مـَن مـُئيءَ جو هوه، جاني هن جبل ۾.
(حسيني : د ـ ٩، بيت ٨)

اتر ۽ لاڙ جي محاورن کان سواءِ، خانزئي سنڌي ٻوليءَ جي گھوڙهي انوکي لغت ٿوڙي ان جي پنهنجي نج لساني خصوصيت (جيڪا تاريخي اعتبار کان سنڌي ٻوليءَ جي انفراديت ۽ اهميت تي شاهد آهي) کان باخبر آهي. مثلاً

— انوکا الفاظ، جيئن تہ: اڏوهي (ڪليانُ د ـ ١، بيت ١٦) = بيڏوهي
— اڳين ٻوليءَ جا ڪي خاص الفاظ: ڪيياءِ = ڪتان؛ 'لاڙ ريجو ليڙا' = لاڙ جو ليڙا، انن ڪي ورائجو؛ نڪٽيان = اڪيلي سر
— زمان ماضي ۾ 'ت' جو باقي رهڻ: سَلتي = سَليي، ڀڏائي "منهنجي مون پرين ڪي ذات سَلتي جن"
(آبري د ـ ٣، بيت ٣)

جن ٿي حرف اچي ۽ جن کي حيف هجي؛ سَفريا (ص ٥٠) = سفر تي هليا؛ 'شفقتناڪ' جيڪو صحيح پر البت ڳرو لفظ آهي، يا 'مسروت' جيڪو سندس شاعرانه اختيار سان 'مسرور' جي بدران قافيي جي پورائي لاءِ 'مسروت' ٿي آيو آهي.

سفريا سـاٿيه، جن وڃڻي اوهـري
(سامونڊي د ـ ٤، بيت ٣)
حيفاٽيون هزار، روح رهائي ڇڏيون
(ديسي د ـ ٥، بيت ١)
غلام محمد کي ڪرين، محبت ۾ مسروت
(راڻو د ـ ٣، وائي)

## فڪر ۽ شاعري

غلام محمد خانزئي 'رسالي جو شاعر' آهي، ۽ 'رسالي جي شاعرن' جي وصف ۾ شامل آهي. 'رسالي جي شاعري' اعليٰ اخلاقي ۽ عارفانه شاعري آهي: اها وقتي جذباتن، عارضي معاملن يا لفظي موشگافين واري شاعري ناهي، بلڪ ان جو پيغام دائمي ۽ آفاقي آهي؛ ڪائنات جي خالق جي احديت، بني نوع انسان جي وحدت، ۽ معاشري ۾ اعليٰ انساني ڪردار جي عظمت جو ذڪر 'رسالي جي شاعري' جا خاص موضوع آهن: سچائي ۽ اخلاص ان جي راه آهي، حق ۽ حقيقت ان جي ساڃاه آهي.

موجوده ڄاڻ مطابق، انهيءَ اعليٰ سطح واري 'اعليٰ سنڌي شاعري' جي علمبردارن جي قطار ۾ وقت جي لحاظ سان خانزئي سيني کان پويون شاعر آهي، انهيءَ ڪري سندس معيار جي به نسبتاً ايتري قدر ٿي گهٽ هجڻ جو امڪان آهي؛ مگر ٻوليءَ جي وسيع ڄاڻ، سلوڪ ۽ تصوف جي اصطلاحن جي سمجهه ۽ سرت، ۽ حضرت شاه عبداللطيف جي رسالي سان محبت ۽ ان مان حاصل ڪيل روشني ۽ رهبري سندس معيار

جي 'امڪاني گهٽتائي' کي گهڻو گهٽتائي ڇڏيو آهي. سنڌس گهٽتائي ۽ اوڻائي، 'شاعري جي خاص نزاڪتن' مان فقط ٻن جي ناپيد هجڻ تائين محدود آهي: هڪ ته بيتن ۽ واين ۾ آند ۽ سنڌس قافيا، 'اِعْراب' (آخري زبر، زير، پيش) جي لحاظ سان حضرت شاه عبداللطيف واري معيار کان گهڻو گهٽ آهن جيتوڻيڪ اهڙي ڪمي بيشي ٻوڻين دور جي ٻين شاعرن ۾ به موجود آهي. ٻيو ته ڪن بيتن ۽ واين ۾ ڪٿي ڪٿي ڪن سٽن ۾ لفظن جي اها ٻوڇ ۽ سهڻائي جيڪا بيان ۾ شاعرانه لطافت پيدا ڪري ٿي سا قائم نه رهي آهي. اهو انهي ڪري جو اتي اهي الفاظ ۽ اهي سٽون فطري طور سنڌس زبان تي چڙهي نه آيون، پر ڇڻ ارادي، ڪوشش ۽ ڪاوش جو نتيجو آهن. خانزئي جي بيتن ۽ واين کي پڙهندي اهڙين ڪن جاين تي ڇڻ اصلاح جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، ۽ انهيءَ طرف خيال وڃي ٿو ته 'هيئن نه هيئن هجي ها ته جيڪر بهتر ٿئي ها'. ان جي برعڪس حضرت شاه عبداللطيف جي ڪلام ۾ اهڙي نه فطري ٻالوت آهي جو چئجي ٿو ته ڇڻ سنڌي ٻولي نهي ائين هئي شاه صاحب کان پوءِ (سواءِ خليفي نبي بخش صاحب جي) ٻين جي ٻولي ۾ البت اصلاح لاءِ گنجايش نظر اچي ٿي جيئن خانزئي جي ڪلام ۾ آهي: مثلاً

ڪنهن سان سليمان سڪ، جا مون اندر جندڙي
ڇاڻي مالڪ هڪ، مزو تنهن ذوق جو.

(حسيني: د-د، بيت٤)

پهرين سٽ سهڻي آهي، پر ٻيءَ سٽ ۾ 'مزو تنهن ذوق جو' بيان جي لطافت کان خالي آهي. ٿي سگهي ٿو ته هت ڪاتب جي ڪا غلطي هجي، پر اها سٽ پڙهي خيال اچي ٿو ته بهتر ٿئي ها، جيڪر ڪنهن ٻيءَ طرح چئي ها. سُر برووي ۾ بيت آهي ته:

ڏٺي عجيبن جي روح نه رهي راس
مور نه لهي دل تان دوستن جي آداس
هينئڙو انهيءَ پاس، ڏسي اکاسي گهٽو
(داستان-٣، بيت ٤)

پانئجي ٿو ته بيءَ سٽ ۾ 'بيان' واري صورت اڃين بهتر ٿئي ها جيڪڏهن چوي ها ته:

مـــور نه لهي من تـــان انهن جي آداس

ڪن بيتن جي نظم ۾ تصنع ۽ تڪلف آهي: مثلاً

مـون کي پنهوارن جـو آيـو هـي پيغام
"وَلا تَجلِس فِي القُصور" ڪري ڪو آرام
"وَلا تَلبِس لِباسَهُ عَليٰ جَسدِ ڪَ" آهي عين حرام
"ڪُل شيءِ يَرجِعُ اِليٰ آصلِهِ" تانگهي تن تمام
پڄي قيد ڪمام، مـوٽـائي مُنج مـاروئي.
(مارئي د-٤، بيت ٤)

ڪٿي ڪي لفظ لغت جي لحاظ سان ڳرا ڳوڙها آهن، جيڪي بيان جي نزاڪت تي بار ٿي پيا آهن. جيئن ته:

رهـي اشرافن جـو شرفتناڪي حـال
(مارئي د-٥، بيت ٢٠)

ڪن بيتن ۾ چڱا لفظ جوڙيا ويا آهن، پر ته به جڙي نه بيٺا آهن. مگر خانزئي جو ڪلام ايترو ته گهٽو آهي، جو مٿيون اوڻايون جيڪي ڪٿي ڪن بيتن ۾ آهن، سي بالڪل ٿورڙيون ٿيون لڳن. مجموعي طور سان سندس رسالي جو ڪلام معياري آهي.

## شاه عبداللطيف جو اثر

فڪر ۽ معنيٰ، موضوع ۽ مضمون، اسلوب ۽ بيان جي لحاظ سان "شاه جو رسالو" ۽ 'غلام محمد خانزئي جي رسالي'

جو سرچشمو آهي، خانزئي 'شاه جو رسالو' پڙهيو، اکر اکر ڪري پڙهيو، وڏي ڌيان سان پڙهيو، وري وري پڙهيو ۽ دل سان هنڊايو: ڪن سالن جي انهيءَ مشق ۽ محبت کيس راغب ڪيو ۽ اها راه ڏيکاري ته هو پڻ پنهنجو رسالو جوڙي. اها حقيقت سندس رسالي جي پڙهڻ سان سامهون آيري اچي ٿي. غلام محمد پٽ تي ٻه پيرا ڪيا ۽ يقيني طور 'شاه جو راڳ' ٻڌو. ايتري قدر جو واين جي ڳائڻ جي تار کي پروڙيائين. پنهنجي رسالي ۾ 'سُر معذور، داستان-۲' واري وائي جو عنوان تار جي لحاظ سان 'وائي- ڇيڙ' ڪري ڄاڻائي اٿس.

بهرحال حضرت شاه عبداللطيف ۽ غلام محمد خانزئي ۾ اُستاد ۽ شاگرد وارو فرق آهي. معنوي لحاظ سان عارف ۽ سالڪ وارو فرق آهي، 'حال' ۽ 'قال' وارو فرق آهي: شاعريءَ جي لحاظ سان تخليق ۽ تقليد وارو فرق آهي. حضرت شاه عبداللطيف عارف ۽ مرشد آهي ۽ خانزئي سالڪ ۽ مريد: شاه معنيٰ ۽ مضمون جا خاڪا خلقيندڙ آهي ۽ خانزئي خاڪا ڀريندڙ. انهيءَ ڪري ساڳيءَ سطح تي مشابهت ۽ مُوازني جي ڳالهه ئي ڪانهي. خانزئي جي وڏائي انهيءَ ۾ ئي آهي جو هو حضرت شاه عبداللطيف جهڙي وڏي عارف شاعر جو ڪامياب شاگرد آهي.

سلوڪ توڙي شاعري ۾ خانزئي صحيح معنيٰ ۾ شاه عبداللطيف جو شاگرد آهي، ۽ اهڙو ذهين ۽ لائق شاگرد جو جيڪر ان دور ۾ هجي ها ته پڪائي صاحب کيس جس چوي ها ۽ پنهنجو ڪري سڏي ها. خانزئي پنهنجو رسالو بالڪل 'شاه جي رسالي' واري سٽاء ۾ جوڙيو ۽ مرتب ڪيو: پورا 'ڇٽيهه سُر' قائم ڪيائين. هر سُر هيٺ موضوع ۽ معنيٰ جي لحاظ سان داستان آندائين، ۽ هر داستان جي بيتن پويان ساڳئي موضوع واريون

ٻوڏ جتني جي جيءَ ۾، سي سيئي چڏ،
وڃي وڻجارن سين، غازي گويا گڏ،
جي جتني جا هڏ، سي تني جا سيڪڙو.

جيءَ جتني جهڙي ٻوڏ، سي نه سڃڻ سور جا
ڏيئي هنيون آن کي، متان کرين کوڏ
ٻن تني جي لوڏ، جي ليڇڪي هلن لوڪ ۾.

ٻوڏ جتني جي ’جيءَ‘، سيئي سڃڻ ساه جا
وڃائيج وجود کي، منجهان هتڙن هي
پرت پيالو پي، هلي هتان آن جي.

(سر جمن، داستان–۵، بيت ۵–۹)

ڀٽائي صاحب، هن جهان ۾ انسان جي تڪليف ۽ ڪشالي واري عارضي زندگيءَ جي حقيقت کي سسئي جي زباني هن طرح بيان ڪيو ته:

پورن پالي آهيان، سورن ساندي ڀياس،
سڪن جي سيڏ چئي، پکي آءُ نه پيهياس،
جڪس آءُ هڀياس، گري گوندر ول جي.

(حسيني، داستان– ۱۲)

انهيءَ ساڳئي خيال کي، ساڳئي بيان ۾، سهڻي نموني سان ادا ڪرڻ سولو نه هو، پر خانزئي ادا ڪيو ته:

چيهرن ۾ چاياس، ساعت سڪ نه چندڙو
سورن ساماياس، ڏيئي سٽي سڪ جي.

حضرت شاه صاحب مارئي بابت چيو ته:

مارو ئي نه چائي، نه مارو پيا نه مامري

خانزئي، اهو ساڳيو خيال، ساڳئي معنوي فقري سان مارئيءَ جي واتان چوايو آهي ته:

لوڪان لڄاياس، لقب لڳي سومرا
مادر. ماروئڙن ۾ ناحق نپاياس
هوند نہ جي ڄاڻياس، مارو پيا نہ مامري.
(مارئي، داستان-٣، بيت ٦)

شاهه صاحب، سسئيءَ جي زباناں چوايو تہ:
اول آخر آءٌ، هلڻ منهنجو هوت ڏي
خانزئي ساڳيو فقرو مارئيءَ جي واتان چوايو تہ:
اول آخر آءٌ، منهنجو مُنهن ملير ڏي
(مارئي داستان-٦، بيت-١)

پر ڪن جاين تي خانزئي فقط حضرت شاهه صاحب واري معنيٰ ۽ بيان کي آڻڻ تي بس نہ ڪئي آهي، پر ان ۾ انوکي انداز سان اضافو ڪيو آهي. مثلاً شاهه صاحب، سسئيءَ جي ڪيفيت بيان ڪئي تہ:
اچي عزرائيل، سُتي جاڳائي سسئي
تي دوڙائي دليل، تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

خانزئي، مومل جي ڪيفيت کي سندس زباناں بيان ڪيو تہ ڪيئن ڏسي خود ’موت‘ ئي فوت ٿي ويو:
سوڍا تنهنجي سِڪ ۾ آيو مٿي موت
وري ويچارو ويو، سُٽي سُورن صوت
پاڻ ويو ٿي فوت، ڏسي ڏکوئيءَ کي.
(راڻو، داستان-٣، بيت ٩)

خانزئي پنهنجن ڪن بيتن ۾ شاهه صاحب جي بيتن جي معنيٰ کي وڌيڪ کوليو آهي. مثلاً شاهه صاحب ترغيب ڏني تہ جيئن ڪنڀارن جي آوي يا نهائين باهه کي پنهنجي اندر ڍڪي ٿي، ۽ ٺانون کي پچائي ٿي، تيئن اي عاشق تون بہ پنهنجي محبت ۽ نيهہ کي اندر ۾ ڍڪ. انهيءَ مثال جو مقصد اهو هو تہ

سائي صورت سيرت سڄڻين، سوئي حسن ڪمال
سائي ذات ظرافت پريَ جي، سوئي سو جمال
سوئي ظاهر، باطن سو، سوئي سو خيال
سڀ سيوئي حال، اونهائي انت نه آهه ڪو
(شاه لطف الله قادري)

سو هيءُ، سو هُو، سو آجلُ، سو الله
سو پرين، سو پساه، سو ويري، سو واهرو.
(شاه لطيف: ڪلياڻ، داستان- ١)

پاڻهين جلّ جلالهُ، پاڻهين جانِ جمال
پاڻهين صورت پريَ جي، پاڻهين حسن ڪمال
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال
سڀ سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿيي.
(شاه لطيف: ڪلياڻ، داستان-١)

حقيقت ۾ شاه لطف الله قادري پنهنجن ڏيڍ درجن کن بيتن ۾(١) ذات ۽ صفات جا ايترا مثال آندا آهن، جو اهڙن وڌيڪ مثالن لاءِ باقي جاءِ ڪانه هئي. تنهن هوندي به خانزئي پنهنجن هيٺين ٻن بيتن ۾ ساڳي حقيقت کي وڌيڪ مثالن سان ورجايو آهي ته:

سائي صورت سڪَ جي، سائي صورت ساڻ
سائي صورت ماپ جي سائي ميو ماڻ
اهوئي اهڃاڻ، واحد جي وصال جو.

---

(١) ڏسو "شاه لطف الله قادري جو رسالو" (قسم چوٿون، منجهه، وحدت ۽ موحدن)، ڇپيل اداره سنڌ شناسي (انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي)، ١٣٨٨ھ/١٩٦٨ع، صفحا ٣٦-٤٤.

سانئي صورت سوجهري، سانئي صورت سڄ
سانئي صورت وڻ جي، سانئي صورت ٻج
سانئي ڪپت ڪڄ، سانئي سنگت سُک جي.

## سچاڻ شاعر، عالم ۽ اديب

خانزئي عالم شاعر آهي. هو عربي - فارسي لغات جو عالم آهي ۽ سنڌي ٻولي جو ڄاڻو آهي. لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جي وسيع ڄاڻ سان، سندس واسطي ڪلام ۾ بيان جي وسعت آسان ٿي آهي. ڀٽائي صاحب، نج سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جي سهڻي پوچ سان 'بيان' جي جدا جدا سهڻين صورتن ۽ نزاڪتن جي ادائگي ۾ ڪمال ڪيو. سندس ذهين 'شاگرد' خانزئي به اهڙي ادائگي ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ پيدا ڪئي آهي. هو پڻ ساڳئي معنوي نُڪتي کي مختلف طورطريقن سان بيان ڪري ٿو. ڀٽائي صاحب کان پوءِ، هڪ خانزئي برک شاعر آهي، جنهن پنهنجي بيان جي قوت ۽ ذهني مشق سان هن صنعت ۾ گوءِ کنئي آهي. جيئن ڀٽائي صاحب پنهنجن ڪن بيتن ۾ بيان جي سينگار لاءِ عربي لغت جا ڪي لفظ آندا آهن، تيئن خانزئي پڻ اهڙا لفظ آندا آهن. پر خانزئي ايتري قدر ته ڀٽائي صاحب جي واٽ ورتي آهي جو هڪ بيت ۾ شاه صاحب جيئن عربي صرف نحو (گرامر) جا ٻه اصطلاح ('اِدغام' ۽ 'اعراب') آڻي 'سچي محبت جي ڪيفيت' کي هڪ خاص معنوي انداز ۾ نروار ڪيو آهي تيئن خانزئي پڻ ٻه ٻيا عربي صرف نحو جي ٻن اصطلاحن ('مبتدا' ۽ 'خبر'، 'عطف' ۽ 'معطوف') آڻي سان سهڻي معنيٰ پيدا ڪئي آهي. مثلاً

شاه صاحب:

ڪثرت آهي قرب ۾ 'اِدغا مين' 'اعراب'
(سهڻي: داستان - ١، وائي)

ڳوڙهائي سان گڏوگڏ سلاست ۾ رواني پڻ خانزئي جي بيتن ۾ موجود آهن. هيٺان بيت فصاحت ۾ سلاست ۾ خانزئي جي شاعرانه لياقت جا اعليٰ مثال آهن:

لائي لاڳ ويا، اندر منهنجي جندڙي
ٻري سچ پيا، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري
(سر رپ: د-۱، بيت ۱۷)

ڏکي ڏونگر ڏور، رلي روءِ نه رت
سڄي چڱ مَ ست، هل ته پسين هوت کي.
(آبري د-۳، بيت ۴)

سارو لوڪ سياه، جانب بنا جيڏيون
(ديسي: د-٦، بيت ۷)

سِڪَ سان وڌي سِڪَ، سِڪَ پڻ آهي سِڪَ جي
سِڪَ سڪائو سِڪَ جا، سسئي پنهون هڪ
لوڪان ليکي لِڪ، پر ڪا ڪارڻ پڌري.
(ڪوهياري: د-۲، بيت ۲)

قاف قضا جي قيد ۾ جوڳي جڳتر ڪن
جو وِهُ ويراڳين کي سو ڪنهن سان ڪونه سلن
"الرّاڪِعُونَ السّاجِدُونَ" نانگا نِيت نمن
مسجد ڪري مَنَ، تين نمازي نِيهَه جا.
(رامڪلي: د-۸، بيت ۲۱)

'رسالي جي نوعيت' وارن بيتن ۾ واين ۾ غلام محمد خانزئي جي شاعري قابل قدر آهي، پر ان کان سواءِ ڪافين ڪلامن ۾ پڻ سندس معيار عام سطح کان مٿي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪن داستانن جي پويان سادي سٽاءَ وارين واين بدران (ٿلهه توڙي مصراعن ۾ اندروني قافين جي ترنم واري) ڳوڙهي

۽ ذوق تي شاهد آهي. مثلاً: 'سُر بلاول' هيٺ ('عالادين' يعني علاؤالدين بادشاھ جي سنڌ تي حملي واري عامي روايت کان منهن موڙي) 'عالادين' جي نالي بدران 'اعليٰ دين' جو اصطلاح آڻي ان مان حضرت نبي صلعم جي آمد ۽ اسلام جي وسيع اشاعت جي معنيٰ نروار ڪيائين. 'سر آسا' جي داستان-۱ هيٺ 'اکين' واري موضوع کي سهڻي تفصيل سان ورجايائين. 'سر ڪنيات' جي داستان-۵ لاءِ بالڪل ئي نئون موضوع 'پرٽي ۽ سهاڳ' جو آندائين. 'سر بسنت' هيٺ گلن جي گلزارين سان گڏ پنهنجي ادبي ذوق سان گلن ڦلن جي نالن کي نِروار ڪيائين.

مٿي اسان خانزئي جي لغت ۾ وسيع علمي ڄاڻ ۽ ٻولي ۾ مهارت جو ذڪر ڪري آيا آهيون. ڪلام پاڪ جي آيتن، حديثن، ۽ عربي جي فقرن کان سواءِ پڻ هن 'رسالي' ۾ سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ وڏو ذخيرو موجود آهي. متن جي ضخامت سببان اسان في الحال پڙهندڙ جي سهولت خاطر ڪن انوکن سنڌي لفظن جي معنيٰ واري پٽي، متن جي آخر ۾ ڏني آهي. پر هيءَ موضوع وڌيڪ توجهه طلب آهي. ضروري آهي ته بيتن ۽ واين ۾ مسايل فڪر جي شرح ۽ سمجهاڻي سان گڏ، هن رسالي ۾ آندل انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ تفصيل سان لکي وڃي.

آخر ۾ نتيجي طور چئي سگهجي ٿو ته سنڌي اساسي شاعري جي 'رسالن' ۾ هيءَ وڏي ۾ وڏو 'رسالو' آهي. غلام محمد خانزئي پنهنجي رسالي جي تصنيف ۾ حضرت شاھ عبداللطيف جو شاگرد آهي، مگر اهڙو شاگرد جنهن پنهنجي اعليٰ علمي لياقت، سلوڪ ۽ طريقت جي ڄاڻ، شعر جي شعور، ۽ ٻولي ۽ لغت تي عبور سان ڀٽائي صاحب جي ڇانوَ ۾ پنهنجي لاءِ هڪ جاءِ ڄاهي آهي. موضوع، مقصد توڙي معنيٰ جي لحاظ سان غلام محمد خانزئي جو رسالو حضرت شاھ عبداللطيف جي ڪلام

جو شرح ۽ تفسير آهي. شاه لطف الله قادري وانگر غلام محمد خانزئي به عالم شاعر، صوفي سالڪ، ۽ سلوڪ ۽ طريقت جو شارح آهي. شاه لطف الله قادري ۽ مبين شاه عنات جي رسالن جي اشاعت سان شاه عبداللطيف جي فڪر ۽ ڪلام جو پس منظر روشن ٿيو، ۽ خانزئي جي رسالي جي اشاعت سان ڇڻ شاه جي ڪلام جي شرح ۽ تفسير ۾ اضافو ٿيو.

اسلام آباد
١٩- ربيع الثاني ١٤٠٥هه
(١٢- جنوري ١٩٨٥ع)

ن . ب

بسم الله الرحمن الرحيم

# سُر ڪلياڻ

## داستانُو پهريون

(۱)

سو سارا،ِ سچو ڏَني صاحب رَبّ ستارَ
جوڙي جوڙ جَهان جي هادي رءِ آڌارَ
نَڪو آلو هَتِ ۾ نڪا ڪِيرت ڪارَ
نَفي مان اِثباتَ ڪري سارُوئي سنڀارَ
پاڻهي اُپٽهار، پاڙُهورو پاڻَ ڪري.

(۲)

جامعُ سَپُ جِهانُ، هُو حقيتَ هيڪڙي
نڪو نالو نَفيٰ جو نہ اِثباتي سبُحانُ
نڪو ڏوهُ ثواب هو نڪو غيرگمانُ
شهُوديَ جو شانُ، مخفي مَعمُورَتَ ۾.

(۳)

نڪو آنتُ عقلَ ڪي، نَڪا نِهايَتَ
نَڪا ڪَمي ڪَنزَ جي نڪا ڪفايَتَ
ويلو ولايت، هيڪڙائيءَ هيڪ هو.

(۴)

مُبتدا مُحمّدُ هاشمي، خَبر مخلوقاتَ
خِيمونٰ خِلافَت جو آفلاڪي طبقاتَ
مصابيح مَسِيح جا نوري نَجوماتَ
يُحيِ العِظامِ عَظيم تي باري جي بشراتَ
متي تنهِ صَلواتَ، پڙهو پڙهي پاڻ ڏئي.

(٥)

مِير مُحمّد ڪارڻــي سـڳـوريو سلطانَ
مُحمّد رسـول اللهُ چئـي سـاراهيو سبحانَ
ڪــري اقــرار قَلْبَ سين مڃو سين ايمانَ
صحي سـاڻ لِسانَ، ويساهي سـو وِسَهو.

(٦)

ويساهي سـو وِسهو مـيرَ مُحمّدَ چـامَ
حـامـي هِمّت هاشمي قامِعُ ڏِينهَ قِيامَ
تنهِ دَرَ اچـي سـامَ، عاصِي لڳـا آسِري.

(٧)

ڪري اقرار قَلْبَ سين وِسَهو پاڪَ رسُولُ
مِيرُ مُحمّد ڪارَڻي مَولـي جـو مَقبُولُ
سندُس شـانَ نُزُولُ، آڳهي ڪِيو اڳـرو.

(٨)

ڪڪين^ پنين^ پـدري ڪاريـگر جـو ڪمُ
اصُل ڪُل^ ڪثرَت جـو پـردو آه عدمُ
سوئي سُورُ الَمُ، سوئي صِحَتَ سُک جِي.

(٩)

ڪـڪين پنين پـدرو ڪاريـگر جـي ڪارَ
ڪِينانَ^ ڪـري ڪيترا نَمونـا نـروارَ
پرکي پرکڻهارَ، رَمِي انهـي رَمزَ کـي.

(١٠)

ڪـڪينَ^ پنيهن پَدرو جانـبَ جـو جَمالُ
ڪاريگَر جي ڪَم رِي ڪـچو ڪارُ ڪَمالُ
اِي سـيو ڏسي حـالُ، پَرڪـا ڪارڻ پَدرو.

(١١)

پاڻَ پَروڙي پـاڻ کي، پنهنجو منجهان پـاڻ

ساڍِي صُورَتَ سِڪَ جِي، ساڍِي صُورَتَ ساڻ
ساڍِي صُورَتَ ماپَ جِي سائـــي مَيو ماڻ
اهو ئي اهڃاڻ، واحِدَ جـــي وِصــال جـــو.

(١٢)

ساڍِي صُورَتَ سوجهري سائي صُورَتَ سچ
ساڍِي صُورَتَ وَڻ جِي سائي صُورَتَ ٻج
ساڍِي کَپِتَ کِجَ، ساڍِي سَنگتَ سُک جِي.

(١٣)

جهِڪين ڏِسين جـــو، سوجهي منجهه جهانَ
حَقِيقَتَ ۾ هيڪڙو جُـدا ڪَثرَتَ ڪـــو
اصُل اولــو اهــو، واحِدَ جـــي وِصالَ ۾.

(١٤)

وَحدَتَ جي وِصالَ جو پَندُ نه پَري پُورُ
جوڪَثرَتَ مَنجهه قُصُورُ، سوڏِيويچ وِصالَ جو.

(١٥)

وَڻَــن ۾ واڌِــي، آهـــي وَحَـــدَت وِتِري
سوجهي صُورَت اصُل جِي صَحِي ڪِج ساڍِي
مـتـان تــواڌِـــي، ويـــڳِيا وَڻ وَڙوليهين.

(١٦)

آصُل آڏوهـــي ڏِٺو، ڏيٺِي پنهنجو پـــاڻ
هَيِ هَيِ آهي هاڻ، وَحدتَ جِي وِصالَ ۾.

(١٧)

”وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لهُ“ صَحِي ڪِج سوجهي
ســاڌُو سَهوجهي، وَڃُ وِهــائـج وَحدَتي.

(١٨)

”وحدَهُ لاَشَرِيڪَ لهُ“ سوجهي صحي ڪِج
ٻوڙُ ٻيائيءَ ٻج، وَحدَتَ جي وِصالَ ۾.

(۱۹)

"وَحدَهُ لاَشَرِيڪَ لهُ" صَحي ڪري سوجهه
رَکِي سَدَ سَپوجهه، ڏيج پِياڏي ڀَنَ ۾.

(۲۰)

"وَحدَهُ لاَشَرِيڪَ لهُ" سوجهي ڪِج صَحِي
وَحدَتَ ذاتهُ وَهي، وَنج واٽَ وِصالَ جي.

(۲۱)

"وَحدَهُ لاَشَرِيڪَ لهُ" هِي هِئين سين لاءِ
ڪونهي وارُ وِچاءِ، هِنَ هُنَ ۾ ڪو هَڏهين.

(۲۲)

هِي سَپوڌِي هُوءِ، حقُ حقيقي هيڪڙو
جهڙو پَسَڻ منهُ جو تهڙو پَسَڻ رُوءِ
باسَ مِڙوڌِي بُوءِ، جي تون پَسِين پاڻ ۾.

(۲۳)

پاڻهي لَهجُ پاڻَ مان پنهنجو ٿي تون پاڻ
"وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِنْ حَبلِ الوَرِيدَ"
رَکِي سُرتُ سُڄاڻ
تنهنجو ڏِي تو ساڻ، تون پڻ آهين تَنهِ سان.

(۲۴)

هي پڻ آهي هُنَ سان هُو پڻ آهي هيءُ
وارُ وِلهو ڏڪونه لَهي وِچان جُسي جيءُ
پاڻهي پنهنجو پيءُ، پاڻهي پاڻَ پريتَ جو.

(۲۵)

هڪلَ هاڪِي هيڪڙو، سامعُ سڀئي
وَحدَتَ جي وِصالَ ۾ پُڏِي ويا پيئي
تَني ۾ نيئي، وِڃائيجَ وُجُود کي.

## وائي

عشقَ تنهنجي مجنون ڪيتا، مينون ماهي وي
۰۱ مئن گداگر دَر تيڏي دا شانَ تيڏا هي شاهي
شاهي ڪيتا مينون ماهي وي
۰۲ ظاهرُ باطنُ ماهي ميڏا، هي تہ وسيلا واهي
واهي ڪيتا مينون ماهي وي
۰۳ سِرُ عشاقين بيشڪ مارين، سخت صحي سرواهي
سرواهي ڪيتا مينون ماهي وي
۰۴ تون شهنشاهَ شاهي والا، مئن تان غلام سپاهي
سپاهي ڪيتا مينون ماهي وي

---

## داستانُ پهريون

(١)

جيڪين منجهہ فراقَ، واصل سو نہ وصالَ ۾
وڃي جِنَ وجود کي تڪُون ڪري طاقَ
محبتَ ۾ مشتاقَ، رهن پيرا پُوئيُون.

(٢)

آئي وڃو هاڻ، وَري ويجَ وِصال جا
سُٺيُون صحبت سنديون اوڏيون مُورُ مَ آڻ
ٿِي قربت ڪاڻ، وَصل جي وِصالَ جي.

(٣)

وڃو ويجَ وَري، هتِ نہ وڻو هاڻ مون
هي جا هنج عجيبَ ري، سُڪي سا نہ هري
محبتَ منجهہ مري، جڏو جيئي جندَڙو.

(۴)

وڻو ويڄُ وَڍي، جو مون ڏنو سَڄڻين
پَٽي ڪونه ڪڍي، اَصُل سَلهي سِڪ جو.

(۵)

وَڃو ويڄَ وَري، مَر ٻيو ڏُکي ڏِيل
هَنجهي مانَ وُجود ۾ ساڳي سِڪَ سَبيل
خوشي ذَوقُ ذَليل، هَنڌِ نه گهرجي هاڻ مون.

(٦)

ويڄَ وَرائي چِنڌِ، چاڪَ چِڪندا چور
سُوري صِحتَ ڀاڻِيان هنيڙي وَٽن ِ هور
تِڪُون ڪَري تور، مَحبتَ جي مِيزانَ ۾.

(٧)

ويڄَ نه ويجهو آهِ، مَر ڏُکندو هوءِ
جيءُ ۾ آهي جوءِ، سوئي صحتَ سورَ جي.

(٨)

ويڄ ورائي وڃُ، هِي جهي صِحتَ سٺِيون
وَٽيُون جي وِصالَ جون ڀورا ڀيري ڀڄُ
سائي سٽِي سڄُ، جنه سان جُڪهي جِندَڙو.

(٩)

وَڍي ويڄَ وِيامِ، ڏيٺي صحتَ سُکَ جي
سُپهريان جي سِڪ ۾ قائمِ ٿي قِيامِ
پاسي پَلِ پيامِ، سيڻي سورَ سَرير جا.

(١٠)

سَرو سِرِي سُور جو وڃي وِهائيج
وَٽِي وِهُ وِصالَ جي نِرولي نائيج
سينهي سمائيج، قَوي ڪَنزُ ڪَلالَ جو.

(١١)

رکي شوق شرابَ جو، ونهُ ڪلالڪي هٿ
هن سِسِي ۽ ساه جا سانگ سپيئي سٿ
منجهان محبت مٿ، پيچِ ڪي پياليون.

(١٢)

ڪري ترڪَ ترابُ، وئا ڪلالن وٽِ
”لاَ اُحصِي ثناءَڪَ“ جو پيتائون شرابُ
نفي نهايتَ ۾ نڪو ڏوهُ ثوابُ
آهي عين عذابُ، بِاللهِ عِبادِيتَ ۾.

(١٣)

سرڪي سري صرفَ جي ڪا جا پيتائون
خرقو خفي خردَ جو سِيني سِيتائون
نمي نِيتائون، گوئيون گودڙين ڪان.

(١٤)

رَکِي سَدَ سرڪَ جي پيرُ مَ پويون پاءِ
جهيرا بڪيون جانَ جون، ڏيئي جوش جلاءِ
باقي ڪيرَ بچاءِ، هڏيون هُنءَ سنديون.

(١٥)

وٺي سرڪي سِڪَ جي ساقِي هٿان پِي
”فَادخُلُوهَا خَالِدُون“ وڃي داخل ٿي
هِي جو هُنءُ هِي، جنجلُ آهي جان جو.

(١٦)

ڏکي ڪاتِ هٿ ۾ رَکِي قريبنِ
سڏڙيا سِيراه ۾ موٺيو پوءِ وَڃنِ
ڪاتي پِيالنِ، پياڪو پيئنِ ڪي.

(١٧)

قريبنِ جي هٿَ ۾ تکي ڪاتي تيزَ

سَهي سگهي ڪو نڪو مَيَنِ جي مَهميزَ
رِندَ وَهائِنِ ريزَ، رَمِي ريلا رَتَ جا.

(١٨)

ڪاتي نکي ڪُوپَ جي قَريبنِ جي هَٿِ
وهي سا وُجود ۾ سَندِي سَوره سَٿِ
مُورَ نه ڪري ڏَٿِ، ڪُسڻَ ۾ ڪا ڪڍهين.

(١٩)

جي تو سِڪ سُرڪَ جي ته هِي حوالا ڇڏِ
وَڃي ڪلالَنِ سين پاڻُ پنهنجو گڏِ
هئڻَ حيلا هڏِ، ڪڍي ڇڏِ وُجودَ مان.

(٢٠)

ٻَهرين^ پاڻ وِڃاءِ، پڇِجِ پوءِ ٻِريتڙو
جانڪين جيئي جندڙو تان تون ٻيرم پاءِ
لڏي ڪيمَ لڄاءِ، وکون وَحدَت سنديون.

(٢١)

ٻيتي پياڪنِ، صَحي سُرڪَ سريِر ۾
وِئا وُجودان نڪري سِرڪي سياڪنِ
لنگهي لياڪَنِ، وَڃي وَحدَت گڏِيا.

(٢٢)

پياڪَن پيتِي، سا ڪا سُرڪي سِڪ جي
تَني پَنهنجي ساهَ سين صَفائي سِيتي
نَفي مان ذِيتي، وَٽي وِڪ وِصالَ جي.

## وائي

ڪَنه ڪُون آکان^ مَئن حالَ، مَينُون نِينه نهوڙيا

٠١ رانجهي ٻاجهئون مُٺو سَهيان^ جيُوڻ هي ته جَنجالَ
٠٢ چوڙُ سياڪي جهنگَ سياليِن ڏِيسان مَنجهين^ مَنجهوالَ
٠٣ راتو ڏِينهان هورُ اندر دِي، آندا قيل مَقالَ
٠٤ غلام محمد مَحَبت والي ڪيتا ذوقُ زَوالَ

## داستانو ڏهو

(١)

سُوري سَهج ڪري، سَڏي عاشِقَنِ کي
آءُ سِينگاري سِرَ کي پِرتان پيرَ پِري
چَڙهه نِظاري ڏِينهَ جي، ڪُلهي ڪاتَ ڌَري
ڪُنَلُ ڪونه مَري، عاشِقُ مَعشوقَنُ جو.

(٢)

عاشِقَ معشوقَنَ جي سُوري سَهَج چاڻ
نيهَزي هيئان ڏِينهَ جي پاسي ڪَرِ مَ پاڻ
ڪَنهِ جي ڪيِمَ ڪاڻ، اَچَلِ تان آڏَ ٿِئي.

(٣)

عاشِقَ معشوقَنِ جي سُوري چاڙهِ سهيج
چَڙهه تم مَزا ماڻِهين رکي هِنيون هيج
ڪَنهکي مَنجهِم ڏيج، هِنَ سَڳوري سُورَ جو.

(٤)

عاشِقَ سِينگاريِنِ، مٿي سُوريءَ سِسِيُون
چَڙهندي چَوسُولَ تي، ويسَنُدَ وارَ نه ڏِينِ
گهايَلَ ڪِيئَن گهاريِنِ، نيزي ڌاران ڏِينهَ جي.

(٥)

سُوري سِينگاري، مَتا عاشِقَنِ جا
آڻي چاڙهي ڏِينهَ جي نيزي نِظاري
مَجازِي ماري، مَيا مَهميِزَنِ سان.

(٦)

موهِيا تَان نه مَجازَ، عاشِقَ سُوري سهڪِڙُو
مُشاهِدي محبوبَ جي ناتَ نَمايا نازَ
سِهرا پَدي سازَ، چَڙهِيا نيزي ڏِينهَ جي.

(٧)

سُوري سُونهَ صَحِي، آهي عاشقَن جي

جو مَحبَتَ معشوقَن جي آئن رُوحُ رهي
قالُوا قِيل کَهي، سُوره سِر سَجِين سي.

(٨)

جي تون عاشق آهين تان سانگ سَپيئي ڇڏِ
مَ تو ڏوڏسي ڏار ڏَري آڏي آڏو آڏ
تان تو هڏيون هڏ وڍي ڏين وصال ۾.

(٩)

جي تون عاشقُ آهين سِسِي سانگ مَ ڪَر
سِنپاهي سِرُ پانهنجو آڏي آڏو ڏَر
مرُثان اڳي مَر، هتان حَبيبَن جي.

(١٠)

جي تون عاشقُ آهين سِسِي ڪر مَ سانگ
هي جي ڏيلا هُئڻ جا رکي آرتُ آرانگ
ٻڌي ٻيرهَ بانگ، ٿي نمازي نينهَ جو.

(١١)

سِسِي سِينگاري، چَڙهج سُوريءَ سامُهون
وڃي ڏيج وُجُودَ کي نينهَ جي نظاري
پَر اِها پاري، پُورو ڪج پريتڙو.

(١٢)

سِسِي سينگاري آڏي ڏانهِ آڏيج
جيرا ٻُڪيُون جانَ جُون شيخُن منجهه گڏيج
سوري پاس سَجيج، سِيئي ذرا ضَررُ ڪري.

(١٣)

چَڙهُه نظاري نينهَ جي عاشقَ هٿي هاڪَ
حبين جي هَٿ جا چُور ڇڪَندا چاڪَ
وسائيج وُجودَ تي سندي مَحبَتَ ماڪَ
ڪري پَنهنجو پاڪَ، سُوريءَ سِرُ سجيج تون.

(١٤)

عاشقَ سُوريءَ سامُهان آچي ڳاتِ وچن

مَحبَتَ جهِي ميدانَ ۾ سورِهَ سِرَ سَڄڻِ،
پَٽِ پيولُ پِڄَنِ، وَصُل جي وِصالَ ۾.

(١٥)

عاشِقَ سُورهَ سَنَرا سُوريءَ سِر سَڄِين،
مَحبتَ جهِي ميدانَ ۾ پوين پيرُ نه ڏِين،
جِي گُوندَ رِيَن، سين پنهنجو پاڻُ گَڏِين،
چِڙِي تان نه چِڏِين، سنگت سُور صِراطَ جِي.

## وائي

لُون لُون نال لڳا، سانُون نِينهُ تُساڏا

١. باهِ بِرهَ دِي مچ مچايا، اندر ڏُوڌ دَکِيا

٢. طرف تُسا ڏي مٺن مُٺي دا سيريا سِڪ سڳا

٣. راتو ڏينهان تن وچ تيڏا وَڇدا وِره وَڳا

٤. غلام مُحمد مٺن ماندي ڪُون ڏَهدِلِ تيڏي ڏڳا

---

## داستانُ چوٿون

(١)

پهرين منجهان پاڻ، پَس ته پَسين پِرينءَ کي
”مَن عَرَفَ نَفسَهُ فَقَد عَرَفَ رَبَّهُ“ اِهوئي
آهي ڄاڻ
صفا سيني ساڻ، صَحِي سُڃاڻِج سُپرِين.

(٢)

تي اوڏاهِين اوڏڙو، اوري پيرُ مَ پاءِ
لالائي لِگن کڻي لَطافتَ جي لاءِ
تهان پوءِ پِئِندياءِ، سُڌ پِرينِ جهِي پارَ جي.

(٣)

قَبضُ قَضا جهِي هَٿ ۾، بَسطُ بهانو هوءِ

عِلّت آرَ عَليلَ ڏِي، وِيچُ ويچاروُ روءِ
سَندي حُجتَ جوءِ، شوهَرَ کي شُوم ڪَري.

(۴)

قَبضُ قَضا جي هَٿَ ۾، بسَطُ بهانو بَس
"لا تَحَرَّڪُ شَيءَ اِلا بِاِذنهِ" تي واحِد جي وَس
قاري لوح قلم ڪان مُنهن نہ موڙي مَس
اِهو دَورُ دَرَس، پَڙهہ تہ پَهلو نہ ڏِئي.

(۵)

سوڏِي قابِضُ بسطُ جو، سوئي بَسطُ ڪري
سوئي پَچي پَچرا، سوئي دامُ ڌري
سوئي پندُ پري، سوئي اوڏو ڏيلَ ۾.

(٦)

منجهان ئي مَنجهہ تيا سندا ڪَثرتَ سهِرَ
سوئي مسائل مَسجدين، سوئي ڌري ديرَ
سوئي وري واهَرُو سوئي ونهي ويرَ
سوئي پاسا پيرَ، سوئي سَڄهي آدَمي.

(٧)

قَلمُ ڪاتِبُ هيڪڙو آڪرَ لکَ ڪروڙ
مسُ مثالي ڪَنزَ جي، ڪَنزَ جدا تي جوڙ
عَطفُ آهي تورُ، مُلا معطُوفن جو.

(٨)

آڪرَ ڪُل قَلمَ جا قابو منجهہ ڪتابَ
جوڙي وڏا جِلدَ ۾ صاحبَ ساڻ حسابَ
ڪَثرتَ ڪُلُ عِلمَ جهي دَفتر مان دريابَ
تانَ^ تون منجهان بابَ، پڙهي پاڻَ پَرُوڙيين^.

(٩)

تون مُون وچان وار، وِڌِي وجهہ ۾ و يسلا
هيڪڙائي حق تِيو دوستُ سندو ديدار
ٻِيائي کي ٻار، وَحدتَ جهي وصالَ ۾.

# سر جمن

## داستانو پهريون

(۱)

تون وڃا، تون ويڄ، سو تون صحت سور جي
پوڄ پيارين پاڻ کي منجهان پلر پيچ
اِها آڌر ڏيج، مِلي مريضن کي.

(۲)

سو تون ويڄ وصال، سو تون صحت سور جي
هن منهنجي مرض جو توکي معلوم حال
ڪرڻ قبل مقال، آهي عبث آرزو.

(۳)

وڃا جني هٿ ۾، سيئي سگها سار
پئي پاسي آن جي گهايل تي گذار
تان ڪنه وريلي وار، ڏيندا ٻڪي ٻاجهه جي.

(۴)

لڳو چاٽي پاڻ کي ووهُ طبيبن وٽ
سٺي صحت سور جي پِي منجهاران مٽ
مچڻ پوين[٨] گهٽ، سگهر سگهاين جي.

(۵)

اگها اگهائيءَ سين ووهُ طبيبن ساڻ
ٻيج ڪي پياليون، ڏيئي هنيون هاڻ
تهان پوءِ پاڻ، چوڙج پها پٽيون.

(٦)

اگها اگهائـــيءَ سين گهايـَل ڪيئن گهارين
طـبيـبن جي تڪيي طـــالبَ تنواريـــن
ويچُئون نـــه وارين، ميان مـريضـَن ڪـــي.

(٧)

اگهائِيءَ اگهــا ڪِئا، رَنُجـا رَنـجُـوري
ويجن وِيچَ وِصالَ جي سَـچيائـــون سُوري
پِياڪـَئون پُوري، عِلاجئـون آجا ٿـيــا (١)

(٨)

لـڳو جـاڙِي پـاڻَ ڪـي ووهُ طبيبن پـــاس
وَتائيج وُجودَ جـي نـارِي نبض نِـــراس
ونـــي وحـدت واس، سچو ڪِچ سَريرَ ڪي.

(٩)

ڏُڪندو ئي ڏيکار، تِڪُون تَن طبيبَ کي
هَنجُون هـيٺي حال جـون وڏِـن ويهي هار
ڌِهان پـوءِ نِهار، ڪندا تـوڏِي تـوهَ جي.

(١٠)

جانڏُڪينَ جاڻين پاڻ کي سَـڱهو منجهه سَرير
تـانڏُڪينَ اگـهـو آهيين گهايـَل گـُلوگـِير
لـَهينَ ســـاهَ سُڌير، طبيبن جـــي تڪيي.

(١١)

آگـــهـا آگهي انگـَ ڌِئا، سـَگهـَن سـَگهائـي
نه ڪـَنهِ ڏُڪـَ ڏُکوئِيا، نه ڪـَنهِ آگهائـــي
تانڪُون تـَنگهائي، ويئي وُجودانَ آنِ جي.

(١٢)

اگهائـي اگهي وِئـا، ويهـِي ويـچـَـن وَٿِ
پِيتائـــون پِـيـالـيـون منجهان محبتَ مَـٿِ
پـَئي کانه اُپـَٿ، وري وِيـچ وِصالَ جـِي.

---

(١) اصل: پياڪـَو

(٣)

لَڳاڏِي چڱا ڏِيا هَٿان حبيبَنِ
ڏِنا ڏُکيي ڏِيلَ کي ڏَکا طبيبَنِ (١)
روکي رقيبَنِ، ڪِئا وَهِيٺا وِيچَ جا.

## وائي

مٺن وَڍِيان وو مٺن وَڍِيان
عشق ڏَساڏي وو يار مٺن وڍِيان

١. پردا عدم دا دورُ ڏٺا، هُٺَ قرب قَرابت ڪِڍيان
وو مٺن وڍيان

٢. مٺن نماڙِي نينه نه ڇاٽان، هوش عقل وِچ نَنڍيان
وو مٺن وڍيان

٣. غلام محمد رِيتِ رسمَ سَٽ، اولِ آباڙِي آڍيان
وو مٺن وڍيان

---

## داستانو پهو

(١)

پهيرُ پَروڙِي پاء، محبتَ جهي ميدانَ ۾
اَول نيزِي نِينه جي سِيي کي آتڪاءَ
تهان پوء وَڏاء، وِڪَ آڳاهين پندَ ۾.

(٢)

مَحبتَ جي ميدانَ ۾ پيرُ پَروڙِي رَکُ
لوهُو لال لِڱنِ جو ڇاڪَن منجهان ڇڪَ
تِهان پوء سَرَکُ، تيين واديوڙِنِ ۾.

---

(١) اصل، ٽِڪا

(٣)

ويچارا واڍوڙ، سک نه سمهن، ڪنڌ هين
نيزي پاسؤن نينهن جي منهن کي ڏين، نه موڙ
تاڻي وڃن تنوار، پنهنجو پاڻ ڪلال ڏي.

(٤)

واڍوڙن وائي، ووء ووء سندي وات ۾
لڳن ناڏ ڪ نينهن جي جيءَ اندر جاءِ
تنيءَ کي آئي، واڍائي وصال جي.

(٥)

محبت جي ميدان ۾ سر جو سانگ م ڪر
اڳيان ڪان قريب جي سِرَ سينون ڌر
مرڻان اڳي مر، هتان حبيبن جي.

(٦)

محبت جي ميدان ۾ آءُ سينون سينگاري
لڳو ڪان قريب جو ڪري ڏي واري
پر اها پاري، پورو ڪج پريتڻو.

(٧)

عاشق معشوقن جا ڪُٺا ڪين ڪُڇن
محبت جي ميدان ۾ پيئا لعل لُڇن
دارو ڪين پُڇن، هِنَ ديواني درد جو.

(٨)

مُئا جي ميدان ۾، مرن سي نه وري
ڏنو تن مشاهدو منجهان درد دري
سا ڪا سُرڪ سري، تني سندي سگريون.

(٩)

مُئا جي ميدان ۾ موٽي سي نه مرن
"مُوتوا قبل ان تموتوا" تانگهو تار ترن
سُوره سي سرن، سَتيون صحت سنديون.

(١٠)

جتي وَهي ويڌَ، تتي عاشق سَنرا
ساڙي مٿا سِيڌَ، رکن سوريءَ سامهان.

(١١)

جتي ويڌَ وَهي، تتي عاشق سَنرا
ٻولي ٻي ڪنهِ پارَ جي ڪوئي ڪونَ ڪَهي
سُورِهه سِرُ سَهي، صحي سهيلو سُورَ جو.

(١٢)

عاشقَ معشوقنِ جي هٿان ٿيءُ ڪبابَ
ڪامي پَچي ڪوڙُ ٿي منجهان ڏکي تابُ
لَهي ڏوهُ ثوابُ، خاڪي خجالَت جو.

(١٣)

عاشق معشوقنِ جي هَٿان پَئو پَچي
چاڙهه چکي چوسولُ جي صحي سيخَ سَچي
مَٿان ڪُرِ ڪَچي، رَهي ڪارڪَ روحَ ۾.

(١٤)

عاشقَ معشوقنِ جي هٿان پَئي پَچ
هِي جي سَنڌَ وجودَ جا ڪَپي ڪندا ڪَچ
وِجهي جيرا ٻُڪيون سيخون چاڙهي سَچ
مَٿي مَحبتَ مَچ، پڪو ڪچ پريتَ ڪي.

(١٥)

وڏي وَڏَ وِصال جي عاشقَ ڪئا آڏ
سِسي سانگو سَڏ، مَرڪُ نه معشوقنِ جو.

(١٦)

ڪُٺا ڪاتي قرب جي ويچارا وَريام
ٿِئا سي ”ڪَالمِيتُون“ نيزي سِر نِظام
ڪونهي آرتُ انجام، نتيجو ڪو نينه سان.

(١٧)

ڪُنا ڪاتِي قُرب جي حبيبائي هاڻ
سڀ ڪيئن ڪَڍن ڪوڏيا قِصابن جي ڪاڻ
آهي پنهنجو پاڻ، تِئا قاصائي سُور جا.

(١٨)

جڏي جيارين پاڻ ڪي، ڪاتي پيئي مَ ڪُچ
وجهي ڪَرتُ وُجودَ ۾ ڏيرا ڀُوتيون مُچ
لاهي لِچَڪ لُچ، تَي سڻائو سيج ڪي.

## وائي

وري آءِ ويڄن وارا، دِلڙي دَردن ماري
١. ڀُڪي ڏي ڪاپاڄه جيوو جانِبَ جيءَ جِيارا
آگهي ڪي هن حال ۾ وو پُڇج ڀرين پيارا
دلڙي دردن ماري
٢. چِڪيا چاڪ وجُودَ ۾ وو، بيحد ٻهي آپارا
چُتائيج چڱا ڪري وو، چاڪَ چِڪندا چارا
دلڙي دردن ماري
٣. حاذِق هِنَ جِهان ۾ وو، ڪونہ ڏِسان تو ڌارا
غلام محمد دردَ ۾ وو، صاحِب لَهج سَنڀارا
دلڙي دردن ماري

---

## داستانو ٽئو

(١)

موڪي مَت اُپَنِيا جالَ پيارڙي جامَ
پِياڪُو پُر تِمَا خالِي رَهيا خامَ
مَتارَن ماتامَ، ڪَلهي ڪَلالَن جي.

(٢)

موکي مَٽ آڻيا جامَ پياري جالَ
مخموري خمارَ منجهان خُوبُ خيالَ
مَتارا متوالَ، پيئن پاڪَ پياليون.

(٣)

موکي سندي مَٽَ ۾ پيو مارُ مَري
پُرزا پاڙي ۾ ٿيو وڙا ڳچَ ڳري
مَنجهان تنهِ ذري، جن چکي سي چُور ٿيا.

(٤)

موکي سندي مَٽَ ۾ پيو مري مار
ماتو وهُ وهاڻيو ڪيو خيزُ خُمار
پيتائون تيزابَ کي لاهي لوڪ ميار(١)
نظاري نروار، آڻي چاڙهيو آنِ کي.

(٥)

موکي سندي مَٽَ ۾ مري مارُ پئو
مارڻي متارَن کي ڪيو کيپَ ڪئو
وچي تِتِ نئو، ڏين سِسيون سڀي سَٽ ۾.

(٦)

موکي سندڙي مَٽَ ۾ مري پيو نانگ
پيتائون تنهِ مَڌَ مان چڏي سِسيءَ سانگ
تانڪُون تازي تانگ، ميان متارَنِ کي.

(٧)

موکي سندي مَٽَ ۾ ڪَپُر کيپُ ڪيو
طهورا تيزابَ کي وهاڻي ويو
پيئڻُ تنِ پيو، جڻي پياڪُو پڪَ جا.

(٨)

ماتو وهُ وهاڻيو، وتيون واٽنا ڏي

---

(١) شايد صحيح: 'تکيائون تيزاب کي'

موکي متارن ڪــي چتئُون ڪين چــڏي
تني ساڻ گڏي، ڪري ڪوڏَ ڪلا لڪي.

(٩)

مـــاتـــو وهُ وهاڻو، وتـــي ڏي وا^نتـــو
سِسين سيـــن ســـانو، مُـــل متارن مليو.

(١٠)

مُـــلُ متارن مليو وا^نتـــو وانتـــي وٽ
ڪيڊيو ڪنزَ ڪلالَ جي قلب منجهاران ڪٽ
ڏيئي سِسيون سٽ، پيتائون تڪُون ڪري.

(١١)

مَل مهانگي مُلَ جـــون وتيون وهـــائين
هٿان ساقـــي سيڪڙُو نِرولِيـُون نـــاڏيـــن
وجـــي وڃائين، هي جو حـــال هُئڻ جـــو.

(١٢)

پياڪـُو پـري ڏيا، موڪـــي ماڻهـــي وٽ
پيتو تني پُر ڪري جهـــي هلـــي آيا هٽ
گهاتو ڪري نـــہ گهٽ، نائي ڏي نِروليون.

(١٣)

متارن کي ميٽ، آڏي ماڻهـــي مُلَ جـــي
ڪيائُون ڪلالَ سين ويهي پنهنجي ڏيٺ
تانڪُون چتان^ چيٺ، پيتائون تڪُون ڪري.

## وائي

جهڪ ين^ منجهہ ماڻهي، ڏيچ تِتان^ مونکي موڪيا وو (١)
٠١ چڪائيچ چگو ڪري وو چاتَ منجهان چاڻي
ڏيچ تتان مونکي موڪيا وو

---

(١) اصل: موکي موکيا وو

٢. پياريج پيالين وو گهاٽَ منجهان گهاٽي
ڏيج تنان مونکي موڪيا وو
٣. غلام محمد سان ميلي وو ساه سيسي ساڻي
ڏيج تنان مونکي موڪيا وو

---

## داستانو چوٿون

(١)

پياڪُو پڻن، پتري وٽيون وِهَ جون
منجهان ذوقَ زهر جي پيئو پُر ٽڻن،
لنگهي لوڪَ ليئن، ٽيئا وهيٺا سڄڻين.

(٢)

وِهُ وصاليا ڪينڪين، وصاليا ويساه
جا^نڪُون هوندو هوندَ ۾ هي سيسي ۽ ساه
تا^نڪُون رحمتَ راه، مُورُ نه ملي موت ري.

(٣)

وَڍي وِهُ وهاڙيا، نه ڪنهِ ڏنگيا نانگَ
سيسي لٽن سانگَ، ٽيئا وهاڙُو وِهَ جا.

(٤)

ذائِقُو زَهرات جا ورسِي ويرَ نه ڪن،
مُور نه سي ترسن، پيتي ري ڌرَ جيترو.

(٥)

ذائِقُو زهراتَ جا، زَهر زور سندان،
ذائقي زافَ ڪيئا چوري چاڪ چندان، (١)
پيو ڪير ڪندان، وِچا وهاڙن جي.

---

(١) اصل: مذائقي زاف ڪئا

(٦)

ذائِقو زهراتَ جا مرِي مات، نہ ٿِين،
هٿان ملڪ الموتَ جي ڪاتِي ڪُٺا ڪين
نِينھ نِباهي نِين، ٻِي ٻِيالو ٻِرت، جو.

(٧)

نالو نِينهَ ڳِنهن، جي، سي ڪيئن سُڪ سمهن
مُنا معشوقن جا موهِيا مَحبتَ مَن
"كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ وَّ يَبْقٰى" باقِي
ڪين بچن،
تانڪُون منجهان تَن، ڪونہ وَهِيٺو ويچ جو.

(٨)

نالو ڳِنهہ مَ نِينهَ جو، جي تو عِشقُ نہ هوء
ميان معشوقن جو ڪرتَ ڪِپارِي پوء
لوهُو اندر لوء، عاشقَ پنهنجو پاڻ کي.

(٩)

لوهُو لال لِڳن، کي عاشِقَ لڳائين،
"هٰذَا لِبَاسُ الْعَاشِقِيْنَ" ڳِنَن، سان ڳائين،
پِرينئُون پاڻِين، سوڍِي ويسُ وِصاليا.

(١٠)

چِيني چِڏياٿُون، هِي جو حالُ هٿِڻُ جو
نيئي نابُودِيءَ سين گوندرِ گڏياٿُون
لوڪان^٨ لڏياٿُون، ويجهو ٿي وِصال کي.

(١١)

هي جو حالُ هٿِڻُ جو مارِي ڪياٿُون مات،
"كُلُّ نفسٍ ذائقة الموت" چکِي ذَوقُ لذات
حقِي حلاوتِ، ۾ مِلو ڪري وات.
رهيا توڙُ حياتَ، وحدت جي وِصالَ ۾.

## وائي

جنهن کي وڏيو وصالَ، سو ڪيئن حالَ ’هُئڻ‘ جي

٠١ ويئي تنهن جي وُجودَ مان، قاليِ قيل مقال
سو ڪيئن حال هئڻ جي

٠٢ وڃُو تني ڪان وِسري، خوبُ خوديءَ جو خيال
سو ڪيئن حال هئڻ جي

٠٣ ’مُوتُوا قبلَ آن تمُوتوا‘ جيئڻُ آهي جنجال
سو ڪيئن حال هئڻ جي

٠٤ غلامِ محمد غيرَ جو، ڪيائون ذَوقُ زَوالَ
سو ڪيئن حال هئڻ جي

---

## داستانو پنجون

(١)

هَرِ هَرِ هَري هوءِ، درِ درِ ڏِڏِڻَ داڻهڙي
وڏي چڏِ وُجودَ کي لَـڏي منجهان لوءِ
تا^نڪون وَتان توءِ، پڻُ پَروري پرينءَ جو.

(٢)

پُڇَنِ جي نہ پُڇَنِ، تان پُڻ وَتنِ وٺهُ
ڪڏهن مـانَ ڪُڇنِ، ڪُٺي مُنهُ ملاحتيِ.

(٣)

چِڻُ نہ وڙُ جنيِ جو، ڳنڍڻُ ڳڻُ سَندونِ
آوَڳڻان ڳڻَ ڪري ڳڻن سان ڳڏونِ
پيهو ڪونہ ڪندونِ، سُودُ سوداگرُ سَندُرو.

(٤)

جيڪيِ ڏينِ وُجودَ کي سو سيَوڻيِ سُودُ

کونهي کو نابُودُ، پِريان سنڌي پارَ جو.

(٥)

جنـِي سنڌِي ٻـوڏَ ۾ پَـتـو پَتهين پالَ
سيئِي تَـڳا تَنِ جِـي، سيئي منجهه مقالَ
سيئِي حاڪِي حالَ، سيئِي هـِنيين حَل ڏِيا.

(٦)

ٻوڏُ جنـِي جي ٻاجهه، مَر سي چَوَنِ ٻوڏَ کي
سدا معشوقنِ لئي، عاشِقَ وِجهنِ واجهه
اِي سَپ عبث هاجَ، ڏُڙِ ڪَنِ قَواليين[٨].

(٧)

ٻوڏُ جنـِي جي جيءَ ۾، سڀ سپيئـِي چَڏ
وَجيِ وٽجارَنِ سين، غـازي گـويا گَڏِ (١)
جي جنـِي جا هَڏِ، سي تَنِي جا سپڪَڙُو.

(٨)

جيءَ جنـِي جي ٻوڏُ، سي نه سَچِڻَ سُورَ جا
ڏيئِي هنيون اَن کـي، متان ڪرين ڪوڏ
ٻَنِ تنِي جي لوڏَ، جي لِچڪِي هلنِ لوڪ ۾.

(٩)

ٻوڏُ جنـِي جي جيءَ ۾ سيئي سَچِڻ ساهَ جا
وِڃائيج وُجـودَ کـي، منجهان هُئَڻُ هـِي
پِرتِ پيالو پِـي، هلِي هتان اَن جي.

## وائي

ٿان تان ويچ نه هُونِ، جان جان جيءَ نه جڏو
١. وِيڌن پنهنجي مرض جي، وڃي ويچ نه ڇُونِ
جان جان جيءَ نه جڏو

---

(١) اصل: گازي گويا گڏ

٢. جيسين ميرو نہ ٿيي وو تيسين ڌوپي نہ ڌون
جان جان جيءُ نہ جڏو
٣. مادر مُورَ نہ ڏي ٻُبا جيسين نہيُن نہ رُون
جان جان جيءُ نہ جڏو
٤. واقف جي هِنَ واتَ جا پَند پَرُوڙي پُون
جان جان جيءُ نہ جڏو
٥. غلام محمد ڪونہ لڌي مَحبتَ جو مضمون
جان جان جيءُ نہ جڏو

---

## داستانُو ڇهون

(١)

عاشِق! جان^ تون جوڙ، تان^ تو سُڌِ نہ سُور جي
سُوراڻِتا سُوري جا مُوڙي پَٽُن موڙ
منجهان سَختي سوڙ، لنگهي وڃن هليا.

(٢)

عاشِقَ! جان^ تو جيءُ، تان تو سُڌ نہ سُورَ جِي
وڃائج وجُود کي، منجهان هُئُن هِي
رتي راس نہ ري، معشوقن جي نِجهر ي.

(٣)

عاشق! جان تو ماس، تان تو سُڌِ نہ سورَ جِي
سُڪائيج وجودَ کي سوريءَ چاڙهي ساسُ
رهي تان^ نہ رگُن ۾ رَتي رتُ نہ راسُ
"ان" آولِياء اللّٰہُ لاَ خَوفٌ عَلَيهِم وَلا هُم
يَحزَنُونَ" لَٿن هَولُ هراسُ
جَنّتَ جا اجناسُ، ٿيا حوالي آن جي.

(٤)

عاشق! جان تو رت، تان تو سڌ نہ سور جي

وڃائيج وجود کي ڇڏي مورک مت

اِيءَ سڀ ڳهلي ڳت، جو هُئڻ سان حق ملي.

(٥)

عاشق! جان تو هڏ، تان تو سڌ نہ سور جي

سوجهي رڳون ساه جون چوهان ڇني ڇڏ

لوڪ منجهاران لڏ، وڃي ويهہ وصال ۾.

(٦)

ڏوڏا جيت ڏڳن، ڏيئي سوره سامهان

عاشق پتنگ پڪ جين، وڳه پاسِ وڳن

لُونءَ لُونءَ منجهہ لڳن، آلان آڳ عميق جا.

(٧)

ڏوڏا ڏڳن جت، ڏيئي سوره سامهان

ڪامي ڏئن ڪوڙ سي، رهي رت نہ پت

جهڙا ڪوري ڪڏ ۾، ڏهڙا هاڙڪ هت

ڪچي ڪار ڪرت، ڪا مور نہ ليئي آتهين. (١)

(٨)

پروانن پهي، ڪا جا ڳجهي ڳالهڙي

هلي ڪوري وچ ۾ ڏيون سر صحي

اچي مان رهي، سنگت سپرين سين.

(٩)

پتنگن پروڙو، قدر ڪوري ڪڏ جو

ساه سِسي سوڌو، آئي هئن مچ ۾.

(١٠)

مٿي مچ مرن، پڳهه پروانن جا

ڏسي سيڪ ڏرن، ڏانڊن وتان ٿنڊيون.

---

(١) اصل: مور نہ ليئي ڪا آتهين

(١١)

جھڙا پتنگن پَڪَ، ڏھڙا تو نہ پَڳڙا
ڏيندون تان نہ سَرَ ڪُ، تنھي سنڌي سڳرين.

(١٢)

مڱر تي مارو، پيو پروانن جو
ساهَ سِسي سارو، آٿي هٹڻ مچ ۾.

(١٣)

مڱر متي ميڙ پيا پروانن جا (١)
آندر ڪوري ڪھيڙ، وچي ويچارن جي.

(١٤)

مڱر تي ميڙو، پيو پروانن جو
جي آندر جھيڙو، پڻ پاڻ پچڻ جو.

(١٥)

مڱر تي ماتم، پيو پروانن جو
اچي ڪن سلام، جتي پسن سوجھرو.

(١٦)

پتنگڙا پارين، پورو پاڻ پريتڻو
مور نہ نھارين، شمع بنا شب جي.

(١٧)

شمس وڏو ئي شان، توڙي رکي تب ۾
رکن ڪونہ ڌيان، شمع بنا شب جي.

## وائي

پيھي پروانا، پاڻ پچائن تا مچ ۾
١. ڪامي ڪوري ۾ ٿيا آلُون آلوانا
پاڻ پچائن تا مچ ۾
٢. باهِ پرائي بيحد آن جيتا مَن جانا

(١) اصل: پيو پروانن جو

پاڻ پچائن تا مچ ۾

٣. پـوُ پـڇڻ جو بــاه ڪـنا پـتـنگن کي طعنا
پاڻ پچائن تا مچ ۾

٤. سـڙن سـوره مـچ متي، مانجهي مـردانـا
پاڻ پچائن تا مچ ۾

٥. مـثان تـنهن محبوب جـي ڪـوڙين^ قـربانا
پاڻ پچائن تا مچ ۾

٦. غلام محمد تـي ڪـيا صاحب إحسانـا
پاڻ پچائن تا مچ ۾

---

## داستانو ستون

(١)

ڪـنـي اوجـر اکيين، ڪـنـي آوز ســداهـو
سـورج سـهائو، چـڱـي چـت نه چـمڙي.

(٢)

چڱي چـت نه چـمڙي، سـندي سـورج سـونهه
راتو ڏينهه ورونهه، آونده آنـدي آکـ جو.

(٣)

چهيتاري نهار، صـحـي ســورج سوجهرو
آظهـر مـن الشمس آ دلـبر جـــو ديدار
ديد آهائي ڏار، جـنهن سان پـسـين پـرينءَ کي.

(٤)

ڪـنـي اوجر اکيين، ڪـنـي اوجــر ڪـتـن
جاذب سندو تـن، جـنـي ديـکـيو دل سـين.

(٥)

سـونهه آهاڏي سـيـد، جـنهن سان پـسـين پرينءَ کي
”آلـمؤمـن مـرآة المؤمـن“ وهي وحدت ويـد

اِها لالڻ ليڏ، ڪَنِ ڏٺي ڪي ورسيا.

(٦)

جني سُڃاتي، صحي سُونهَن سڄڻ جي
مُثل ملاحت ۾، تائين مماتي
حيا حياتي، لذائون ليڏ ڪري.

(٧)

صورت سُپرين جي، صحي سڃاڻيائون
لالائي لالڻ جي لوچهي ليڏيائون
وره ويڙهيائون، وڄهي ور وجود ۾.

(٨)

صحي سا سڃاڻ، صورت سُپرين جي
نهاريج نرت سين پهريَن منجهان پاڻ
"وفي انفسکم افلا تبصرون" اهوئي اهڃاڻ
پرين جا پرياڻ، هنئين سان هٿيج تون.

(٩)

منجهان پَهَ پروڙ، ساڻي سُونهَن صحي ڪري
توڪي مُوءِ آڪين ۾ موريا ڪري مُوڙ
پاڙان سيئي ڪوڙ، آزاڪي اوزار سين.

(١٠)

زاڪي منجهه زڪات، آزاڪي آجا ٿيا (١)
وَلاَ يحل لهُ ڪل حال الا صوم صلاتَ (٢)
ميا منجهه ممات، حياتئون هيٺا ٿيا.

(١١)

آزاڪي آجا ٿيا، زڪواتان زاڪي
پيتائون پريت جو پيالو پاڪي
يتينا ساقي، ڪيٺا وَدَ وصال جي.

---

(١) اصل: زڪواة
(٢) اصل: "ولا يحل له کل حال الا صوم الصلواة"

(١٢)

وڃي ويٺا وِيڌَ ۾، سِڌي سَڄاڻِي
اَصُل صورتَ ساهَ ڪي سَڃي نہ ڄاڻِي
لِڇڪَ لَڄائِي، آڌي اُنِي جي ذِجهُري.

(١٣)

لِڇڪُ لَڄَ سندان، صابِريا ثابُوتُ
"اَلصَّبرُ مِفتاحُ الفَرحِ"، ڪري ويٺا قُوتُ
صِفَتَ لاَ يَمُوتُ، مُوران مِلِي اُنِ ڪي.

## وائي

ذِهاريندڙا نيڻَ، سُهڻي، سُونهَ سَڄڻَ جي

١. پَلُ پَراهون نہ ٿيي، سُونُهي سدا سو سيڻَ
سهڻي سونه سڄڻ جي

٢. مون کي مون پريَنِ جا، وِيڌَ وٺن ٿا وِيڻَ
سهڻي سونه سڄڻ جي

٣. بنا جاذِبَ جي ڏِٺا، ڪُڍِ ڪتون پَنِ ڪيڻَ
سهڻي سونه سڄڻ جي

٤. غلام محمد مُحبنِ جي محبتَ ڪيڙو ميڻ.
سهڻي سونه سڄڻ جي

# سر سرراڳ

## داستانو پهريون

(۱)

ناڪئا ڪِيج نگاهه متان ويهين ويسرو
هِن دادلي درياهه، جون دانهون ڪن آگاهه
تني جي ساچاهه، تاري ني طَراز ڪي.

(۲)

ناڪئا نهاريج، ڪَرَ ڪِناري ڪُنَ جي
متان پوين آرَ ۾، اندر ڏيان ڏريج
اتاهون تاريج، موڙي پنهنجي مَڪُڙي.

(۳)

موڙي پنهنجي مڪري، آران اوري جهل
لهرن لنيڪو ناهه ڪو آچاڙن آچل
نڪو آنتُ عميق جو نڪو ڪِنان ڪَلَ
هوش ڪري تون هل، هن اڙانگي آب مان.

(۴)

ڪِنان[8] اوري ڪَرَ، موڙي پنهنجي مَڪُري
جت نه انت عميق جو، جوش ڏيکاري جر
ترت اتاهون تر، ڪڍي ڪارُونيار مان.

(۵)

آران اوري آڻ، موڙي پنهنجي مَڪُري
هن ڪِناري ڪُن جي، تُرَهي اچي نه تاڻ
پاڻي پرڪج پاڻ، ڪارو ڪارونيار جو.

(٦)

آران اوري موڙ، مَحڪم ڪري مَڪُري
اگهيري گِرداب جي، پَري پوي تي گوڙ
سڙه، رسا، ناتاريون، جو پيو ڪري جوڙ
تان تون رسين توڙ، اورانگهي اوڙاهه کي.

(٧)

سونهان منجهه سَتوهَ، رکن آر اکين ۾
تن کي منجهان تَوهَ، اوَتڙاڏِين تڙُ تيو (١).

(٨)

اوَتڙان تَڙ ٿيا، سِير لنگهيا ثابت
وڃي پهتا پار کي، نِيُرَانَ نِجابَت (٢)
عِجلان اِجابَت، آرئون وٺا آڪري (٣).

(٩)

هِنيون ڪيم هٿيج، ڏسي دَمُ درياه جو
پڳه پوه ڪٺيج، پُڏي معلم خبرون.

(١٠)

سونهان ڏين سماهَ، هن سَتراڻِي سِيرَ جو
جت نه انت عميق جو، ڇوهو لڳي واهُ
تتي قِبُل نُماهُ، سونهون گهُرجي ساڻ تو (٤).

(١١)

سوگهو ڪج سُڪان، ڇوهي ڇِڪون آنديُون
ڇڙوائي چَوڳان، آئي ڪيلا ڪوڙيا.

(١٢)

نيچي تي نهار، تَري تَنَ طَراز جا
لڳن سخت سموندر جون، لهريون لک هزار

---

(١) اصل: اوتڙائي (٢) اصل: نيراً نجابت
(٣) اصل: عِجلاً اجابت
(٤) اصل: سونهي گهرجي

”وَنَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُوحِي“ جو باري پرٿوبار
ساري سي سنيار، سهيمان صلابت سين.

(١٣)

سيمان جت سِمَنِ، تنهان ڏنِ طراز کي
لهرن ليکو ناهه کو چوهي ساڻ چنن
”اِنَّ الشَّيطَانَ عَدُوٌّ مُّبِينٌ“ نظر منجهه رکن
ويتر متان تن، سهري سوراخن کي.

(١٤)

ننڊ ر مَ کيو ناکئا، رکو هنيون هوش (١)
چوهي چڪون آنديون جَرَ ڏيکاري جوش
پنڌ ۾ پرِدي پوش، مُعلمَ تيندا ڪيترو.

(١٥)

توکي مَت مَلاحَ، مُعلم ڏني ڪيتري
”صِرَاطَ الَّذِينَ اَنعَمتَ عَلَيهِم“ سُونهين
جي صلاح
متان تون صباح، پيڙو بوڙين پار ۾.

## وائي

مدتَ مون ٽيندا، نال وٺي نيندا، سونهان سير سموند جا

١. جوکائتي جهاز جا، سيمان سپ سڃيندا
ڪيڏي ڪارونپار مان وو، پار وڃي پيندا
سونهان سير سموند جا

٢. سونهان سونهپ سيرَ جي، ڏڏن کي ڏيندا
واهر ويچارن جي وو، آڏو تي ايندا
سونهان سير سموند جا

٣. غلام محمد ميٽڙا، جاڏکين تان جيندا
ڪاري ڪيڙائن سين وو، ڪير ڪندرون ڪيندا.
سونهان سير سموند جا

---

(١) اصل: رکي هنيون هوش

## داستان ٻيو

(١)

نُورُ عَليءَ نُور، نُوح نُماڻي ناکئو
"اَلْمُعَلِّمُ كَالسَّفِينَةِ فِي الْبَحْرِ"، مُلڪن ۾ مذڪور
پَتڻ ڀَري پُور، لَنگهائيندو لَکِيُون.

(٢)

پَتَڻُ پائي پاند ۾ وڃي وڻن ويهه
سمونڊ جو سائيه، لحظي لنگهائين تو.

(٣)

پتڻ پائي پاند ۾ وڃي وڻن آڇ
امائين امن سان توکي منجهان ڇاڇ
ڇڏي ڏک ڏُراڇ، هُنَ پَرِ مَزا مائيين.

(٤)

پتڻ پائي پاند ۾ وڃي وڻن رو
سوا سونهين سِيرَ جي، ڪهل نه ڪندو ڪو
تاري نيندا تو، چاڙهي ٻيڙي ٻاجهه جي.

(٥)

پتڻ پائي پاند ۾ وڃي وڻن دانهه
وني منجهان ٻانهه، آڪارِيئي ناکئا.

(٦)

جَن کي آنگ نه، اگهڙي پائي پٽسو پاند
تن کي منجهان ڪاند، نِيُران نيندا ناکئا.

(٧)

ڏِٺِي تنهنجي مَڪُري، راس نه رسا رَسُ
ڇِيڪِلُو ڇيهاڙيون، سڙه پراڻا پَسُ
وڪر وجهه مَ وترو، رکي توڙ تَرسُ
اگيان سخت سرسُ، ٻُجهي ٻيلو ٻارِ جو.

(٨)

سودو سچ سوداء، ڪَچُ ڪَمائج ڪيم ڪي
مُشتري آن مال جا رکن ڪونہ ريءَ
طِلا ۾ سيماءِ، لِڪ نہ لِڪي لوڪ ۾.

(٩)

سچو سودائيج، سودو ڪارڻ سُود جي
متان ڪمائيج، ڪوڙي ڪائي ڪَچ ڪي.

(١٠)

ڪوڙ ڪمايم ڪچ، ماڻڪ مون نہ مُهاڙيا
هيري جنهوارت جا هتين ڳارہ ڳچ
پَسي سودا سچ، مُنهَ لڳي لج مَران.

(١١)

ماڻڪَ مون نہ مُهاڙيا ڪَچ ڪمايم ڪُوڙ
ڪَيُچَل چاڙهي چُوڙ، چڙيم آرو عاج جو.

(١٢)

ڪائي ڪَر متي ڪئو ماڻڪ ڏني موت
هيرو هٿي هيٺ وئو، ڪَيُچَل چڙهئو چوٽ
ڪَريي پيو ڪوٽ، وِهائو ويهي ويا.

(١٣)

وري ويا وينجهار، واري جوهر جهوليون
اچي ڪائي ڪچ سين پَري سا بازار
مڙئا متي مال تي خامي خريدار
ڏسي سو اسرار، جاهل ٿيا جوهري.

(١٤)

تاڪي دَر دُڪان، ويا وينجهارا اوهري
هليو ڪائي ڪچ جو چلتو منجه جهان
مورک لڌو مان، جاهل ٿيا جوهري.

(١٥)

پَري پاڻي پَرڪيا، اوڏا ويئا ڏَڏ

جوڙي رڪن عـاج سان آٽـي اونـا هـڏ
سي ڏي مورڪ مڏ، وٽـئـا وڻجارن ڪي (١).

## وائي

سودو ســو سوداءِ، جــو پوي تو ساب ۾
١. تي سوداگر سچ جـو ڪچ ڪـي ڪيم ڪماء
جن ڪمايو ڪوڙ ڪي تــن ڪـي هرج پئاء
جو پوي تو ساب ۾
٢. اِر لڪائج ڪيم ڪـي ســودو ڏيج صفاء
اکيان صرافن جــي عيب نــہ تــو لڪندا
جو پوي تو ساب ۾
٣. غلام محمد غير جــا، هت پــار سڀي پڇندا
آتي ڪائي ڪوڙ جو، ڪيم پلئہ مون پــاء
جو پوي تو ساب ۾

---

## داستانو ٽيو

(١)
سپون سيد غـوّاص، پــائــى مـنہ مهراڻ ۾
رکي خوض خواص، تانکهج تـرو تــار جو.
(٢)
موتي منجھ تــري، ڪـرون ڪــوه نهاريين
هيبتناڪ عميق جــي مــتــان ويــر وري
ڊڪائو منہ ڪــري، سوجھي لهج ســپيون.
(٣)
پيهي منجھ پــاتــار، مـــوتـــي آڻ آمـلـيا

(١) اصل: رَڏِئا وڻجارن ڪي

"كَمَا لسَمَك فِي البَحر" رکي نرت نهار
ڇڏي ڪُرڙ ڪنار، تــي نهارو نُونُ جو۔

(۴)

مـــوتـــي آڻ آمُليــا، منجهان بــحر عميق
"لاَ مِثالَ لَهُ فِي الدُّنيا" سودو ڪج دقيق
عقل ســاڻ عقيق، متان مــاڻــڪ متيين۔

(۵)

مڇي جين مــهراڻ ۾ تــوبـــا تهي ڏيـــج
سپون جـــي سامونڊ جـــون اوڙاهــان آڻيج
"اَلتّائِبُ مِنَ الذَّنبِ كَمَن لاَّ ذَنبَ لَهُ"
اها ڪَٿ ڪَٿيج
متان مورُ متيج، نيئي ڪـــائي ڪَچ سيـــن۔

(٦)

توبا تهي آڻ، سِپڙي سِپَ سمونـــڊر جــــا
موتي پائي مٿ ۾ وَنءُ صرافـــن ســـاڻ (۱)
تان توکي منجهان پاڻ، سِچاهُو سڏين سي۔

(۷)

جي سيچاهو سونَ جـــا، سيهي ڏين نـــ سڏ
"اَلاِنسَانَ سِرّي وَ اَنا سِرُّهُ" تي تني جو هڏ
وتان تني لـــڏ، ڳڏون ســـاڻ ڳنڍين جـــي۔

(۸)

تي سيچاهو تني جـــو، جي سيهي لهن نہ سار
"لاَ مَقصُودَ فِي الدَّارَينِ اِلاَّ هُوَ" اهوڪن واپار
جوهريا جـــونجهار، آمُل مُـــور نـــہ اوليا۔

(۹)

موتـــي پـــائـــي مُٿ ۾ ونءُ وينجهارن وٽ
جي اوجارا جوهري ڏيکين منجهان ڪَٽ (۲)

---

(۱) اصل: ڏيکي (۲) اصل: وُوَ

آمُلَ ماڻڪ مٽ، مُور نہ ڪندا ڪچ سِين.

(١٠)

اصل پائي پاند ۾ پيري پڳو جَن
سي ڪيئن سچو ڪن، ٿئي اڏ هٿ ڪري.

(١١)

ماڻڪ ميڙياڻون، تانگهي تر و تار جو
ڪارو ڪيڙياڻون، مُونان مُنهَ ڪاڻو ڪري.

(١٢)

جاڳي ڪيو ياد، سڪ نہ سُمهو سامِعا
"قُمِ اللَّيلَ اِلَّا قَلِيلاً ﴿﴾ نِّصفَهُ اَوِانقُص"^٨
مِنهُ مالِڪ جو امداد
فرمودي فرياد، ڪري ڪيان ڪيترو.

(١٣)

سامِعَ سمهج ڪيم، اٿي اور آلله سِين
سو ساراه سچو ڏٺي ساري رات سليم
آعلي عِلمُ عَلِيمُ، ويجهو آهِ وُجود ۾.

(١٤)

سامِعَ ڪيم سمهيج، ڏيئي مونان مُنهُ ۾
مالڪ ساڻ مَلهيج، ساري رات سجاڳ ٿي.

(١٥)

سامع سمهن ڪين، ويڙهي مُنهُ مٿن جِين^٨
"شاڪِرُ فِي ڪُلِّ حَالٍ" آمُر ۾ آمين
سدا سي مسڪين، سِبيَاتا سبحان ڪي.

(١٦)

سامِعَ سمهن ڪينڪين، سمهن صُمُ صَحي
راحت جا رحمن جي اٿن روح رهي
قالُوا قِيلَ ڪَهِي، ساري رات سجاڳ سهي.

(١٧)

مُتسُمُوُ^٨غَنَ سبحان، ساري رات سنپاليو (١)

(١) اصل: اٿين

تني جي طوفان ۾ مٿي لـڏو مان
صمُومَن سامان، سُمهي تان نـه سَميٿيو.

## وائي

جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو

١. كاڏي پيتي تو نـه سري وو، سڄ آسارا
متان تـوتي هـي رهي وو، مالڪ ميارا
جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو

٢. تـوکي ويسه ويسرا وو، وٺا ويچارا
وچڻ جي آن پار ڏي وو، آئي تـو وارا
جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو

٣. پـه پڇنده پانهنجا وو صَرِيحاً سارا
هاريندين ان حال ۾ وو، نيڻن مان نارا
جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو

٤. غلام محمد تـو مٿي وو، محبتي مارا
نيندُ ۾ آخر اوڏهين وو، جيڏنه تـو عارا (١)
جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو

---

(١) اصل: ائين

# سر سامونڊي

## داستانُ پهريون

(۱)

ڏٺا وانڍُئتا، ماءُ سامونڊري آئيا
وڙا مون وڻا، موٽي آيا مان گهرين.

(۲)

وانڍُوڻن وانڍُهي، منهنجو جيءُ جهاريو
عجيبن آئي، مَن مرادون پُنيون.

(۳)

باسون ٿي باسيام، آيل سامونڊرن جون (۱)
آهي ڏي آيام، سي سلامت سپرين.

(۴)

ٻاريءَ ۾ ٻيڙا، اچي بيٺم سامُهَان
جيءَ اندر جهيڙا، پيم پارَ پرين جي.

(۵)

ٻيڙا ٻاريَ منجهه، اچي بيٺم سامهان
مون هاريندي هنج، پڳه ڪٽي پنڌ ٿيا.

(٦)

ٻيڙا ٻاريَ جهل، اچي بيٺم سامهان
وائي وڻجارن جي آئي 'هلو هل'
مون واهيندي نل، پڳه ڪٽي پنڌ ٿيا.

---

(۱) اصل: ساگن

(٧)

ٻيڙا ٻاريِ وٽ، اچي ٻيٺم سامهان
آئي 'پٽوپٽ'، وائي وڻجارن جي.

(٨)

ٻيڙا ٻاريَ گڏ، اچي ٻيٺم سامهان
وائي وڻجارن جي آئي لڏولڏ
سٺي سانگن سڏ، سڪو ساه سرير ۾ (١).

(٩)

ٻيڙا ٻاريَ ٻار، اچي ٻيٺم سامهان
ڪتا ڪيڙائن جا مٿي ننگر نار
ڪري ڪُونَ قرار، وِٽا وڻجارا اوهِري.

(١٠)

ٻيڙا ٻاريَ ساڻ، اچي ٻيٺم سامهان
آچاڙا عميق جا رڪن تاٽو تاڻ (٢)
ويچارن جا واڻ، آيا لهرن وچ ۾.

(١١)

ٻيڙا ٻاريَ پاس، اچي ٻيٺم سامهان
ننگر ناريون راس، ڪري هلئا ناڪئا.

(١٢)

ٻيڙا ٻ ٻاري، ٻئي آيا تي پاڻ ۾
نڪو آنت عميق جو، نڪا ڪناري
نڪا مَت ملاح کي، نڪو ناتاري
بندر تي ٻاري، تاري ني طَراز کي.

(١٣)

بندر ڏانهن ٻَهيرَ، وهي وڻجارن جي
ماءَ ساموندي آئيا، ڪوڏ ٻيان ڏِي ڪير
آيم هينڙي هِير، پريان، سندي پار جي.

---

(١) اصل: ساگن
(٢) اصل: تانڙو تاڻ

(۱۴)

بندر تي بـــاري، پيڙا آئي پـــاجھ سين
مـــثـــي ڪـــنـــاري، پـــڳـــه پـــائـــن ناڪئا.

(۱۵)

ڏَڇون ٿيون ڏَڏُڪَنِ، آيل سامونڊرن جون
اڪيون عيدان ڪن، ڏسي پيڙا پـــار ۾.

(۱۶)

هُو جا ڏَڏُڪي ڏَچُ، مون جا ڏني ڏور ڪان
سَهسِين ٿيا سَهَچ، مـــاءُ سامونـــڊري آئيا.

(۱۸)

اُتاهون آيا، جتي آنـــت نـــه آبَ جـــو
ڪاري ڪيڙائن جـــي ڪـَـڪوري ڪـــايـــا
لائق لنگهايا، پيڙا رڪـــي پـــاجهـــه سين.

(۱۸)

ڪا جا لـڳي اڪـــب، منهنجي سامونڊرن سين
نه مون پکيءَ پَـــڪـــب، ڪئن اُڏامان اُن پار ڏي.

(۱۹)

جيءَ اندر جيئي، مون نماڻي جـــل ٿئا
آئي اُهيئي، مون ڪـــي مولـــي ميڙريين.

(۲۰)

جن سين منهنجو آر، سيئي سڄڻ ساريان
مالڪ هٿ مـــهار، ڪـــاري ڪيڙائن جـــي.

(۲۱)

مون ڪي مارئو جن، موتي ڏسان سي پرين
وينئي واٽ نـــهـــاريان آيـــل ســـامـــونـــڊرن
ڏوران ٿيون، ڏسجن، ڏچون ڏاڙيچن جون.

(۲۲)

آيـــل آيـــون اڄ، ڏَچـــون ڏاڙي واريون
جنهي سان مون ڏاهَ جيي پـِلي لـڳي لَـچَ

روح رُچندا رَجَ، ڪنديس ويهي ان سين.

## وائي

ڪندي لَڳي آڪار، ماڳ ملاحن جي مَڪُري

١. ٻيڙي ڪٽي پنڌ ٿيا الله تو هار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٢. ڏٺا سڏاوا سير تي، واهُ سڏائو وار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٣. "مِنَ الرُّوحِي" جي بار سين، پرڻو باري بار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٤. لڳن سخت سمونڊر جون لهريون لک هزار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٥. سويون ڏيج سچا ڏني، ناکئي نروار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٦. نيئي پهچائي ٻاجهه سين متي بندر بار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٧. لُطُف ساڻ لنگهائين، اوريان پرين پار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٨. غلام محمد ساب پوي، وڻجارن جو واپار
ماڳ ملاحن جي مڪري

---

## داسڱانو پيو

### (١)

"بِسمِ الله مَجرَيهَا" چئي ڇوڙيائون جهاز
مون کي ماري هليا نئون ڏيکاري ناز
ايڏو قرب ڪواز، ڪيتان سگها ناکئا.

(۲)

"بِسمِ اللهِ مَجرِيَها" چئي، ڪنياڏون ڪيڙا
پِـاجهارن پيڙا، پـار لنگهائيج پـاڻـي.

(۳)

مون ڪي تـي ماري، محبت مجازن جـي
ڏَنءُ ڪو ڏيکاري، وِڻا ڏکي ڪَي ڏک جو (۱).

(۴)

نَڪا تـڙ تـوار، نہ ڪـي پـگهہ پاڻي
سـاري سامونڊرن ڪـي نيڻ وهايان نار
ڪيان تـي ڪـوڪار، بيهي بندر سامهان.

(۵)

عشق اڙانگو آه، آيـل سامـونڊرن جـو
مون نـہ پروڙي پـهہ ڪري سندن باري باه
چاڻي هڪ الله، سـورن سازڏو جندڙو.

(٦)

جوشن مٿي جوش، ڏيئي ويـا مون ڏاه کي
ويو هٿان مـون نڪري هاڻـي عقل هوش
مٿيءَ کي مدهوش، ڪـري هلئا نـاکئا.

(۷)

پِيَمِ ڪانہ پروڙ، هِن اڙانگـي نِيه جي
چَڪيءَ چاڙهي چوڙ، وئا وڻجارا اوهِرِي.

(۸)

پيم ڪونہ سماء، هـن اڙانگي نِيه جـو
لـگـو واءُ سٺاءُ، پـگهـہ ڪٿي پنڌ ٿئا.

(۹)

والي واري آڻ، مـون لَڏُ لڳو جـن سين
وينِي واٽ نهاريان ڪيڙائـن جـي ڪـاڻ

---

(۱) اصل: ڏَنُڪو ڏيکاري

وڻجارن جا واڻ، ڏسان شال اکين سان.

(١٠)

منهنجو لڳو آر، آيل سامونڊرن سين
ويٺي هنجون هاريان نيٽان نيرا نمار
ڪڙو تيم قرار، ساعت سک نہ ساريان.

(١١)

ونني نہ ويٺياس، پڳھ پائي هٿ ۾
هوند نہ ويا نڪري لاڇو لپيٽياس
چاڪن چپيٽياس، پڌي سورن سندرو.

(١٢)

سورن آندي سير، مٿي مون سامونڊر جيئن[٨] •
وارو ڏيئي وير، وڙٺا ويچاري تي.

(١٣)

ڪاري اندر ڪيهڙ، ڪڙي ڪيڙائن جي (١)
سي مون مٿي ميڙ، صاحب ڪنهن سبب سان.

(١٤)

پڳھ جن ڪٽي، ٻيڙا وڌا ٻار ۾
تن ڪي پاڻ ڌٽي، آمن ساڻ اماڻيين.

(١٥)

هلئا هاڪاري، پڳھ ڪٽي ناڪئا
ويٺي واٽ نهاريان سامونڊي ساري
والي سي واري، ٻيڙا آڻي ٻاجھ سين.

(١٦)

جنھ تڙ پڳھ ڏين، سو تڙ سدا سرهو
مٿي مون مسڪين، سي نہ سچاتا سپرين.

(١٧)

بندر ڪن ٻهار، جتي پائن پڳهڙا
ٻهڪن ٻيلا ٻاجھ سين واسيندي وڻڪار

---

(١) اصل: گهري ڪيڙائن جي.

نظارو نروار، پسان سامونڊرن جو.

(١٨)

جتي اير نه پير، تتي ترهو تن جو
ٻئو اڪاري ڪير، ساري سير سمونڊر جي.

(١٩)

جني لايم نينهه، سيئي سڄڻ ساريان
اکيون اوهيرا ڪري وسن راتو ڏينهه
محبت سندا مينهه، وٺا واهوندڻ جين.

(٢٠)

نيرو منجهان نيڻ، ويٺي هنجهون هاريان
سامونڊري مون سيڻ، ڪري سور پرائيا.

(٢١)

نيڻن منجهان نير، ويٺي هنجهون هاريان
ڪاري ڪيڙائن جي اندر منجهه اڪير
مديني جا مير، سي مون مٺي ميڙيين.

(٢٢)

نيرو نيڻن منجهه، ويٺي هنجهون هاريان
وره وارو ونجهه، ڏيئي ويا مون ڏاهه ڪي.

(٢٣)

سرهو سندن سنگ، مون سڃاڻي نه ڪيو
ڏيئي ويا مون ڏاهه ڪي راتاهي جو رنگ
داتا جي در منگ، ويٺي منگهي منگتي.

(٢٤)

مولي مرون ڏيکار، سوهڻيون[٨] سامونڊرن جو
رهي روح قرار، ڏسي سڙهه سهاڳ جا.

## وائي

سامونڊري ساري، ماءِ مهنجو جندڙو

۰۱ مولي مـونکي ميڙيين ، کيڙائو کـــاري
ماء مهينجو جنڊڙو
۰۲ پيڙا آڻـــن پـــاجهه سين وڻجارا واري
ماء مهينجو جنڊڙو
۰۳ موتي آچـن مون پرين، طَـرازيون تاري
ماء مهينجو جنڊڙو
۰٤ اندر آه عجيب جي، ڳاريو تـــي ڳاري
ماء مهينجو جنڊڙو
۰۵ غلام محمد محبن جو، مونجهارو ماري.
ماء مهينجو جنڊڙو

## داستانئو ڏيون

(۱)

وڻجـــارن وڻـــان ، نئـــون نياپـــو آئـــيو
” اِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا و عَمِلُو الصالحَات “
کيڙائن کَتَان
تَنِـي جي هتان، وڻـــج وِهائـــج وِتــــرو .

(۲)

سونُهان سَڄاڻين ، ساڃي سير سمونڊر جـــي
”وَ مَنْ يَتوَ ڪَّلْ عَلي الله فَهُوَ حَسبُه“
تيڏاهون تاڻين،
آتاهُون آڻين، جِت ليکو ناه لُطفَ جو .

(۳)

لنگهي جاجَهه جَهاز ، وچـــي پهتا پار کـــي
چڏي اوريين ڏيه جـــو ڪوڙو ڪـــچ مجاز
مهتابـــي ممـــتاز ، لعـــلون لهي آئـــيا .

(٤)

لعلـون منجهه لَڪا، لهي آيـــا اوهـِري (۱)
چـڏي سيڻ سَڪا، وِڻا جـــي ان پار ڏي .

(۵)

سڱــــ سياڪو سُور ، سارو سامونڊرن جـــو

---

(۱) اصل- لعلون منجهه لقا

محبت ۾ ان پار جي هميشه معمور
ڏاڍي ڪنهن ضرور، لئه لڪا جي لوڏيا.

(٦)

وِئا تت وَهي، جِت نه آنتُ عميقَ جو
وِساري ان پار کي ويئا تان نه رهي
ڪِيائون سڀ سَهي، ساڃاڻِي سامونڊر جي.

(٧)

وڻجارا واپار، ڪَن لَڪا جي لوء ۾
سي سوداگر سونَ جا سِيڪهي لهن نه سار
مُشتري مختار، سوهيا ڪنهن نه مجاز ۾.

(٨)

ساڃُو سڀ سامونڊر، مُحڪم ڪجان مَڪُري
چوڪا وڃن چوڌر، لنگهي لقاپُر ڏي.

(٩)

سچا سوديائون، آمُلَ انهين پار جا
تني کي آئون، ساه برابر ساريان.

(١٠)

وڃي وڻجارا، پهتا پريين پار کي
تني لعلون لَدِيُون داخل ٿي دارا
سيئي سونهارا، ماڻڪ ميڙي موٽيا.

(١١)

لعلون لڪا منجهه، ڪونهي ڪَانَ ڪروڙ جو (١)
وسي صبح سنجهه، هِيرو اوهيرا ڪري.

(١٢)

لڪن ليکو ناهِ، ڪو ڪروڙن ڪَه ڪَانَ
وُنا واهُوندَن جين، موتي منجهه ميدان
سانوڻ ڪيا سبحان، 'لڪا' سندي لوء ۾ (٢)

---

(١) اصل: لقا منجهه
(٢) اصل: لقا سندي

(١٣)
اچو تا آچين، ماڻڪ پاڻي پاند ۾
مُلهه مهانگا قيمتي سورج سامائين
لکين لڄائين، موتي مُور مُلهِ ڌرڙا.

(١٤)
اچي آچُون ڪن، ماڻڪ پاڻي پاند ۾
آندا مُلڪ عَميق مان وڃي وڻجارن
سودا سُود سندن، بندر جي بازار ۾ (١).

(١٥)
آنداڻون آيا، ماڻڪ پاڏي ٻاند ۾
ميڙي مُلڪ عميق مان مهانگي مايا
مَر سي ٿي چايا، سيهي سون سميٽيا (٢).

(١٦)
جيڪين آنداڻون، ميڙي مال عميق مان
”يوُٽِي مَن يَشَاءُ“ ووڙي ڏناڻون
تني جي آڻون، ويئي وات نهاريان.

(١٧)
مهانگي ميڙُو، ماءَ سامونڊي آئيا
ڪاري جا ڪيڙُو، ڪٿي آيم خير سان.

## وائي

’لڪا‘ منجهه لڳا لا، مون پريان جا پڳها
١. آهي منهنجي جيءَ ۾ سندن تُوه ٽڳا لا
مون پريان جا پڳها
٢. ڏسان شال اکين سان پنهنجا سيڻ سگها لا
مون پريان جا پڳها

---

(١) اصل: ’سُودا سُود‘ (ٻنهي جاين ’س‘ تي پيش)
(٢) اصل: اٿين

٠٣ آئـــي مون عُريانَ کي ڏيندا ويـــس وڳا لا
مون پريان جا پڳها
٠٤ بندر جـــي بازار متي ڪندي ڏج ڏڳـــا لا
مون پريان جا پڳها
٠٥ غلام محمد محبن جي هينئڙي منجهه هـَـڳا لا
مون پريان جا پڳها

---

## داستانو چوٿون

(١)

سٿي آڌي رات، مـــون سامونڊري ســـاريا
وچـــوڙي وصـــال جـــي وائـــي پيـم وات
لڳم لـَڪائُنَ جو ڪـُڙه ۾ ڪينر ڪات (١)
پـــره ڦٽي پـريـــات، تـَڪي تـَڙَ تنواريان.

(٢)

مون ڪـــي ٿـــو ماري، سفر سامونـــڊرن جو
ڪـٿـــي پـڳـــه هليا، ڪـيـــڙائـــو ڪـــاري
والي ســـي واري، پيڙا آئـــي پاجـــهه سين.

(٣)

وٺـــي هـــٿ ۾ ويهه، پـڳـــه پرڏيهن جـــو
سـَفريـــا سـائيه، جـِـــم وَڃِني آوهـــِـري.

(٤)

ڪـَپر پـــاســـي ڪـِرِ، پڳه پائي هـــٿ ۾
جـِمَ وچـــو ولات ڏي ســـونهان ڪـٿـي سـِرِ
ورونهن جـــي ورِ، مـــون مارينـڊي نـــاڪـٿا.

---

(١) اصل: 'لڪائن' (هت ائين 'ڪ' سان لکيل).
اصل: 'ڪـُرمـِي ڪيزڪات'

(٥)

مون تي رُنو رت، هُن وڌا هٿ پڳه ۾
فرياديون فقير جون تيون سڀ غلط
منهنجو هوش هلت، هلڻهار هٿي وِيا.

(٦)

هنجون هاري راڳ، جان ڪين^ ڳرو ڳائيان
جِمَ ڏِهو مون ڏاهه ڪي، جدائي جو داڳ
منهنجو سُک سهاڳ، سنگت سامونڊين جي.

(٧)

نيڻران^ ناتاري، پٽي پاڙي وارين
هٿڪل هاڪارڻ جي آئي سواري
تو ڪيئن آساري، سري سامونڊين رِي.

(٨)

سُونهن سڌ ڪيو، تئو سانباهو سجڻين
وتان مون ويو، وري ورق وصال جو.

(٩)

سندو سونهن سڌ، مون ماريندو ناڪُئا
سيني سيرون پائيون، ڏکيو ڏري هٿڌ
ڪو دم هُجو گڏ، واري ورق وصال جو.

(١٠)

تن ۾ تاڻو تاڻ، پيم پريين پارَ جي
نڪو ڏي آن ڏيه جو پانڌيڙو پرياڻ
والي واري آڻ، سفريا سامونڊر جا.

(١١)

منهنجا هنڌيون هڌ، وَڏي وڻجارا وئا
وري تيِن نه گڏ، جي جدائي جُدا ڪيا.

(١٢)

اولا جني لال، سي ساڳا مُور نه موڙِيا
روئي ڪيان رب کي سانجهي صبح سوال

سڄڻ مانَ سنڀال، وري ڪن وصال جي.

(١٣)

اولا لال ڪري، مُور نه موڙيا مَڪُرا
اوري آرو نه لهان، جيڪس وڃا پري
منهنجي تان نه سري، ساعت سامونڊين ري.

(١٤)

موڳي چو نه مرين، ناحق تڙ تنواريين
جتان سامونڊري وڃا تتان تون نه ترين
ڪُوڙي ڪوه ڪرين، فرياديون فراق جون.

(١٥)

مون ويني وَهيا، ساڳيا سامونڊرن جا
روئي ريهون تي ڪيان رات نه سي رهيا
سيِهي م سَهيا، سي مون فلڪ فِراق جا.

## وائي

جَر ناريل پيا، وو ماء منهنجا سپرين (١)

١. ڪتِرَ لڳ قريب ڪي مون جي سڌ ڪيا
وو ماء منهنجا سپرين

٢. وڃا لَڪا جي لوء ڏي، لاهي لوڪ ليا (٢)
وو ماء منهنجا سپرين

٣. آيا آب عميق ۾، پيڙا پار پيا
وو ماء منهنجا سپرين

٤. غلام محمد مون پرين، ناتي (نيهُ) ڏيا
وو ماء منهنجا سپرين

---

(١) اصل: جرنان ريل پيا
(٢) اصل: 'لَڪا' (هت اصل ائين لکيل)

## داستانو پنجون

(۱)

انـــدر آهو آه، مون کي مون پرين جي
جــدائي جُدا ڪيو مٿان جُسي مــاه
سرتيون سُڪو ســاه، سڀ سانــگين سڏڙا.

(۲)

ڪنهن سان ويهي ڪا، ڳجهي ڪيان ڳالهڙي
سڀا سور نـــہ سنگتي، حـال نـــہ پائي پڇاء
مـــون مٿي کـــي ماء، ڇٽي وڏو ڇـرَ ۾.

(۱)

ڇپرن ۾ ڇاپاسِ، ساعِت سُک نـــہ جندڙو
سُورنِ ساماياسِ، ڏيئـي سڀِي سِڪَ جــي.

(۴)

ساريو ٿـــي ساريـــان، سگر ساموندرن جـــا
ڪنهن کي ڏيکاريان، جرحَ جهيڙي جي پيا.

(۵)

جيرن ۾ جــائـــي، جرحَ پيـا جنِ جـــا
تنِي جي وائي، سڀ مـــانَ سکهـي ٿيان.

(٦)

سيني ۾ سِيرُون، سڄَر ساموـــدرن جـــون
سُورن سِيرون آنـدِيُون، وَرائـــي وِيـرون
آڏَر آڏِيرُون، اڇِـي ڏيندم ڪـــڏهين (۱).

(۷)

ساڳيا مٿـــي سِير، ڏســـان سامـــوندرن جا
آتـــي هنجون هاريـــان، رت ورَنـــا نِير
ملاحن جـــا مِير، موٽ تـــہ مانداڻي لهي.

---

(۱) اصل: ڪڏهم

(٨)

ساڳيا ساڳرن سيڻن، متي سير سنوان ڏيا
جيئن سي پيڙا پار ۾ ترهو تري نه تيئن
هاڻي ڪريان ڪيئن، وڃان وهه وري ويو.

(٩)

ساڳن سين ساڳيا، متي سير سنوان ٿئا
هو هاڪاري هلئا آئون آيي آن ماڳيا
لڪائي لاڳيا، هتان لاهي هلئا.

(١٠)

ساڳيا ساڳن سان، متي سير سنوان ٿيا
ليڪو لاهي هلئا، ونجارن جا واڻ
تيڏهن پند پري پئو، جيڏهن پسان پاڻ
تيلاهون ٿي هاڻ، هنجون هاريان رت جون.

(١١)

وڻجارا ورو، سڻي سائل سڏڙا
مون ڪي پند پرار جو پوي ڪونه پرو
تانگهو تار ترو، متي چاڙهي متڪرا.

(١٢)

ورو وڻجارا، سڻي سائل سڏڙا
سلهي سور سريرڪي سانوڻ سيارا
آچاڙا عميق جا آچن اويارا
ڪيان ڪوڪارا، ڪپر لڳ قريب ڪي.

(١٣)

ڏسيو تي ڏران، ڪپر ڪارونپار جا
ساري ساموندرن جا ڳايو ڳڙ ڳران
سگهه نه سا سرير ۾ تانگهو تار تران (١)
وري ڪيئن وران، چڏي جاء جهاز جي.

---

(١) اصل: سگه تستا سرير مي

(١٤)

ڪَپر ڪارُونيار، ڏسي ڏُوران‌تي ڏَران
ڪَري موٽو سيگهه ۾ وڻجارا واپار
مون مُنيءَ تي مار، آندي سورن سِڪَ جي.

## وائي

پيرين پنڌ ڪري، آئون ڪا پرينءَ پُڇَندِي

۱. جيئن سي ٻيڙا ٻار ۾، تُرهو تيئن نه تري
آئون ڪا پرينءَ پڇندي

۲. ڏسي سير سموندر جي منهنجو ڏيل ڏري
آئون ڪا پرينءَ پڇندي

۳. جُدائي جي جوش ۾ جامون جَان پري (۱)
آئون ڪا پرينءَ پڇندي

۴. غلام محمد مون پرين، موتي مان وري
آئون ڪا پرينءَ پڇندي

---

## داستانُ ڇهون

(١)

پَڳَه ڪٺي جَن، ٻيڙا وڏا ٻار ۾
هو هاڪاري هليا آئون آيي پاس تڙن
گهڻون آڪنڊي آهيان آيل سامونڊرن
موتي مانَ مِلَن، مون سَڳيٽا سپرين.

---

(۱) اصل: جامُو جان پري (پوءِ حاشيي ۾ ڪا درستي ٿيل پر اهي لفظ ڪٽجي ويا آهن. 'جامئون جان پري' پڙهجي ته به معنيٰ نڪرندي.

(٢)

ويٺي ڀوچان ڀِرِ، ڀلوُ پائي هٿ ۾
ڪاري ڪيڙائن جي اندر منجھ اَکير
نيڻ نچويان نِير، ڏسي ساڳيا سير ۾.

(٣)

ڏِلو نيهُ نہ هوءِ، اَلانَ آلَوانِيي هُوا
سيڪيو سِڪَ سريرڪي، لَڪَاڏِن جي لوءِ (١)
ويٺي پسان پوءِ، انت نہ اڳاهون پوي.

(۴)

سِڙه سَوايون ڏيِن، واڌايون وصال جون
"وَتُعِزُّمَنَ تَشَاء و تُذِلُّ مَنَ تَشَاءُ" اِنهين ۾ آهين
پڳه تت پائين، جِت جاء نہ جانارن جِي.

(۵)

جتيَ جُوءِ نہ جيت، جاءِ نہ جانارن جي
آتي مامُوين ڪي مويا ٿيو مَسيت
هُل هاڳاما هِيِتُ، آرانَ اوراهان ٿئا.

(٦)

ڏِيرانَ نَوادِي، ڪَري هلِيا ناڪئا
سُجي ڪانہ سمونڊر ۾، وڻجارن وائي
آڏِي واڌائي، ڪِيِنَ چيڏيائون ڪنڌيين.

(٧)

هِتان جَني ڪال، ٻيڙا وڏا ٻار ۾
منهنجو جيءُ جنجال، وجهي وڻجارا ويا.

(٨)

وايون وڻجارا، ڪيو ڪِيِمَ وڃڻ جون
سڄڻ سوڀارا، هجو شال حضور ۾.

---

(١) اصل: لڪائن

(٩)

وٹجارا وايــون، ڪيو ڪيمَ وڃــڻ جون
مــون در واڌايــون، اچــي ڏيندا ناڪئا.

(١٠)

هاٿي هــن هتان، مــون تــازا سُور پرائيا
ڏنيون سورن سِڪَ جهــي سيني منجهه سٽان
مُنــي مــون وتــان، پــَل پـَراهــان مَ ٿيو.

(١١)

هــَلــو هـَلان هــوءِ، وائــي وٹـجارن جــي
مون کي ڇــڏي پوءِ، پــڳــه کٽي پند پٿا.

هـَلو هلان ڪـَن، پــڳــه پائــي هــت ۾
پيٺي پـَريـن پــار جــي وائي وٹــجارن
منهنجو مــوهــي مــن، سڄڻ سفر هليا.

(١٣)

هـَلو هــلان چـُون، پڳه پائي هٿ ۾
نيڻ نماٹــا رُون، بيهي بنــدر سامهان.

## وائي

ڪا پـِريان کي چوءِ، آيـَل حالُ منهنجو
١. ســاري ساموندرن کي رويــو ويٺڙي روءِ
جيجل حال منهنجو
٢. دانهن منهنجي درد جــي پيش پريان جي پوءِ
جيجل حال منهنجو
٣. چاڙهي بيڙا بــار مان وِيا لـَڪا جـــي لوءِ
جيجل حال منهنجو
٤. غلام محمد مون پرين سـُونهون سـُونهـَن، هوءِ
جيجل حال منهنجو.

## داستانو ستون

(١)

سـدا سامونڊرن ، سانباھو سـفـر جـو
مويا پـاس مَنڊن ، جوڙي جھازن کـي .

(٢)

صُبح سـانباھو ، سُڄي سـامونڊرن جـو
ڪٿي ھلن نـاڪئا ، ديـس مـٿان آھـو
ٻَر ٻَر ٻـاراھو ، ھنيين آڊرڪـو نہ لَھي.

(٣)

نڪو محل ماڳ ، آيل سامونڊرن جـو (١)
سـدا سفر سـافِرو سُونهان سِير سڄاڳـ
تني سندو لاڳـ ، لـڳو لَڪا لـوءِ ۾ .

(٤)

جَني ڏينهان رات ، وائي وَہ وچـڻ جـي
تَنـي مـڙہ سنياڏـيا اڳيـئي پريـات
لنگھي سِير صفات ، پَري پـڳہ کـوڙيا .

(٥)

ڪا جا تـي ڪِڙواہَ ، بندر ڏانہ ٻَھير جِي
”فَاتَّبِعونِي^ يُحبِبۡڪُمُ اللّٰہُ“ سنجھي تي صلاح
تِھاں پـوءِ مـلاحَ ، وِڏا ھـٿ پڳہ ۾ .

(٦)

سنجھي تـا سنيرن ، سـاڳا سامونڊرن جـا
”فَاِذَارَكِبُوافِي الفُلْكِ دَعَوُاللّٰہَ مُخۡلِصِين“
تيلاھون تَرن
وري مـانَ وَرن ، لَڪَا لـوڙِي لاڪَڙا .

(٧)

ھـٿ ۾ پايو پـاس ، بينا پڇن پـاسِيُون

---

(١) اصل: مھل ماڳ

هــلو هـلنهاريا ، لاهــي هـــي لــبــاس
پــگه پــ اٽي پـــاس ، ڪٿو ڪارِي ڪهيڙ ٿا.

(٨)

پاسُون پــاسَ ڪـرِي ، اٿـــي هلئا نــاڪئا
ڏســـي سِير سمونڊر جي، منهنجو ڏيل ڏري
وري مـــانَ وري ، ساڳو سامونڊرن جـــو .

(٩)

ٻـتيون تيون ٻـرن ، اڄ پـــڻ پاڙيچن جـــون
هُو هاڪاري هلئا ، ڪاهَ جـنـيِي ڪـي ڪـن
سي ڪيئن پار پڇن ، پاسُون جن پُسائيون .

(١٠)

هُو هـلاچو هــوء ، اڄ پـــڻ پاڙيچن جـــو
صبح ويندا اوڏهين جيڏنهن لـڪا لـــوء (١)
تون پڻ ڪـنـدِينءَ ڪوه ، ويهي وٽجارن ري .

(١١)

ٽڙ ٽڙ ٽــي تــوار ، ڪاري ڪيڙائُن جـــي
مُحڪم ڪيو مـڪـرِيُون ڪـرڙو ڪارونيار
واهُ سٽائو وار ، والـــي ويـــل هلڻ جـــي .

(١٢)

ڪـرڙ ي متان ڪو ، تاري نـي طـرازَ ڪي (٢)
سُڄي سخت سمونڊر جـــو دِل اندر دانڪو
واوَ سندو واڪـــو ، مـن م مـلاحن جـــي .

(١٣)

جيڏهن ڪـنَ ڪـنـارَ، تيڏهن موڙ مَ مـڪـرِي
ٻـــاهر پيــلو ٻار جـــو ، انـــدر اندوڪار
رکي نرت نيهار ، صحي سِير سمونڊر جـــي .

---

(١) اصل: لقا لوء (٢) اصل: ترازکي

(١٤)

پگہ مستي هٿَ ، پائي بيٺا ناڪَٺا
هوڪي هاڪارڻ جا هٿ ڪيائون مٿَ
ساڳيا سونهين سٿ ، آٿي هلئا اوهِري .

(١٥)

جاڳِي اوجاڳو ، ڏنئي ڇو نہ اکين کي
وٽان تو ساڳو ، هوند نہ ويو نڪري .

## وائي

جي مُهينجي مٽن ، سي مِلنم سپرين
١. اَصلُ لاڪون آهِيان ، ساڳي سڳ سندن
سي ملنم سپرين
٢. ڇاڙهي پيڙا پار مان ، وري مان وِرن
سي ملنم سپرين
٣. لُطف جنهن جا لوڪ تي، ليکو ناهِ لکنَ
سي ملنم سپرين
٤. لوُن لوُن ساڻ لپيٽيو ، جيءُ منهنجو جن
سي ملنم سپرين
٥. غلام محمد دوست لئي ، اکيون آس رکن
سي ملنم سپرين

---

## داستانڌو اڏون

(١)

ساجهر سعيو ڪن ، ساموندري سفر جو
پہ پوءِ ڪٿن ، پڌي مُعلمَ خبرون .

(٢)

تَرَڙِ تَرَڙِ ٿِي توار، آيل سامونڊرن جي
آچاڙا عميق جا اڇن سر ڪپار
سي ڪيئن سمهن سُڪِ ٿِي مٿي جن مدار
ڪيو ڪيمَ قرار، ناريون ڇڏي ناڪئا.

(٣)

مٿي جن آهي، سانباهو سفر جو
سي ڪيئن سمهن سک ٿي، اوسيڙو لاهي
ڪَرڙِي ڏي ڪاهي، هلو هلڻهاريا.

(٤)

هُو ٿا وڃن هاڻ، تون ٿو سنجهي سمهين
صبح تو ٿي ساڻ، ڪون هلندو ڪو پيو.

(٥)

سک ٿي سمهو ڪيمَ، ناريون ڇڏي ناڪُئا
اڳيان سير سمونڊر جي قائم آهي قديم
چاڻي پاڻ ڪريم، ويئن وَهُ ورِي ويو.

(٦)

هو ٿا وڃن اڄ، تون ٿو صبح سنبهِين
ڪوڙياڻون اُن پارَ جِي، ڌاڙي خاطر ڌَڄَ
روح رُچندا رَڄَ، ڪڄ ڪي ڪهڙائُنِ سين.

(٧)

مُهِنجو جيءُ جنجال، وجهي وڻجارا ويا
آيل، سامونڊرن جي هلي قِيلُ مقال
حاصل ڪري حال، ماضي ڇڏي موتيا.

(٨)

هليا هادڪاري، پڳه ڪٽي پاڌِڙِي
ساه مُهينجو سرتيون، سامونڊري ساري
والي شل واري، وري ورق وصال جو.

(٩)

وڻان تو ويا، پڳه پاڙيچا ڪٽي (١)
آءُ سڙهه ڪٽي هليا هاڪاري هيا (٢)
وڃي پار پيا، ٻيڙا تن جا ٻاجهه سين.

(١٠)

تون ڪيئن آساري، تڙ تي تارون ڪرين
پائي پاند ڳچيءَ ۾ تي نيڙي ناتاري
ڪج ڪا قريبن ڪي زور وڏي زاري
ٻيلاتيون ٻاري، آڪارينئي ناڪئا.

(١١)

هٽان هنڌ ۾ چنڌ، پاسو پاند پڳه جو
ويهي وڻجارن سين، گوڏا گوڏي گنڍ
مَن ٻڌَين ڪو سنڌ، ڪاري ڪيڙائن جو.

(١٢)

چنڌي هنڌ ۾ ويهه، پوري پاند پڳه جو
هو پورينديءَ پرڏيه، پوءِ هٽندين هٽڙا.

(١٣)

جني ٻيٺي هٽ، وڏا پاند پڳه ۾
سيٺي سونهن سٽ، سدا ساموندرن جي.

(١٤)

سندو پڳه پاند، وني ويه ۾ ويسري
سنگت ساموندرن جي پوري پاڻ ۾ راند
سو ڏکيئن ٿئي ڪاند، جنهن سان نيه نفاق جو.

(١٥)

جو تو ڪيو سڱ، سڪي ساموندرن سين
سو ٿئي رتو رڱ، لئوني لاهه ۾ لڪ سين.

---

(١) اصل: پڳه پاڙيچن جا ڪٽي (٢) اصل: آءُ سڙ هليا هاڪاري هيا

(١٦)

ويندئي وڻجارا، وهائي وِڇو ڪَري
وڻي پاند پڳه جو تي هنيين هشيارا
هلڻ جي هارا، جِمِ وڃني اوهِري.

(١٧)

هلسيا هاڪاري، پڳه ڪٽي پاٽي
ساه منهنجو سرتيون ساموندري ساري
وري شل واري، والي ورق وصال جو.

(١٨)

بندر جي بازار، سونهي ساموندرن سين
ويهي جِمِ وساريين تَني جي پچار
قرب جني جو ڪار، اصل نه آسارنسين (١).

(١٩)

ڪِنه پٽرِ پَسان سي، ساڳا ساموندرن جا
وڻي جي وات ٿيا، جاني منهنجو جهي
آيل تَني ڪي، جيڻري شال ڏسي مران.

(٢٠)

آهون ۽ دانهون، جي تي ڪيان جيڏيون
پُڌيءَ جون پانهون، وڻن مانُ وصال سين.

## وائي

نندرِ مَ هيرج نيڻ، ڏي اوجاڳو اکڙيين (٢)
١. تون آساري سُمَهِين، سنجهي ويندئي سيڻ
٢. جدائي جدا ٿئي، ڏور ڏکندا ڏيڻ (٣)
٣. پُڌي دانه درد جي ڏَهل من (سي) ڪيڻ
٤. غلام محمد محب بنا، ڪٿ ڪتون پن ڪهيڻ

---

(١) اصل: 'اصل آسارن سين' (٢) اصل: نندر مَ هيريو نيڻ (٣) اصل: ائين.

## وائي

آئون هلندي پربڻ ڏي وو وو
منهنجو رات نہ آيو هوت
۱. ڦـــاڙي ڪيئن ڦٽو ڪيان هي پريتڻو پـــوت
آئون هلندي پرين ڏي
۲. ڏسان شال اکين ســان سندي جانب جـــوت
آئون هلندي پرين ڏي
۳. غلام محمد غـــم ۾ مٿور نــــہ ماري موت
آئون هلندي پرين ڏي .

# سُر سهڻي

## داستانُ پهريون

(۱)

اٿيو آڌيءَ رات، ته ي وڃڻ جا واجهه وجهي
” هَيۡهَاتَ هَيۡهَاتَ لِمَا تُوعَدُونَ “
وائي وڳوڙي وات
جتان ٻره نباتِ، تتان توڏي تُڙ ڪري.

(۲)

پيلي پير نه جهلئو، ڪچي ڪئي ڪُپَت
انگَ ڏسي، رنگَ پيلي، ريلو ڏنو رت
داخل ٿئي سٽت، پڇي سو پورا ٿئو.

(۳)

انگَ ڏسي، رنگَ پيلي، پيلي جهلئو نه پير
وِڌا وسامي انگڙا، ٻانهن چڏيو ٻَر
ڪچي ڪئي ڪپر، ويو وِڇاري وچ ۾.

(۴)

انگَ ڏسي، رنگَ پيلي، پيلو پيو پري
حيلي ري مهراڻ ۾، سگهي تان نه چُري
هِنۡيَڙي منجهه هُري، ملتَ ملڪَ الموت جي.

(۵)

آگهيران[8] گهڙي، گهيڙ نه پڇي سُهڻي
تيلاهون ميڙي، پنهنجي مُحب ميهار کي.

(٦)

پنڌيءَ پاڪاريو، ساهڙ ڪي سڏ ڪري
وَر وسيلا واهرو، آران^ اُڪاريو
جنڌي جهاريو، ڪيڏي ڪارونيار مان.

(٧)

پنڌيءَ پانهون پوڙيون، متان ويــر ورِي
تَرهي رِءَ هِنَ تار ۾، سگهي تان نه تري
واهر تَـيءَ ورِي، ساهڙ اچي سير ۾.

(٨)

پنڌيءَ پانهون پوڙيون، متان وري ويــر
سائر پوڙي سهٽي لَس ۾ اُڙهي سِير (١)
قادر جي تقدير، لوڙهي وڌي لُڙ ۾.

(٩)

پنڌيءَ پانهون پوڙيون، تري سگهي ڪين
مري تي مسڪين، وَرَ وسيلا واهرو.

(١٠)

پنڌيءَ پانهون پوڙيون، متان پاٽي تار
لهرن ليکو نــاه ڪو نڪا ڪُـڙڇ ڪِنار
واڳون وڳ وري وئا چوُگردا چوُڌار (٢)
مونجهه محب ميهار، ماريس انهيءَ ماري.

(١١)

پنڌيءَ پانهون پوڙيون، سگهي تان نه تري
متان ويچاريءَ جي اچي ويــر وري
لڳس ڳالهه ڳري، ثابت نڪرڻ سير مان.

## وائي

پاڙي پاڙي آلو، ٻئي نه منهنجي پچار

---

(١) اصل: لس ۾ اوري سير. اڙهي=وُڙهي، وهي وئي (٢) اصل: چهدا

١. لکي ويندِيس لڪ ۾ ماري لوڪ ميار
پاڙي پاڙي آلو
٢. بي ننگي جي ننگ جي توتي لڄ ستار
پاڙي پاڙي آلو
٣. ڏکي کي درياه جا ڏکا ڪين ڏيکار
پاڙي پاڙي آلو
٤. پانهون ڏيئي پاڇهه جون پريين پار آڪار
پاڙي پاڙي آلو
٥. غلام محمد چئي مٺي کي، مولا ميل ميهار
پاڙي پاڙي آلو

---

## داستانو ٻئو

(١)

ساهڙ بيٺو سامهون سهڻا سڏ ڪري
تَرِي آهين تار مان سهڻي سُرت ڌري
وڃي سا نه تري، جنهن کي ساڃهه سِير جي (١)

(٢)

ساهڙ بيٺو سامهون سهڻا ڪري سڏ
مٺي آچل سهڻي پانهون ٻئي گڏ
تان تون ڏسين نه هڏ، ترو تانگهي تار جو (٢)

(٣)

جان ڪين ساريِن زور، تان ڪين تَرج تار مان
ٻئي پانهون مَٿ ڪري چارئي عضوا چور
مَتان ٿيج لغور، لُڏي لهرن وچ ۾ .

---

(١) اصل: ائين (٢) اصل: ائين

(٤)

جان ڪين سارين ساه، تان ڪين ترج تار مان
ڏھلج ڪيم دليل ري ڏسي ڏم درياه
جنهن کي سڌ ساڃاه، سا ڪيئن ٻڏي ٻار ۾.

(٥)

ٻڏي ٻانهون ٻوڙيون، تري نه چاڙهي تير
سا ڪيئن تري تار ۾ رڃ تڙهي اوهير
سوا سونهين سير، ٻوڙي پنهنجو ٻار ۾.

(٦)

ٻانهون ٻوڙ مَ سهڻي، مٿي ڪري تَر
وَڏا واهڙ ڪي ٿئا وَهڪري جا وَر
اڳيان سختي سير جي ڏور ڏيکاري ڏر
ڏيان اوڏانهين ڏر، جيڏانهن ساهڙ سامهون.

(٧)

تري آهين تار مان، ٻانهون ٻئي مَ ٻوڙ
هِن آڙانگي آب جي، پري پوي ٿي ڳوڙ
سونهين جي صلاح سين، ترِي وڃجي توڙ
اکيون اوڏاهين ڪوڙ، جيڏهن ساهڙ سامهون.

(٨)

سهڻي سانگ مَ رک، ڪاهي پئو ڪنن ۾
جنهن کي توڪل ترهو، جر ماري ٿو جک
اکيون اوڏاهين رک، جيڏهن ساهڙ سامهون.

## وائي

پريين پار تَوار، هو جا ٻڌم ٻيلاين جي
١. سمن پنهنجو جي مٿيان مٿي ويندو مِهارَ
هو جا ٻڌم ٻيلاين جي

٢. پار لنگهائج پانهجي گولي گنهگار
هو جا ٻڌم ٻيلاين جي
٣. دهشت ڏينم تا دل ۾ ڪنّنَ جا ڪڙڪار
هو جا ٻڌم ٻيلاين جي
٤. غلام محمد منڌ سين پيڙو تيج پتار
هو جا ٻڌم ٻيلاين جي

---

## داستانو ٽيون

(١)

اسم ساڻ الله جي، تي توڏي جي توار
ڪنڌي لڳ قريب جي، پيٺي پريين پار
تهان پوء مهار، ٿيو سيڄاهو سهڻي .

(٢)

ٻيلو ٻڳو ٻر پري، نڪا ويڄهي واه
رات اونداهي، ڏند گهٽو، دڙ لائي درياه
لهرن لوڏي آهيان سير سڪايو ساه
ساهڙ ڏي ساڃاه، تہ تاران تري تڙ تيان .

(٣)

ٻيلو ٻڳو، ٻر پري، نڪا ويڄهي وسَ
رات اونداهي، ڏند گهٽو، لهرن لائي لسَ
سڳهو سونهان رَسَ، آسونڌهين ڪي سير ۾ .

(٤)

ٻيلو ٻوري تو ڪنيو، ڏسي چوڪا چڙ
ڪچو ڪم ڪنيار جو، سهڻيءَ ليکي سڙ
اهڙا ساز سلڙ، ٻيري هڻن ٻن ۾ .

(۵)

تُرهو تـــائي پَڌ ، پـجهي پيلو پـــار جـــو
رکين جـــي آن پـــار ڏي سندي ســاهڙ سَڌ
اندر جني آڌ ، گهيڙان سي نـــہ گهڙنديون ۔

(٦)

ترهو تاڻي هـــل ، جيڏهن ســـاهڙ سامهون
چؤگردا چؤطرف ۾ ، ڏئـي تـــو آب اُڇـَــل
تان تون ڪپر جهل، پهچين مُحَـبَ ميهار کي ۔

(۷)

تـــائي ترهو تـــار ۾ ، تـري هلـج تـــار
ســاهڙ چـــام ستار ، ســـائي ٽيندو سير ۾ ۔

(۸)

لهرن لِڳـــ لـُڏائيا، واڳـــون وجهن وات
سنجهي سج لهي ويو ، تـــي متان آڏي رات
مانَ اڳي پريات ، تُرَهو تـوڏيءَ تـڙ ِ تئي ۔

(۹)

لهرن لِڳـــ لـُڏائيا ، واڳـــون وات وجهن
جِت سيٹاهِيا سِجّـَنِ ، تِتان تــرهو تـــاريي ۔

(۱۰)

سـُتي سڪنديءَ ڪـــي ، ســاهڙ ســـڏ ڪيو
”فَاعْبُرُ لِحُكْمِ رَبِّكَ“ تَـڪيءَ توڪ تئو
لتو لــوڪ لئو ، تِـــي سير سَـولـي سهٽي ۔

(۱۱)

سـُتي سڪنديءَ ڪـــي، ســاهڙ ڪيو ســـڏ
ڪَـٽـِي ڪـَکا ڪـانيون ميڙي پَـــڌ مَ مَــڏ
بـوٽـي ٻئي اکيون، گـوڏا گـــوڏي گـــڏ
تا هِـي هَـلاچا هـَڏ ، آرَ نہ ڏي ارواح کـــي ۔

(۱۲)

آپيون پچن پـــار ، سهسين .سـَـڏُن واريـُون

پڇن پـه پريتمو، اِيَ ڪَپيريءَ ڪار
جڙي هـَلن ڏانهن ڪنيار، آر آئاڏِي اَن ڪي (١)

(١٣)

آيِيون اورينءَ پـر، سهسين سـَـڏن واريـُون
ڏسي دم دريـاه جـو، ڪـِري پِـٺن ڪـَر
جن ڪي سِـڪَ سـَڏَر، سير سـَٽائي ان ڪي.

(١٤)

جي تو پوي نه ڪـَل، ڪـَچي پـَڪي ڪـَم جي
تان تون هـِن درياه ڏي، پـاڻ ڪٽي مَ هـَل
متان مـوت اجـل، آئـي هٺي آر ۾.

(١٥)

نڪو واهـڙ وچ ۾، نـَڪو واڳـون وات
نڪو پـاڻي پـٽ ۾، نـَڪا اونـده رات
طلب جـَني ڪي تـات، ساهڙ سي پـَسندِيـُون.

(١٦)

نڪو واهـڙ وچ ۾، نـَڪو واڳون ويـر (٢)
نـَڪو پاڻي پٽ ۾، نڪو گهارو گهير (٣)
سـِير تني ڪي سـِير، جي هلن ساهڙ سامهيـُون. (٤)

## وائي

ڏم ڏيـنـهـائــي، مــون ڏوراپــا ڏي
١. آئون هـِتي، هـُت سامهون ساهڙ چـام سـڏي
ڏم ڏينهائي
٢. پانهون ڏيئي پاجهه جون، چوهي ۾ نه چڙي
ڏم ڏينهائي

---

(١) اصل: "آرَ آنڙَ اِڏي اَنڪي" (٢) اصل: وير (ق جي زير سان) (٣) اصل: گارو گهير (گهه جي زير سان) (٤) اصل: "سـِير تني ڪي سـِير".

## داستانو چوٿون

(١)

اکيون ھئي ھُوت، رکي ميھر مَن ۾
الفت ساڻ آڻوت، ھَلج ساھڙ سامُھين.

(٢)

اکيون ھوني ھي، آپڻي ھَلج ھُوءِ
تان تو ھن درياه جي، مور نہ اچي ٻُوءِ
وڃي روبروءِ، پسين محب ميھار کي.

(٣)

دھشت ھن درياه جي ڏَکا ڏيکاري
آڏي ھٿي آر ۾ طَرازيون تاري
معذوريون ماري، لوڏي لھرن وچ ۾.

(٤)

دھشت ھن درياه جي، سگھي کونہ سَھي
آمَہ ماري کينکي لحظو لِکَ لھي
جِين^ ماٺي منجھہ مَھي، تين^ تو تواروں کري.

(٥)

سھڻي کي تان سِڪَ جو اندر ۾ درياه
نَکا کندي کَرَ جِي، نکو کري لاه
تنھن جي اڳيان آه، ھي تان واھڙ وِکڙي.

(٦)

سھڻي ٻڌي کينکي، ٻڏي ھئائي
پاڻي پاڻي ۾ گڏيو، [ٿيا] تاکا تِوائي
آڏي آوائي، وائي وِرکن وات ۾.

(٧)

رکي سھڻي سِڪ جو اندر آب عميق
ھي تان واھڙ وِکڙي، اصل ساڻ رفيق

شفقتناڪ شفيق، سائر منّتي سِڪ جو (١)

(٨)

سائرَ سڏڪين شال، جن^ تو پيڙا پوڙئا
منهنجا محب ميهار سين پڪا قول ڪمال
پهير نہ پُسي منهنجو تو ۾ ڪو هِن حال
چڙهي جتي جالَ، وڃان هلي وچ مان.

(٩)

تَران تري نہ سگهان تڪي تَئس بس
وِڻا وسيلا وچ ۾ گوندر لايا گس
سائرَ چاڙهيس سير تي، لهرن لائي لَس
اچي ساهڙ رس، مران تي مهراڻ ۾.

(١٠)

تَران تري نہ سگهان، ٻانهن ڇڏئو ٻر
نہ ڪو ساريان پاڻ سان وسيلو واهر
ساهڙ ڄام سڌر، سائي ٿيندم سير ۾.

(١١)

آئي ٿي آياس، جتي لهريون لَس جون
ڇولِن ڇِنا عضوا، ٻيوس ٿي ٻياس
آئي ڪاري ڪُن ۾ ڪَرمن ڪيراياس
سا نہ پُني مون آس، جا منهنجي مُحب ميهار ۾.

(١٢)

آئي آيَس، هاڻ، جتي ليئون لس وَهي
مون کي محب ميهار جي تن ۾ تاڻو تاڻ
مُعلم تي مهراڻ، تہ پُران پَريين پار ڏي.

(١٣)

جتي لهريون ليٽ، تتي تاري تنهنجي
تن طُفيلي ڇڏيو ڇڪُڙ جي ڇَپيٽ

---

(١) اصل: شفقتنناڪ

پيلا پوڙي پيٽ، دهشت هِن درياه جي.

(١٤)

آئي هنيائين، سون کي کاري کُن ۾
لوڙهي لهرن وچ ۾ قابو کيائين
نپٽ نِڀائين، وجهي وَراکن ۾.

(١٥)

پائيندڙ ۾ پاڻ، اچي پٽَس اوچتي
تران تري نه سگهان، نَکا سيڌه ساڻ
تن ۾ تاڻو تاڻ، پيم پٽرين پار جي.

(١٦)

پيلا پيلائيون، آئي هٽي آر ۾
وجهي وَراکن ۾ مُهاڻا ماتيون
اَلتايو لاتيون، کَري کارونيار ۾.

(١٧)

آئي هٽي آر ۾، پيلائيون پيلا
مون کي آندو سير تي سائر تَنهه ويلا
رُوح ڏنا ريلا، منهنجا محب ميهار ڏي.

## وائي

تن ۾ تانگهه تنوار، منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

١. راتو ڏينهان روح ۾ روئڻ زارو زار
منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

٢. مون کي محب ميهار جي لڳي لئه جي لغار
منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

٣. چڙن چوريو جندڙو، جي پرُن تا پرار
منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

٤. غلام محمد مُند کي، ملندو مُحب ميهار
منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

## داستانُ پنجون

(١)

چـــڙن چـانگاري، چـوريو منهنجو جندڙو
مون کي مُحب ميهار جـــو مونجهارو ماري
انـــدر جـــي آريءِ، آٿـــي وڏو آر ۾.

(٢)

ڪا جا ٿي چانگار، پيلي پاس چـِڙن جـــي
پـَــدا پنهنجي مـــال ۾ منهنجي محـــب ميهار
سـُتي ٿيم سار، سمهان سڪـــــ نـــہ جندڙو.

(٣)

پيلي پـــاس ٻـُري، مون ڪـــــي چڙن چوريو
نئين نانڪ نينهن جي، هينئڙي منجهہ هـُري
ڪري ڪاپ ڪـُري، اندر منهنجي جندڙي.

(٤)

هـُن پـــــر محب ميهار جـــا دُکن ٿا دونهان
ٿيندم ســـي سونهان، هـــن سـَترائـِـي سـِـير ۾.

(٥)

واڳون وجهہ مَ وات، جيسين پسان پرينءَ کي
مـــون کـــي عشق اُٿاريو سـُتي آڌي رات
رَفيِعُ الدّرجـَات، ميلو ڪج محبوب سين.

(٦)

ســـانپاران ســـانيءَ، ٻـُرن بيلائـــن جـــا
ڀـُڏي پيس مـــامري، ڪـــٽـــي ســـور سمر
پـِيـَمر پـُورا پـَر، پـِريان سندي پـــارَ جـــا.

(٧)

ويندي‌س تري تار، هـُن پر محب مهار ڏي
چڙن جـــي چانگار جـــي لؤن لؤن لڳي لار
ويو قلب قرار، ساعـِت سڪـــــ نـــہ جندڙو.

(٨)

سُکَ نہ ساهڙ چام ري ساعت پايان سال
آندر آريءَ قرب جي وڏو جيءَ جنجال
روئي وڃايم حال، ساڻُر سنڌو نہ لهان.

(٩)

ڪيم وڃهو مون جهَلَ، آئين جي جهَلَڻ واريون
پيرَ پَريين پار جي گهَرَ ۾ گهوڙن گهَلَ
وائي هلو هل، ٻَري پيلائِن جي.

(١٠)

ٻُڌي ٻُڌڻ واريين وائي پيلائي
تَني سُکَ نَہ جندڙو وَتن تَوائي
ٻوڙن ٻِڏائي، ٻُڌي ڪُوڙي ڪُن ۾.

(١١)

ڪُوڙا ڪوري ڪَڍ، سچا سي ٿي ڏارَ
جَنہ سان ٻُڌين پارَ جي لاڪيڻي تون لارَ
سيو وڃي وسري ظاهر جو سينگار
ڪرين ڪونہ قرار، ڪاهي پَوين ڪُن ۾.

(١٢)

ڪاهي پونديون ڪُن ۾ ميهر جني مَن
سي نہ سمهن سُک ٿي گهر ۾ ساڻ وَرن
مون کان اڳ گهڙن، گهڙا ڪٺي هَمت ڪري.

(١٣)

ميهر ماکي کان مِٺو، تَکو شکر شِير
جني چکي چاشني تني کي آڪسير
سڪي وڃي سير، ساهڙ سندي سِڪ ۾.

(١٤)

سِڪ تہ ساهڙ چام جي لِک نہ لهي مُور
سَمنڊر سُرڪي سڪ جي، سير سراڙو سور(١)

---

(١) اصل: سرارو سور

وڄي سڀ ضرور، وَصل سانڻ وصال جي.

(١٥)

جنهن پيتي سِڪ جي سُرڪي طَهُورا
تني ڪي پيرن (۾) نِهاڙي نُورا
وِئن وجودان نڪري ظاهر ضرورا
ساهڙ سمورا، قصا تني سان ڪري.

(١٦)

سهڻي سِڪ ساهڙ جي پيتي ڏيئي تِڪ
هلي ڏم درياه ڏي گهڙو ڪُٺي هِڪ
ڪَچي ڪِمَس،چِڪ، ڪپڙا پاڪ پريت جا (١)

(١٧)

سهڻي ڪي سِڪ ساهڙ جي، پيتي لهي نَہ تاس
مُسْتَسقِي درياه ۾ پوري ڪري نہ آس
پَرَ ۾ پرت پياس، ظاهر ذوق زَمان جو.

## وائي

ساهڙ سار لهيج، ٻُڏيءَ جي ٻار ۾

١. ويچاري ڪي وير ۾ اچي رئيس رسيج
هِن ٻڏي جي ٻار ۾

٢. ڪڏي ڪارونڀار مان ڪنڌيءَ لڳ ڪريج
هِن ٻڏي جي ٻار ۾

٣. چوهي جي هِن چيھ ۾ چنا ڪيم چڏيج
هِن ٻڏي جي ٻار ۾

٤. رسج سونهان سير ۾ سچو سيد سَچيج
هِن ٻڏي جي ٻار ۾

٥. غلام محمد حب ۾ پئي پول پچيج
هِن ٻڏي جي ٻار ۾

---

(١) اصل: ائين

## داستان چهون

(١)

سمن ساهڙ چام سان، ڪو جو ٻڌائين (١)
'قالوا' ڪهي لوح ۾ لائون لڌائين
وارث وتائين، ورڻي رنيهي روح جو (٢).

(٢)

ساهڙ سي نه، پڇنديون جني رنيا روح
سيئي سنجهه صبوح، ٻرنيون وتن پر سين.

(٣)

محبتي ميهار سان، منهنجو لڳو آر
سٽي ويٺي نه ڪري راحت روح قرار
ويندس تري تار، ٻڌيس تان ٻن جندڙو.

(٤)

پورا ڪنديس قول، جي منهنجا محب ميهار سين
ٻڌي موٽان ڪينڪي هيبتناڪي هول
چاٺان ڪن چوڏول، ساهڙ سندي سڪ ۾.

(٥)

صورت ساهڙ چام جي جبي ڏسو چتائي
ٿئو سڀ ديوانيون وهمون وڃائي
اڳي مون آئي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٺي.

(٦)

صورت ساهڙ چام جي ڏسو جي جوڙي
ٿيو سڀ ديوانيون وار چڏيو چوڙي
مٿلهاٿا موڙي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٺي.

---

(١) اصل: ثمن
(٢) وتائين= ورتائين
(٣) اصل: 'وارث وڌائين" (واو جي زبر سان)

(٧)

صورت ساهڙ چام جي، جـــي صحي سڃاڻو
نَـڪا پـــچـــو ســهـــڻي نَـــڪو ٻئو پـــاڙو
مـٿي اگهـــاڙو ، گهڙو ســـپ گهـــڙا ڪٿي •

(٨)

ڪـَچـُيون پچن ڪـُر ڪي، پَـڪيون پچن پـَاڻ
صورت ساهڙ چام جـــي رڪـــن سيني ســـاڻ
تني جـــا پرياڻ، ڪونه پروڙي ڪـــو ٻئو •

(٩)

لـُڙن لـُڙن منجهه لغار، لڳي جن ڪي لار جي
سي ڪيئن اچن آڃ ڪري پَـرڪي پنهنجو پار
تَـن ڪي پاڻي نه ڪـَري، توڙي تانگهو تـــار
نَـڪا ڪـَن نهار، ڪاهي پـــون ڪـُـن ۾ •

(١٠)

جـَن کي سڪ ساهڙ جي، تـَن ڪان ڪـُنَ ڪـَنبن
طَـلبا ڪـَـــن تـُنـُبـَنَ، متان ٻـُڏن ٻـــار ۾ •

(١١)

جـَن ڪي سِـڪ ساهڙ جي تن ڪان ڪـَنبن ڪـُنَ
ڏســـي لهر حق جـِي، لهي هيـــٺ وڃـــن
پـــاڻ پَـراهون ڪن، متان ٻڏن ٻـــار ۾ •

(١٢)

سهڻي رکي سِـڪَ، گهڙي گهڙو هٿ ڪري
وِيـَس وُجودان ذِڪري سـَـيو هـــور هِـڙڪَ
طـَهورا جي ڊِڪَ، پيئائين ڊِڪون ڪري •

(١٣)

گهڙو ڪـٿي هٿ ڪري ، گهڙي منجهه درياهَ
هلي مـُحب ميهار ڏي ســـوڍي ســـاه پساهَ
ساهڙ جـــي ساڃاه ، ترهـــو ٽئس تـــار ۾ •

(١٤)

گهڙو ڪڻي هٿ ڪري، گهڙي پاڻي پاس
آيس ڪونہ وجود ۾ لحظو لهرن لاس
رکي پرت پياس، پهتي محب ميهار ڪي.

## وائي

تو ريءَ محب ميهار، ڪو وسيلو نہ ساريان
١. ڪاري رات ڪچو گهڙو، پيلو پُڄهي پار
ڪو وسيلو نہ ساريان
٢. ڇولن ڇڙني آهيان، آرو آندو آر
ڪو وسيلو نہ ساريان
٣. اچي پيئس آر ۾، نَڪا ڪڙُڇ ڪنار
ڪو وسيلو نہ ساريان
٤. ڏيئي ٻانهون ٻاجهہ جون، ڪنديءَ لڳ آڪار
ڪو وسيلو نہ ساريان
٥. غلام محمد چئي مُنڌ سين، پيڙو تيج پتار
ڪو وسيلو نہ ساريان.

---

## داستانو ستون

(١)

ميهر پاڻي مَن ۾ چڏ دلي جو دَليل
"آينماتو لوافتم" و جہ الله" اها سِڪ سبيل
تيلاهون خليل، مويا مهراڻي ڏٺو.

(٢)

"اِصبِر" ساهڙ سير ۾، سهڻي سَڌ سَلال

آڻي وڏو آر ۾، خامي خدش خيال
”وَمَن يَعمَل مِثقَال ذَرَّةٍ شَرًّا يَرَهُ“
ميهر جي مقال
وَصل جو وِصال، ويو ويچاري وچ ۾.

(٣)

دَست دَرازيءَ نہ رسي، رسي دل دَراز
”لا يُحصّل عُبورہ اِلاّ بِسفينہ“ پڌائين آواز
ڏچي جهي ڪوار، پڻ وِچايو پار جو.

(٤)

ٻانهن وَرائي، ڪن ڪپڙ، اِي پڻ همت هوءِ
سينو ساهي سير ۾ چا حجت ڪندي جوءِ
ساهڙ سڌ سندوءِ، تُرهو ٿئي تار ۾.

(٥)

نڪو تُرهو تار ۾، نڪا ٻيڙي ٻارَ
نڪو عُمق عميق جو، نڪا ڪُرچ ڪنار
مونکي ڏاوَ ڏتاريو، ڪچي ڪم ڪنيار
ساهڙ جي سنيار، اوڪر ٿيندم آرَ جو.

(٦)

دوست دلاسو ڏي، هِن ٻڏيءَ ڪي ٻار ۾
ڪيڏي ڪارونيار مان، نيي ساهڙ چام سڏي
گوڏي ساڻ گڏي، رکج متي هٿڙا.

(٧)

هيءَ جو وچان واه، تو وايون وِنگوٽيون ڪري
روڪي رقيبن جِين منهنجو ساه پساه
ٽيتان لڳ اللہ، آڪاريم، تہ آڪران.

(٨)

هٿ ساهڙ، هِت سُهڻي، وچان وَهي وير
تهو نِوائي ۾ تو نعرا هڻي نير

(٧)

چاپَنديِ پٺو، هيءَ جــو فَلَڪُ فيراق جــو
وِرهُ واري وِتــرو وِلــهــوڙي وڏــو
سورن ســـاڻ سِهو، اچــي ڏِيرِ اوچتو .

(٨)

حُسنُ چامَ پنهونءَ جــو، جَني ڏٺو جيئن
آئــي تَنـِي تيئَن، واڌائي وصالَ جــي .

(٩)

حسنُ چــامَ پنهونءَ جــو نِسورو ئي نُور
"لَمۡ يُخلَقۡ مِثلِهافِي البِلاَدِ" اهو ئي مَذڪُور
مولي ڪِيو مَعمُور، آڳَ آزَلَ ۾ اَنِ جو.

(١٠)

وِهان تان وِهُ ٿيو، سمهان اچي نہ سُڪ
جِيجان هن جبلَ جـا ڏولِي چاڻان ڏُڪ
لَڪَن سنڌِي لُڪ، هِيران هَرِي پائيان .

(١١)

ڏونگر ڏورينديِاس، جانبَ ڪارڻِ جيڏيُون
وِنگي واٽَ وِنڌُرَ جي، وَر ڏي ووڙينديِاسِ
جانڪِيتان جِيندِياس، ٿينديــس گهوري
گهوٽ جي .

(١٢)

ڏونگر مون کي ڏَس، سَوَلِي واٽَ وِنڌُرَ جي
وَٽان تو کي لَنگهيا ڪَري گَهڻُرا گَس
جانب جي جمال ري روح نـــ اچــي رَس
سچن سنڌي ساٿ جـــو پِٽان مـانَ جَرَس
موڙهِ منهنجو مَس، بنا هوتَ پنهونءَ جــي .

(١٣)

ڏُونـــگر ڏُکويـــاس، آڏا ڏيــئي لَـــڪَ

(١٤)

ساهڙ ساڳـــن ريءَ سَري، ساڳا ساهـــڙ وت
جي گَهڙي ڪري گهٽ، تہ ڪُتَن ڪَتيي واريون.

(١٥)

ساهڙ سهڻو سچ ري، ســـچ نہ سونهين ساڻ
سَهاڙِي ۾ سوجهرو ڪاٺيارن جـــي ڪَـــاڻ
جَن وڃايو ڇـاڻ، پهرين ســـي پسَنديُون .

(١٦)

هُن پَر مُحب ميهار جا دُکن تـــا دونهان
تيم آٺـــائي آر ۾ سِـــير انـــدر ســـونهان
محبت جو مُونڌهان، پَدَهُ پروڙيو نـــہ ٿئي .

(١٧)

جَنه پَر پُران پار، سا پَر پوري نـــہ پوي
اڳيان سير سموندر جي، ڪَرڙو ڪـارونيار
ساهـــڙ چـــام ستار، آمـــن ســـاڻ آماڻيين .

(١٨)

تَڙ تِکـو تـــار وَهي موجـــن سين مهراڻ
نہ مون تُرهو تار جو، نـہ مـــون سيڻاهہ ساڻ
گِهڙان گهوريو جندڙو قريبن جـــی کـــاڻ
ميهر چـــام آماڻ، ڏيئي پانهون پاجهہ جون .

(١٩)

تـــڙ تکو تـــار وهـــي، پـــائي پاسي پٽـــل
لُهاڻُون لَهرن سين ڏئـــي متي آب اڇـــل
نڪو آنت عميق جو نہ ڪا ڪندَيءَ ڪَل
گهڙان گهوريو جندڙو، وائي وات نـہ وَل (١)
مشڪل ڪندم حَل، ساهڙ اچـــي سير ۾ .

---

(١) اصل: نَـوَ ل.

(٢٠)

تڙ تکو، تار وهي، نه ڪنڌيءَ ڪنارو
پالي ھنھي ڪنڌيين پاڻهي اوپارو
موتان تان ڪُرَ مِھٹو، چلڻ نه چارو
سائين ساندارو، سولو ڪندم سير جو.

# سُر سسئي: آبري

## داستانو ٻهريون

(۱)

هَئڻ منهنجو هوتَ ري جِندُو ۾ جهيڻو
وَرُ وَنئي مون وات ٿَئا ساجنُ سگهيڻو
هنيڙو تيو هيڻو، جاڙ جِمَان تِي جيڏيون.

(۲)

اندر آڏو آڏ، منهنجو هوت پروچَ ري
ٽينديس گهوري گهوٽ جي پَڌي آڏو پنڌ
وِرِهُ وِلهيءَ کي وَڌ، پينر هِنَ پنيور ۾.

(۳)

هيءَ جو ساهُ سَرير ۾، ساڙو تي آيومِ
وِهڻُ وِهُ تيومِ، سُمهان سک نه جنڊڙو.

(۴)

وِهڻ تان وِهُ ٿئومِ، سُمهڻ مان ساڙو
آهي آواڙو، پَري پنڌ پهاڙ جو.

(۵)

وِهڻ وِهُ ٿئومِ، سمهان سُک نه جنڊڙو
ڪِشالو تان ڪيچ جو اچي پيش پئومِ
وِجهي واجهه وِئومِ، پُنهون پاڻ پريت جو.

(٦)

جتَن جيڏوئي ڪيو، جيءَ جَڏي سين جورُ
وِهڻ مون وِهُ ٿيو، پانيان باهه پنيورُ
آرياڻي آتورُ، مون کي مولي ميڙيين.

سَولي ٿئي سير، وَرَ سين وَصل وارين •

(٩)

هَٿ ساهڙ، هٿ سهڻي، وچان وير وَهي
اوپارو عميق جو ڏکيءَ ڏيل ڏهي
فِجارُون فيراق جون ٿئو ساه سهي
جهي لمحو لِڪَ لهي، ته پَسان مُنهه ميهار جو •

(١٠)

منهنجون ساڻ ميهار، ڳجهون آهن ڳالهيون
سي نه آڇيان عام کي، چَپن پئي نه پچار
مستوراتيون مَن ۾، تَن ۾ تارو تار
ساهڙ چام ستار، سِيڏي سُڌ سَرير جِي •

(١١)

ساهڙ ساڻ صحي، ڳجهي اتم ڳالهڙي
وِڏائين وجود کي ڳُڻن سَاڻ ڳَهي
اوري رهان نه راتڙي پَريُون پارُ پَهي
واهڙ وِک وَهي، ڪندو ڪونه ڪنگال کي •

(١٢)

ساهڙ ساڳن ريءَ سَري، ساڳا ساهڙ ساڻ
وَسَن تَنه وَسال سين سندا ياڳن پاڻ
تَن ڪَنڌِن کهڙي ڪاڻ، جي چاهَڪَ
چيڪ چَرنديُون •

(١٣)

ساهڙ سين ساڳا، سکيا گهارن ڏينهڙا
مَحفُوظان معاف ٿيا، تَنه لَٿ متان لاڳا (١)
وَسَن مِحب مِهار سين مِهارن ماڳا
دُوئي جا داڳا، جَن لڌا سي دُور ٿيون • (٢)

---

(١) اصل: اٿين. شايد صحيح پڙهڻي ته: ”محصولان معاف ٿئا“
(٢) اصل: ”دوئي جا داگا“. هي پڙهڻي ”دوئي جاداڳا“ ٿي سگهي ٿي.

پيرين^ پڇي نہ سگهان، ٻانڌهن وجهان چڪ
فيراقن فلڪ، آئي وڏو اوچتو.

(١٤)

ڏونگر ڏوري نہ سگهان، پيرين پيادي
وات ولهاڳو پنڌ پري، وَرَ وڏا وادي (١)
ميڙيندو هادي، مون کي هوت پنهون سين.

(١٥)

آمڙ ڪيم آلاڻ، چرکو منهنجي آسري
اچي ڀيم اوچتي، تن ۾ تاڻو تاڻ
ٻاروچي جي ٻاڻ، منهنجو جيءُ جڏو ڪيو.

(١٦)

آرٽ آلاٿيو ڪنڍ، آمڙ آتڻ وچ مان
پڇي پها پوٽيون پيري پوڻ تي هنڍ (٢)
هاٿي هنجهون ڳڻ، جهي تي هاريان هوت ري.

(١٧)

چرکو چيهاڙيون ڪري، پوٽيون پاٿيءُ پاءِ
آمڙ اماڙي ڪٽي آتڻ آتش لاءِ
مون ڪي لعلڻ لاءِ، چلڻ ڀيو چپرين.

## وائي

جهليو تان نہ جهلجو وو ٻڙي جيڏيون،
مون کي پنهل پياري ڙي
١. آئون ويندس اوڏهين آلا، آوهين پاڙيچون مَ پلجو
وو ٻڙي جيڏيون

---

(١) "وات ولهاڳو" (اصل ائين).
(٢) پڇي پها پوٽيون (اصل ائين)

٠٢ آوهين وَرنَ واريون، مون سان ڪيمُ هلجو
وو ٻڙي جيڏيون

٠٣ عَيبَ تہ منهنجي ذاتَ جا سَڄَڻ مَ سلجو
وو ٻڙي جيڏيون

٠٤ غلام محمد مُنڌَ سان ، مَحبت منجهہ ملهجو
وو ٻڙي جيڏيون

---

## داستانو ٻئو

(١)

پريان سندي پارَ جي لُوَ لُوَ وَٽي واہ
ڪتوري خوشبوہ کان سُرهي پايان ساء
جِهُڙي اندر جاء ، جانبَ جهي جمالَ جي ۔

(٢)

پريان سندي پار جي هنيڙي وَڏي هيرَ
جـڏو جيڻهي جِندَڙو ، لهي ساہ سُڌيرَ
زُلفن جا زَنجير ، جڙا ڏيم جانَ جي ۔

(٣)

پريان سندي پارَ جو جهڪين ڏسان جتِ
سوڌي پايان ترِت ، ٻيئو سڄڻ سامهون ۔

(٤)

پريان سندي پارَ جو جيڪين ڏسان جو
وٽي سو وُجُودَ کي ، ڏکيي ڏيلَ اُهو
سڄڻ ساہَ سِهو ، سوڌِي پايان سامُهون ۔

(٥)

وٺـــي تـــو وجودَ ۾ پريـــان سندو پـــار
اچـــي راحت روحَ کـــي رهي قلب قرار
سوئـــي ســـپ چمار، نِـــتِ نِهارڻ آڏيو.

(٦)

ويـني نِـــتِ نهاريان، اديـــون اوڏاهِين
جانـــبَ جيـــڏاهين، تيڏاهين تـڪي هِـنيُون.

(٧)

هِنيڙي تاڻو تاڻ، آهـــي آنِهِين پـــارَ جِي
وڻـــي ڪانه وجـــود ۾ جانبَ رِيءَ رِهـــاڻ
سرتيون سُورَن ساڻ، ويـٺِي وِرهَ وِرُونهِيان.

(٨)

هِـنيُڙي ڪِي آهي، تانگهه پريان جي پار ڏي
دانهُون دردَ فـــراق جُون، آلاپيو لاهـــي
سِياڪا ساهي، ڪانه پـهُچندي پرينءَ کي(١)

(٩)

سڱـ سياڪو هوتَ سين، آهي ڳالهه ڳري(٢)
ڪـنُهِن جي هلي ڪانـڪا ظاهِر زور ذري
ڪوڙي خامَ ڪري، آهيان پنهنجي پرينءَ جي.

(١٠)

سگ سياڪو هوت پرينءَ سين آهي ڳري ڳالَ(٣)
چڏي پنهنجو حال، هلِجي هوت پنهونءَ ڏي.

(١١)

سڱـ سياڪو پرينءَ سين ڪنهن جو ڪونه هلي
پنهنجو پاڻ پلي، هلِجي هوت پنهونءَ ڏي.

---

(١) اصل: پرع کي
(٢) اصل: (هت توڙي هينين بيتن ۾). سنگ سياڪو. ڳال ڳري
(٣) اصل: (هت توڙي هيٺ). پرع سين.

(١٢)

سگ سياڪو پرينءَ سين مون ڪميٽي ڪيهو
چڏي ڏجي پانهنجو سياڪٽ سيهو
جيهو ۽ تيهو، هلجي هوت پنهونءَ ڏي.

(١٣)

وڏا وَراڪَنِ سين ڏونگر ڪي ڏاڪا
ساريان ڪانهَ سَرير ۾ سگهائي ساڪا (١)
واڪَنِ تي واڪا، ڪيان ٿِي ڪوهيار ڪي(٢)

(١٤)

وڏا وراڪن سين ڏاڪا ڏونگر ڪي
وچ ۾ ويچاريءَ ڪي روڪيو روهُ رَڪي
چيتاريو چڪي، تازا سُور سَرير ۾.

## وائي

جِھڙو ڏِيو تو جتن وو پڙي جيڏيون
مون کي ڏِيهه ڏِهوڙيو وو
١. اکڻ آسرَ وَندَ جي پرين مان آچن، وو پڙي جيڏيون
مون کي ڏِيهه ڏِهوڙيو وو
٢. هُونِ هَمِيشان مون وت، پَلُ پري نه هجن،
وو پڙي جيڏيون
مون کي ڏِيهه ڏِهوڙيو وو
٣. ڏينهاڙِي ڏسڻ جون آکيون عيدان ڪَنِ،
وو پڙي جيڏيون
مون کي ڏِيهه ڏِهوڙيو وو
٤. غلام محمد "مَنْ لَهُ ڪُلُّ لهُ" ڪيڏا ڪرم سندن
مون کي ڏِيهه ڏِهوڙيو وو

---

(١) اصل: سگائي
(٢) اصل: ڪويهار ڪي

## داستانو ٽيون

(١)

مون کي ويساهه ي، سڀتي رات آئي وِئا (١)
ڪَنڌَ ڪَڪورئا ڪَرها، ڪيڇي وئا ڪاهي
قيامت آهــــي ، هــائي هــن پنهور ۾ ۔

(٢)

سڀتي رات آئي وئــا مون کـــي ڏيئي ويساه
ڇائي هيڪ آلله ، ساعت سڪ نہ جنڊڙو ۔

(٣)

منهنجي مون پرين کـــي ذات سلتــي جتن
جيڪس پاڙي واريون دُکي ٿيون دشمن
مندو پائي من ، جيڏيون منهنجي جِنڊڙي ۔

(٤)

ڏکـــي ڏونــگر ڏور ، رُلــي روءِ مَ رت
سُجي چڏِ مَ ست، هَل تہ پسين هوت کي۔

(٥)

ڏور تہ ڏسين هوت کـــي، رُلــي رت مَ روءِ
متان ڪرين پاڻ کي ، جـڳ ۾ ويهي، جوءِ
پُنيءَ پنهونءَ پوءِ، سڪ وســاري سسئي ۔

(٦)

چپَرَ چيتُون تِڪِيُون ، چپُون پــيــر چِنن
وِينديس ڏانه پرِين، رائو ريلا رتُ ڪري ۔

(٧)

چـــپـــر چيتون تکيُون، چنن پــيــر چپُون
پِيجي پيرن سان پتَي ڪپِي کيت ڪپُون (٢)
ڪري قُوت پُون، وينديس پنهنجي پرينءَ ڏي۔

---

(١) اصل: وئيا (٢) پيجي (اصل: ائين)

(٨)

سُورن سارِي سسئي، نَڪي سارِي سُڄَ
نہ ڪنهن ماري مامِري، نَڪين مارِي رُڃَ (١)
ٻِجهي پار اُهُڄَ، ٻِريان سندي پار جا.

(٩)

جيڪُس منهنجيءِ ذاتَ جي پَمِي ڪوڏَهاري ڪَل
پانيڻ پيتي آهيان واجائي ويتَل
مسلمان عمَل، ڏيندُمِ ڏٿي ڪيچ جو.

(١٠)

ذات تہ منهنجي جيڏِيُون سور نہ موچاري
نَڪَا سونُهن حُسن جي رونقَ ۾ ڪاري
چامَ پُنهون آرِي، مون ڪي پانَ قبوليو.

(١١)

دُعا ڪجو ڪا جيڏِيُون مون ڪي مِلي حق
لَهن شُبَها شَڪ، مَٿيءَ مَتان لوڪَ جا.

(١٢)

آهيان گهوري حقَ جي، ناحقَ ٻَنِ ڏيان
مُقابل مانَ تيان، وجي هوت پنهون سين.

(١٣)

آهيان گهوري حق جي، ناحق ڏيان ٻَنِ
سيئي مُحِبَ مِلَنِ، جَن نيِہَ وِڌو نِيهَن جو.

(١٤)

حَق تہ منهنجو جيڏِيُون، آهي آرياڻي
جَهين لاءِ لَڪَن ۾ وَتان وِيڳاڻي
سوئي سَروڻِي، ميلِيندُمِ سَچو ڏٿي.

(١٥)

آهيان گهورِي حقَ جي، ناحقُ نَجاسَت

---

(١) اصل لفظ ميساريل آهي: اهو لفظ 'رڄ' تي سگهي ٿو.

ڙُکي ڪَچائيءَ کان صاحبُ ڏيئي سٽ
رَهجي آچي پٽ، منهنجي هوت پنهونءَ سين.

(١٦)

حق تہ منهنجو جيڏيُون آرياڻي آهي
رَسِهي آسُونڌُهن، ڪي ڪيچ ڏٺي ڪاهي
لڪَن تان لاهي، وَسُونءَ ڪَرِي ويسريون.

## وائي- 'چيڙ'

ويهُہ مَ ويسري، پَلئي هِن پنهورَ ۾

١. پَٽي تيجَ تون پندَ ۾، ڏيئي ساهُ سِري
پلئي هن پنهور ۾
٢. جدا جالڻ جندڙي، آهي ڳالھ ڳري
پلئي هن پنهور ۾
٣. سا ڪيئن سُمهي سُک تي، جنهن کي برہ پَري
پلئي هن پنهور ۾
٤. اڳَڻ آسَرِوَند جي اچن مانَ وري
پلئي هن پنهور ۾
٥. آڌيءَ رات آئي وِيا پُوري دوست ڏَري
پلئي هن پنهور ۾
٦. بنان هوت پُنهونءَ جي وِينديس ماڳ مَرِي
پلئي هن پنهور ۾
٧. اندر باه بره جا، پئا مَچ ٻَرِي
پلئي هن پنهور ۾
٨. غلام محمد دوست ري، سگهي تان نہ سَري
پلئي هن پنهور ۾

## داستانُ چوٿون

(١)

نيهَ نِهايتَ نہ ڪري، نَڪو چپر چيهَ،
چڏي پنڌَ پِريِتمُو وِٽي وارَ ۾ ويهَ،
ڏوري ڏونگر ڏيهَ، ڏِسُ ڪَڪوري ڪيچَ ڪي.

(٢)

نيهَ نهايتَ نہ ڪري، نڪو چيهَ چَپَر
چاڙهيڪَن چُڪاڏِيو، واٽَ وَراڪا وَرَ
پويون پيرُ ڪُپَر، پريان سندي پارَ ڏي.

(٣)

ڪامَ ڪري ڪا سَڌَ، ڪُوڙي ڪيچَ هلڻ جي
آڏا ڏونگر لَڪِيُون، واٽَ وَراڪا وَڌَ
اندر جَنِي آڌ، هاڙهي سي هَلنديُون.

(٤)

ڪا مَ ڪري ڪا رِيسَ ڪُوڙي ڪيچَ هَلڻ جي
اول عَاق عَقُل جي وِڃائي وَرجِيسَ
رکي دردَ فِراقَ جِي اندر ۾ تَدريُسَ (١)
تِهان پوءِ تَجِنيس، تيندي هوتِ پُنهونءَ سين.

(٥)

ڪاڪيون ڪيچَ هَلڻ جو جڏهن ٿيندو سڌ
وِهنديون سي نہ وِڙَنِ سين گوڏا ڏيئي گڏ (٢)
تَني سَندا هڏَ، هَلندا هوت پُنهونءَ ڏي.

(٦)

سڌ نہ هُيَم سِڪَ جي نَڪا پِرت پچار
پَاروچاڻي پار، منهنجو جِيءُ جڏو ڪِيو.

---

(١) اصل: رکي درد فراق جو
(٢) اصل: وَرَن سين

(٧)

سَڌ نه هيَتم سِڪَ جي، نڪو ناتو نِيه
نڪا ٻُوند ٻرهه جي نڪو محبتَ مِينه
عِشق شمائِل شينهن، آيو آريءَ- ڄَڻ جو.

(٨)

چڙهي ڏونگر تي ڪيان ڪويتهاري ڪي سَڌ
روهه رَهائي آهيان، لَڪَن لوڏيا هَڏ
تيءُ گولِي سين گَڏ، ڪاملَ ڏٺي ڪيچ جا.

(٩)

چڙهي ڏونگر تي ڪَيان ڪويتهاري ڪي ڪُوڪ
هُجي مانَ لَڪَن ۾ منهنجو مير مَلُوڪ
هنيڙي اندر هُوڪ، سِڪَ پِريان جهي سُونهَ جي.

(١٠)

قُربُ جَنهين کي ڪيچ جو، سا سُورُ
سَميئي سِڪَ (١)
پَڌي سورهَ سَندرو اُٿي هلِي هِڪَ
اِيَ پِريان جي پِڪَ، پَلِهِرِيءَ پاڳ مِڙهِي.

(١١)

هَنجُون هاري هَلُ، پَنُيءَ پير پنهونءَ جهي
سُڪ وِساري سسئي، جانب ڪارڻ جَلُ
اِيَ پَلاڏي جو پَلُ، ڪَنه پليريءَ پاڳ مِڙي.

(١٢)

هَنجون هاري روءِ، سڪ وساري سسئي
لاهي لِيَا لوڪَ جا پَنُيءَ پنهون پوءِ
اِيَ پَلاڏِي هوءِ، ڪنه پليريءَ پاڳ مِڙي.

---

(١) اصل: ائين

## واڳي

مـون تـي آهـي مـتـيـار،
آئون تان تيِنديس گهوريِ گهوٽ جي
١. آڌيءَ رات آٿـي وڻا ساٿـي تـي هـسوار
آئون تان تيِنديس گهوري گهوٽ جي
٢. ساريو توکي سُپرين، نيڻ وَهـن نِـت نـار
آئون تان تيِنديس گهوري گهوٽ جي
٣. ڏسان شال آکين سـان، ڪيچ ڏٺي ڪويـتهار
آئون تان تيِنديس گهوري گهوٽ جي
٤. غلام محمد کـي ڏِهو، دَرسـن جـو ديدار
آئون تان تيِنديس گهوري گهوٽ جي.

---

## داستانو پنجون

(١)

هـلو هـلڻ واريـُون، وِهـو ڪـيمَ وَرِي
اکيان سـُجهي سخت تـي ڏونگر ڏاهَ ڏَرِي
جِنهِ کي سِڪ سَرِي، سا مـَر چـِلـي چـِپـَرن (١)

(٢)

هلـو هلــڻ واريـُون، وَري ڪيمَ وِهــو
ڏوري هـَـــڏا هـَڏِيـُون ڏونگر مـَنجه ڏِهــو
جنه کي عشق اِهو، سا مر هلي هــوت ڏي.

(٣)

ڪوڙيون ڪيچَ هلڻ جـــو وينيون پچن پند
دل نـَـــم ڪٺن ديس تـــان هـِنيـُون مـَـتان هند

---

(١) اصل: 'مر^' ('ر' تي جزم)

تنهن سندا رَنــد، روهَ رَهائي چـــڏيا ٠

(٤)

ڪوڙيون ڪيچ هلڻ جو ويئيون پُڇن پـــار
ڪـــاڏي پيئي سنمريون نڪو ڏُڪـــ ڏُوار
نڪا محبتَ مـــن ۾ نـَڪا پــرتَ پچار
گهاري تـــن چمار، ٻُري هــن پنيور ۾ ٠

(٥)

ڪوڙيون ڪيچ هلڻ جـــو، وينيون هٿن وات
گهاريندي گهرن ۾ ويئي وِهـــامِي رات
پـِـــرهَ ڦٽي پرِيات، هارِيـون هٿن هـَتـَڙا ٠

(٦)

دَور جنهي کي دَرد جـــو، سبق سور پڙهن
فِڪر ڦرهـــي هـــٿ ۾ هنيي ســـاڻ هٿن
محبت مُور مٿن، لامـون لـَڪن لوڏِيُون ٠

(٧)

نئِي نِهار لـَڪـــن ۾ تـــازا پنهونءَ پـيـر
ڪاهي رسيا ڪيچ کـــي ڏوري ڏونگر ڏير
سسئي سرَها سير، وٺي پُورجِ پرينءَ کـــي ٠

(٨)

پاڌُهِين پــوءِ مَ سسئي، اڳاهين تـــي هـَل
سِڪڻ سُور سَريرَ جا ڪيمَ ڪَهين^ سان سَل
جوش جڳائي جـَل، تہ پـَهـُچين چام پنهونءَ کي٠

(٩)

آ ڳاهين هــلُ سسئي، پاهين^ مُور مَ پـــوءِ
جاڏِي هـــن جبـــل ۾ متان ڏِئين جـــوءِ
هوت تـَني جو هوءِ، جڏهن جـَنِ کي جاڙَ تي٠

(١٠)

پِـنـَنـُدِي هلُ پنهونءَ ڏي، سـَمر ڪڻ مَ ساڻ
تي گداگر دوست جـِي، ڇڏي پنهنجو پـــاڻ

ڏونگر منجهان ڏاڻ، ڏيندء ڏاها ڏَسَ جـــو •

(١١)

پنندي هل پنهونء ڏي، ٻَرَنَ منجهان ٻيڪ

سيني اندر سيڪ، پَچائيج پريت جــــي (١)•

(١٢)

پنندي هل پنهونء ڏي، ڏونگر منجهان ڏَسُ

ووڙج وَرَ وَڪار ۾ ڪٿي سُـــور ســـرسُ

گوندر سندو گسُ، پيرُ ڏيکاري پرينء جو •

## وائي

هَلندي پير پيادي وو آلا،

آءٌ ڪيئن پُڇندي پنڌ ۾ وو

١• آڏا ڏونـــگـــر لَڪيُـــون، ور وڏا وادِي

آءٌ ڪيئن پڇندي پنڌ ۾ وو

٢• ميڙيندو مُٺيء کي آلا، ڪيچ ڏٺــــي هادي

آءٌ ڪيئن پڇندي پنڌ ۾ وو

٣• گوندرُ مون گهرِ آئيو، سَرتين گهرِ شادي

آءٌ ڪيئن پڇندي پنڌ ۾ وو

٤• غلام محمد مَنَ ۾، ڏنـــي نيـهـَ مُنادي

آءٌ ڪيئن پڇندي پنڌ ۾ وو

---

## داستانو ڇهون

(١)

جَنڊ کي چيڪ چپر جـِي، سا مـَر پُڇي پار

(١) سيڪ ــ سيخ

هلڪي اولهه سامهين نانگي نيرا نار
سائڙي صبح وارَ، پسندڙي هوت پنهونءَ کي.

(٢)

جنه کي چڪ چپر جي، سا مر پار پچي
هلي اولهه سامهين ڪنه سان ڪين ڪچي
لڪن منجهه لچي، ته پسي پير پنهونءَ جو.

(٣)

جنه کي چڪ چپر جي، سا مر پڇي پند
هلي اولهه سامهين، ڪيڏهن ڪٽي نه ڪند
چام پنهونءَ جا هند، پسي پاڻ اکين سين.

(٤)

پڌڙي سندرو سڪ جو آتي ڏونگر ڏور
هل هنيين سان هوت ڏي منجهان هن پنيور
متان ٿيج لغور، ڪيچان اوري ڪاف ۾.

(٥)

پڌي سندرو سڪ جو، ڪڇ سور سمر
”فليضحڪوا قليلاً وليبڪوا ڪثيرا“
اِيُ پروڙج پر
ڏيان اوڏاهين ڏر، جيڏهن پنهون پند پيو.

(٦)

هوري تي هل هوت ڏي، پوري ڪڻ م بار
آڏا ڏونگر لڪيون هيبتناڪ هزار
متان ٿيين سنگسار، جاڙي هن جبل ۾.

(٧)

هوري تي هل هوت ڏي، پوري بار م ڪڻ
ڳراڙي هن ڳوٺ جي پيري پونءِ تي هڻ
محبت پائي مڻ، ته پسين پير پنهونءَ جو.

(٨)

پڌي سندرو سڪ جو، مٿي مور م ڇوڙ

ڪيچن ڪارڻ ڪافَ ۾ مـَرُ ڪامـِي ٿيءُ ڪوڙ
وَرُ پنهنجو وٽڪار ۾ ڏيئي وَراڪـــا ووڙ،
طالبُ ٿيءُ تان توڙ، پـَهـُچين چامَ پنهونءَ کي.

(٩)

ٻـَڌي سندرو سـِڪ جـــو، اٿي راڻو ريـــل
ويئن تان واري وَري، سـَتـَن سـور سـَويل
پنيوران^ تـــي آيڙئو سـُورن جـِـــي سـُهيل
ڪـُبيلي سان ٻيل، ٻـَڌُ ڪاملَ ڏٺي ڪيچ جاه

(١٠)

ٻڌي سندرو سڪ جـــو، اٿي هاڙهي هـــل
ٻـِريان سندي پار ڏي چال چڱي ڪا چـــل
ڏورج ڏونگر ڏاڪـــڙا، گـُونان گـُـو^نَ جـَبل
متان جـــوش آجـــل، آٿـــي توتي اوچتو.

(١١)

هـَلندِي هلجُ هوت ڏي، ويهـُ مَ وٺن هيٺ
توکي مـُٺي ميٺ، ڏنو ساهي سـُـــج جـــي.

(١٢)

هلندي هلج هوت ڏي، وٺ وٺ هيٺ مَ ويهه
چامَ پنهونءَ جو ڏيهـُ، ڏور نه ڏِسين سسئي.

## وائي

جبل جاڙُون جهي ڪيون، منهنجي جيءَ جـَڏي
روهُ رَمـَلَ رَجَ رنديو ووا (١)

٠١ ڪـــو دم ترسو ڪيچيا، وجـــو ڪيم چڏي
روه رمـــل رِجَ رنـــديو ووا

٠٢ نيو نمائي پـــاڻ سين، صاحبَ ســـاڻ سڏي
روه رمـــل رِجَ رنـــديو ووا

(١) اصل: رِنيج

٥٣ غلام محمد غم ۾، مِلو ويل وڏي
روه رمل رچ رنديو وو!

## داستانو ستون

(١)
لِيڙا ڪيمَ پٺلاڻ، بابُو بلوچن جا
چوڙي چڍ ائن کي ڏوڙا ڏيئي ڏاڻ
رهِي رات رهاڻ، ڪيان ڪوٺهارَل سين.
(٢)
ڪَشي ڪَمر قرب جي، پٿر پيرين پاء
اڃظي لڪ لنگهي هلي، ڏس جانب سندي جاء
متان تنهنجي لاء، مِرون پون مامري.
(٣)
رَنُون روه رهائيُون، زالون ٿئن زافُ
هلي ڪونه لکن ۾ ڪَنهن جو ڪُوڙ ڪَذافُ
جَنهن کي زير زرافُ، سا چپر چِڏي چڪ ۾ (١).
(٤)
رنون روه رهائيُون، زالون زاف ٿئن
پسي پنڌ پهاڙ جو پويان پير پئن
منجهان لوڪ لِئن، لُولهٽ ڪن للجِيُون.
(٥)
ڪافُ ڪشالو ڪيچ جو، پُجهڻ سخت صحي
ڏونگر ڏکوئن جبا ڪري ڏِيل ڏَهي
رائي منجهه رَهي، متان وِهو ويسريون.
(٦)
ڪافُ ڪشالو ڪيچ جو، پُجهي سخت سفر

(١) اصل: زراف (”ز“ جي پيش سان). چِڏي (”ڏ“ جي زير سان)

چڙڪي ٻڌو چيلهه سان، قابو قربُ ڪمر
ڪٿي سورَ سمر، رڙهي هلو روهَ ڏي.

(٧)

ڪاف ڪشالو ڪيچ جو، ٻُڌجهي سفر سخت
باري تن جا بخت، جي پهتيون چام پنهونءَ ڪي.

(٨)

ڪاف ڪشالو ڪيچ جو، سفر سخت ٻُڌجهي
جنهن ڪي سڪ سَرير ۾ سا روهن ۾ نه رجهي،
جنهن جو من مُنجهي، سا مر گهوري گهَر مَري.

(٩)

ڪاف ڪشالو ڪيچ جو، سفر باري بَس
"اَلسَّفَرُ قِطۡعَةٌ مِنَ النَّارِ" گوندر سندو گس
ڏورڻ منجهان ڏس، پيئُندءُ چام پنهونءَ جو.

(١٠)

سرتيون سورن سَنگ، ڏِسري ڪَيا نيه جا
نڪو آنُ عِنايَتِي، نڪو رونق رَنگ
تن تَسهي ۾ تنگ، رزق رازق هٿ ۾.

(١١)

ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، ڏور ڏيکاري ڏاه
مُنيون مولي آئيون سانئڊي پنهنجو ساه
جي پهڻ ڪيون پاه، سي ٿيون حوالي هوت جي.

(١٢)

سُورن سِرُ نه پير، نڪا صورت سڪ جي
واري ويتا وچ ۾ ويچاريءَ سين وير
صُبحُ سان سوير، صالحُ ٿيندو سُپرين.

## وائي

پنهل پاڻ سڃاڻ، آءُ نماڻي جي نجهري

٠١ چاپندي چڙ، پٺا، سور سڄي ڪي ساڻ
آءُ نماڻي جي نجهري وو
٠٢ ڦوڙائي فراق جا، ڏيرن ڏنڙم ڏاڻ
آءُ نماڻي جي نجهري وو
٠٣ ويني وات نهاريان، ڪيچ ڏٺي، جي ڪاڻ
آءُ نماڻي جي نجهري وو
٠٤ غلام محمد غم ۾ والي ڪر وراڻ
آءُ نماڻي جي نجهري وو

---

## داستانُ اٺون

(١)

هنيُون هنئين گڏيو، سينو سيني ساڻ
رَسي راحت روح کي پري پيئي پاڻ
لؤن لؤن منجهه لڳي ويو پاروچي جو پاڻ
محبت سندو ماڻ، ماپيندي دَم ڏيان.

(٢)

حال هنيين سان حَلُ ڪري، چير پاسي چِلُ
سڪ پريان جي پار جي ڪين وڪامي مُلُ
پوري چڏ پنيور جا هي هلاچا هلُ
روهَ رَتولا رُلُ، ته پسين پير پنهونءَ جو (١).

(٣)

حال هنيين سان حل ڪري، چير پاس چِليج
چڙان چام پنهون ڏي، رکي چاڻ چِليج (٢)
پول نه ڪنهن پُليج، پوري هن پنيور ۾.

---

(١) اصل: روهُ
(٢) اصل: چڙاً چام

(٤)

حال ھِنئيين سان حل ڪري، چِلُج پاس چير
ووڙج وَرَ وڻڪار ۾ ڏيئي وراڪا ور
سنڌِي پِرت پِرِ، پُرُ تہ پُورائي پوي.

(٥)

حال ھِنئيين سان حل ڪري، ھلج پاسي ھوت
سنڌو پِرت پوت، ڳنڍِ تہ اڳاھين ٿئين.

(٦)

سفرُ مُنڌَ سنيار، پِرين پَراھون ٿيو
رَھي ڪِج مَ ڪيچ ري ڪيرن ھيٺ قرار (١)
ڪري پير ڪپار، پُرُ تہ پَهچين پرينءَ ڪي.

(٧)

پُرُ تہ پھچين پرينءَ ڪي، تُرُ، مَ تاڻو ويھ
پائي سڪ سرير ۾ چِلي چير پيھ
ڏونگر سنڌو ڏيھ، ڏور تہ اوڏائي ٿئي.

(٨)

پُرُ تہ پھچين پرينءَ ڪي، تُرُ، مَ تاڻو ڪَر
پِنڌي سورن سنڌرو چِلي پوءِ چير
دوستن سنڌو در، ڏکن سان ديکيو ٿئي.

(٩)

ھلندي ھوت پنھونءَ ڏي، پوري ڪر مَ بس
گوندر سنڌو گس، وٺ تہ ويجھائي ٿئي.

---

(١) ”ڪيرِن ھيٺ قرار“ (اصل ائين، ڪ ۽ ر جي زير سان). ڪيرن ھيٺ = ڪيرن جي وڻن ھيٺ. پر ’قرار‘ واري اچار جي لحاظ سان، ’ڪيرن ھيٺ‘ بدران، ’ڪِرِين ھيٺ‘ (جھوپن ھيٺ، گھرن ۾) يا ’ڪِرِڙن ھيٺ‘ (ڪرڙ جي ھيٺان) پڙھڻيون وڌيڪ موزون ٿينديون.

(١٠)

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پوري بس مَ ڪر
هلي سورن سامُهون سپر سينو ڏر
تان تو وَرِي وَر، اوڏاهون اوڏو اچي.

(١١)

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پويان پير ۾ پاءِ
هل هنيين سان اوڏهين، جيڏهن جانب جاءِ
ته پرين تنهنجي لاءِ، اوڏاهون اوڏو اچي.

(١٢)

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پويان پير مَ ڏي
ته وڃي ويلُ وڏي، وصل کي ويجهي ٿئين.

(١٣)

لٽوني، لاڳاپن کي تو پاٿان پاتو پيچ
پند پراهون ڪيچ، اوري وَڳُر واريُون.

(١٤)

لٽوني، لاڳاپن کي تو واري وڏا ٻڪ
هلڻ اهڙي حال سين جوءِ هٿڙين ٿي جڪ
لوڪان ٿي آلڪ، ته اوڏاهين اوڏي ٿئين.

(١٥)

لٽوڙي، لاڳاپن کي لوڪان چني چڏ
هل هنيين سان سامُهين جيڏهن هلي لڏ
گوندر ڪٿي گڏ، ته وَصل کي ويجهي ٿئين.

## وائي- 'چيڙ'

آءٌ نا باب بلوچ، لوحَ لِکيي لَئہ لائي
آئي لکيي لئہ لائي
٠١ جدائي جي جيءَ ۾، لڳي لؤن لؤن لوچ
لوح لکيي لئہ لائي

٠٢ وڃي هوت پنهونءَ جو، وٺان ڪنجڪ ڪوچ
آئي لکيي لڻ لائي
٠٣ ساريان ڪانهه سرير جي، پيرين پهچ نه پوچ
لوح لکيي لڻ لائي
٠٤ غلام محمد غم ۾، ڏمو ويئي ڏموچ
آئي لکيي لڻ لائي

---

## داستانو ناڱون

(١)
هنل هنيين سان هوت ڏي، لاهي ليا لوڪ
محبت سندي موڪ، وهائيج وجود ۾.

(٢)
هل هنيين سان هوت ڏي، لاهي لاڱاپا
ڪاهي ڪجان ڪيچ ڏي ور وڏا واڪا
ڏونگر جا ڏاڪا، ڏور ته ڏسين سسئي.

(٣)
چڱني هلج هوت ڏي واڳان وڏو واجهه (١)
اِها هلڻ هاج، سِڪ ته ساٿيائي ٿيين.

(٤)
چڱني هلج هوت ڏي واجهان وڏي واڳ
”اَلدّنيا جِيفَةٌ وَطَالِبُهَا ڪِلابٌ“،
سندو مرڻ ماڳ
آڳهه وڙي آڳ، جهي حال هنيين سان حل ٿئي.

(٥)
ڏِيهه ڏيا پو سسئي، جهولي جهلي جوءِ

---

(١) اصل: واڱا وڏو

اِئين رويـــو چـــوءِ ، پِرين پَرِ ڏِي آهيان ۔

(٦)

نيـــه نياپـــو ســـــئي سيني سين لائـــي
جانـــب مٺان جنـــدڙو گهورُون گهمائـــي
پِريـــن^ تـــو آئـهي، ســاٽـــن، سٺـي آهيان ۔

(٧)

نيه نياپـــو سسٺي صـــحـــي سيني ســـاڻ
پاتائين پريت جـــو پيچ پنهونءَ سين پـــاڻ
ڪاملَ تَهِين ڪاڻ، ڪافان ڪـهي ڪوڏ ڪري۔

(٨)

نيه نياپـــو سسٺي سيني ســـاڻ صـــحـــي
پَڏائين وُجـــود سين ڪا جا قرب ڪَـهِي
تَهين ســـاڻ رهـــي ، روح رَتائين رت سين ۔

(٩)

ڪَـهُ تہ پهچين ڪيچ ڪي، اوري رات مَ رَهُ
سَترائهي سفر جـــون سَهمُون سيني سَـــهُ
پرت پچارون پَـهُ، پِريان سندي پـــارَ جون۔

(١٠)

ڪَـهُ تہ پهچين ڪيچ ڪي، اوري رَهُ مَ رات
وِهـــڻ والڙين تـــي ، اي تَوائـــن تـــات
ڪُو^رَ نہ پُجن پرينءَ ڪي ، مورک ٺئن مات
هلڻُ جَن حِيات ، هوتُ حِياتي تَن جـــو ۔

(١١)

ڪَـہ تہ پهچين ڪيچ ڪي، اوري ڪر مَ دير
چَپر مـــان چَلي وئـــا ڏيهَ ڏوراهين ڏير
سَتَن سَوان سهير ، پُـــرِي^ ڪين پـــروڙئا ۔

(١٢)

ڪَـہ تہ پهچين ڪيچ ڪي، اوري دير مَ ڪر

اڳيان سجهي سخت ٽو ڏونگر ڏانهه سفر
واٽ وراڪا وَرَ، ووڙ تہ ويجهائي ٿئي.

(١٣)

لُونِي لاهه لباس، چوري چڏ چڳ ڪي
اڄان تو مان ٿو اڇي قِردِنَ جو ڪتوَ اس
لالائي جِسي لاس، لاءِ تہ لڪ لنگهي وڃين.

(١٤)

لُوني لاهه لباس ڪي، چوري، چڳ چڏ
اڄان تنهنجو ٿو لڳي گوڏو قردنَ گڏ
سندو سونهن سنڌ، سِڪَ تہ سونهين سات سين.

(١٥)

لوني لاهه لباس ڪي، چوري چڏ چڳ
قِرداتِي ڪِردار جو ڏُران ڏيان مَ ڏر
ڪويَتهارِي ڏي ڪر، ڪٿ تہ ڪوٽي نہ ٿيين.

(١٦)

هاري هنجَ رتولَ، هتل هنيين سان هوت ڏي
توکي رجَ رهائيو ڏيئي هُلاچا هول
سِکجُ صدائُون ڪري سورن جو سِڪول (١)
ٻاروچي جو ٻول، ڪم نہ ٿيندو ڪڏهين.

(١٧)

ٻُوزَ بلائُون بَرَ جون، چيتا چهُڪارين
توکي واٽان ويسري، وَرَ ڏيئي وارين
هاڙهي هلٺاريُون رويو جبر هارين
ڏرّ جو ڏيان ڏرِيلِيُون ڏُران نہ ڏارين
جي سِسي نہ سارين، سي سگهيون پڇن ٻِرين ۾ ڪي

---

(١) اصل: سداءَ ڪري....اسڪول

## وائي

هيءَ سوز سيني سر آيو
جيڏيون منهنجو رانوَل رات نہ رانيو

٠١ هــي سر ڏيئي صدقو، ساجــن کــي سرچايو
جيڏيون منهنجو رانول رات نہ رانيو

٠٢ الله کـــارڻ اونيا، وَرَ ولهيءَ جـــو ورايو
جيڏيون منهنجو رانول رات نہ رانيو

٠٣ دانهون ڪريان درد مان، سوز سيني نہ سمايو
جيڏيون منهنجو رانول رات نہ رانيو

٠٤ جدائي جي جوش ۾ جيءَ جسو مـــون جلايو
جيڏيون منهنجو رانول رات نہ رانيو

٠٥ غلام محمد غــم ۾، محب مُٺيءَ کـــي ملايو
جيڏيون منهنجو رانول رات نہ رانيو

---

## داستادو ڏهون

(١)

ٻيلي ڪِـــجَ ٻـــروچ، پُڇج ٻـــوه پريتڙو
لالڻ لاءِ عليل تـــي لائي آلانؔ لـــوچ (١)
سندو ڪَنَجَڪَ ڪوچ، وٽ تہ ولهي نہ ٿئين.

(٢)

جي تو وٽان وار، وَرَ ولهاڻي نـــہ ڪري
وجهي هـــٿ ڪَنجَڪَ ۾ پيڙي جهـَل پيتار
تہ قَطاري ڪيچ ڏٿي توکي منجهہ قطار (٢)

---

(١) اصل: لعلن لاءِ اليل تي
(٢) اصل: ڪتاري....ڪتار

آسوندهن سنيار، لهي لال لڪن ۾ (١)

(٣)

[١]عقل عاقي[٦] ڪاف[٦] ٿئو، [١]عقل ڪُل[٦] قريب
جَنِ ڪي نيه[٧] نصيب، تَن ٿي چڏيا پاڄهه سين.

(٤)

[١]عقل عاقي[٦] ڪاف ٿئو، [١]عقل ڪُلي[٨] ڪيچ
جني ڪي آنَ پار جو پيو پر ۾ پيچ
آتي هوت نه هيچ، نڪا سُجهي سسئي.

(٥)

[١]عقل عاقي[٦] ڪاف ٿئو، [١]عقل ڪل[٦] ڪويهار
" لا تُفَرِّقَ[٦] بَيۡنِي[٨] وَ بَيۡنِيكَ "
وِٽي وِرَهَ[٦] وار
دلبر جو ديدار، اڃان اوراهون ٿئو.

(٦)

آبهم[٦] تيءُ نه آبهين، [١]عقل عاقي[٦] چڏ (٢)
اوڏا نيڻي آڏ، آجها آيومن سين.

(٧)

آبهم آيومن سين، پويان تي پٽن
صُمٌ بُكمٌ بات پي، سي ڪڏهن ڪانه سٽن
ڪتهيا ڪوت ڪٽن، بر تني ڪي باندُ ٿئو.

(٨)

ڏيرن ڏانه نه ڏوهه، هيءُ قلم ڪم ڪرائيو
جيڪي لکيو لوح، سو موٽي ڪنهن نه ميٽيو.

(٩)

ڏوهه[٦] نه ڏيرن ڏانه، هيءُ قلم ڪم ڪرائيو
ڪيَم آه الله ڪي درد منجهاران دانه

---

(١) اصل: لعل لڪن ۾

(٢) اصل: ايهم

ڀاروچي ڪي ٻانهه، منهنجي مِيڙاقان مِلِي.

(١٠)

سُونُهان سڳُرَ ساهُرين، آسونُهان هن جاهه
سَتِي سوز فراق جي مون ڪي ڏني ماهه
ڪاڏِيون هي ڪِياهه، پيو فلڪ فراق جو.

(١١)

سونهان سڳرَ ساهُرين، آسونهان تِي هِت
ويو ڪويهارو نڪري، چُڪي چوري چِت
جانبُ منهنجو جِت، هلن تتي حق ٿيو.

(١٢)

سونهان سڳرَ ساهُرين، اسونهان هن ماڳ
ڦوڙائي فراق جي لَڱَ لَڱَ لَڳِي آڳ
جدائيءَ جو داڳ، ڏنو هوت هتن سان.

## وائي

آءُ وري، تو رءَ مون نه سري،
منهنجا لال ڀاروچا هوت

١. اندر آڙه عشق جا، ٻارڻ پيڙا ٻري
منهنجا لال ڀاروچا هوت

٢. ڪنديس دانهه درد سان، ڏونگر پوندا ڏري
منهنجا لال ڀاروچا هوت

٣. ڳالهه ڀِريان جي ڳجهه جي، ڀاڙيچون نه پَري
منهنجا لال ڀاروچا هوت

٤. غلام محمد غم ۾ ڪولي دوست دري
منهنجا لال ڀاروچا هوت

## داستانو يارهون

(١)

مُحبُ مُحيِطي مامِري، آهِ جُزي منجهه جهان
ڏوريان ڏوريو نہ، تني جبل جو ميدان
نَمُ لاڦِيندِي ڪيترو مُني سين مِهراڻ
جي دوست ڏياري دان، ته اوڏاهين اوڏي ٿيان.

(٢)

محب مُحيِطي مامري، آهِ جُزي جوه ٿياس
چڏي پاهت پرين جو پَري تي پيياس
جي وري وَصُلُ واس، ته آهِ اهائي هو ٿيان.

(٣)

نِيهُ نمازي آئيو، منهنجي مَن ماتام
وُضو ساريم ويسرو، تپش تَن تمام
ڪيڏهن ڪِيان قيام، پرين پُرڪاري ٿئو.

(٤)

پَري تي پُرڪار، پرين پراهون مَ چؤ
"وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيد"،
دم نہ ٿئي ڌار
لَئُہ لَئُہ وتان وار، ورُ وِلهائِي نَہ ڪَري.

(٥)

وَرُ وِلهائي نہ ڪَري، پَلُ پراهون پِيءِ
سون ڪي وڌو مامِري آئي جُسي جيءِ
جي ساڻ نہ هجن هِيءِ، ته هِي مژوني هُو ٿئي.

(٦)

پَل پَراهون نہ ٿئي، پرين منجهه پَساهه
جيڏهن ڏسان لاهه، تيڏهن آڏا سپرين.

(٧)

ڪَڪرُ ڪُويَهارو ٿيو، آءُ ڪَلَر ڪاري روءِ
وَسُ واهُوندن جِين^، ڪَمُ نہ ڪَٽِي هُوءِ (١)
تان مون منجهان بوءِ، اچي ڪانہ ڪکن جي.

(٨)

ڪکر ڪويَهارو ٿئو، آءُ ڪَلَر ڪاري رنگ
وسهي واهُوندن جي پاروچي جو پَنگ
سندا سُورن سنگ، منہ ڏيئي مون موريا.

(٩)

ڪک ٿئين تان لَڪ لهين، ٿي وچولِي وَس (٢)
پيچ ڪِيمَ پريتڻو، نڪو ڏونگر ڏس
چِڏي گِيسي گَس، ويجهي ٿي وصال کي.

(١٠)

آچا سندن ڪپڙا، ڪيچي ڪَن نہ ڪهس
سيني سُونهَن سُونهاريُون، متي مُنہ مَهيس
لالائي لَبيس، اصل آريچن جو. (٣)

(١١)

اچا سندن ڪپڙا، ڪيچي ڪهس نہ ڪن
لالائي لِڱن جي، سهڻا سونَ وَرَن
کي وِرِسِي ويئيون ويسريون، صحيح سچاتا ڪَن
جيرا جاءِ نہ جَن، پنهون سي پسنديون.

(١٢)

اچا سندن ڪپڙا، ڪيس نہ ڪن ڪيچي
پَنَيا وارَ وَرَن سين، پيچ متي پيچي
هِنُيَڙِي جا هيچِي، هتان ڪالهہ ڪَهِي ويا.

---

(١) اصل: ڪَمُ^ نَڪَرِي^ هُوءِ
(٢) اصل: لکت موجب "ڪک ٿيي"
(٣) اصل: لعلائِي لَبِيس

(۱۳)

موٽ مران تي سپرين، مِرُون مارا مون
" آلانسانُ سِرِي وَ آنا سِرُه"،
صحي سچ تون
لُون لُون منجهان لُون، سڏِڪي ڪيان سڏڙا.

(۱۴)

موٽ مران تي سپرين، مِرون تا مارين
رَهِي رَمَهُ رِجَ ۾ سِيجاهُو سارين (۱)
وَلَر ڏي وارين، چانگان چِني چيڪڙي.

(۱۵)

چانگان چِني آهِيان، مِرُنِ مُنڌَ پيياسِ
مَوَاسِي تي آئيا گِرِي گُرگ گواس
هِن رتولي روه ۾ نَڪو ڪن قياس
چِڏائي نِمي چانگ ڏي پرين پنهنجي پاس
مانَ مُنيءَ جو ماس، ڪِين ڪتا هت ڪيچ جا.

## وائي- 'چيڙ'

ساڻي مون سڻاء، پانڌي مون پڏاء
ڪا پريان جي ڳالهڙي
۰۱ مون کي مون پرين جا گهٽَ ۾ گهاتا گهاء
ڪا پريان جي ڳالهڙي
۰۲ وچي ڪينِ وُجود مان، سندن سرهو ساء
ڪا پريان جي ڳالهڙي
۰۳ جانب ٻِنا جڳ ۾ جيئڻ نه مون جڳاء
ڪا پريان جي ڳالهڙي
۰۴ غلام محمد غم ۾، محب اچي ملنداء
ڪا پريان جي ڳالهڙي

---

(۱) اصل: "رَمَنُ رِنجَ ۾"

## داستانُ ٻارهون

(١)

ٻَنِ ٻِيائي ٻانهَه، جا ڏاڍي پاسِ لُڏِي هَلي
نالو جَني نانهه، نيهُ تَني جو نِجهرو .

(٢)

وک وڌنڌي ٻاءِ، هَل هِنئين سان هوت ڏي
تون اوراهُون ٿي رهين، پنهون پنهنجي جاءِ
لوڏِي تنهنجي لاءِ، ميرُون پيا ماميري.

(٣)

هل هنيين سان هوت ڏي، لاهي لِيا لَڏ
سي تو ساٿي نه ٿيا جي هٿا گوڏي گڏ
مُٺِي مورک مَڏ، وکون ٻاءِ وڌنڌيون .

(٤)

وِکون پاءِ وڌنديون، لَڪ لنگهندي هَل
هي جا سڪ سرير جي ڪِيمُ ڪنهين سان سَل
جانب ڪارڻ جَل، تہ وصل کي ويجهي ٿئين.

(٥)

روهن مٿي روه، ڏوريان ڏوري نہ سگهان
سو مون ميٺيو نہ ٿئي، جيڪي لکيو لوح
سُوره جي سَتوه، لِڱ مُنهنجا لوڏِيا.

(٦)

ڏونگر ڏَڏِي آهيَان، سائِرَ سُڌِ نہ ڏين
وجهي وَراڪن ۾ معذوريون مارين
پَل پَراهُون ٻيِنِ، تہ پَسڻ ٿئي پِرينءَ جو.

(٧)

ڏونگر ڏَڏي آهيان، سائرَ سارو ڏينهن
وَٺا مون معذور تي ڦوڙائي جا مينهن

عشق شمائل شينهن، منهن ڏيئي مون موٽيو (١)

(٧)

ڏونگر ڏڏي آهيان، سائر تا سارين
آڏا ڏيل ڏکيءَ کي وَرَ ڏيئي ولاڙين (٢)
لُوَن لُوَن لتاڙين، سُوري چاڙهي سِسِيُون.

(٩)

جُويا جوءِ ڪَريج، پنهونءَ ڪارڻ پب ۾ (٣)
سِسي ڏَڙان ڏار ڏَرِي، پوءِ پير پَريج
ڪيچان اوري ڪاف ۾ وري تان نه وَريج
سائِي سِڪ سَريج، جنهن سان پسين پرينءَ کي.

(١٠)

چڏ جُويائي جوءِ، تي جُويائي جڳ ۾
جيڏهن پَـه پَرُوڙئين تيڏهن هوت نه هوءِ
تيلاهُون تڪُون ڪري رندن متي روءِ
لالڻ سندي لوءِ، پاءِ وِڪون تان پَهُچئين.

(١١)

ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، ڪُهيلائي ڪَمُ
هيڪل جي هلنديون پَچي تن پَرَمُ
جني لڄ شرمُ، سونهان سي پڇنديون.

(١٢)

سُونهين سَوا سَجَ ۾ جَبل جايون جاڙ
چيتا چُهُڪن چِتَ ۾، مَمُون ماڳ مَواڙ
والون وَرَ آوازَ، آسُونهن سِرِ آئيا.

(١٣)

آسونهن جي آسري پوري پَڌَ مَ بار

---

(١) اصل صورتخطي ذرا ميٽيل: شايد ائين
(٢) اصل: ورڏي ولاڙين
(٣) اصل: جويا جوءِ

متان رهين رڃَ ۾ ڇپرڙي ڏيـن ڇتمار (١)
مــتــي تـــو ميار ، آهـــي آريچن جـيـــي ٠

(١٤)

آسُونهنَ جهي آسري پوري بـــارُ مَ ٻـتـڌ
سلڻ ســـــڪ سرير جـــي ســـا سَپائي سـتـڌ
انـــدر اڌو اڌ ، ڪري هلج هـــوت ڏي ٠

## وائي

ڇپر ڇـــڏ مَ ڇوري ، منهنجا لال پاروچـــا
منهنجا لال ڪويهارا

٠١ پينر هـــن پنيور ۾ ، هـــي برهمڻ پـــوري
منهنجا لال پاروچا....

٠٢ جانب ڪـــارڻ جيڏيون ، ٿينديس ڏونگر ڏوري
منهنجا لال پاروچا....

٠٣ اٿم هوت پنهونءَ جـــي ، هـِينتڙي اندر هوري
منهنجا لال پاروچا....

٠٤ غلام محمد هـــوت جي ، آهيان تريلڻ توري
منهنجا لال پاروچا....

---

## داستان تيرهون

(١)

پنهون پـــاڻ سڃاڻ ، عيبن پـتـــري آهـيـــان
مون تان ڪارُون نه ، ڪيون ڪويهارا تو ڪاڻ
هـيـتـس جـتـني ســـاڻ ، سيئي ڏيم سامُهان ٠

---

(١) اصل: رهي رڄ ۾

(۲)

ڪا مَ ڪا هئي ڪا سرتيُون مون سان تي ڀيري(۱)
اڳيان سخت سفر جي وائي وڏيري
وره جن ويري، هاڙهي سي هلنديون .

(۳)

هاڙهي جي هلڻ جو هوتن هل نه هو
ويو ڪويهارو نڪري ٿيس ڪڙيدي جو،
ٻانيڻ جو پروچ سين، سگهه نه سياڪو
وَر لئه وَراڪو، چڱي ڏينديس چڇرين .

(۴)

هاڙهي جي هلڻ جو، هوتن هو نه هل
ڪاهي ڪرها ڪيچ ويا ڪين ڇڏيائون ڪل
آهي مانڪ آمل، جي مون سرتيون [ورسهو](۲)

(۵)

هاڙهي هلڻهاريُون سرن سوڀريون
ويهي آويريون، پري سي نه پڄنديون .

(۶)

هاڙهي سي هلنديون جيرا جاء نه جن
اندر آلا آن جا، پرزا ڪيا ڀرين
سي مترَ سعيو ڪن، سرَهي هين سفر جو.

(۷)

هاڙهي سي هلنديون جاء نه جن جيرا
ووڙينديون وڪار ۾ پرينءَ لئه پيرا
دوستن جا ديرا، پهرين سي پسنديون .

---

(۱) اصل: پيڙي

(۲) اصل ۾ هت لفظ ڪٽل آهي

(٨)

هل تہ هاڙهو مٿيِين، پوري چڏ پنهور (١)
ٻڌي سندرو سک جو آتي ڏونگر ڏور
هي هُ لاچا هور، آڏا آريچن کي.

(٩)

هل تہ هاڙهو مٿين، پوري تي ٻيرُون٨
اوري آري چام ري ڪٿِ پيون ڪيرون
هِنيَڙِي جون هيرون، پاسي ڪن پريتڻو.

(١٠)

هل تہ هاڙهو مٿين، جتي پاڻ پنهون
مِرُتئي جيءُ جهُنُون٨، ڀِڻُ ڀِڻُ ڪنڍِي پند ۾ (٢)

(١١)

هل تہ هاڙهو مٿين، جتي پنهون پاڻ
چِلي پوءُ چپر ۾ ڪوٽهاڙِي جي ڪاڻ
سونهون ڪٿج ساڻ، تہ آسُونڌهِين٨ مات مِڙين.

(١٢)

ڏنو چو نہ سسئي تو سانباهو سيڻن
هوند ڪيئي دانهہ درد مان ڪل پيئي ڪيڻن
وِدا (ع) جي ويڻن، وَر ڪي وِلٽهاگو ڪِيو (٣)

(١٣)

ڪر سانباهو سسئي، سيڻ ويا ساجهُر
جنهين لاءِ لِيئا ڪَرين سا دولابي ڏُر
پِريان پاسي پُر، تہ پٽهُچين ڪنڌِيءَ ڪيچ جي.

(١٤)

ڪر سانباهو سسئي، ساجهُر سيڻ ويا

---

(١) اصل: 'هاڙهو مٿيي'
(٢) اصل: پيءَ پيءَ
(٣) اصل: اٿين

لاهي هليا لوڪ مان لاڳاپن ليا
وڃي تت پيا، جت پهچ پيرزئان نہ ٿئي.

## وائي- ”ڇيڙو“

[مونکي] من ۾ آهي، ڪا پريان جي ڳالهڙي
مون پريان جي ڳالهڙي
١. سانديان سا سرير ۾، سيني سانباهي
مون پريان جي ڳالهڙي
٢. پڇان مان پرين کي، ڪاڪيون آت ڪاهي
مون پريان جي ڳالهڙي
٣. پسان پير پنهون جو، لڪ مٿان لاهي
مون پريان جي ڳالهڙي
٤. غلام محمد غم جو، ڏس ڏنو ڏاهي
مون پريان جي ڳالهڙي

---

## داستان چوڏهون

(١)
ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو، سورائتين سَدَ
سُورن سِوا سرتيون ٻئن کهڙي ٻَدَ
جٺن سا ڏهي ڏُڏَ، تئن اندر مون وِلاڙيو.

(٢)
ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو، ڏُکوين ڏورين
تسبيحون تسليم جون چپ اندر چورين
هِنيڙي منجھ اورين، ڳُجھه پريان جي ڳالهڙي.

(٣)

ڏونگر ڏکوئن تان، وڃو ڏور هٿي
ٿيو پوءِ پٽي، تہ پسان پير پنهونءَ جو.

(٤)

ڏونگر ڏکوئن کان هٿي ڏور ٿيو
منهنجو پيچ پنهونءَ سين ميثاقان پيو
لوءِ لوءِ منجهہ ليو، پاڻ آيو پرينءَ لئي.

(٥)

ڏونگر ڏکوئي کان هٿي ٿيو ڏور
ڏسان وڻ وڻکار جا، جتي هوت حضور
درماندي کان دور، در تہ تئي دوست جو.

(٦)

پيا چاڪ چڪي، مون کي مون پرين جا
تمي لايم نيهڙو سڄڻ ساڻ سڪي
هٿي کا ڳالهہ لکي، قوڙائي فراق جي.

(٧)

چڪي چاڪ پيا، مون کي مون پرين جا
هيءُ جو فلڪ فيراق جو ڪاڪيون پئو ڪئا
ٿيم سور سيتا، ساريندي سريرم.

(٨)

چڪي چاڪ پيام، مون کي مون پرين جا
وڏي وره ورون ٿيا اديون منجهہ اندام
طبيبن تمام، سڌ نہ لڌي سور جي.

(٩)

چڪي پيا چاڪ، مون کي مون پرين جا
آئي سورن سڪ جي اندر ڪئي اوطاق
وهي تي وجود ۾ هي هي سندي هاڪ
ڇنا سڪ سياڪ، آيل علاجن جا.

(١٠)

ڪاڪيون ڪو ڪَيچا، آيم ساٿي سات جــو
سُڪياڻــي سَــريــر ۾ ٿيس تـَـنـه ويـــرا
”فَاذ^ڪُرُونِي^ آذ^ڪُرُ ڪُم“^^، نت نت نياپا
سندو صحبت ساءِ، ڪـــن آســارَن وِسراي

(١١)

ڪاڪيون ڪيچا ڪو، آيم ساٿي سات جـــو
لاٿــائين لُطفَ سين لُوُن لُوُن اولاڪـــو
سو ڏي سِياڪو، سو ڏي ســاه سـرير جـــو.

## وائي

لــڱــن لالائــي آلا لاڻينـُد ياس لـَڪـــن ۾

١. ٻـولي ٻارو ڇن جـــي وات اٿـــم وائــي الا
لاڻينداياس لڪن ۾
٢. ڏيندم هوت پنهونءَ جـــي وڻ وڻ واڏائي آلا
لاڻينداياس لڪن ۾
٣. ڪاهي ويندِيس ڪيچ ڏي، جيءُ وٺي جائي آلا
لاڻينداياس لڪن ۾
٤. ٿيندِيس در دوستن جـــي ڏوبيائي دائـي آلا
لاڻينداياس لڪن ۾
٥. غلام محمد غم ۾ جيڪس آئـــون ڇائـي آلا
لاڻينداياس لڪن ۾

---

## داستان پنڌرهون

(١)

ٻنهپوران ٻهرُون، وِ يـــو ڪويـَهارو نڪري

اوري آري چــام ري ڪُنڌ پيهون ڪيرُون^
دوست ٻنا ڏيرون، تـو نـه مناسب سمئي.

( ۲ )

پيئر پنهوران، مـون تـازا سـور پـرائيا
ڪَرها ڪاهي ڪيچ ويـا زابر ٿـي زوران
ساه سِـسي گهوران، ڪري هلنديس هوت ڏي.

( ۳ )

تيو سـانباهـو سڄڻين، آءُ سُتيس، سَـوير ي
وهــڻ ويـلو وڃ ۾ وَرَ ٻــنـا ويـري
صحبت سپيريـن جـي پيئر تـي پيـري
دم دم ڏليري، ڏيندم ڏٺـي ڪيچ جـو.

( ۴ )

الله ڪــارڻ اونيــا، وڃــو ڪيُمَ پَر ي
ڏسـي ڏونگر ڏاڪــڙا ڏڪيءَ ڏيـلُ ڏَري
ساعت ٽان نه سَري، پنڌ پيرنِئان نـه نبري.

( ۵ )

پـنـڌ پيرنئان نـه نبري، پـاسي پَرِ پيئـي
ڏڪـيءَ ڏينه وڃـائـيـا، ڏونگر ۾ ڏيئـي
لـڳـي لُوٽَ لِباس جي لُوءَ لُوءَ ۾ لهيئي
پَـري جـا پيئي، سـا سميئيو سپرينـن.

( ٦ )

پنڌ پيرنئان نـه نبري، پاسـي پَـر پياس
اندر اُڻنهو هــوت جـي لُوءَ لُوءَ لڳي لاس
ڪنه پَر پچان پرين ڪي، وَسان ٿـي وپياس
روحُ نـه رهـي راس، پيئر هــن پنهور ۾.

( ۷ )

الله ڪـارڻ اونيا، پَـري ڪيُمَ وڃـو
مٺـي مـون معـذور جـي منٿ ميڙ مڃو

ڪو دم دوست ڏِجو، ته سَويرِي ساتِ مڙان.

( ٨ )

الله ڪارڻ اونيا، ڪَرَها مَ ڪاهيو
آسُونڌِهِين^ ڪي سچ ۾ آسانگو آهيو
پاند نه مون لاهيو، تو^لاَ ڪي^ لُطفَ جو.

( ٩ )

الله ڪارڻ اونيا، ڪاهيو مَ ڪَرَهَا
وارُو وَرَ وني ويا ساٿي ڏِي سَرَهَا
مُنهِي مارڻ آئيا بلائون بَر^هَا
ڏَڪيءَ ڏي ڏَرها، واريءَ جينءَ وَرِي ويا.

( ١٠ )

الله ڪارڻ اونيا، ليڙا نِيو مَ لَس
اڇي پِيِسِ پٿَرين گَسُ ڪري ويا بس
هلي ڪونه لڪن ۾ ويچاريءَ جو وس
پنهون چام پِهَس، پَهُچ ته پَري نه پوان.

( ١١ )

الله ڪارڻ اونيا، لاڙِ ڍيجو ليڙا
اڇي ڏيو بَرَن ۾ پُلي سين پيڙا
پيا جڏيءَ جي جِيءَ ۾ جبل جا جهيڙا
مِرُن جا ميڙا، مُنهِي مون مَعذُور ڏي.

( ١٢ )

الله ڪارڻ اونيا، ليڙا لاڙِ ڍيجو
چنو ڪيمَ چپر ۾ پاهت پاڙي جو
هلڻُ هاڙي جو، هوت ٻنا مون نه ڏِيئي.

## وائي

پنهل جا پيرا، آلا ڏسان شال لڪن ۾

١. لڳي ٻاه ٻره جي، ٻرن تا ٻيرا
الا ڏسان شال لکن ۾
٢. ڏوري ڏسنديس ڏونگرين، دوست سندا ديرا
الا ڏسان شال لکن ۾
٣. ڏور ڏونگر ڏيه جو، ڏيٺي ويم ڏيرا
الا ڏسان شال لکن ۾
٤. غلام محمد غم ۾، محب کندم ڦيرا
الا ڏسان شال لکن ۾

---

## داستان سورهون

( ١ )

نکو آئُ پَلاڻ، نکو وَهٽُ وِلهيءَ کي
نکو سمر سيج جو، نکو سؤدو ساڻ
اتي پنهون پاڻ، اچي پَهچ پيادِيين.

( ٢ )

ڏِسي ڏونگر ڏارَ، ڏَرِي ڏيلُ ڏُکيءَ جو
جاڏي هن جبل ۾ چيتن جي چَهُڪار
مرُون مڙي آئيا چُکيءَ کي چؤدار (١)
کيچ ڏٺي کويَهار، موتي مون معذور تي.

( ٣ )

جتن مون سِين جي، جاڙوُن کيون جيڏيون
پنهون نياڻون پاڻ سين حب ۾ چِڏي هي
هاڻي کنهن سان کهي، ڳُجهہ ڳرَهِينديس
ڳالهيُون.

---

(١) اصل: چهدار

(٤)

جت مڱڻيءَ سان جاڙ، ڪَالهه ڪري ويا ڪَيچ ڏي
آڏا ڏونگر لَڪيُون پَري پَندُ پهاڙ
واتُون وَرَ آواڙ، ڏاهـ ڏوريندي ڪيترو.

(٥)

جَت ڪري ويا جور، جيءَ جَڏيءَ سان جيڏيون
اٿم هوت پنهونءَ جو هنيَڙي اندر هور
ڪاهيندس ڪوه ڪاف ڏي چڙي هي پيُور
آريـاڻـي آنـور، وڃ م تيندو واهـرو.

(٦)

جت ڏيئي ويا مَت، مڱڻي مون معذور ڪـي
"آلنَّوم فِي كُلِّ لَيَال" اها ڳَهلي ڳَت
تيلاهون ٿي تت، رُئان ڪارڻ جي.

(٧)

جَنهِ سِرِ چامُ سُوار، تَنهِ مَيِي مارِي آهيان
وچي پهتو ڪيچ ڪي قافلو ڪو ڏيهار
مون پيادي پار، کهڙو تيندو ڪاف م.

(٨)

اوري جي وڻڪار، ڏسان سات سڄڻ جو
ڏاگهـا سيئي ڏاڏيان ڏيئي وَڙيڪا وار
نيڻان نِيرا نار، هاري مِلان هوت ڪي.

## وائي

ڏونگر ڏيرن ساڻ، سي آءُ ڏيهَ ڏوريندي وڃان

١. گهوري آهيان جن جي، ڏسان سي سرواڻ
آءُ ڏيه ڏوريندي وڃان

٢. "لاتَتَخَائفُوا في طريقَتي" پريان جا پَريانڻ
آءٌ ڏيه ڏوريندي وڃان
٣. چِٽلي پيندِيس چَوَرين، ڪاڪيون ڪيچن ڪاڻ
آءٌ ڏيه ڏوريندي وڃان
٤. وڃي ٿيندِيس ڪيچ ۾ دوستن جي دَروانڻ
آءٌ ڏيه ڏوريندي وڃان
٥. غلام محمد مُنڊ ڪي مُرسل مِير آماڻ
آءٌ ڏيه ڏوريندي وڃان

---

## داستانُ سترهون

(١)

ڪَٿهان تان ڪوهه ڪاف، وِرهان تان وَر واريٖون
آڏا ڏونگر ڪَنَ گهٽي، جا اڏا جبل جا فاف
جَني زير زَراف، لحظي سي لنگهنديون.

(٢)

وَرَ وَڏا واري، ڏونگر ڏوريو نہ ٿئي
آئيون پيادي، پنڌ پري، جبل جَباري
اوراهون آري، آءٌ تہ اولِي نہ ٿيان.

(٣)

ڪوهِيَارو ۾ ڪيچ، پٽي ڏکيءَ ڪان ڏور تيا
نہ مون محبت من ۾، نہ پريتاڻو پيچ
هَڏ نہ هِنيٖون هيچ، چا سين ڏونگر ڏوريان.

(٤)

هلڻ ۾ هوري ٿيان، جي هوت حِماتي هوءِ
وَرَ بنا هن بَرَ ۾ جَڏي آهيان جوءِ
نہ مون ڪرهو ڪوءِ، نہ مون ساٿي سات جو.

(٥)

آءُ اوراهين تـــي رهان، ڏيـــر ڏسـاڻـا ڏور
وچي پهتا ڪيچ کـي پيرين پٿـري پــور
مون جيهيون معذور، روهه رهائـي ڇڏيــون.

(٦)

رڻان تان روح راس، ڪلان تان ڪُورو پري
انـــدر درد آداس، ســـدا سـپيرين جـــي.

## وائي

مون کي آنئ آچ م ماء، آءُ هلندي هـوت ڏي

١. ڪاهي وينديس ڪيچ ڏي لـوچي لالــڻ لاء
آءُ هلندي هوت ڏي

٢. وري مانَ وصال جـــو، والـــي واري واء
آءُ هلندي هوت ڏي

٣. پينر هن پنهور ۾ منهنجو ڪونهي سـڱــ سياء
آءُ هلندي هوت ڏي

٤. غلام محمد محب بنا، جئڻ مـون نـــ جڳاء
آءُ هلندي هوت ڏي

# سر معذور

## د ستانو پهريون

( ١ )

آئي اَسَدَ سِئي، وِيھُه مَ وساري
چِنْپاتا چِري ويا، آڏيءَ اُتاري
ڪيچي ڪِناري، وِچي لڳا ڪيچ جي.

( ٢ )

آئي اَسدَ سِئي، سُهڻ مان ساڙو
هوت لنگهيو هاڙهو، تي نياڳي نندرون ڪرين.

( ٣ )

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پڇن شال پساه
مَري تان مانُ لَهي، هي جُسو ۽ جاه
آڏيون اونده آه، بُري هن پنيور ۾.

( ٤ )

پينر هن پنيور ۾، هائي وِهان ڪيئن
جانب جيئڻ سيئن، نِيِرَ وڏو نينه جو.

( ٥ )

لاهي ليا لڏ، پوري هن پنهور مان
جنه ۾ گوندر گڏ، قوڙائي فراق جا.

( ٦ )

اوني رات آئي ويا، جيڏيون ڪري جاڙَ
ور وئي مون واٽ ٿيا، تاڪيون پچي تاڙَ

ڳـوڙها ۽ ڳـاڙ، آيـا مـوتـي منهِ ۾.

( ٧ )

ووڙيندِيس وڏڪـار، پـڏي سـورن، سندرو
ڦوڙائي فـراق جـو انـدر انـدوڪـار
ڪندِيس ڪونهِ قرار، ڪيچان اوري ڪاف ۾.

( ٨ )

ڏڪـا ڪيمَ ڏيکار، ڏونگر ڏڪويـن ڪـي
تو وٽ اورڻ آئيون ويچـاريـون لاچـار
تني سان هيڪار، ڪوڙين ڪِجن ڪُرمُشون.

( ٩ )

ڏونگر ڏڪـويـن ڪـي ڏجـن دلاسـا
پـوري ڪجي پرديـن ۽ سين آسـائتن آسـا
پهڻن سـان پاسا، تون پيري پيجي آن جـا.

( ١٠ )

ڏونگر ڏڪوين ڪـي تـو ڏڪـا ڏيکـارين
معذوريون مـاريـن، وجهي وَراڪـن ۾.

( ١١ )

ڏونگر ڏڪيـا ڏينهڙا نـہ هميشه هـونـدا
نڪي فلڪ فِـراق جـا پرديسن پُونـدا
هوندن تـي هُوندا، لاڳاپا هـِن لوڪ جا.

( ١٢ )

جبل تـو جـاڙون ڪرين، آڏا ڏيئي لـڪ
ويندي هـي پـڪ، لنگهي لحظي وچ ۾.

( ١٣ )

جبل هُجي جـس، تـو ڪي پرديسن جـي
ٽُراري تِـر جيترو ڪريـن ڪونہ تـرس
جي هجي منهنجي وَس، تہ توکي پاڙان پٽِيان.

## وائي

سي مٽر رويو رُون، جن جا مسافر سپرين وو

١. اندر آڳ انهن کي، ٻاهر ڪنهن کي نه ڇُون،
جن جا مُسافر سپرين

٢. عشق وارن جون جيڏيُون، ٻيئُون ٻچارون ٻُون،
جن جا مُسافر سپرين

٣. ڏوه ڪنهن کي ڪونه ڪو، ڪٿيو ڪينڪين مون نه
جن جا مُسافر سپرين

٤. غلام محمد حبَ ۾ مانَ مُٺيءَ جا هُون،
جن جا مُسافر سپرين

---

## داستانو ٻيو

(١)

سنٻرَندي ٻنيور ۾ لڙي سج ويوم،
آڏا ڏونگر لڪيون، ٻهرين ٻند ٻيوم،
لوحان[8] هو لکيوم، هي ڪشالو ڪيچ جو.

(٢)

سنبرندي ٻنيور ۾ سج ڪيو لاڙو
هڪ وراڪا وات جا ٻيو مُنه سامهون ساڙو
آهي آواڙو، ويهڻ وَراَڪن ۾.

(٣)

سنبرندي ٻنيور ۾ لهي ويو سج
قاصد قريبن کي نيئي نياپا ڏج
ڇنان ڪيمَ ڇڏج، هيٺيءَ کي هن حبَ ۾.

(٤)

سنبرندي پنيور ۾ ويو سج لهي
ڪري ڪشالا ڪاف جا، ويندس ڪيچ ڪهي
پرينءَ ساڻ پهي، ڳجهه ڳَرَهِينديس ڳالهڙيون.

(٥)

لڙي سج لڪن تان رتو رتائين
جاني جتائين، وڃي الٿو اوڏهين.

(٦)

لٿو سج لڪن تان، رتو ڏيئي رنگ
ڪوهياري جو سنگ، نهاريندي نه نبري.

(٧)

لهي سج لڪن تان، ڪري ويو رات
بيٺس منهن مِيرن جي، واسينگاٽي وات
هي هي آهي هات، هاٿي هوت پنهونءَ ري.

## وائي - 'چيڙ'

هي هي آهي هوءِ، هاٿي هوت پنهونءَ جي

١. ڏسان شال اکين سان، وڃي جتن جي جوءِ
هاٿي هوت پنهونءَ جي

٢. چونديس عرض عجيب ڪي، هلي روءِ بروءِ
هاٿي هوت پنهونءَ جي

٣. ماري تي معذور ڪي، پنهل جي پاپوءِ
هاٿي هوت پنهونءَ جي

٤. غلام محمد حُب مان ڪَم نه ٿئي شل موءِ
هاٿي هوت پنهونءَ جي

## داستانُو ڏيون

( ١ )

ڪچي ڪوڙي اصل ڪان ذات زالاڻي آه
رُونديون ڏِنم ڪيتريون رَنون مٿي راه
اديون سڀ اونداه، وارث ري هن واٽ ۾.

( ٢ )

وَرُ وسيلا واهَرُو، هيڪلڙي آهيان
اَڻَ سونهين هِن واٽ جي، ڪيڏانهين ڪاهيان
سينو چا ساهيان، جاڙي هِن جبل ۾.

( ٣ )

نَڪا حُجَ هلڻ جي، نڪا هلڻ هوڏ
مٿي مون معذور تي لَڏڪن لائي لوڏ
ڪنه سان ڪيان ڪوڏ، هاڻي هوت پروچ ري.

( ٤ )

پِڳي حُجَ هلڻ جي، لڪن تان لَڏياس
پَهُچ، پيرن چڏيو، چاڙهيڪن چُڪياس
جانُڪينتان جينداس، هلنديس هوت پنهونءَ ڏي.

( ٥ )

پِڳي حُجَ هلڻ جي، چپن چنا پير
هڪ وراڪا واٽ جا، پٿا لَڪَ آلڪا سير
ڪري لال آليَر، پَهُچ اچي پَبَ ۾.

( ٦ )

پِڳي حُجَ هلڻ جي، وڏا وسيلا
ويچاري وڻڪار ڏي ڪيا هيڪلڙي حيلا
رهبر رسيلا، سگهو رسج راه ۾.

( ٧ )

هلان هلي نه سگهان، ويهان وري ڪيئن

مون کي مرڻ سيڻن، هلڻ گهرجي هوت ڏي.

( ٨ )

هلان هلن نــه سگهان، تکي ٿئس بــس
بنا هوت پنهونءَ جي روح نــه اچــي رَس
جبل توکي جَس، تو جڏِي سان جاڙون ڪرين.

( ٩ )

آءٌ پيادي پنڌ ۾، هــو مَٿهرن مٿــي مــور
پيرين پڄي نــه سگهان، نڪو ســاريان زور
ڇڏينديس ڀنيور، جـــانــب ڪارڻ جيڏيون.

( ١٠ )

آءٌ پيادي پنڌ ۾، هو مَٿهرن مــتي مــيــر
ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا، پئي سَمَنچو منجهه ســرير
صاحب رب بصير، مون کـــي پنهون ميڙيين.

( ١١ )

آءٌ پيادي پنڌ ۾، هــو مَٿهرن مٿي مَــل
هڪ وراڪا وات جـــا، پيو گونا گون جبل
ڪانم پوي ٿي ڪَل، هن اڙانگي پنڌ جـــي.

( ١٢ )

آءٌ پـــيـــادي پــنـــڌ ۾، هنن زيـــر زَراف
پيرين پڄي نه سگهان، ڏوري ڏونگر ڪـــاف
سُڪي تيس سڄ ۾، جانب ڪـــارڻ جـــاف
هلي ڪانم ڪـــذاف، جاڏي هـــن جبل ۾.

## وائي

آيا ٽِيـڙيُون شاديون، پينر هـــن ڀنيور ۾ وو
٠١ آءٌ وڃايــان ور لاءِ بـــائي پلنگن گاديــون
پينر هن ڀنيور ۾ وو

٠٢ اچــي ڏســو جيڏيون صـــورت صـاحبزاديون
پينر هن پنيور ۾ وو
٠٣ جني ڏنو ٻرينءَ کـــي، سي کن پنڌ پياديون
پينر هن پنيور ۾ وو
٠٤ غلام محمد غم ويا، پُنيون من جون مرادِيون
پينر هن پنيور ۾ وو

---

## داستانو چوٿون

( ١ )

ٻــولـــي ٻُجهارات، ٻُــاري بلوچن جـــي
ڪونه پروڙي ڪـــو پيو ســـا لطيفي لات
آئي آڌيءَ رات، ور ونـــي مـــون وات ٿيا.

( ٢ )

نڪا آهوڙي هـــت ۾، نـــه ڪوڏر ڪهاڙي
ويئي روئي رت ڦــــڙا سورن جـــي ســـاڙي
آهـــي آواڙي، ونگــي وات ونـــدر جـــي.

( ٣ )

تڪر ٽاڪيو نه ٽِيڱي، نڪا سونهپ ســـُـنڌ
نڪا ٻُجهي ٻُـــڌ، ٻــولي باروچن جـــي.

( ٤ )

هـي هـي آهي هاءِ، هِنيون هوت هٿي ويـــا
ويئي هنجهون هـــاريان ٻـــاروچي جـــي لاءِ
پيم ڪونه سماءِ، سـُتي ســـاٿ اٿـــي ويو.

( )

ٻارڻ منهنجي مـــن تي، ويـــو باروچو ٻاري

چيي چيري چٽ جي تي آلان اٿاري
گهايل ڪيئن گهاري، ويهي وڻيلو وچ ۾.

( ٦ )

پنهون ڪاهه م ڪَرَهو، ڪري پوڏواري
پيرين پچي نه سگهي منزلن ماري
واٽن جي واري، وري ويچاريءَ تي.

( ٧ )

پنهون ڪاهه م ڪرهو، موتي جهل مهار
آڏا ڏونگر لڪيون هيبتناڪ هزار
ٽيان تي سنگسار، جاڏي هن جبل ۾.

( ٨ )

چيتا چهڪارين، هن رتولي روهه ۾
مون کي تا مارين، سينڌياڪا سرير جا.(١)

( ٩ )

وانگي پڇهي ڪونه ڪو، مون وڻ وڻ ڪن
چيتا تا چهڪن، ڏسي ڏيل ڏڪيءَ جو.

( ١٠ )

واٽون ڪارا ڪڪرا، چيڀون چنن پير
هلان هلي نه سگهان، سورن لايا سير
پيو آڪاري ڪير، بنا هوت پنهونءَ جي.

( ١١ )

ٻاري ٻاروچو ويو، دونهان دُکائي
لئون لئون ۾ لائي، ٻاري ٻاه ٻره جي.

( ١٢ )

ٻاري ٻاروچو ويو اندر ٻاري ٻاهه
سا نه اجهامي ڪڏهين لوءِ لوءِ لڳي آهه
سرتيون سڪو ساهه، ڏسي لڏهه لوساٽ جو.

---

(١) اصل. سينباڪا

(١٣)

اندر آتش عشق جـــي لوءِ لوءِ لـُو ســاٽهي
جيرا ٻـُـڪيون جان جـون ڪاراٽيو ڪاٽي
آلــن ڪـــي آتـــي، وجهي ور وجـود ۾. (١)

(١٤)

آڏا ڏونگر لـڪيون، جبل گـــونـــاگـُون،
هونگارون مرن جـون، ڀڙلا ڪـَنين ڀـُوٺ،
مان مـُنيءَ جا هـُوٺ، اوڏا ڏير لڪن ۾.

(١٥)

چڙهي ڏونگر چوٽيئين ڪـيان ڪوڪارون
موٽ مـُئيءَ جـــا سپرين ڀـُـڌي پاڪارون
تو ريءَ هـِت آرون، ڪونه مجي تو ڪو پيو.

## وائي

ڏونگر ڏي ڪو ڏ َس ميان، ڏ ُکي کي ڏيرن جو وو
٠١ وڃڻ ويل ولهي کي، جاڳايو نه جرس ميان
ڏکيءَ کي ڏيرن جو وو
٠٢ ڪاهي ڪرها ڪيچ ويا ڪري ڪونه ترس ميان
ڏکيءَ کي ڏيرن جو وو
٠٣ وڻان تو کي لنگهيا، ڪري گـَـونرا گس ميان
ڏکيءَ کي ڏيرن جو وو
٠٤ غلام محمد غم ۾ سـِرجن سـُور سرس ميان
ڏکيءَ کي ڏيرن جو وو

---

(١) اصل. ائين ( آندرن کي آتي؟)

## داستانُ پنجون

( ١ )

قصن قساوت، ڏني ڪاري قلب ڪــي
رمي رونق روح جـــي، نڪا صورت ست
نڪو لحم لڳن تـــي، نڪا رتـــي رت
مادر موڙهي مت، ڪنهن پرڪاهيان ڪيچ ڏي.

( ٢ )

مونکي ڪاڍِي ڪيچ جهي ڪيڏي وڏو پٽ
هيءُ سر گهوري گهوريان، ساهہ ڏيان پڻ سَٽ
لَڪن سندي لٽ، تيئَر ساه سرير جـــو.

( ٣ )

آمڙ مَت مرَ ڏي، مٺيءَ مون موٽڻ جي
ڪڻ فراسي، ويڙهہ تڏو، تون پڻ اِهَل لڏي
جانب ساڻ گڏي، گوندر لاهيون دل جـــا.

( ٤ )

آمڙ آڇ مرَ مت، مٺيءَ مون موٽڻ جـــي
وسري ڪين وجود مان سندن سونهن سنگت
ڪيچين ڪارڻ ڪاف ۾ مٿرَ رُلي ٿيان رت
ڳهلِي تنهنجي ڳت، جا ڏِي اَبِتا آرَ ڪَرِين.

( ٥ )

شال لڳي تـــو نيهن، امڙ آريچن جـــو
وِهَڻ وڃيئي وسري، روئين راتـــو ڏينهن
محبت سنـــدا مينهن، وسائيندي وَس مِڙين.

( ٦ )

عشق اگهاڙو آهـــ، ڍڪي ڍَڪـڻ وارئين
چِرين ڪي چوڏول ڏي، ڏاهن ڏکيـا ڏاهـ
سُونهن ڪي ساچاهہ، ساڌيڻ سُرهـي سور جي.

( ٧ )

تـَڪـُون ڪندي تـَپـِيو ڏينهن مـَٿـان ڏاڍو
مونکي وِرهن وڌيـــو جيئن وڻ وڍي واڍو
قسمت جو ڪاڍو، ڪڏهن تيندم ڪيچ ڏي.

( ٨ )

تڪون ڪندي تپيو رائـــو رَمـَلَ روهـ
"قـَيـدُ اُلمـَاءُ اشـَدّ مِنَ اُلحـَدِ يدِ" لـڳيءَ
لڳو لوهـ
ڪوڙِي سڪ ستوه، ڪين رَسائـي ڪيچ ڪيِ.

( ٩ )

رمل روڪي چڙيو، جبل جـــاءِ نـــہ ڏي
ويو ڪويهارو نڪري گـــوندر منجهہ گڏي
سورن سڪ ســـڙي، ڏنو نياپو نيہ جـــو.

( ١٠ )

رَمل روڪ ۾ مون، ڏيئي لـــڪ آلـڪـَـڙا
نـَمـِي نـِماڻيءَ سين نيڪ ـ نـُما تـي تـون
تہ پنهنجو چام پنهون، سگهو ڏسان سڪ ۾.

( ١١ )

ٻـُڌي دهليون دادليون، ڏونگر جو ڏهڪار
ماءَ پيءُ جن کي من ۾ سي ڪوه ٻچن ڪويهار
سورن جو سينگار، ڪا ڪري هلندي ڪيچ ڏي.

## وائي

هيءَ منزلن ماري، وَرُ ڪوهيارا ڪيچ جا
ور ٻاروچا ڪيچ جا

۰۱ هڪ ڪشالو ڪاف جو پيو واٽن جي واري
ور پاروچا ڪيچ جا
۰۲ آڏا ڏونگر لڪيون، ٻرَ سَڄن ٻاري
ور پاروچا ڪيچ جا
۰۳ ساريان ڪانہ سرير ۾، توري تڳا تاري
ور پاروچا ڪيچ جا
۰۴ ڇڏيو ڪين ڇپر ۾ دوست ڪري ڌاري
ور پاروچا ڪيچ جا
۰۵ هلان هلي نہ سگهان، آءٌ اوراهون آري
ور پاروچا ڪيچ جا
۰۶ غلام محمد درد جو ويچ نہ ويچاري
ور پاروچا ڪيچ جا

---

## داستانُ چهون

( ۱ )

ساٿين سڏ ڪيا، سي نہ سُئا تو سسئي
هاٿي ڪيچ ڪِئا، پهچندئينءَ پنهونءَ ڪي.

( ۲ )

سندا ساٿين سڏَ، سي نہ سُئا تو سسئي
ساجهر سُتئينءَ سک تي، گوڏا ڏيئي گڏ
تيلاهون تو هڏ، ڏونگر تو ڏَهيون ڪَري.

( ۳ )

سُتي تو وٿان، سات سويرو لڏيو
سنڌيون سورَ سَتان، سهہ سيني تي سسئي.

(٤)

سٽي وٽان ٽوءِ، سات سوير و لڌيو
اوجاڳو اکين کي ڏکي چو نہ ڏنوءِ
هاڻي هٿي هٿي هوءِ، ڪوه ڪرئين ٿي ڏونگرين.

(٥)

اوٺين آڻ پلاڻيا ساجهر سويرا
ڪرهن ڪر متي ڪيا وچڻ جي ويرا
پنهونءَ جا پيرا، ڪڻ تہ ڪوٽي نہ ٿئين.

(٦)

جان تون سچي هڏ، تان تو ڏونگر ڏوريو نہ ٿئي
پٿون^ پٿر گڏ، تہ پسين پير پنهونءَ جو.

(٧)

پٿر مٿي پير، ڏهلا ڏي م ستسئي
سندي هنڻ هير، چيهون ڪج چپر ۾.

(٨)

ڏونگر ۾ ڏاڪا، ڏسن ڏورڻ واريون
هوندي هوت پنهونءَ سان، ڪوڙين مان ڪا ڪا
ويندن جا واڪا، سي نہ سئا تو سسئي.

(٩)

هي ڏونگر هت هيٺ، هو مٿاهان ٿي پسان
آڪٺ پند پهاڙ جو، ناهہ نهايت نيٺ
ڪاڪيون ڪڏهين ڏيٺ، ٿيندين هوت پنهون سين.

(١٠)

راتي منجهہ رهاڻ، آيم هوت پنهونءَ جي
وڻ وڻ ساڻ ورو^نهيان^، رڃ ۾ رويو پاڻ
سرتيون سي سرواڻ، ڏوري ڏسنديس ڏونگرين.

(١١)

ٿي ساٿياڻي سات جي، پوري چڏ پنيور

آڏا آريچن ڪـي هــي هُـلاچـا هـور
ڏُکي ڏونگر ڏور، ته پسين پير پنهونءَ جـو.

( ١٢ )

جي هُـجي تان نه هوءِ، آٿهوندڙي هل هوت ڏي
متان پئجي پـوءِ، ويهڙي وَر وِسارئيين.

( ١٣ )

سات اٿاهون ٿو وڃي، جِت جاءِ نـه جانارن
نَڪو چيهُ چِـپر جـو، آنـتُ نـه اونـارن
ڪَـرَهـا ڪارڻ ڪَـنِ، سونهان ٿيا سـات ۾.

( ١٤ )

لَـڪَـن مٿي لَـڪَ، آهِ ڪيئن لڪ لگهندي جيڏيون
ڏنا ڏونگر ڏوڙا ڏڪ، ڏُکوئيءَ جي ڏيل کي. (١)

---

## داستانُ ستون

( ١ )

جيڏهـن جبل جـاڙ، مـون لَـهـُ لڳو تيڏهين
آپـر پندُ پهاڙ جـو، واٽـون، وَرَ، آواڙ
وِڏا وَڏِيذَ وِلاڙ، جـيءَ منهنجي جيڏيون. (٢)

( ٢ )

نِرتـئون نـهـاريج، پِـرَي پيـر پنهونءَ جـو
ڏُونَي ڏلالـت جـي، ڏُران مَ ڏاريـج
تهان پـوءِ ساريج، ڏيـنـدءِ سچُ سـڏڙا.

---

(١) اصل. "ڏکوئي جي ڏيل کي ڏنا ڏونگر ڏڪ"
(٢) اصل. اٿين

(٣)

حرف حڪايت حيف، تو سر متي سسئي
اوکي اڪرين ڪي، ڪو جو ڏنئي ڪيف
سندي سورن سيف، جيرن ۾ جاري وهي.

(٤)

تون حجاڻتي هوت سين، هت نه حجت هوءِ
مقابلو مردن سان، ڇا جڏي ڪندي جوءِ
حيف تنهين کي هوءِ، پاڻ مٿاهون جا ڪري.

(٥)

تون حجاڻتي هوت سين، هت نه حاج حجت
"اَلاَعمَال بِالنِيات" چوندا ويا جت
سٽي سُورَ سٽت، پٽئي پرايا سسئي.

(٦)

تون حجاڻتي هوت سين، هت نه حجت هاج
پارڻ پته پريتمو روهيلن رَواج
ڏورڻ ڏونگر ڏاڪڙو اِيَ ڏکوين ڏاج
سورن جو سِراج، ٻاري هلج هوت ڏي.

(٧)

ٻوري هن ٻنڀور مان ويا ساٿ لڏي
ڏوراپا ڏيرن کي ڏکي هڏ مَ ڏي
تنهنجي جيءَ جڏي، سهي سورَ پرائيا.

## وائي*

سيئي سُرها سپير، جتي پير پنهونءَ جا
١. ڏورو ڏونگر ڏيهه جو ڏيئي ويڙا ڏير
٢. ڀيڻر هن ٻنڀور ۾ پايان دوزخ دير
٣. غلام محمد محبن سان آهي هنيڙي هير

* هن وائي جي مصراعن جي پويان تلهه واري ورائٽي ڏنل نه آهي.

# سر ديسي

## داستانو پهريون

( ١ )

جهڙا ديسي سيڻ، تهڙا نہ پرديسي پرين
هو لڏيو پنهنجي ديس وڃن، هي نيڻن اڳيان نيڻ
سترَ ڪاڏا ڪيڻ، جي ڏنو منهن محبوب جو.

( ٢ )

ديسي پرين ڪنّ سندا، منهنجا پرديسي
ٿينديس آويسي، وجهي جوڳ جتن لاءِ.

( ٣ )

وجهي جوڳ جتن لاءِ ڏونگر ڏوريندياس
جاٺنڪ پتان جبندياس، ٿينديس گهوري گهوت جي.

( ٤ )

گهوريو جيئن جندڙو پرين پڇاڻا
محل ماڙيون بنگلا ڀانيان تي ڀاڙا
آيم اولاڻا، چنيءَ پاس ڇپر جا.

( ٥ )

هلان هلي نہ سگهان، صبر سارو سور
هڪ ڪشالو ڪاف جو پيو ديس پُنجهي تو دور(١)
ماريس ان مذڪور، پيرين آءٌ نہ پُڄئي.(٢)

---

(١) اصل. ڏور
(٢) اصل. انهيءَ مذڪور

(٦)

صبر سهي نه سگهان، نڪو ساريان پنڌ
دوزخ پايان هتڙ، پيئر هن پنيور جو.

(٧)

نڪا سونهپ سڌ جي، نڪو بورائو
نڪا عينڪ اک ۾، نڪو منهن ڪائو
ڪندو سٺائو، قادر پنڌ پهاڙ جو.

(٨)

نڪا سونهپ سڌ جي، نڪو سونهون سان
نڪو ٺمر سڄ جو، نڪو آن پلاڻ
ڪيچ ڏٺيءَ جي ڪاڻ، ڇڏيي پونديس ڇپرين.

## وائي

منهنجو ماه سدا تو ساري، آءُ اوراهون سپرين

١. راتو ڏينهان سڪ ۾، رويو هنجهون تي هاري
آءُ اوراهون سپرين

٢. نيو نماڻي پاڻ سين، جيءَ جڏي جو جياري
آءُ اوراهون سپرين

٣. جيهي آهيان تهڙي، پيس تهنجي پناري
آءُ اوراهون سپرين

٤. پارڻ پيئڙو پرين سين، قول ڪيم جو ڪواري
آءُ اوراهون سپرين

٥. ذرو تفاوت نه ڪري، قلم لکيو ڪوڪاري
آءُ اوراهون سپرين

٦. غلام محمد درمانديءَ ڏي، واڳ اچو ورُ واري
آءُ اوراهون سپرين

## داستانُ ڀيو

(١)

آٺَنِ ڪي ڪا اوٺيا، وجهو ڏاڻ ڏَهي
ڏُٻَهرو ڏونگرِ ۾ ڪيو رات رهي
ڪَنهين ويل ڪَهِي، پُنجان مانَ پرينِ ڪي.

(٢)

اٺن ڪي ڪو اوٺيا، وجهو ڏاوڻ ڪَچ
مُٺي ماري ٿا وڃو من ۾ ٻاري مَچ
ڪونہ چوي ڪو سچ، لڳي ريءَ هن لوڪ ۾.

(٣)

لڪن تان لاڙي، ليڙا نيو مَ لُر
وَهي تي وجود ۾ سنديِ هوتن هُر
ڏَٿي نيندا ڏُر، پورهيت پنهنجي پاڻ سين.

(٤)

جت زوراور ذات، ترس نہ ڪن ڏِر جيترو
ور وني مون واٽِ ٿيا، آٿي آڏيءَ رات
وائي ڪياڏون نہ وات، چُپاتا چُري ويا.

(٥)

جتن جي مون جيڏيون، ڪانہ پروڙي ڪَل
وائي وِڳوٽي ڪري، ڪياڏون هَلو هَل
آيا جِنِس آجل، ٻيہ نر هن ٻنيور ۾.

(٦)

آئي واڏائي، ڏيرن جي هن ڏيهہ ۾
اچي ڪياڏون پاڻ ۾ وِڳوٽي وائي
ڪري ويا سا ئي، جيڪا هُيَن من ۾.

(٧)

صورت چام پنهونءَ جي، مون ڏٺي جِٿائين
جي ڏسو ٿٿائين، تہ هوند نہ سمهو سُک ٿي.

( ٨ )

صورت ڇام پنهونءَ جي، مون جا ڏٺي جيئن
سا جڳ ڏسو تيئن، ته هوند نه سمهو سُک تي.

( ٩ )

صورت ڇام پنهونءَ جي، جا مون ڏٺي جت
سا جي ڏسو تيت، ته هوند نه سمهو سُک تي.

(١٠)

صورت ڇام پنهونءَ جي، ڏٺي مون جوڙي
اکيون منهنجي اک ۾، رکو آئين کوڙي
تيتان منهن موڙي، صحي سڃاڻو سپرين(١).

## وائي

آئون تا رات ستي منجهه خواب،
ٻيره جڳايس وو جيڏيون
١. "قُمۡ بالۡذني" عشق جو آيو خوب خطاب
ٻيره جڳايس وو جيڏيون
٢. ٻاري آتش عشق جي، ڪيائين قلب ڪباب
ٻيره جڳايس وو جيڏيون
٣. جُدا جيئڻ جڳ ۾، آهي عين عذاب
ٻيره جڳايس وو جيڏيون
٤. نيئي گڏيندا پاڻ سين، لاهي حرف حساب
ٻيره جڳايس وو جيڏيون
٥. مولي مونکي ميڙئين، شائق عشق شراب
ٻيره جڳايس وو جيڏيون
٦. ڏسان شال اکين سين آرياڻي ارباب
ٻيره جڳايس وو جيڏيون

---

(١) اصل. ايئن

٧. طالب مطلوبن کي، مولي ميل شتاب
ٻيرھ جڳايس وو جھڏيون
٨. غلام محمد متد جو، ڏي ڪو لال لعاب
ٻرھ جڳايس وو جيڏيون.

---

## داستانُو ٽيون

(١)

ساريو ويئي سارڀان، پنهونءَ جي پاپُوھ
اندر آڻ تڻ هوت جي، رس نہ اچي روح
ڪٿي سي پيا ڪُوھ، پرين ري پرريتان.

(٢)

مولي مونکي ميڙئين پنهون پيارو
ساھ سيسي سارو، قرباني قريب تان.

(٣)

چوري هن چپر ۾ چتان ڪيم چڏج
پوئواري پاجيءَ جي ڪوهيارا ڪا ڪج
نال نماڻي نج، ڏسي پنهنجي ننگ ڏي.

(٤)

جا پلئہ لڳي تنهنجي، پيئي پتاري
چڏيو ڪيم چپر ۾ گولي گذاري
نرمل نهاري، نيو نماڻي پاڻ سين.

(٥)

پنهون پارس پاڻ، ڪج پوئواري پرت جي
نڪا وندر دل جي، نڪا روح رهاڻ
ڪويتهارا تو ڪاڻ، ويئي واٽ نهاريان.

(٦)

سٺهي رات اٿي ويا جابر جت جوان
ماري مون معذور کي جدا ڪري جان
صاحب رب سبحان، مونکي پنهون ميڙئين.

(٧)

سٺي رات اٿي ويا ڏمر ڏير ڪري
هاڻي هن پنيور ۾ هئي برهمڻ مري
آءٌ اوراهون سپرين پرٿئون پير پري
تو ريءَ ڪير ڪري، واهر ويچاريءَ جي.

(٨)

سٺي رات اٿي ويا ڪري ڏير ڏمر
ڪويٺهارا ڪا ڪر، پوٺواري پريت جي.

(٩)

سٺي رات اٿي ويا ڏمر ڪري ڏير
پره ڦٽي جو پير، ونئي واٽون ووڙيان.

(١٠)

مون پانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين
ڪين ڇڏيندا ڪڏهين پنهنجي پاڻ پرت
محبت سندو مٽ، پيئندا مون معذور سين.

(١١)

مون پانيو مون ساڻ، هميشه هوندا پرين
ڪين ڇڏيندا ڪڏهين پنهنجي پرت پاڻ
خطا ٿيم اوساڻ، ويو ڪوهيارو نڪري.

(١٢)

مون پانيو مون گڏ، هميشه هوندا پرين
ڏور نه ٿيندا هڏ، وٽان مون معذور جي.

(١٣)

مون کي ننڊ نهوڙيو، ڏوه ڪنهين کي ڪونه

موٽي مُور وڃڻ جو هڏ ارادو نه هون
جتن زور نيون، پنهون پاڻ نه وڃو.

( ١٤ )

سُتيس پير ڊگها ڪري، منهن ويڙهو ڏئي
آڌيءَ رات اٿي ويا سرتيون سيئي
هتان مون پيئي، ڏوهه ڪنهين کي ڪو نڪو.

( ١٥ )

ستيس پير ڊگها ڪري سرتيون سوير ي
مون سياڪا پانڌيا، ڏير وڏا ويري
ڪري ويا ڪيري، ويڙهو ويچاريءَ جو.

(١٦)

سُتيس پير ڊگها ڪري، ڏيئي منهن تي پاند
مون پانڌيو مون ڏاهه کي، ڪين ڇڏيندو ڪاند
ويلو ڏسي واند، ويو ڪوهيارو نڪري.

## وائي

پوري ڇڏي هي پنيور، ڏونگر ڏور ڏيرن لاءِ لڪيون
١. پنهل نيائون پاڻ سين، ڪري زوراور زور
ڏور ڏيرن لاءِ لڪيون
٢. مونکي هوت پنهل جا، هورن متي هور
ڏور ڏيرن لاءِ لڪيون
٣. ڦوڙائي فراق جا ويهي ڪنهن سان ڦوليان ڦور
ڏور ڏيرن لاءِ لڪيون
٤. غلام محمد درد جا، دورن متي دوَرَ
ڏور ڏيرن لاءِ لڪيون.

---

## داستانُ چوٿون

(۱)

سڱ سڱاوت سُرهو پنهون نيندو سڱ
ريءَ تپائڻ رڱ، پرين ڏي پاڻُوهه سين.

(۲)

شال نہ ڇڄي سرتيون سُرهو سڱَ سندان
ٻاروچا پيا گهٽا پر منهنجو پنهون خان (۱)
تهين سنڌي شان، ٿي سڄاپان لوڪ ۾.

(۳)

وارث منهنجو جيڏيون، آريائي آهي
ويندس آخر اوڏهين لاڳاپا لاهي
منهنجو هت ڇاهي، پيئر هن پنيور ۾.

(۴)

وارث منهنجو جيڏيون آهي آريائي
جهين ڪارڻ لوڪ ۾ وتان ويڳاڻي
سو ٿي سَرواڻي، جيئري شال ڏسي مران.

(۵)

وارث منهنجو جيڏيون، آهي پنهون ڄام
ڇڏي پرت پانهنجا لڳيس جنهن جي لام
تهين ڪاڻ تمام، ڇُلي پوندِيَس ڇپرين.

(٦)

دعوا سڱاوت جي سور نہ منهنجي وَس
حجت حبيبن سان آهي هاج عبث
گولي لائي گس، نيندا پرين پاڻ سين.

---

(۱) اصل ۾ لفظ 'پر' لکيل ناهي.

( ۷ )

آهيان پنهنجي پرين جي گولاڙي گولي
ڪين ڇڏيندا ڪڏهين اولاڪن اولي
روهن جي رولي، وٺي نيندا پاڻ سين.

( ۸ )

پهڻ پٿاري پائيان، ڇپُون ڇپر ڪٽ
سمهان سڪ ٿي ڪينڪين پاسو ڏيئي پٽ
ڪري سر جي سٽ، وينديس هوت پنهون ڏي.

( ۹ )

ورو وَرَن واريون، مون سان ڪيم هلو
منهنجو هوت پنهونءَ ري ٿيو گار گلو
جنهن سان پاند پلو، سو ڏوري ڏسنديس ڏونگرين.

( ۱۰ )

جڙ جسي ڪي جيڏيون، ويو هوت هٽي
پڏي پاروچو ويو تاڏڪون ٽن ٽٽي
پني پنج ڪٽي، وينديس پنهنجي پرين ڏي.

( ۱۱ )

ڇڏيو ڪين ڇپر ۾ گولي گولن جيءَ
جنسي جاڙ پرائيو ڪوهيارا تو ريءَ
اڇي پيارل پيءَ، پيالو پريت جو.

( ۱۲ )

ڇڏيو ڪين ڇپر ۾، گولن جي گولي
هڪ ڪشالا ڪاف جا، ٻيو لڪن جي لولي
ڏونگر ٿيو ڏولي، ڏوريندي ڏکيءَ ڪي.

( ۱۳ )

هڪر سهاڳڻ سپرين، ڏيئي سڪ سهاڳ
اندر ڏک ڏهاڳ جي اپر لڳي آڳ
پوريءَ پري پاڳ، ٻري هن پنيور ۾.

(١٤)

جن کي سُک سهاڳ جو مَر سيئي مرڪن
سدا ستَرديون ورن سين ڏکويون نہ ڏکن
مور نہ پاسي ڪن، ور تَنِي کي ويسرو.

(١٥)

سيئي سدا هُوَنِ، ورن ساڻ سهاڳڻيون
ورن ري ويچاريون راتو ڏينهان رُون
ڪين ڪنهن کي چُونِ، وچي ڏک ڏهاڳ جو.

## وائي

ڏونگر ٿيندس ڏوري، پلو تَنهن ڪويهاري جي ڪاڻ
وندر ٿيندس ووڙي، پلو تَنهن پاروچي جي ڪاڻ
١. ڪُهي ڪيڏي هليا، زور ڪري زوري
پلو تنهن پاروچي جي ڪاڻ
٢. ڏير ڏيئي ويا جيڏيون، جيءَ جهڄڻ جهوري
پلو تنهن ڪويهاري جي ڪاڻ
٣. راتو ڏينهان روح ۾ هورَن لائي هوري
پلو تنهن پاروچي جي ڪاڻ
٤. غلام محمد مُنڌ کي، ڪونهي ٻيو ڪو توري
پلو تنهن ڪويهاري جي ڪاڻ.

---

## داستان پنجون

(١)

جيڏَهُنَ وڃو ڪوهيار، هل هيين سان اوڏهين
"وَ فِيٓ اَنْفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ" ٻيو
ڪيڏهن ڪيم نهار
حَتيٰ فاٿيون هزار، روهہ رَهائي چڏيُون.

(٢)

آمڙ! هتان مون، تازا سور پرائيا
ٻري هن ٻنڀور ۾ متان ويهين تون
لاهه ليا، لڏ لوڪ مان، ته هاڙهي ڏانهن هلون
پنهنجو ڇام پنهون، وچ ۾ ٿيندو واهرو.

(٣)

ڪٿهه ڪتون، ٻن ماڙيون، ڪٿهه ڪيرولا ڪيڻ
آڌيءَ رات اٿي ويا، ساٿي سُرها سيڻ
ٻرٽي رات ٻليت ڪنهن ڏاوڻ ڏانئيا ڏيڻ
واه وٽن ٿا ويڻ، مون کي ڇام پنهونءَ جا.

(٤)

نڪو عشق اکين ڪسي، نڪا سيني سڪ
سرتيون سُرهي سيج تي سُتي هيس هڪ
ڪيچان آيو قافلو، ڪا لوڪان ڪري لِڪ
ڏِنهن پانوَ سندي ٻڪ، چوري چٽ چريو ڪيو.

(٥)

ٻاروچي جي ٻاجهه، منهنجو جيءُ جڏو ڪيو
ورِه وارو واجهه، وجهي ويو وجود ۾.

(٦)

حيف حياتي هوت ري، جيڻ جاڙ جُسي
ويهي هن ٻنڀور ۾ ڪائي ڪام مُسي
طالبُ سا تسي، وهڻ جنهن کي وِهُ ٿيو.

(٧)

حيف حياتي هوت ري، جمڻ جُسي کي جار
جني کي وجود ۾ وڏا وِرهُ ولاڙ
ويون جي آواڙ، سي پنهون پاڻ پهچائيين.

(٨)

روهه رتائين رت سين ڏيئي آچنگارون
چڙهي ڏونگر چوٽين کري ڪوڪارون
ڏکيءَ کي دارون، ڏي ڪو درد فراق جو.

(٩)

ٻَهرون پڇي سسئي، رويو رڙهي راهه
نڪا ڪنڌي ڪيچ جي نڪا ويجهي واهه
سورائتي جو ساهه، سورن ساڙي ڇڏيو.

(١٠)

ٻاٻيهي جو ٻاڻ، لڳم هينئڙي وچ ۾
پنهونءَ جي پريت جا ڏاڙهي ويئو ڏاڻ
اچي پريم پر ۾ ڪوهياري جي ڪاڻ
سرتيون سو سرواڻ، منهنجو ساهه سلي ويو.

(١١)

واءُ وڃي ڪو ڏيج، سنيهو ڪي سڄڻين
ٻهرين منهنجي پرين ڪي پيرن تي پئيج
ڏِهان پوءِ چئيج، حقيقت هن حال جي.

(١٢)

واءُ وڃي ڪو ڏج، سنيهو ڪي سڄڻين
مون کي منهنجا سپرين، چيم ۾ نه ڇڏج
نال نمائي نج، ٻاروچا ٻانهين ڪري.

## وائي

مونکي پتڙي آهي پچار
وو يار پل پل ۾ پريان جي
١. ساريو سپيرين کي، نيڻن وهايان نار
وو يار پل پل ۾ پريان جي

٢. سُتي ڏيئي سڪ جي، جيءَ جڏي جو جيار
وو يار پل پل ۾ پريان جي
٣. جدائي جا جيءَ ۾، ڪاپ وڏا ڪويهار
وو يار پل پل ۾ پريان جي
٤. ڪيرا قابو قرب جا، هينئڙي منجهه هزار
وو يار پل پل ۾ پريان جي
٥. غلام محمد حبّ ۾، مان پُڇي مون چمار
وو يار پل پل ۾ پريان جي

## داستانڙو ڇهون

(١)

آڏيءَ رات اندوهه، پيم، هوت پنهونءَ جو
هڪ اونداهي، پنڌ پري، ٻئو راهه رُماليِ روهه
سُورن جڙي ستوهه، ماري وڌو مامري.

(٢)

وٽن ۾ واڪا، ڪندي وڃي ڪيچ ڏي
مون ڪي چام پنهونءَ جي، سڌ ڏيو سا ڪا
ڏونگر جا ڏاڪا، ڏوريان ڏوري نه سگهان.

(٣)

ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، آسُونڌهِينءَ ڪي سُور
پريان سندي پارَ جا، پُورن متي پُور
ظاهر ذوق ضرور، ويو ويچارن وسري.

(٤)

جبل تو نه جڳاءِ، جو پاڻ مٿاهون ٿو ڪرين
منهنجي مارڻ لاءِ، تو قرارا ڪرَ ڪيا(١)

(١) اصل ائين.

(٥)
روهن رَهـايـاس، پِرين پِرو نـه لهان
کيچين کـارڻ جيڏيون اولاڪـن آيـاس،
وَرن ورايـاس، چپرُ چپهو نـه ڪـري.

(٦)
چپر چپهو نہ ڪـري، لکن لائـي لـوڏ
مَٽيءَ مـون معذور سين گـوندر ٻڌي گوڏ
هاڻي ڏکيءَ جا ڪوڏ، ڪون ٻُڌين ڪو ڪيچيا(١).

(٧)
سـورن سـوريءَ چاڙهيو منهنجو ساه پساه
نڪو پـاڙو پـرينءَ سين، نڪا ويجهي واه
سـارو لـوڪ سياه، جـانب بنا جيڏيُون.

(٨)
سورن سـوريءَ چـاڙهيو منهنجو جيءَ جُسو
هـتـان حبيبن جـي ڪاتيءَ سـاڻ ڪُسو
متان مـاڳ مُسو، پيـنر هـن پنيور پر.

(٩)
پينر هـن پنيور پر ڏَهـيـون ڏيـل ٿيوم
ڪو جو پيچ پريت جـو پنهونءَ ساڻ پيوم
وهڻ وسريوم، هـيءَ گهر گهوري گهوريان.

(١٠)
هيءُ گهر گهوريان، هـو پڻ گهوريان گهور
ري ڪوهياري ڪاڪيُون، پـانيان باهہ پنيور
آرياڻي آتور، ويـو ڏيـل ڏهيون ڪـري.

(١١)
اتـم روح رهـي، صـورت سپيرين جـي
وچـوڙي وصـال جي وڏو ڏيـل ڏَهي
سيني منجهہ صَحي، پـسم پيچ پريت جـو.

---

(١) اصل. ٻڌي

(١٣)

سيني ۾ سيرون، وڏيون سُورن سڪ جي
ڏنائين ڏکيءَ کي ڇڇاري ڇيرون
دوا آڏيرُون، ڏيندم هوت هٿن سان.

## وائي

ڪونهي سگ سياڪو، منهنجو يار سڄڻ سان
ڪونهي سگ سياڪو، منهنجو دوست سڄڻ سان

١. پرين جي پاپُوهه جو پسان ڪونه پَهاڪو
منهنجو دوست سڄڻ سان

٢. آڏا ڏونگر لڪيون، ڪونه ڏسان تي ڏاڪو
منهنجو يار سڄڻ سان

٣. نيه نهوڙي آهيان، لٿو لڄ لياڪو
منهنجو دوست سڄڻ سان

٤. مانَ پڇائي پرين کي واهُ ولهي جو واڪو
منهنجو يار سڄڻ سان

٥. مون منٺيءَ کي ماريو ڏيٺي وره وراڪو
منهنجو دوست سڄڻ سان

٦. پِلٺي هن پنيور ۾ منهنجو پيڻ نه پاڪو
منهنجو يار سڄڻ سان

٧. جانب پاجهوُن جهان ۾ ٺئون لئون منجهه آلاڪو
منهنجو دوست سڄڻ سان

٨. ڪونه پسان ٿي ڪٿهين ساڳيو صحبت سا (ع) ڪو
منهنجو يار سڄڻ سان

٩. چِمان هوت پنهونءَ جو، نيٺن سان هلي ناڪو
منهنجو دوست سڄڻ سان

١٠. غلام محمد حب ۾، آهي آريانيءَ علاقو
منهنجو يار سڄڻ سان

# سر ڪوهياري

## داستان ٻيون

(۱)

قافلو ڪوهيار جو آيو منجهہ ڀنڀور
وڻ ڪتوري واسيا، هاريائون آتور
پيرو ڪري پور، وري ويا ولات ڏي.

(۲)

قافلو ڪوهيار جو جنس موچاريءَ جوڙ
سونيون ناڪيليون نڪن ۾، ميناڪاري موڙ
مهارون ميٽن جون، سونَ ورنا ڏوڙ
جتن ڪي هڏ چوڙ، ماري وڌو ماري.

(۳)

وڏا آنَ ڪيچين جا، ميا متارا
هڪ رنگان، هڪ جهڙا، وڏي جنسارا
نيرو منجهن ناهہ ڪو، نہ ڪڪا، نہ ڪارا
اهڙي آچارا، سونهن سيئي سات ۾.

(۴)

ٻوٽا تا ٻهڪن، جتان پير پنهونءَ جا
عنبر ٻوءِ ٻرن، ڏني ڏکوئيءَ کي.

(۵)

ٻوٽا تا ٻهڪن، جتان پنهونءَ پير
وڻ ڪتوري واسيا، سرها ٿيا سير
پيو واسيندو ڪير، سوا سات سڄڻ جي.

(٦)

وٺن ۾ واڪا ڪيو پڇي پنهونءَ پار:
آنءُ وتان کي لنگهيا ڪري ڪَرهَ قطار
ساٿ ڏٺي سردار، هو ڪوهيارو ڪيچ جو.

(٧)

جبل جلدايون ڪري متي معذورن
اندر اڏو اڏ ڪري، گهاءَ وڏا گهورن
سُورن تي سورن، اٿي حشر لائيا.

(٨)

رات اونداهي رُڃ ۾، نڪو سمر ساڻ
چيتا پلنگ پهاڙ جا، روجهون ڪن رهاڻ
سنجهي ويا سرواڻ، روه رهايا ڪينگين.

(٩)

ڪيهر َنِ ڪارِياس، واتون وَراڪا ڪري
هٿي هٿي هارِيَاس، هِن هوتاڻي پند ڪان.

(١٠)

ڪيرُون ٿيون ڪارِينِ، مٿي مون معذورَ ڪي
ٿڌي چانءَ چتان ڪيو، ڏکيءَ ڏيکارِينِ
وَر ڏيئي وارِينِ، آڏا ڏِيو هٿڙا.

ڪيرون سپ ڪرو، شل سُڪي ٿيو سوڙيون
پريان سندي پار جو ڏيو ڪونه پرو
آڏو ٿيون ورو، جوڙي جاء جهلڻ جي.

(١٢)

ڪيرون سپ ڪَرو، شَل ڀَري ٿيو ڀُٽ
ويجهو اچيوَ نه آدمي، شال نه آڪي اٺ
جهلي ڪيو جُٽ، ويندن کي هن واٽ ۾.

(١٣)

تـوهر تـوڪ تـڪيءَ ڪـــي آيـائي آچين:
'هـــو تـــا وچـــن سسئي، اوڏائـــي آهين'!
مـتـان اچـــي پيـنُ، آڏا پَـهَـر پرين ڪـــي.(١)

(١٤)

مـنـدي تـنـدي آهيان، هـلـي سگهان ڪين،
هـــن رتـــولي روه ۾ مـَراي تـي مسڪين
هـــوت آجـــارا دين، رسج اچـــي روه ۾.

(١٥)

منـدي تـنـدي آهـيـان، پـــرزا پـيـرَ تيام
ور وسـيـلا واهـــرو آريـــائـــي وريـــام
ڪاري رات قيام، جاڳي جت ڪـــري ويا.

## وائي

وچـــو ســـپ ورَي وو
جيءَ جون جيڏيون، جيڏيون!
١. جن جو ڪاڍو ڪيچ ڏي، ويندبون پنڌ مري وو
جيءَ جون جيڏيون جيڏيون
٢. اديون منهنجي درد جي، آهي ڳالهہ ڳري وو
جيءَ جون جيڏيون جيڏيون
٣. سا ڪيئن سمهي سُک تي، جنهن کي برهہ پري وو
جيءَ جون جيڏيون جيڏيون
٤. غلام محمد غـم ۾، ڪـــولي دوست دري وو
جيءَ جون جيڏيون جيڏيون

---

(١) اصل ائين. شايد صحيح "متان اچي پين"

## داستانُ ٻيو

(١)

سِڪ وڏو سينگار، اصل آريچن جو
سسئي سُورهِ سڪ جو، ٻُوڏيِ پاڻو هار
ڏِهان ٻِوءِ ڏِهار، ٿي حوالي هوت جي۔

(٢)

سِڪ سان وَڏي سڪ، سڪ پڻ آهي سڪ جي
سِڪَ سڪائو سِڪ جا، سسئي پنهون هڪ
لوڪان ليکي لِڪ، پَرڪا ڪارڻ پَڌري۔

(٣)

سو پنهون، سو سسئي، سو فراق وصال
ڪونہ پروڙي ڪو ٻيو، قالِي قِيلَ مقال
ايءَ سپوڻي حال، رکي حالت حال سين۔

(٤)

جنهن کي سِڪ سڄڻ جي، سا مر رويو روءِ
اکيون پاڻي آليُون، مور نہ ميريون ڏوءِ
هوت تني جو هوءِ، جنهن کي ناوَڪ نينهن جي۔

(٥)

دانهون درد فراق جون پڌي مانَ پروچ
لُڙِڪَ لُڙَڪَ لڳي لوچ، هيئين کي هن حبَ ۾۔

(٦)

دانهون درد فراق جون ٻُڌِي مانَ وَرِي
محبت جو محتاج تي اچي دَست ڌَري
مٿيءَ ٻوه مري، ڏسي ڀَڃڻ پريت جو۔

(٧)

ونيو واڻون ٿي رُئان، واءِ وڄايا ٻير
هڪ اونداهي رات ٿي، ٻيو لٿو سج سوير

سُڪ ۾ سنگتي سِيڪو، ڏُک ۾ سِيڪو سير
ڏيئي ويڙا ڏير، ڏولائو هـن ڏاهہَ ڪـي.

( ٨ )

ور وسـيـلا واهـرو، ٻـاروچـا ٻيلي
چـڏيو ڪين ڇپر ۾ ڇـانگ ڇني ڇيلي
رويـو آلاپـون ڪـري ٻـر ۾ آلبيلي
سـاجن سـويلي، نيو نماڻـي پـاڻ سين.

( ٩ )

جيڪُس منهنجي حق ۾ هـو ڦوڙائو فراق
ڇُٽا ڦـٽ ڦِري پيا، ڇُڪي ڇڪيا ڇاڪ
ٽـَن ٽِڪُون ٽي طاق، پيو هوت پنهونءَ ري.

(١٠)

ڏکن ڪـارڻ جيڏيون جيڪس آئـون ڇائي
لِکيي ڪُنڌي ڦـرب جـي آئـي اڙائي
ساهہُ سِسِي سـائي، وڃـي ٽـاڻيندي گهٽو.

(١١)

ڏکن ڪـارڻ جيڏ يـون جيڪس آئون ڇاپاس،
ٻـانهِڻ ٻيٺي آهـيـان، ٻـرڏَن نِـپـايـاس،
روهـن ُرلايـاس، لکيئي لـوح قلم جـي.

(١٢)

لکيو لوح قلم جـو جنهن جـي حق ۾ جيئن
تنهن کي ملي تيئن، ڏِرُ تفاوت نـہ ڪري.

(١٣)

ڏکـن ڏيکاري، مونکي واٽ ونـدر جـي
سکن آسـاري، ڏِنـم نندر نياڳ جـي.

( ١٤ )

جس ڏکن کي جيڏيون، جي مون مٿـِيءَ ساڻ
راتو ڏينهن رهاڻ، رکن هوت پنهونءَ جـي.

(١٥)

جس ڏکن کي جيڏيون، جي مٺيءِ ساڻ رفيق
شفقتناڪ شفيق، اوليءَ کي هر حال ۾.

(١٦)

وَر تني لاءِ ڪوڏيا، جي هُجن ڪاڻ ورن
"فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم" سُرهو سڳ سندن
پل نه پاسي ڪن، ور تني کي ويسرو.

(١٧)

آيم ڏُک ڏهاڳ جو، ور چڏي سَٽيَاس
موتي مور وچڙ جو هوتن هو نه تَپاس
ڪري ڪونه قياس، نِڌر چڏي ويا نندر ۾.

(١٨)

ويسلي تي ور ڪان، ناحق ستيس آئون
هاڻي ڏکيءَ لڌيون ڏکن سان لائون
سکن سِين سائون، مور نه ڏيان ڏُکڙا.

(١٩)

ڏکن کي تان جس، جي ٿيا سڱيڻا سنگتي
ڏکيي سکيي حال سين رکيو اچن رس
سُکن سورَ سرس، ڏنا ڏکوئيءَ کي.

(٢٠)

سُکن سان صحي، مون تان سُور پرائيا
ڏکن ڏاڻ ڏهي، وڏو منهنجي جيءَ ۾.

## وائي

وينديس ڌان نه وري وو
آءٌ هلنديس هوت حبيب ڏي
١. اندر آڙهه عشق جا، بارڻ پيڙا پري وو
آءٌ هلنديس هوت حبيب ڏي

٢. وِرهُن هــــن پنهنجي پور ۾، آهي ڳــالهہ ڳري وو
آءٌ هانديس هوت حبيب ڏي
٣. ڏوري ڏونگر ڏاڪڙا، ڏسنديس دوست وري وو
آءٌ هانديس هوت حبيب ڏي
٤. ڏانهون ڪنديس درد مان، ڏونگر پوندا ڏري وو
آءٌ هلنديس هوت حبيب ڏي
٥. غلام محمد حبُ ۾، ملنديَم ذوق ذري وو
آءٌ هلنديس هوت حبيب ڏي

---

## داستانو ٽرئو

(١)

وِرهُم مَ وساري سسئي، چام پنهون آري
جهين ڪارڻ تــــي ڪرين فريادون زاري
ڳل ڳچي ڳاري، پائي پُورج پرينءَ ڪي.

(٢)

رِيءَ ڪِشالي ڪاف، جي مُور نہ ملي هوت
جانب سندي جوت، ڏورِ تہ ڏسين سسئي.

(٣)

وات وجــايم ويسري، نڪو پنهونءَ پــيـر
نڪا سونهپ سِدَّ جي، نڪي سنوان سير
لهي سچ لڪن تـــان ڪري ويــو اوير
لکيو منهنجي حق ۾، ٻيو پاريندو ڪير
ڏيئي وِيتڙا ڏير، هي ڪشالو ڪيچ جو.

(٤)

رات اونداهي، پنڌ پـــري، پيرين پيادي
نڪا سونهپ سِڌ جــــي، وَرَ وَڏا وادي
ميڙيندو هادي، مونکي هوت پنهونءَ سين.

(٥)
رات اونداهي، پنڌ پري، پيرين اگهاڙي
چڙهي ڏونگر تي هٿي تواروں تاڙي
مري تي هن روهه ۾ سورن جي ساڙي
گولي گولاڙي، وٺيو واتون ونڌري.

(٦)
پنهون ساڻ سگ ڪري، تي سڀهين آساري
رکي غيرت غيظ تو ڪويهارو ڪاري
مونجهاري ماري، هن رتولي روهه ۾.

(٧)
وهم م وساري سسئي، ور پنهنجو وينءِ
آلا ڦٽ فراق جا چهتاريو چيءِ
اندر جي ريئي، لاهي ڪٽ قلوب تان.

(٨)
جي مون ڏٺا ها ڪالهه، سي جي ڏسان اڄ
لڄ پريئي ڪي لڄ، پلئهِ وجهان پانهنجي.

(٩)
جي مون ڏٺا ها ڪالهه، سي جي ڏسان هاڻ
تني ساڻ رهاڻ، ڪريان قيامت سين.

(١٠)
ٻن حياتي جنڊڙي، جانب پڇاڻا
سدا سرها سنگتي ڪتوري هاڻا
مور نه وسرن ڪڏهين سيني سيباڻا
قسمت جا داڻا، جيڪس آهن جيڏيون.

(١١)
حياتي هوتن ري ڪاري قيامت
ساريو سپيرين ڪي رئان ويٺي رت
مون ۾ پيتو پيت، سورن سانگهيڙا ڪيا.

(١٢)

حياتي هـ وتن ري قيامت ڪاري
مون تي محشر آئيو وڇوڙو واري
ملي جي آري، تہ محشر عشرت پائيان.

(١٣)

جانب بنا جيڏيون، جڏهن مون نہ ڄڻاه
ٻري هن پنهور ۾ حياتي حيفاء
مونکي ماريو ماء، ڏيئي سٽ ري سور جي.

## وائي

منهنجو سنگ ٿيو ڪنهن سانگي
ساڻ ڪويهاري جي جيڏيون
١. جيڏهن ويئڙو جانب جاني، هينئڙو اوڏانهين تانگهي
ساڻ ڪويهاري جي جيڏيون
٢. هي جڳ هو جڳ وسري ويڙا، پانگ پڙهايم پانگي
ساڻ ڪويهاري جي جيڏيون
٣. غلام محمد روز ازل کان، نيہ لايو مون سان نانگي
ساڻ ڪويهاري جي جيڏيون

---

## داستانو چوٿون

(١)

ڪنهن پر ڪاهيان ڪيچ ڏي، نہ ڪو پسان پير
اکين ڪارا ڪڪر، اند وڌ ند اندير
"آلاقارب ڪالعقارب"، واري وينا وير
ري ڏوراپي ڏير، ورُ وٺي مون وات ٿيا.

( ٢ )

ڪنهن پر ڪاهيان ڪيچ ڏي، نہ ڪو پسان پار
رات اونداهي پند پري، ڏونگر وڏا ڏار
مرون مارا مون ٿيا، چئوگرد چوڌار
ڪيچ ڏٺي ڪويهار، آڇ عذر واريون.

( ٣ )

ڪيچ نہ اوڏو هوءِ، متان وهين ويسري
هو جماعتي جت ويا، تون جريدي جوءِ
سونهون ڪٿي سوءِ، جو وسون ڪري ويسريون.

( ٤ )

ڪيچ نہ اوڏو ڏس، متان وهين ويسري
سونهان هلن ساٿهان، غازي گولي گس
هن اڙانگي پند ۾ پاڻ پنهنجو پس
جت مرد پڇندا مس، تت زالون ٿين ذليليون.

( ٥ )

پڇي پند پهاڙ جو هلج سونهين سيئن
آسوهيون سرواڻ ري ٿيون تووائي تيئن
سي ڪيچ پڇنديون ڪيئن، جي ڪيهرين هيٺ ڪنديون.

( ٦ )

پڇي پند پهاڙ جو هلج سونهين ساڻ
ٿيج پيادي پند ۾ چڏي پنهنجو پاڻ
سور ڪري سرواڻ، پهچج چام پنهونءَ ڪي.

( ٧ )

پڇي پند پهاڙ جو سونهين ساڻ هليج
ڪشالو ڪهقاف جو ڪنهن سان ڪيم سليج
پنهنجو پاڻ پليج، ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا.

( ٨ )

ايئن نہ پنهون هوءِ، جو تو پوري پانئيو

آري جـــي عـِلم ۾ جـــاهـل آهين جـــوءِ
تانڪُون وتــان تــوءِ، سڻي سـات اتي ويو.

(٩)

اِيءَ نـہ پنهون پير، جـي تـو پوري پـانئيا
سنجهي سات اتي ويو، تون اوڳي منجهہ اوير
جن ڪنيا سور سوير، سي هلي هوت پسنديون.

(١٠)

اِيءَ نـہ پنهونءَ پار، جـو تـو پـوري پانئيو
تـــوکي اکـــڙيـــن ۾ اوڳـــي ابـتـا آر
دوست سندو ديــــدار، هيڪڙائي حـــق ٿئي.

(١١)

ڪيچ جتني کي ڪيچ ۾، پنهون پاڻ ڏيئون
سي ڪڏهن ڪين مئيون، پيئڻ پڻ ڪندي پنڌ ۾.

(١٢)

هوت جتـڙي کي هنج ۾، جبل جهوليءَ جيئن
سي مادر ٿيون تيئن، سـڪائيون سورن جون.

(١٣)

پنهون پري پنڌ ٿيو، تــون اوڳي آهين هـِت
لڳو ڪوڻہ لڪن جـــو توکي چاوَت چـِت
نيہ جتـڙي کـــي نـِت، وهــڻ تني ورهہ ٿيو.

(١٤)

سورن ڪيو سڏ، مـــون سڻـِي کي سرتيون
سيئي سـُک سـرير جـــا چـوري چني چـڏ
جي گوڏي هٿا گڏ، ســي وتان رات اتي ويا.

(١٥)

سورن ســڏ ڪيو، مون سڻيءَ کـي سرتيون
وڃڻ تــت پيو، جــت پنهون پـــاڻ پسائيو.

## وائي

آئون ويناديس ڪيچ ڪهي، وهنديس تان نه رهي
مون ٻاروچي سين ٻول ٻڌا وو،
مون ڪويهاري سان قول ڪيا وو

١. وهان ڪيٿن ٻنپور ۾ هيڏو سور سهي
مون ڪويهاري سان قول ڪيا
٢. ڇيتون ڪنديس ڇڪ ۾ ڇپر ساڻ ڇهي
مون ٻاروچي سان ٻول ٻڌا
٣. غلام محمد حُبَ ۾ ويندا غم لهي
مون ڪويهاري سان قول ڪيا

---

## داستان پنجون

(١)

سُک ٿي سمهو سرتيون، جي وَرُ وهيٺو هوء
حُجت حبين سان ڪا مَ ڪري ڪا جوء
متان پوي پوء، مون جيئن جُدا جيڏيون.

(٢)

سُک ٿي سمهو ڪيِمُ، مون جيئن جُدا جيڏيون
ڪري رات يتيم، ويو ڪويهارو نڪري.

(٣)

سک ٿي سمهو سرتيون، جي ڏسو ويساهُون
ٻاروچو ٻانُهُون، ڏيندو ويسه واريين.

(٤)

سُک ٿي سمهي ڪا مَ، مون جيئن جُدا جيڏيون
ڪاري رات قيام، ڪري ڪويهارو ويو.

(٥)

سُڪ ٿي سمهي ڪانئہ، مون جيئن جدا جيڏيون
مُٺِيِ جـــا مزمــان، ستي رات اٺـــي ويــا.

(٦)

سُڪ ٿي سمهو ڪين، مون جيئن جدا جيڏيون
مُٺيءَ مـــون مسڪين، سُتي سُور پـــرائيو.

(٧)

نـہ مــون ويسھ وَرُ ٻہ، نڪو ڏي ويساھ
چاڻي هيڪ الله، ڳِرِي لايو تـــي ڳڙان.

(٨)

نہ مــون ويسھ ور ٻہ، نـہ مــون وهيڻو
نـہ مـــون جيڏو جيڏ، نہ مـــون سڱيڻو
حال سندم هيڻو، پـــوي ٻاجھ ٻروچ ڪـــي.

(٩)

نہ مـــون جيهو جيڏيون، نڪو منهنجي هٿ
ٿيس نماڻي نڪٽيان، گـولي لهان نـہ گس
حُجت حــاج عبث، ٻـاروچاڻي ٻـــار سين.

(١٠)

نہ مون جيهو جيڏيـون، نڪو منهنجي هــٿ
هلي ڪانہ ٻـروچ ســـان عقل عـاقي ڪَٿ
سونهي تَني سَٿ، سُتيون جي نہ اويسريون.

(١١)

پنلو پايان لوڪ، جـــي مون وسهو سرتيون(١)
سُـڪ ٿي سمهن راتيون، ڏينهان مُرڪن موڪ
منهنجو سينو سوڪ، ڪيو ســـورن سڪ جي.

(١٢)

سک ٿي ڏسان جيڏيون، جويون منجھہ جهان

---

(١) اصل. پنلو (پ مٿان زبر)

سونهن سڳر ساهڙ ين، رکي محبت مان
مون جيئن کندي ڪاتي، نمي ذندر نياڳ جي.

(١٣)

جبل جيهي جڳ ۾ ڪاڪيون ڪين ٿياس(١)
تازا پير پنهونءَ جا لڪن منجهه لڳاس
مونکي مون پرين جي پيئي پرت پياس(٢)
والي واري واس، وَرِي مان وصال جي.

(١٤)

جبل جيهي جڳ ۾ ڪاڪيون ٿيس ڪين
تازا پير پنهونءَ جا لڳا منجهه زمين
مٿيءَ مون مسڪين، سمهي سور پرائيا.

(١٥)

نڪو مون سان ويـر، جبل پاتو جيڏيون
آءٌ تني هت تڪ پچان، ڏور ڏساڻا ڏير
لڪن مٿي پير، لڳا هوت پنهون جا.

(١٦)

جبل جيهو جڳ ۾ ڪونه ڏسان ڪوئي
جنهن تي پير پنهونءَ جا ڏنا مون روئي
مون ڏي سيوئي، حرف حڪايت هوت جو.

## وائي

منهنجو هوتن مٿي حق،
آءٌ ڪا هيڪلي آهيان

---

(١) يعني جبل تي پنهون جا پير لڳا، مون تي نہ لڳا
(٢) پهريائين هيءَ سٽ هن طرح لکيل:
'مونکي مون پرين جي اندر منجهه اداس'
ان بعد پويون اڌ ڪاٽي، حاشيي ۾ 'پيئي پرت پياس' لکيو ويو آهي.

١. ڪيان دور درد جو، ڏنو سڄڻ هي سبق
آءٌ ڪا هيڪلي آهيان
٢. ملان هلي نه سگهان، آيا آڏو وڏا لڪ
آءٌ ڪا هيڪلي آهيان
٣. ڏکن ڏيل ڏکوئيو، ڏنا ڏونگر ڏوڙا ڏک
آءٌ ڪا هيڪلي آهيان
٤. غلام محمد منڌ ڪيي، آئي پيرين پاران پڪ
آءٌ ڪنا هيڪلي آهيان

---

## داستانُو ڇهون

(١)

شال مَ هُجي ڪا، مون جيئن جدا جيڏيون
اصل سنڌي سِڪ جي مونکي ڏني ماءُ
تانڪون پنهونءَ لاءِ، ڇُلي پينديس ڇپرين.

(٢)

ڪَته مَ ڪين ڪُچن، ٻودا بلوچن جا
پُرڻ پند پريتُو، ڇپر ڇيه ڇچن
لڪن منجهه لُڇن، ڪرها ڪارڻ ڪيچ جي.

(٣)

ڪَته مَ ڪُچن ڪين، ٻودا بلوچن جا
تازي تَرت تِري جي نه ڏونگر مٿي ڏين
لڪايو لڱن مَ لال پنهون تا نِين
مٿي مون مسڪين، حشر ڪري هَلِيا.

(٤)

ڪَته مَ ڪين ڪچيا، ٻودا بلوچن جا

ڪيان ڪنواڻــن جـــي چپر پـــاس پُڇا
لُڏِي لُڏِي مجهه لَڇا، لڳم لال پنهونءَ جـي.

( ٥ )

آءٌ نہ آن جيڏي، جي مون وسهو سرتيون
آن ڪي سُڪ سهاڳ جـــي قرابت ڪيڏي
تات نہ مون تيڏي، جنهن سان پَهچان پرين کي.

( ٦ )

آءٌ نہ آن جيهي، جـــي مون وسهو سرتيون
آن ڪي وَصُل وَرَ ســيــن، ڏِلاءَت تيهي
وچـــايـــو ويهي، مــون ور پهنجو ويسرو.

( ٧ )

ڪيم وهو مون وٽ، آئين جـــي ورن واريون
مُئيءَ مـــون معذور ڪـــي ڏني سورن سَٽ
متان مَرِي مَٽ، پـــوو مـــاتم واريهين.

( ٨ )

مون وٽ ڪيمَ وهو، آئين جي ورن واريُون
منهنجو سُڪ سِهو، ٿيو سـورن سان سرتيون.

( ٩ )

مون وٽ وهو ڪيُم، آئين جي وَرَن واريون
وجي سمهو سُڪ تـــي مڙسن ســاڻ مُقِيم
مُنهنجو حـــال حليم، جانب بنا جيڏيــون.

(١٠)

وچـــو ڪيم پَري، اوري رهـــو راتـــڙي
منهنجو مـــن هِـروچ ري راتـــو ڏينهن هِـري
موليٰ مانَ ڪـــري، ميلو مـــون معذور سين.

(١١)

ڏيـــرَ مَ وچو ڏُور، اوري رهـــو راتـــڙي

مونکي مون پريتن جا پُورن مٿي پُور
وسري ڪين وجود مان دوستن جو دستور
وڃان ٿي وهلور، سارڻو سپرين ڪي.

(١٢)

ڏور مَ وڃو ڏير، اوري رهو راتڙي
مٿيءَ مون معذور تي سورن سندا سيئر
ڇام پنهونءَ جا پير، جٿري شال ڏسي مران.

(١٣)

سجَ سهائو هوءِ، ته پسان پير پنهونءَ جا
مان پريان جي پارَ جو ڪو مونکي پرو پوءِ
لالڻ سندي لوءِ، جٿري شال ڏسي مران.

(١٤)

سجُ سهائو ڪر، ته پسان پير پنهونءَ جا
وهَڻ واٽڙين تي ايَ ڪُپيرڙيءَ پَر
دوستن سندو دَر، جٿري شال ڏسي مران.

(١٥)

سج سهائو ڪجُ، ته پسان پير پنهون جا
اونداهو عَليل ڪي نه اکين، آڏو ڏجُ
چئو چاڙهي چجُ، 'هو پنهون هي پيچرو'.

(١٦)

سج مَ سگهو ٿي، متان اونداهو ٿيئي
پسان پير پنهونءَ جا لڪن مٿي هي
جيڏنهن جڏو جي، تيڏنهن سڀان ساه ڪي.

(١٧)

سج مَ سگهو ٿيج، متان اونداهو ٿيئي
پسڻ پير پنهون جا ڏونگر مٿي ڏيج
ڪاوُر پاس ڪميج، ته پوي ڪامَ ڪَرن ۾.

## وائي

اوهين کو دم ذوست گذاريو
مون نماڻيءَ جي نجهري

١. ڏيئي فلڪ فراق جو، ڪيم مٺيءَ کي ماريو
مون نماڻيءَ جي نجهري

٢. موٽي مون معذور تي، واڳ وري ور واريو
مون نماڻيءَ جي نجهري

٣. درمانديءَ کي درد مان، ڪاهي ڪرهه آڪاريو
مون نماڻيءَ جي نجهري

٤. سڪنديءَ کي سڪ ۾، پنهنجو پاڻ ڏيکاريو
مون نماڻيءَ جي نجهري

٥. غلام محمد غم ۾، محب مٺا مٺ ناريو
مون نماڻيءَ جي نجهري

---

## داستانو ستون

(١)

پنهونءَ جي پاڙي، شل ڪاڻياري ڪام ٿئي
ڏسي فعل فقير جا هوت لنگهيو هاڙهي
ماريو مون معذور کي دوستن جي ڌاڙي
ڳوڙها ڳل ڳاڙي، ڪاهي هلديس ڪيچ ڏي.

(٢)

آريائي ارواح کي ريمي رات نيو
پيرو پير پنهونءَ جو پرهان[٨] پوءِ پيو
ڪاڏي پند پهاڙ جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو
اکن منجهه ليو، پاءِ تہ پهچين پرينءَ کي.

(٣)

جـــڏي جـوءِ ٿياس، پنڌ پيرنئان نـــہ ڏيري
چڙان چڙي نـــہ سگهان، پـــاسي پـــر پياس
سنڌيءَ پنهون پياس، مـَـنُ مٽاهـون نـہ لهي.

(٤)

چڙهان چوٽ ٻـَري ٿيو، لهان تان لـَـڪُ ڏُور
ايهي ٻئي پـــور، پيا پـيـش پـَـرِيـت جــــي.

(٥)

ڏونگر ڏکوين کـــي ڏي چـــاڙيڪا چوٽيون
هلندي هـــوت پنهونءَ ڏي متاريون مـوٽيون
ڪُهيون ۽ ڪوٽيون، ڪين رسنديون ڪيچ کي.

(٦)

جان تو ساه سربر ۾، تان وِڪ وَڌندِي پاءِ
لالائـــي لاٽ جـــي لِڱـن مــــٿـــي لاءِ
جوڳِهائي تـــي جاءِ، تہ رسين روهيلن کـــي.

(٧)

ڪـَـهـَـنـڊِين، ڪيچ اڪيين ڪيو، رهيون رت روئن
هـــوت پـجـائـــا هت ٿـيـو، ميڙائُو مٿن
مـر سي مُنهن ڏُٺن، دوستن ڏارا ڏوڙ سين.

(٨)

ڪـَهنڊين، ڪيچ اڪيين ڪيو، رهيون ٿيون رت روئن
هوت پڄاڻا هٿـَهين هـــاريون هڏ نـــہ هُون
سي چو چاڙهو چُون، تہ ڪا هلندي ڪيچ ڏي.(١)

(٩)

اڄان تـو ۾ پير، پـــوري آهـي پنيور جـــو
تـــون آسـودي سُمـَهين مٿي سيج ســــوڙـر
تيلاهون تـو ڏير، ڏور ڏيئي ويـــا ڏک جي.

---

(١) اصل. ڪا هلندي ڪيچ ڏي

## وائي

آوهين ڪَرها ڪِيم قطاريو، پاروچا!
رهو رات پنهور ۾
۱. نمائيءَ جي نِجهري، ڪو دَم دوست گذاريو، پاروچا!
رهو رات پنهور ۾
۲. ڏيئي فلڪ فراق جو، ڪِيم مُئيءَ کي ماريو، پاروچا!
رهو رات پنهور ۾
۳. واري ورق وصال جو، جيءَ جَنڊيءَ جو جياريو، پاروچا!
رهو رات پنهور ۾
۴. موڙي مَنجَر تاريون اوهي چانگن کي هٽ چاريو، پاروچا!
رهو رات پنهور ۾

---

## داستانو اڏون

(۱)

جيڏيون جَت وٺي ويا، وَرُ ويچاريءَ واري
وڃي لڳا ڪيچ جي ڪَرَهــا ڪِناري
مون کي ٿـو مــاري، ڦوڙائـو فــراق جو.

(۲)

واري وَر وٺي ويـــا، جَت ڪري جـــاڙون
آيـــا آواڙون، وَراڪـــا وٺـــڪـــار ۾.

(۳)

واري جَت وٺي ويـــا منهنجو جـــانب جي
ڪٿي ڪٿون، ٻـــن مـــاڙيـــون، ٻَن خياتي هـي
ڪاڪيون ڪيچن ري، روهُ رڱينديس رَت سين.

(٤)

رُونديئي رَهياس، پيئر هن پنهور ۾
جا هُيڙَ ۾ هوت پنهونءَ سين سا نه پڻي مون آسَ
ڏوري هتّا هڏيُون، ڏونگر ۾ ڏينديس
مَن مُنيءَ جو ماس، ڪِهِن ڪُتا هُت ڪيچ جا.

(٥)

آئون هتي، هُت سُپرين، وچان فَلڪ فِراق
سَمَهي سُور پرائيا، مُنهي مون مشتاق
ترڪون ڪري طاق، ويو ڪوهيارو نڪري.

(٦)

هيُون هِت نه وندُري، پيو پرين پاس
باقي منجهه بَري ويو هڏ مُنيءَ جو ماس
رَتي روح نه راس، جانب بنا جيڏيُون.

(٧)

مون نه پروڙيو ماءِ، ته ڪو سچو ٿيندم سافِرو
ڦوڙائو فيراقَ جو ڏيئي ڏير ويا
ڪاهي ڪيچ ڪيا، بهير پُنجندا پرينءَ ڪي.

(٨)

جتن کي تان جَسُ، جَن چولي وڌيس چيرين
ڏيکاري ڏير ويا سندا گوندر گس
ڏيان ڏونگر ڏس، ڦوڙائي فِراق جا.

(٩)

اچا ڏونگر ڏوُر، آئون ٿي اوراهين رهان
ليڙا لَسَ لنگهي ويا، ڪَري ڪَرَه ڪلُورُ
پرين پهراي پُور، ويجها ٿيا وڻڪارَ ڪي.

(١٠)

گوليءَ سان گذران، ڪر ڪامل ڏٿي ڪيچ جا
دَفع ٿِيِنِ دُکي تان سُورن جا سامان
مَن ۾ محبت مانَ، ڏِسي آسُودي ٿيان.

( ١١ )

هيڏي ۾ هوڏانهه، جهڙي رکي نيرت نهاريان
ميرون تڪي آئيا مون مٽيءَ جو ماه
هي روهه رسالي راه، آمن سان آسائين.

## وائي

چيچڙ چيهه نہ ڏي، وو پلو
آءٌ ڪيئن هلندي پريئن پڇندي!
١. نيو نماڻي پاڻ سين، گولي نال گڏي، وو پلو
آءٌ ڪيئن هلندي پريئن پڇندي
٢. ڦوڙائو فرق جو، هن ڏکيءَ کي نہ ڏي، وو پلو
آءٌ ڪيئن هلندي پريئن پڇندي
٣. ٻڪي ڏي ڪا ٻاجهہ جي، جانب جيءَ جندي، وو پلو
آءٌ ڪيئن هلندي پريئن پڇندي
٤. غلام محمد منڌ کي وو ويندا تان نہ ڇڏي، وو پلو
آءٌ ڪيئن هلندي پريئن پڇندي

---

## داستانو ناڻون

( ١ )

ڏوريندئس ڏونگر، جانب ڪارڻ جيڏيون
ووڙيندئس وڻڪار ۾ ڏيئي وراڪا ور
ڪاهي ويندئس ڪيچ ڏي چني چيهه چيچڙ
اِيَ ڪيهري پر، پيرن پاسي جي ٿيان.

( ٢ )

پٻ متي پيرا، ڏنم ٻاروچن جا

اولهہ لـَڪ لنگهي ويـــا ســـاٿي ســـويـــرا
وِلهِي آوبـــرا، وَهـــنـــدِي^ ٿـِي وڻڪار ۾.(١)

(٣)

پٽر مـٿـي پـيـر، ڏ نـــم پـــارچـــن جـــا
وچـــي ڪيچ قـــراريا ڏوري ڏونگر ڏيـــر
سـَوا سـُونـُهـين سيہر، لـَهـان ڪونہ لـَڪن ۾.

(٤)

جـَبلَ ۾ جـــايـُون، پـُجهـَن پاروچـَن جـــون
نـَڪـِي محلا مـــاڙيـــون، چـَنا نـــم چاڙهـُون
'بـُرو' بلوچـــن ڪـــي وات، انـــدر وايـُون
ڪـَہ ۾ ڪـَمايـُون، ڪندا وچـن ڪيچ ڏي.

---

(١) اصل. وِهندي (’وَ‘ جي هيٺان زير سان)

# سر حسيني

## داستانو پهريون

( ١ )

وَڏيئون ڪيچ وهو، آٿي پٽ ۽ سمنڊ را
جنه سان سڱ ٿيو، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

( ٢ )

وهو ڪيچ وَڏيون، آٿي پٽ ۽ سمنڊ را
وَڃي پاڻ ڪڍيون، ڪوهيارو ڪيچ ڏي.

( ٣ )

جيڪي هلڻهار، سي مر پٽن سمنڊ را
پئن ناه مٽيار، چِلڻ پاس چير جي.

( ٤ )

چڪيءَ چوري چاڪ، ويو ڪوهيارو نڪري
ڦوڙائو فراق، آيا موٽي منڌ ۾.

( ٥ )

فراقن ڦاڪون، ڪيو منهنجو جِندڙو
اچا تڏاڪون، ڳچ نه ڳنڍيجن پاڻ ۾.

( ٦ )

ڦاڪون ڪيو فراق، جيءُ منهنجو جيڏيون
آڇان ڏر اوطاق، بيٺا آهن آپتيا.

( ٧ )

والي واري آڻ، ٻاروچا ٻنڀور ۾
وڃي وات نهاريان ڪوهياري جي ڪاڻ
ڪري روح رهاڻ، ڳجهه ڳرهيان ڪي ڳالهيون.

(٨)

پينر هـــن پنهور مـــان وڃـــو سب پڇجي
هاڃي منجهه هڃي، متان وڃـــو ويسريـــون.

(٩)

پيـــنر هـــي پنهـــور، آهـــي دوزخ آڳرو
ڏسـي ظلمت زور، وڃـــي دوزخ ڏهليو.

## واڱي

مونکي ڇپر ۾ نـه ڇڏيجا، کوهيارا ڪيچ جا
١. هيڻيءَ تـــي هـن حب ۾، هلي هوت اڇيجا
بـــاروچا ڪيچ جا
٢. پورهيت پنهنجي پاڻ سين، گولي نيئي گڏيجا(١)
کوهيارا ڪيچ جا
٣. پـــاڻ پـلائـي پنهنجو، نـــال نماڻـــي نيجا
بـــاروچا ڪيچ جا
٤. غلام محمد مانديءَ کـــي، اڇي محب ملجا
کـوهيارا ڪيچ جا

---

## داستان ٻيو

(١)

وڻجهلن وڏياس، جيئن جـوکو جيءَ کـــي
مـــاڏر مـــاريـاس، قـــوڙائي پـــرين جي.

(٢)

سرتيون ٿا سازين، مون کي ســـور سڄڻ جا
ور ڏي ولاڙيـــن، وجهـي ڇيري ڇــر ۾.

---

(١) اصل. پٺهريت

( ٣ )

مَن تي مَگرُ مچُ، ٻاري ٻاروچو ويو
لڳيءَ رڳي هين لوڪ ۾ ڪونَ پَروڙي سَچُ
آمڙ اوري اچُ، ڏِسُ ڇاراتيو ڇِنڊڙو.

( ۴ )

لُوءِ لُوءِ منجهه لُوساتَ، لڳي ڇيري ڇَر جي
آندر اَڄ آساتَ، مون کي مون پرين جي.

( ۵ )

آڏا لَڪيون لَڪ، نڪي سَوان سهڙ تِما
جُدا دوزخ پائيان پرينءَ ري پَلَڪ
مَرڻ مون مَرَڪ، پُني پير پنهونءَ جي.

( ٦ )

موتُ نه ماري ماءِ، ماري ڦوڙائو
حياتي هوتن ري ڪاري قيامت
وَري وَصُل واءِ، تہ جَڏو جيئي جِندڙو.

( ٧ )

موت نه ماري جيڏيون، تي ماري جدائي
حياتي هوتن ري قيامت آئي
سَڪراتان سائي، ڳري پايان ڳالهڙي.

( ٨ )

نڪا راحت روح کي، نڪو سُمهڻ سُک
ڏکن متي ڏک، آيم هوت پنهونءَ ري.

( ٩ )

پنهون پاڻ سڄاڻ، عيبن پري آهيان
نه ڪي ڪارون مون ڪيون، ڪوهيارا تو ڪاڻ
خطا ڏئم اوساڻ، پَسي لَڪَن ٻانهنجا.

( ١٠ )

پنهون پاڻ سڄاڻ، مون ۾ عيب عميق
تو رَيءَ ٻيو شفيق، ڪونه ڏسان تي ڪو ٻيو.

(۱۱)

ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان، نه ڪو مُنهن ڏِٺوم،
ڪرڻ پنڌ پٺوم، جاڏي هِن جبل جو.

## وائي

ڏَردَ وَندِيءَ ڏي ايندا، نيندا ڪين ڇڏيندا
مٺي کي مور نه مٽيندا
۱. پورهيت پنهنجي پاڻ سين گولي نيٺي ڳڏيندا
نيندا ڪين ڇڏيندا
۲. مُنهن مقابل مٺيءَ سان محبتَ ملاقي ٿيندا
نيندا ڪين ڇڏيندا
۳. ڪيچي نيٺي ڪيچ ۾ لوڙهه مُٺيءَ جو لٽيندا
نيندا ڪين ڇڏيندا
۴. غلام محمد ڏَرمانديءَ کي، ڪلمي ساڻ سڏيندا
نيندا ڪين ڇڏيندا

---

## داستانو ڏرڳو

( ۱ )

جهڙو سڀ جهان، جانب ٻنان جيڏيون
ٿيئي نينهن نهوڙيا عقل، شرم، شان
صاحب رب سُبحان، ميلو ڪندو سڄڻين.

( ۲ )

پيئر هن پنهور ۾ سڄڻ هئم صحي
ڳڻن سندي ڳالهڙي آيم روح رهي
ايڏو سور سهي، ڪين جيان ٿي جيڏيون.

(٣)

ڪين جيان ٿي جيڏيون، نڪي ٿي مران
ڳالهيون ڳڻن سنديون ڳڻيو ٿي ڳران
چيتاريو چران، تازا سور سري پر.

(٤)

رويو ڪيان پار، ساريو سپرين کي
آڌيءَ رات وٺي وئا پوريءَ جو پتار
هاڻي هنجن هار، ويٺي هاريان رت جا.

(٥)

اندر ڪاتي قرب جي ڪپي ۽ ڪوري
ٽڪي ۽ توري، هينئڙو هٿي هٿ ڪري.

(٦)

سورن سازيياس، هنيين سان هاڃو ڪري
هٿي هٿي هاريياس، اندر آڙه عشق جي.

(٧)

عشق نه آهي ذات، جنهن کي ڏورابو ڏيان
آلانبا عميق ڏي، ڏکيءَ ڏينهان رات
ماري ڪيائين مات، وجهي چيري چر ۾.

(٨)

پينر هي پنيور، باه برابر پائيان
ظاهر باطن زور، ٻران هوت ٻروچ ري.

(٩)

هورن حشر لائيا، مٺيءَ کي ماري
هنجهون ٿي هاري، ڪيڏي پار پنهونءَ جا.

(١٠)

پرينتو پنهونءَ جو نيسورو ٿي نور
مٺيءَ مور نه وسري آهو ذوق ضرور
هاڻي هيءَ قصور، پرينءَ مٿان گهوريان.

(١١)

وِهان ويهي نـه سگهان، هـَلان هيٺو حـال
نڪا وِنـدُر دِل جـي نڪا قِيل مـَقـَال
سـَاعِت پـايـان سـال، پيئر هـن پنهور ۾.

(١٢)

مـُٿيءَ مـٿـي هـٿـڙا، واٽـن تـي ويٺي
ڪـيـدي پـار پنهونءَ جـا ڇـپـر ۾ پيئي
ڏُکيءَ سان ڏيئي، ڪـِج ڪامل ڏٺي ڪيچ جا.

(١٣)

مٿيءَ مـٿـي هـٿـڙا، ويٺي وٽـن هيٺ
پيرين پڇي نـه سگهي، وِهـَڻ اچي نه ميٺِ
اچـي جـانب چيٺ، آلا ڦٽ فـراق جـا.

## واڻي

آئون ويندس سڄڻ ساڻ، ڏيئي ٻاه پنهور کي
١. ڏسان شال اکين سان وَڃي سي سرواڻ
ڏيئي ٻاه پنهور کي
٢. "فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ" پِرين جا پرياڻ
ڏيئي ٻاه پنهور کي
٣. ڪين ڇڏيندا ڪڏهن پنهنجي پورهيت پاڻ
ڏيئي ٻاه پنهور کي
٤. هيٺي سان هن حَبَ ۾ ڪندا روح رهاڻ
ڏيئي ٻاه پنهور کي
٥. غلام محمد مامَ ۾ پنهنجو پاڻ سڃاڻ
ڏيئي ٻاه پنهور کي

## واڻي

قسمت قَيدُ الْمَاءِ، قَوي آهي حَدِيدَ کان

٠١ ڪو مٿائي ڪونہ ڪو، لکئو جو قلماء، جو قلماء
قوي آهي حديد ڪان
٠٢ والي مانَ وصال جو ڪو ورائي واء، ورائي واء
قوي آهي حديد ڪان
٠٣ ويندیس وِهندیس ڏيکي مونکي پلءَ پاء، پلءَ پاء
قوي آهي جديد ڪان
٠٤ جنه کي نائڪَ نينہ جي هوندو تنه کي سماء، تنه کي سماء
قوي آهي حديد ڪان
٥٠ غلام محمد سامَ ۾ مونکي محب مِلاء، محب مِلاء
قوي آهي حديد ڪان

---

## داستانو چوٿون

( ١ )
ڏسي ڪرڙا ڪافَ، رُئان تي رتَ ڳاڙوون
مونکي قسم مُصاف، ورهَ وِلهوڙي آهيان.

( ٢ )
ڏسي ڪاف وڏا، ويٺي هنجهون هاريان
پڇي ڏير هڏا، وِئا ويچاريءَ جا.

( ٣ )
ڪافن ڪُنئي آهيان، ڪري واتون وَرَ
سور سُڄيءَ کي سَرَ، ڏِسي ڏونگر ڏاکڙا.

( ٤ )
سورن سِڌاياس ، ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان
ڏکن ڪارڻ جيڏيون ماڏر نپاياس
هوند نہ جي ڄاياس ، تان نہ پيئس سامِيرِي.

(٥)

ڪافَن ڪِئو ڪَٽڪ، جھڙو ڪري جنڊڙو
آڏَ ٽِرچا آهڙا، وڏا ڏونگر لَڪ
ڏُکيءَ ڏانه فَلڪ، مُڪي فوج فراق جي.

(٦)

ڪافَن ڪَٽڪ ڪِئو، جيءَ منهنجو جيڏيُون
هلان هلي نہ سگهان، ٽِپَٽِ نِيهَ ٽِئو
جنجل جيءَ ٿِئو، مَرڻ ماڪيءَ کان مِٺو.

(٧)

چُڪيءَ چاڪ مَ چور، جي وِنجهلڻ ودي چِڏئا
ڦوڙائي فِراق جا آيَمِ هينئڙي هور
هاڻي هي پنهور، پِيمَر پيڙو نہ ٿئو.

(٨)

چُڪيءَ چور مَ چَاڪ، جي ونجهلڻ ودي چِڏئا
هڪ ڪشالو ڪَاف جو، ٻِئو ڦوڙائو فراق
اندر ڪِي اوطاق، آئي سورن سِڪَ جي.

(٩)

هيڏي هوڏي هَڏ، منهنجا لَڪَن لوڏِيا
آيون عجيبن رِي عيدون گوندر گڏ
مَنَ منيءَ جا سڏ، ٻُڌي باروچو وري.

## وائي

وچو ڪيم ورِي، وو پاروچا، رهو رات پنهور ۾
١. جدا جالڻ جندڙي آيم ڳالهہ ڳري
وو پاروچا، رهو رات پنهور ۾
٢. ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا، ڏُکي ڏور ڏري
وو ڪوهيارا، رهو رات پنهور ۾
٣. غلام محمد غم ۾، کولي دوست دري
وو پاروچا، رهو رات پنهور ۾

## وائي

وري آءُ وري، وو پنيا گهوٽ پنهور ۾

١. ڦوڙائي فراق جا، چڪيا چاڪ چري
وو پنيا گهوٽ پنهور ۾

٢. ڪنهن کي ٻڌايان درد جي اها ڳالهه ڳري
وو پنيا گهوٽ پنهور ۾

٣. واري وار وڇائيان جي ڪولي دوست دري
وو پنيا گهوٽ پنهور ۾

٤. غلام محمد غم ۾ وينديس متاڳِ مري
وو پنيا گهوٽ پنهور ۾

---

## داستانُ پنجون

( ١ )

ڏسي مَران شال، رُوئيتَ چام پنهونءَ جي
جهين ڪارڻ حال، روئي وڃايم روهه ۾.

( ٢ )

رويو ڪيان ڀار، ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا
پٿر پير ٻِڌون ڪِئا، ويچاريءَ هيڪار
وَرُ ڪويتهارا يار، ڏُکن ڏيل ڏکوئيو.

( ٣ )

مادر مون کي ڪا، ڏني سٽي سِڪ جي
مٽيءَ مور نه وسري سرتيون پينر سا
مونکي ماريو ماء، جهوليءَ جتهلي جنڊڙو.

( ٤ )

ڪتنهِ سان سَڪلان سِڪ، جا مون اندر جنڊڙي
چاٺي مالڪ هڪ، مَزو تهين ذوق جو.

(٥)

وينديس كيچ ڪَهي، ڏوري ڏونگر ڏاڪڙا
ايـڏو سور سهي، ڪين جيئنديس جيڏيُون.

(٦)

وينديس کهي ڪيچ، ڏوري ڏونگر ڏاڪڙا
جَنهه سان پرِيو پيچ، سوئي پسان پند ڪري.

(٧)

ڪيچن ڪارڻ هوءِ، مونکي ماتم مَنَ ۾
ڪونه ڏسان پيو ڪوءِ، جانب جيهو جيڏيُون.

(٨)

ڏونگر ڏيئي ڏُک، منهنجو ڏيل ڏکوئيو
لَڪَن سندي لُڪَ، لُوءَ لوءَ کي لُوسائيو.

(٩)

ڏُکي، هن ڏونگر جا ڏولِي چاڙج ڏُکَ
ساڙ سپيئي سُکَ، ڏورِ تہ ڏسين هوت کي.

(١٠)

ڏُکن جون سَڌون ڪري، سُکن کي نہ چڏين،
مُنهون سي مسڪين، مُور نہ مِلن هوت کي.

(١١)

ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا، ويئي رُئان رَتَ
وَر وني مون وات ٿيا، جاڙون ڪري جَتَ
نڪا سُڌ سَوَنُتَ، پِريان سندي پار جي.

## وائي

سانجهيءَ ساڻ سوير، سَتيِنءَ پير پرگها ڪري
١. آڌيءَ رات اُٿي ورِيا، پَچِين پره جو پير
سَتيِنءَ پير پرگها ڪري
٢. ڏونگرَ ڏيجُ ڏکيءَ کي ڏيئي ويڙا ڏير
سَتيِنءَ پير پرگها ڪري

٠٣ ماري ويــا معذور كـــي، ڪري رات انڌير
سڻڀِين^ء پير ڊرگها ڪري
٠٤ جبل ٽـــو جاڙون ڪــري، لَڪَن لائي آلير
سڻڀِين^ء پير ڊرگها ڪري
٠٥ ري ڪويهاري ڪاف مان پيو آڪاري ڪير
سڻڀِين^ء پير ڊرگها ڪري
٠٦ ميلان مانَ ٻروچ ڪـي جنّه سان هينئڙي هير
سڻڀِين^ء پير ڊرگها ڪري
٠٧ غلام محمد محبن ري، پـــايان دوزخ ديـــر
سڻڀِين^ء پير ڊرگها ڪري

---

## داستانو ڇهون

(١)

پـــردو رکـــج پير، پـــيادي^ء جـــو پنڌ ۾
مون کي ڇام پنهون^ء جـي اندر منجهه اڪير
وِهان وِهَڻ نـــه ڏئي قـــادر جـــي تقدير
وجــهــي ويـــا وجـــود ۾ زوراور زنـــجـيـــر
لڳو لـوه عَليل کـــي ڪَرمي ڪابُو ڪير
مـــديني جـــا مير، آمَن ســـان آمـــائيين.

(٢)

پينر مـونکي ڪـــا، پيئي ڇڪ ڇپر جـــي
لڳو پـــاند پنهون^ء سـيـــن منهنجو مِرِشاقـــا
ڏوري ڏســـان ڏيهه ڏٺي ڏونگر جـــا ڏاڪـــا
ٽَنِ ٽِڪُون طاقا، ڪَري ويندس ڪيچ ڏي.

(٣)

پينر ڪـــا پيئي، مون کي چڪ چير جـــي
وڍتان وڍي نـــہ سگهان، واڳ وَسان ويئي
ٻـــاءِ، ٻـــاٽيمنجُون، پينرُون، وســـريا سِپيئي
ســاهُ سسي نيئي، ڏيـــان هوتَ پنهونءَ کي.

(٤)

هيڪلي هَلُ مَ سسئي، سونهون ڪنج ســاڻ
"مَنْ لاَ شَيْخَ لَهٗ فَشَيْخُهٗ الشَّيْطانُ"،
هي پروڙج پاڻ
اڳي توڪان ڪيتري ويئي لَڪَن هيٺ لِڏاڻ
وري پيدا نـــہ ٿيُو ڪو منجهان تَنه آلَواڻ
ڪويتهاري جـــي ڪاڻ، ٻچي پورج پند ۾.

(٥)

هيڪلي هَلُ مَ سسئي، ڪـــڻ بابُو ٻُرائـــو
اڳيـــان سُجهي سخت تـــو رِمالِي رائـــو
وَرڻ وَرائُو، ســـونهون گهرجي ســـاڻ تـــو.

(٦)

سونهان هلن ســـامهان، آسونهن ڪـــي سُور
رِڃي وسيلي ويسريون غـارن ڪِيون غَرقُور
تني جـــا مذڪور، ڪَري ڪِجَن ڪيترا.

(٧)

آءُ اورانهون سپريـــن، ميرون تـــا مـــارين
وجهي وات ورلهيءَ کـــی ڳچ اندر ڳـــارين
ڪو دم جيئارين، تہ جهُري ٻتسان پرينءَ کي.

(٨)

آءُ اوراهـــون سپريـــن، سهيرَ ڪيئا سُورن
آئـــي حـــشـــر لائِيا ٻُورن تـــي ٻُورن
واري وَهلورن، مـــون مَنُ وِڌو مـــامري.

(٩)

مونکي چنڊ مَ چيرين چام پنهون آري
وريو ويچاريءَ تي وڇوڙو واري
جدائيءَ جي جيءَ تي قيامت ڪاري
دل ڪي دلداري، ڏي ڪوهيارا ڪيچ جا.

(١٠)

چوري چنڊ مَ چيرين، پنهون پيارا
آئي جوڙيا جيءَ ۾، جولاهن جارا
نيڻن مان نارا، ويئي هنجهون هاريان.

(١١)

توڏن تان نه تواريو، ڪنڪيا ڪين ڪنوات
سنجهي سات سنوات، ٿيو روانو روه ڏي.

(١٢)

نڪو حرفُ ٻروچ ڏي، نڪو ڏيرن ڏوه
نڪو راه رَمل ڪي، نڪو رائي روه
جيڪي لکيو لوح، سو ٿيي پاريان پڙدين.

## وائي

منهنجي جيءَ ۾ جوشُ آجهلُ ڙي جيڏيون
مون کي ٻارڻ ٻاريو ٻاروچي
١. وڌو ڪوهيارو نڪري، ڪانءِ پيم ڪا ڪل ڙي جيڏيون
مون کي ٻارڻ ٻاريو ٻاروچي
٢. هيءُ ڦوڙاڏو پرينءَ جو، لکيو روز آزل ڙي جيڏيون
مون کي ٻارڻ ٻاريو ٻاروچي
٣. جيءُ منهنجو جيڏيون جاليو جوش جبل
مون کي ٻارڻ ٻاريو ٻاروچي
٤. غلام محمد غم ۾، جيئڻ آهي جنجل ڙي جيڏيون
مون کي ٻارڻ ٻاريو ٻاروچي

---

## داستانُ ستون

( ١ )

چو ٿي سِٽينءَ سسئي، پـائـي پير پلنگ
لڳو ڪونه هـروچ جـو تـوکي ڀـهڳڻ ڀَنگ
وچوڙي جـو ونگ، ورجهي ويئي وَلهو.

( ٢ )

ٻـاروچي کي ٻاجهه، ٻوي مـان ٻَـرت جي
وچوڙي جـو واجهه، چِـٺي چـڏي چيرين.

( ٣ )

نيهُ نِبيرو نـه ڪـري، نڪا ساهي سُور
پـريان سندي پـار جـا ڀُورن مٿي ٻور
غمن ڪيو غَرقُور، جيئڻ منهنجو جيڏ يُون.

( ٤ )

نيهُ نبيرو نـہ ڪـري، نڪا سـاهي سِڪَ
اندر اَچ عَميق جـي ڀُوري ٻوي نـہ ٻِڪَ
اِيءَ لَولاڪي لِڪَ، لِڪي ڪين آلڪ ۾.

( ٥ )

ٻـاروچِي ٻـولـي، صَحي سِکج سسئي
اچـي ڪندا پـاڻ ۾ گُفتـو گِردولـي
شـَب رَوان بَکيچا بِگُذارَم گـولـي
ڏکن جـي ڏولـي، مَتان ڏِيندِي ڏوسِيا.

( ٦ )

صَحِي سکج سسئي، ٻـولـي ٻـاروچـي
گـويـا ڪندا پـاڻ ۾ بَرادرم روچـي
متان ڪا روچِي، ڪَري وَڃڻِي ڪيچ جا.

( ٧ )

ڪين ڀُجهان ٿـي ڪِي، ڀِٺو نِسوري نادان(١)

---

(١) اصل. ڪيڻ ڀِٺو

مون تي خندو خلق جو، جاهل منجهه جهان
ٻاروچيءَ جي ماڻ، مون کي ماڙهن مان ڪيو.(١)

(٨)

ڏيرن ڏنو ڏاج، ڏونگر ڏکوئيءَ کي
هليو درد فراق جو رئي منجهه رواج
وجهي هلنديس هوت ڏي تارڪ متي تاج
مون سان پاڻ پرهاج، ڪا مَ هلي ڪا ڪيچ ڏي.

(٩)

'مون' جني جي من ۾، سي مون سان ڪيم هلن
جانب جسي جمال ۾ جامع ٿي جلن
ٿيهان پوءِ سلن، سڪ پريان جي سونهن جي.

(١٠)

'مون' سان ڪا مَ هلئي، 'مون' کان هوت پري ٿئو
مرُ سا پاڻ پلئي، 'مون' جهين کي ماريو.

(١١)

'مون' کان هوت پري ٿئو، هوت پراهون مون
آريءَ جي وصال ۾ 'مون' نه ليي ڪا 'تون'
مون کي جن گذاريو، سي اصل هئون هون
لعل سندي لئون، ڪوڙن مان ڪا لهي.

(١٢)

تڪيو هوت پنهونءَ جو ڏوريندي يون ڏسن
پرين سي پسن، جن پاڻ وڃايو پانهنجو.

(١٣)

جيسينءَ هيون پاڻ، تيسينءَ 'پاڻ' پري ڪيئون
ڇڏيو جن جاهل تي جتائيءَ جو چاڻ
ٿيون ڪنگاليون قرب جون ڪويهاري جي ڪاڻ
سورَ ڪري سڃاڻ، ديکيائون در دوست جو.

---

(١) اصل. ماڙن مان

## وائي

منهنجي لعلڻ لايـا ڏيڻه
آيلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان
١. آيو اوهيرا ڪري، مون تي محبت سندڙو مينه
آيلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان
٢. لڳي ناڏُڪَ نيهَه جي منهنجي سيني منجهه سرينه
آيلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان
٣. منهنجو منُ نيهوڙيو چامُ پُنهل جـي نيهَه
آيلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان
٤. غلام محمد مامَ ۾، آيو عشقُ شمائِلَ شينه
آيلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان

---

## داستانڌو اڌون

(١)

سُورائتي ڪي سِر، اڄـان هـوت اڳي ٿئو
هلڻي هيٺـي حـال سين، پيش پريان جي ڪِر
سنڌي ورهن ور، چهيڻيءَ چيتُ ڪري.

(٢)

سڳهيون هٿن هوت ڏي، اکيون تان مترُهون
متـان رهـي روه ۾ رت ورنو روُن
پـويان پير نـه پُون، هيـان هٿهارين.

(٣)

سڳهي انگ صحي، سِڳهيون پُڇن پرين کي
اوري آريءَ جـام ري ويئيون تـان نه رهي
منجهان ڪاف ڪٿهي، وڃي ڪيچ قراريُون.

(٤)

سڳهو جڳ ۾ سرير، سي مَرُ هلن هوت ڏي
ڪانئر پڳيي ڪا پرين ڪي، تابع ٿي تدبير
جي محبت مٿي ميِر، ڇپَرَ تن ڪي ڇاڙ ڪي.

(٥)

پينر هن پنهور مان آگهي ڪا مَ هلي
جڏائي جبل سين، ڪنهن جي ڪانئر چلي
متان سُور سلي، هلي سڄڻ سامهان.

(٦)

منهنجو مَن مريض، ڪنهه پر پڄي پرينءَ کي
عقل هوش هلي ويا، تالان ٿي تميز
محبت جي موريز، چڪڻ ساڻ چريو ڪري.

(٧)

ڳيسي ڳٽس نهاريان، جت نه پسان جوءِ
وڃي ٿي وجود ۾، سندي هوتن هوءِ
ٻرن منجهان ٻوءِ، آيم ڄام پنهونءَ جي.

(٨)

ڳيسي ڳٽس نهاريان، جوءِ نه پسان جت
وتان ورڳائي گهڻو، رويو رئان رت
منهنجي موڙهي مت، جانب ٻنا جيڏيون.

(٩)

ڳيسي ڳٽس نهاريان، ڏير نه اوڏا هئون
هاري هنجون رت جون، نيڻ نماڻا روئن
پر ۾ پيهون پئون، پچارون پرينءَ جون.

(١٠)

’ڪٿر‘ ڇڏي ’ڪسر‘ ڏي جڏهن هليون جڙي
تڏهن وڃي سي، ويجهو ٿيون وصال کي.

(١١)

ڪٿر چڏي ڪنسر ڏي جڏهن جي هلن،
سي ڪڏهن ڪين سلن، سِڪَ پريان جي سُوءِ نه جيءَ.

(١٢)

ڪثر چڏي ڪنسر ڏي، جي هليون هيائون
تن کي ڏٺائون، پِسن پيو پرينءَ جو.

## وائي

منهنجا ساري ڏيج سلام، ڏيج سلام

پانڌي پيش پريان جي

١. جدائيءَ جيءَ ۾، قائم آهي قيام، آهي قيام

پانڌي پيش پريان جي

٢. نائي نيڻ نياز سين، پڌي هٿ تمام، هٿ تمام

پانڌي پيش پريان جي

٣. ڏولاڻو هن ڏيهه جو، ڏيئي ڏير ويام، ڏير ويام

پانڌي پيش پريان جي

٤. غلام محمد غم ۾، منهنجو مَن مُدام، مَن مدام

پانڌي پيش پريان جي

---

## داستانُ ٻيون

(١)

پيئرَ ٿِي پيرا، مون ڪان هوت هلي وئا(١)
ڪيچن آن پلاڻيا ساجهر سويرا
تانڪون تنهن ويرا، مون تي محشر آئيو.

---

(١) 'پيرا' (پ جي هيٺان زير). اصل. ائين، هت توڙي هيٺ ايندڙ بيتن ۾

(٢)

پيئڙ پيرڙا تي، مون ڪان هوت هليا وڃا
اُئين مون نہ پروڙيو، ڪو واءُ ورندو هي(١)
جڏو تيئڙ جي، چڙ ڻ سڀ چڪي ويا.(٢)

(٣)

حشر ڪري هليا، پيرا تي باوچ
لُوءَ لُوءَ لڳي لوچ، نيڻان نير نڪي پيا.

(٤)

حشر ڪري هليا، منهنجا سيڻ سڳا
آلا آڳ عميق جا لُوءَ لُوءَ منجهہ لڳا
ويئي وجودان نڪري، تانڪون تن تڳا
وسريا ويس وڳا، ڪيئن ڪامڻ آئيو.

(٥)

حشر ڪري هليا، منهنجا سڳا سيڻ
محرم منهنجي حال جو، پاءُ نہ پانيان پيڻ
ويئي هنجون هاريان، نيرو منجهان نيڻ
وِرد وظيفا وين، مونکي چام پنهونءَ جا.

(٦)

آڏر نڏر آيري، پند نہ پڇي مون
الله لڳ عليل ڏي، اچج اوراهون
توسان لڳي لُون، ميثاقان منهنجا پرين.

(٧)

آڏر نڏر آيري، پير نہ پڇن هي
جاڏي هن جبل ۾، جڏو تيم جي
آءُ پيارا پي، تہ پراهين پري پوي.

(٨)

اڏر نڏر ايري، هيءَ تان جڏي جوءِ

---

(١) اصل. هيءَ (٢) اصل. جيءَ

ويٺي واڙيــن تــي رَت وَرَنو روءِ
ڪَڍي پــار پنهون جــا، چاڪ چڪايو چوءِ
مَنَ مُٺي جو هــوءِ، جاني هــن جبل ۾.

(۹)

پير نـــہ پچن پرينءَ کي، تـــوڙي ڏيئن رت
پسي پنڌ پهــاڙ جـــو مـــوکـــي ٿئي مت
هينئڙي جـــي هِمَت، هلڻ ريءَ هٽ ملي.

(۱۰)

پير نـــہ پچن پرينءَ کـــي، توڙي رَت ڏيئن
ســنــڌو پنڌ پـــرين، هنيين ســـان هَل ٿئي.(۱)

(۱۱)

پير پـــرائي ۾، ڪَنہ پـــر پچن پـــرين کـــي
ڏوستن سنڌو در، هنيين ســـان هـــل ٿئي.

(۱۲)

هٿين، پيريـــن، اکيين، پـــرين پـــراهـــون
ويٺي وصـــلُ نـــہ ٿئي، آرَ نـــہ اوراهـــون
هينڙي جـــون آهـــون، اوري ڪن قريب کي.

(۱۳)

ويجهو ٿيون وِصال کي، چڙهي پنهنجو پـــاڻ
”وَ نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ“
سِگهي سنگت ساڻ
تَنِ جـــا پـــرياڻ، پنهونءَ چـــامَ پروڙيا.

## وائي

آئون جا چِنيس، چپر چِوري
ڪا ڪوهياري کي ڪهل پوي
۰۱ جدائي جي جيءَ ۾، لُوءِ لُوءِ لڳڙي لوري
ڪا پـــاروچي کي ٻاجهہ پوي

(۱) اصل ائين. (هينين سان حل ٿئي؟)

٠٢ جانبِ ڪارڻ جيڏيون، ڏونگر ٽيندنيس ڏوري
ڪا ڪوهياري ڪي ڪهل پوي
٠٣ سچڻ ساريو ٽـــي مـَري، هـِن پنهور ۾ پوري
ڪا ٻــاروچي ڪي ٻـاجهه پوي
٠٤ غلام محمد غم ۾، آهـــي جـهـجڻ ۽ جهوري
ڪا ڪوهياري ڪي ڪهل پوي

---

## داستانو ڏهون

(١)

اجـــان هيءُ پنهور، چـــوري چو نہ چڏيئي
ٻـڌي سـندرو سڪ جـــو آئـــي ڏونگر ڏور
آريـــائـــي آتـــور، وِچ ۾ ٽيندئـــي واهـروُ.

(٢)

اجان تـــو ۾ پير، پــوري هن پنهور جـــو
پـُـئيءَ پنهونءَ پير، ڪـآهِ نہ پهچين ڪيچ ڪي.

(٣)

اجـــان تو ۾ بـُوء، پوري هـــن پنهور جـــي
چـِـڏِ سِيـآڪـــا سسئي، هـِي هـِتي جـــا هـُوء
تان تون روء بروء، پسين ڄـام پنهونءَ کي.

(٤)

اجان تـــو ۾ باس، پوري هـــن پنهور جـــي
لاهـــي چـِـڏ لـِڱـــن تــــان لالائـــي لباس(١)
هـِـئـَـڻ جـــا حواس، آڏا آهن هـــوت ڪـــي.

---

(١) اصل. لعلائي

(٥)

آڇان تون اوري، ته پير نهارين پرَ جو
پرين پراهون ڏٺو ٽڪيءَ جي ٽوري
ڪايا تان ڪوري، ڏجان ماه مرن کي.

(٦)

ڪايا مٿي ڪانگ، مر وهني سسئي
اڇا ڪنين نه سئيئي سندي برہ بانگ(١)
سندو سيءَ سانگ، لاهه ته ملين هوت کي.

(٧)

پنهون آءُ پيهي، نماڻيءَ جي نجهري
ڳجهه ڳرهيون پاڻ ۾ ورچوڙيا ويهي
ٽيزابن تيهي، لڳي باه برہ جي.

(٨)

سورن سندي سير، در ڏيکاريو دوست جو
سونهپ سپيرن جي، پيو ڏيکاري ڪير
تن پلارن پير، شال م وڃي وسري.

(٩)

سگها هجن سور، آگها ڏين نه ڪڏهن
آجهي جن جي آهيان هميشه معمور
دوستن جي دستور، در ڏيکاريو دوست جو.

(١٠)

سگها سور هجن، آگها ڏين م ڪڏهين
پايو منهن مون ۾ تڳان تاريءَ تن
پاران جي پرين، ساڏيان سي سرير ۾.(٢)

(١١)

سپيريان جي پار ڏي، سونهان سور تمام

---

(١) اصل. ”اڇان تو ڪنين نه سئي سندي بره پانگ“
(٢) اصل. پرڏن

ڪيچن ڪارڻ ڪاف ۾ قائم ٿي قيام
"يَسْتَعْجِلُوْنَ فِي سَبِيْلِ اللهِ" اِنهون
جا پيغام
نيڻن ننڊ حرام، ڪر ته پهچين ڪيچ کي.

(١٢)

ويهي جئن وسارئين پرين جي پچار
ڏکائيج اندر ۾، دونهون اندوڪار
پيچاڙي پيهار، پار پاف پروچ جي.

(١٣)

پاري پاف پروچ جي هلج پاسي هوت
وساريج م ويسري جانب سندي جوت
"لَيْسَ لِلْاِنسانِ اِلاَّ ماسَعيٰ" سوئي سڻج صوت(١)
پريتاڻو پوت، پاتي پورو نه پوي.

(١٤)

پاري پاف پروچ جي متان ڪامي ٿئين ڪوڙ
آنَا اَدْيَتَهُ جي عَهْدُ ۾ جزي جاء م جوڙ(٢)
تاڻج متي توڙ، متي منهن مجاز جو.

(١٥)

ڪرها متي ڪرڻ، ڪري هليا ڪيچ ڏي
آءٌ اوراهون ٿي رهان، هو ڏوري ويا ڏونگر
تڪيءَ تيلهيو نه، تني هتين پيرين تر
ڪوهارا ڪنهن پر، چوري چڙ م چيرين.

(١٦)

ورلهيءَ سين واپار، ڪر ڪوهارا قرب جو
متي مون معذور ۾ اوڳڻ عيب اپار

---

(١) اصل. "ليس علي الانسان الا ماسعيٰ" (٢) 'انا اديته جي عهد ۾' اصل انئين جئن هت رکيل، 'عهد' جي دال تي بهرحال زبر هجڻ گهرجي.

”وَ نَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيدِ“
پرينءَ تو پچار
ڏکيءَ ڏيکيو نــه تئي دوستاڻــو ديــدار
بـــاروچـــا پيهار، وارج ورق وصـــال جـــو.

(١٧)

ونـــدر آءٌ ويــنـدي، چڻي چيه چپر جـــو
هٿين بيرين هـــوت جـــي لڳي مـــون ميندي
ســـورن ســـان سينڌي، تيس ميثاقان اڳـــي.

## وائي

ڏوري ســـا ڏسندياس، جتي جُوءِ جتن جـــي
١. ٿيندیس گهوري گهوٽ جي، جانڪيتان جيندياس
جتي جوءِ جتن جي
٢. چڙهي ڏونگر چوٽيين، ڪا جا ڪُوڪ ڪنداس
جتي جوءِ جتن جي
٣. ڏسان شـــال اکين سان، سهڻي سونهن سندياس
جتي جوءِ جتن جي
٤. غلام محمد غـــم ۾، محبن ڪـــي ملنديـــاس
جتي جوءِ جتن جي

---

## داستانُ يارهون

(١)

ونـــدر آئون ويندي، ٻاروچي ٻولي ڪـــري
لائيـنـديس لـڱن ڪـــي، مـلـيـروُن ميـنـدي(١)
ســـورن ســـان سينڌي، تيس ميثاقان اڳـــي(٢)

---

(١) اصل. مليرؤ (٢) هي بيت، جڻ ساڳيو هن ڪان اڳئين داستاني واري آخري بيت جهڙو آهي.

(٢)

منهنجو ميٺاقان، لڳو پاند پنهونءَ سين
جانب جيءَ سان ڪا، جتڙ هٿي ويو جيڏيون.

(٣)

آئون نه ڪو اوٺار، نڪو ساٿن سڏڙو
نڪا پهر پهاڙ ۾، نه طائر جي تِوار
ڪارا ڏونگر، ڪته گهٽي، اونده انڌوڪار
مرن جي، غلام چئي، ٻرن ۾ پڪار
آتي آريائي آڌار، وچ ۾ ٽيندو واهرو.

(٤)

نڪو ساٿن سڏڙو، نڪا ڪُڪ ڪنوات
هڪ چاڙيڪا چوٽيون، ٻيو واٽون وڻ آوات
ڪيچن ڪارڻ ڪاف ۾، اتم آچ آسات
سبب سان سِوانڊ، ڏيکاريج ڏکيءَ کي.

(٥)

پتر مٿي پير، پسان مان پنهونءَ جا
ڪاهي ڪرها ڪيچ ويا، هن ڏکيءَ جا ڏير
مٺيءَ مون معذور کي، ڪاف اُڪاري ڪير
سندا سونهپ سير، ڏيکاريج ڏکيءَ کي.

(٦)

پٿر تي پيرا، پسان شال پنهونءَ جا
جاليندي‌س جبل ۾ جانب لاءِ جيرا
نهاريندي‌س نِڪٽيان گهٽيون گهٽ گهيرا
والي ڪنه ويرا، ڪافان ڪيچ رسائيين.(١)

(٧)

وِندُر منجهان وات، وڃي تي وِڪار ڏي(٢)
هل اڳاهين سسئي، ڇڏي ڇپر ڇات
ڪيڏو قصد ڪوانٺ، ڪري پهتا ڪيچ ڏي.

---

(١) ٻي پڙهڻي: ’قادر ڪنه ويرا‘ (٢) اصل. ڏونگر منجهان وات

(٨)

نوڪي جتن جيئن، هلڻ گهرجي هوت ڏي
ٽَنڊي مَنڊي ٽُور ۾، هيٺي هَل مَ هيئن
چام پنهون کي ڪيئن، پَٺيي پُهچندينءَ ڪيترو.

(٩)

هيٺي هَل مَ سسئي، سَگهائي ساري(١)
ڏونگر ڏکوئن کي ڏکا ڏيکاري
پرت پڪي پاري، ڪِجان پِنڌُ پهاڙ جو.

(١٠)

ڪالهه هَلي ويا قافلا، آج هلي آنءُ تون
سڻ هنئين سان سڏڙا سندا چام پنهون
جي تون مارين 'مون'، ته وصل کي ويجهي ٿئين.

(١١)

چامَ پنهونءَ جا سڏ، سڻ هنئين سان سسئي
حق نهارج هيڪڙو 'هِي' 'هُو' کي ڇڏ
"فَادُخلوها خَالِدوُن" هند اوڏاهين آڏ
متان مٿورَ ڪَٽ مَڏ، وَرَ سان ويهين ويسري.

(١٢)

ساڻن سات سنياهيا، تون ٿي سمهين آساري
ڪيچ پراهون پنڌ ٿيو، نه اورانهون آري
نَڪا جاءِ جنبش جي، نه زور ڪرڻ زوري
صبح سَواري، ڪَاهه ته پهچين پرينءَ کي.

## وائي

والي واري وار، وو پاروچا پنهور ۾
١. ڪيچان اوري ڪاف ۾، ڪيائين ڪيئن قرار
وو پاروچا پنهور ۾

---

(١) اصل. سگهائي

٢. چڙهي ڏونگر چوٽيين، ڪيان ڪا ڪوڪار
وو ٻاروچا پنهور ۾
٣. ڏري ڏيل ڏڪيءَ جو، ڏسي ڏونگر ڏار
وو ٻاروچا پنهور ۾
٤. ڏسان شال اکين سان، سهڻو سو سردار
وو ٻاروچا پنهور ۾

---

## داستانُ ٻارهون

( ١ )

ڪَهِجَ پاسي ڪيچ، پُنِّيءَ پير پنهون جي
سوگهو ڪج سرير ۾، ڏيٺي پريتائو پيچ
'هي' 'هُو' سڀو هيچ، پارج ڪيم پرينءَ سين.

( ٢ )

چوري چِتّ ۾ پير، پسي چام پنهون جا
رِيءَ ڪويهاري ڪير، وچ ۾ ٽيندو واهرو.

( ٣ )

ري ٻاروچي ٻاجَهه، ڪين پوندي ڪنه ڳَري
صاحب سوند سڀاجهه، وچ ۾ ٽيندو واهَرو.

( ٤ )

هل هنيين سان هوت ڏي وِچائي واهُون
ڪِجان ڪي قريب ڪي درد منجهان داهون
آريائي آهون، پُڏي ايندو حَبَ ۾.

( ٥ )

جَبَلَ ۾ جهونگار، سچي سائيڙن جي
وچي تي وڻڪار ڏي سندي ڪيچ قطار

نڪو پير پنهور جو، نہ سسئي سندي سار
ايڏو رکي آر، تا وڃن آري ڄام ڏي.

(٦)

نيون چڱا نوندريون، چڙهہ مٿي چوٽي
ورڪ مَ ڪج ڪوٽي، هلڻ پاسي هوت ڏي.

(٧)

جلائيج جبل ۾ جانب لاءِ جيرا
پسين مَن پَبَ مٿان پريںءَ جا پيرا
دوست سندا ديرا، ڏور تہ ڏسين سسئي.

(٨)

ڪرها قطارون، ڪري هليا ڪيچ ڏي
چڙي پنوںءَ پنهور جي سوڙي مهارون
نڪا ترت تريءَ جي، نہ توڏن تنوارون
ڏِنائون ڏيساوري، ڏونگر ڪي ڏارون(١)
جبل جهونگارون، پڌيون پاروچن جون.

(٩)

مون کي 'مون' نہ ماريو، توکي طعنو 'تون'
هڻ هٿيار هٿن سين، مر تان وٺي پون
مهميزون محبوب جون صحي سمجهون سون
لالائي جي لون، لاهہ نہ لڪ لنگهي وڃين.

(١٠)

سندو ڏيرن ڏس، پڇي پورج سسئي
"اِهْدِنَا صِرَاطَ الْمُسْتَقِيمَ" اهو گورن گس
تون مٿي آئين مس، هو ويجها ٿيا وٺڪار کي.

(١١)

ڏاگها تو نہ ڏائيا، ڏکي ڏيئي ڏاڻ
وٽان تو آئي ويا سويرا سرواڻ
تيلاهون تي هاڻ، چڱون پائين چپرين.

---

(١) اصل. ڏناڏون

## وائي

آءُ اوراهون آري وو، آءُ نہ اولي نہ ٿيان

١. آهون دانهون ٿي ڪيان، زور منجهان زاري وو
آءُ نہ اولي نہ ٿيان

٢. آڏا ڏونگر لڪيون، واٽون ور واري وو
آءُ نہ اولي نہ ٿيان

٣. آءُ پيادي، پنڌ پري، ٻَرَ سُڄهن ٻاري وو
آءُ نہ اولي نہ ٿيان

٤. غلام محمد غم ۾، دوست ڏِهو دلداري وو
آءُ نہ اولي نہ ٿيان

---

## داستانو ڏيرهون

(١)

ڏُکوئي ڪي ڏير، ڏور ڏيئي ويا ڏک جي
نہ مون ڪرهو ڪيچ جو، نہ پنهوراڻون پير
ڪٿي پنهونءَ پير، ڪٿي تي هٿ ڪٽان.

(٢)

ادا اي اوٺار، تو کي ڏنا ڏير مون
اوري ڪين وڪار، يا لنگهي ويا لڪيون.

(٣)

ادا اي اوٺي، تو کي ڏنا ڏير مون
لڪن ۾ لوٺي، ٿيس لعل پنهونءَ ري.

(٤)

ادا اي سرواڻ، تو کي ڏنا ڏير مون
مون مٺيءَ جي ڪاڻ، ڪاڙهو ڪري ڪيچ ويا.

(٥)

ڪنائون ڪوني، مُنهِنجي مون معذور کي
پير ڏيئي پوني، پاڻ پيهي ويا چڇرين.

(٦)

جيت نہ جاءِ حُجت جي، نَڪا قِيلُ مَقال
نڪو منهن مَجازَ جو، نڪو ويچ وصال
اتي ڪهڙو حال، ٿيندو مون معذور جو.

(٧)

والي ڪر وَراڻ، تہ ڏسان منهن محبوب جو
وسيلا تو ساڻ، ٿيئي مانَ وصال ڪو.

(٨)

آئون حَريدي جوءِ، هو جماعتي جت ويا
ڏونگرُ ڏُکوئيءَ سين پلي پيڙو هوءِ
مون سان ويهي روءِ، تہ ڪيون پار پنهونءَ جا.

(٩)

سسئي ۽ سور، ويئا روئن پاڻ ۾
هُن جو اورڻ هوت سين، هي وجي ٿي وهلور
اهي پيئي پور، پيا پيش پرت جي.

(١٠)

سورن سين سِر تاج، ويئي ڏوري ڏڪڙا
نڪو مِنهِنجو ملاقات جو، نڪا حجت هاج
اهو روءِ رواج، رت ۾ روهيلن کي.

(١١)

سُورن مٿي سور، آيم قطارون ڪري
پنيوران پرپور، پيئر مون پيڙا ٿيا.

(١٢)

ڪُنهِنبلياٿي ڪيمَ، حَبَ ۾ هلج هيڪلي
جَر جانارا راه ۾، مَمُون مار عميم
سهسين ٿيون يتيم، هِن رتولي روه ۾.

(١٣)

هو ڪالهوٺان ڪالهہ ويا، تو ڪُهي ڪنئي نہ وڪ(١)
ڏُڪي تـــي ڏيکارين ڏيـــرن ڪـارڻ ڏڪ
جا تو ليکي لِڪ، ســا منہ ۾ آئي سامُهين.

(١٤)

هو ڪالهوٺان ڪالهہ، وجـــي پهتا ڪيچ کي
هن هيٺيءَ جـو حال، ڪهڙو تيندو ڪاف ۾.

(١٥)

هوت جنّي جي هنج ۾، سي مـَـرُ سـُـک سمهن
وَصل جـــي وِصال ۾، هـر دم عيدان ڪن
سنّدر سک سندن، جنهن سان پـَهتيون پرينءَ کي.

(١٦)

هوت جني جي هنج ۾، سي مـَـرُ سرهيون هـُـوَنِ
جانبَ ڪانڌَ نہ رُوَنِ، ووءِ ووءِ ڪري وڏڪار ۾.

(١٧)

جـــوڙي جـَـتَ نِهار، ڏُڪـــوئـي ڏونگر ۾
پـِري نـاهي پرت ڪـــان ڪيچ ڏٺي ڪويهار
اوري ڏِيي وڏڪار، آهي ديـــرو دوست جـو.

(١٨)

وڏـــڪـــاران وري، نـَئي نِهـارج نجـــهرو(٢)
منجهان دوست دري، ڏوري ڏِســج ڏيـــل ۾.

## وائي

ڏيئي ڏيـــرَ ويام وو، ڏورو ڏونگر ڏيہ جـو(٣)
٠١ پينر هـــن پنيور ۾، قـــائم آهـــي قيام وو
ڏورو ڏونگر ڏيہ جو

(١) اصل. ’ڪالوٺان ڪالهہ ويا تو ڪـُهي ڪـَـئِي نـَـوِ ڪـ‘
(٢) نئي نهارج (اصل ائين) = ١- نئينءَ نهارج، يعني نئين سر ٢- نيئي نهارج (٣) اصل ۾ هت ’وو‘ لکيل ناهي

٢. پانڌي هوت حبيب کي، ساري ڏيج سلام وو
ڏورو ڏونگر ڏيه جو
٣. ڦــوڙائو فيراق جــو، منهنجي مـَن مدام وو
ڏورو ڏونگر ڏيه جو
٤. غلام محمد محبن جــي، گولي آهيان غلام وو
ڏورو ڏونگر ڏيه جو

—

## داستانُ چوڏهون

( ١ )

لـَڪـَن ۾ لاڏُوڻ، لــَڌم لال پنهونءَ ســيــن
آيـــا هـــن پـَنـِور ۾، ڪيچي ڪـِئائـــون
"ٻـُرو" بلوچـــي چـَئي، ليڙا لــَڏيـــائـــون
مـَٽي مون معذور کـــي نـــال نـــہ نيائـــون
هـــاڻ وهان آئون، ڪـَنـَه سـِر ڏيئي آســرو.

( ٢ )

چاڙهـِيـِڪـَن ڪـِيو چور، جيءَ منهنجو جيڏيـُون
هيٺيءَ کي هــن حـَـبَ ۾ ڪـَارا ڪوه ڪلور
ڏٺي ڪـِـج مَ ڏوَر، پنڌ پريان جـــي پار جو.

( ٣ )

وندر ۾ واڪا، ڪندس هـوت پنهونءَ کـــي
ڪـَنين ڪوهيارل جـِي ڪوڪ پوي ڪا ڪا
مـــاري مـــون معذور کـــي واري وراڪـا
ڏونگر جـــا ڏاڪـــا، آريـــائي آڪـــاريين.

( ٤ )

جـَـت نـــہ آهيئي، جـــي مون ڏٺا جيڏيون

ڦوڙائو فقير کي ڏير ويا ڏيئي
جيءَ اندر جيئي، سيئي سڄڻ ساريان.

(٥)

جت نه آهي هُونءِ، جي مون ڏٺا جيڏيون
ساريو سپيرين کي نيڻ نمائا رُونِ
ڀري ڀڙلا ڀُونِ، ڪيچن جا ڪوه ڪاف ۾.

(٦)

ڏير ڏَساڻا ڏور، آئون تي اوراهين رهان
وات وراڪا واريون ڪارا ڪوه ڪلور
ماري مون معذور کي محبت جو مذڪور
ڏٺي ڪيچ ۾ ڏور، دروازو دوست جو.

(٧)

آهُ اوراهون هوت، ڀرت پُراڻي نه ٿئي
ڀريتاڻو ڀوت، ڳڻن ڳوپي ڇڏيو.

(٨)

ڀريتان ڀري، شال ۾ ٿيان جيڏيون
ڪاهي ويندس ڪيچ ڏي پيرين پنڌ ڪري
سائي سڪ سري، جنهن سان پسان پرينءَ کي.

(٩)

ڀريتان ڀاسي، شال ۾ ٿيان جيڏيون
جي وڻ ويا واسي، سيئي سُرها سيڻ مون.

(١٠)

آئون تي ڪيدان پار، اوهين اوساريو سرتيون،
ڪيچ ڏٺي ڪوبهار، ڪالهه ڪَهي ويو ڪيچ ڏي.

(١١)

ڀلو هوم ڀتار، ڀيڻر هن ڀنڀور ۾
ولهن سندو واهرو سونهارو سردار
برپٽ سڀ بهاريا، واسيائين وڻڪار
ڏيه ڏٺي ڏاتار، هو ڪوبهارو ڪيچ جو.

## وائي

ٻاروچي جي ڪاڻ، ڪوهياري جي ڪاڻ،
ڇڏي پيئنديس، آءٌ ڇپرين

١. پينر هن پنيور مان، لڏي ويئي لڏاڻ
ڇڏي پينديس آءٌ ڇپرين

٢. ڪيچين ڪارڻ ڪاف ۾، پرزا ڪنديس پاڻ
ڇڏي پينديس آءٌ ڇپرين

٣. ويند يس ورهنديس ڪينڪي، سونهان ساٿين ساڻ
ڇڏي پينديس آءٌ ڇپرين

٤. واري وَرُ ورائيان، ڏيئي ڏاگهن ڏاڻ
ڇڏي پينديس آءٌ ڇپرين

٥. غلام محمد سون پرين، ڪندا روح رهاڻ
ڇڏي پينديس آءٌ ڇپرين

—

# سر ڪنڀات

## داستانُ ٻيون

(۱)

اول الله عليم، ميڙو ڪندو سڄڻين
سيڻي ويڻي سارين سيني صاف سليم
هينئڙو تيو حليم، ٻنا محبوبن جي.

(۲)

صورت سپرين جي نسورو نُسي نور
سورج ڪتان سهڻو، قمر مٿ نه مُور
دلبر جو دستور، ڪين ڏسان ٻي ڪنهن ۾.

(۳)

صورت سپرين جي لاشڪ لاثاني
قمر ڪوڙين ڪيترا ڪيان قرباني
اجان پڻ جاني، اِنهان آهي اڳرو.

(۴)

صورت سپرين جي لاثاني لاشڪ
حورون سڀ حيران ٿيون، سَرگردانُ فَلڪ
ڏِج نوراني نڪ، خالق ڪئي خلقيو.

(۵)

صورت سورج اڳري، سورج سُوالي
ظُلمت زوالي، مُور نه ليئي آتهين.

(٦)

سپرين جي سونهن جو نڪو پاندُ پَرو

حد لنگهي لاحد ۾ لهي ڪونه ذرو
ڪامي ٿا ڪَرو، ڪَرَ ڪُڏاتي ذاتڙي.

( ٧ )

سپيرين جي سونهن جي نڪا حد حدود
نڪا ابتدا عبد جي، نه واجب الوجود
ڪَعبُو ڪَعبُ قَوسَيَن جو، محبوبن معبود
چار ڪتاب طواف ۾، مسجدون مسجود
اچي مُنھ محراب ۾ ڪيو سج سجود(١)
قمر پاڻ ڪبُود، اکيان قريبن جي.

( ٨ )

اکيان قريبن جي قمرُ ڪاري رؤء
سج سَهائو نَه ڪَري، ڪٿوري ڪا بُوء!
سا سُرهي ٿئي جوء، جتي ڪري تَڪيو.

( ٩ )

اکيان قريبن جي قمرُ ڪاري رنگ
سج سهائو نه ڪَري، ڇڏي تابش تنگ
تارا تي تاراج ويا، ڪَتِن سُڪا سنگ
وڏي نالي ٺنگ، آهي منهنجو سپرين.

(١٠)

ڏِني عجيبن جي ناري نيڻ ٺرن
سدا صُورت سڦرو، سهڻو سون وَرَن
قرباني قريب تان ڪروڙين قمرن
پوي ڪام ڪرن، جن کي سڌ نه سونه جي.

(١١)

مترُ سي ڪامن ڪر، جي آنڌا آونڌا آهرا
تن کي سپيرين جي کهڙي آهي خبر
رَکن ڪُهيري پَر، وچن ابتا عامُ ڏي

---

(١) اصل. اٿين

(١٢)

ڏسان ڪونہ جهان ۾ جانب جيهو ڪو
حسن حبيبن جي ڪيو سج جهڪو
ڏنو ڪهين نہ ڪو، پاڇولو پرين جو.

(١٣)

چوڏهينءَ چندر کان اڳرو جانب جو جمال
مهندان مون پرين جي سارو لوڪ هلال
"لَيۡسَ كَمِثۡلِهِ شَيۡئًا" مثلان^ بي مثال
هاڻي تان آوال، ڪونہ ٿئو ڪو پڌرو.

(١٤)

نڪو پاڇولو سج جو، نڪو مون پرين
اچي سجدا ڪن، قمر قريبن کي.

(١٥)

پيشاني پرين جي نُورٌ اعليٰ نُور
شمس شامل نہ ٿئي، قمر مٽ نہ مُور
حورون هارَ قُصور، جهڪا جلوي جوت سين.

(١٦)

پيشانيءَ ۾ پرين جي چشمو آب حيات
جٺاري جوين سين، موتي مَن مَمات
خِجِل ٿيو خِضرات، ڏسي ساوڪ سڄڻين.

(١٧)

جَهڪا سَپ جمال، حسن مُقابل پرين جي
ظُلمت ٿي زَوال، صورت سورج آيريي.

## وائي

مون کي چندر ڪتيون سج تارا
خبر ڏهو محبوبن جي
١. اوهين سيئي ٿا ڏسو محب مٺو مٺارا
خبر ڏهو محبوبن جي

۰٢ راسيندي راسن سان، دوست ڏسو دلدارا
خبر ڏهو محبوبن جي
۰٣ اڇو جڏهن ڇوتيهين، ڇوت ڇمو ڇهدارا
خبر ڏهو محبوبن جي
۰٤ تارا تو ڏي تي ڏسان، تون ڏس پرين پيارا
خبر ڏهو محبوبن جي
۰٥ وڇان مون پرين جي، جهڙ نه اڇي ڪنه وارا
خبر ڏهو محبوبن جي
۰٦ غلام محمد حب ۾، شال پڇي مون چمارا
خبر ڏهو محبوبن جي

---

## داستانو ٻيو

( ١ )

پسڻ خاطر پرين جي حورن پڌا هار
شمس قمر شرمائيا جانب جلويدار
مشڪل آيو ڪار، تنهن مقابل پرينءَ سين.

( ٢ )

هلي منهنجي پرينءَ جي هر جا حسن هاڪ
ملڪ جن انسان ڏنا سيئي حيرتناڪ
آڇي چمن خاڪ، سرهي سير سڄڻ جي.

( ٣ )

قمر ڪوماڻو، ڏسڻ ساڻ عجيب جي
ڏٺو جڏو اوساڻو، حورن جو هر جاءِ ۾.

( ٤ )

هي هي ڪيو هاءِ، هرڪو هٿي هٿڙا

اڳيان قريبن جي قمر ڀڻو ڪُوماءِ
ڀڻي جي ناهي جاءِ، جانب جي جمال سين.

( ٥ )

قمر قريبن کي ٿي نوڪر نهاريج
ڪري ڪوڙين ڪُرمُشون، پيرن تي پئيج
ڏِهان پوءِ چئيج، سنيهو کي سڄڻين.

( ٦ )

قمر قريبن کي ساري ڏيج سلام
پري آيي ادب ۾ ٻڌي هٿ تمام
مٿان اچي قيام، اوڏائيءَ جي آوڏڙي.

( ٧ )

قمر قريبن کي نيئي سنيها ڏج
ادب ساڻ آڇج، پري مون پرين ڪان.

( ٨ )

قمر قريبن کي ڏي سنيها ساري
پيليو پاري، رکج پيرين هٿڙا.

( ٩ )

قمر توکي ته ڪيان قريبن جو مَٽ
هو سدا سڄو صورت ۾، تو ۾ گهاٽو گهٽ
جي مٿو هٽين پٽ، تان پڻ سَرڪُ نه ٿيين سڄڻين.

(١٠)

قمر قريبن جو ٿي قاصد ڪامورو
منهنجو مون پرين ڏي ٿي پيغامي پورو
تان تون طهورو، ڀِئين پاڻ پريت جو.

(١١)

قمر قريبن جي ڪر قاصدائي ڪار
جيڏهن منهنجا سپرين تيڏهن تون نهار
پُڇي پرين پار، ڏي ڪا خبر خير جي.

(۱۲)

گھڻو ڪــري نِهاريان تنهنجي پيشانـــي
جيڏهن مـــون جـاني، تيڏهن تـــو نهارين.

(۱۳)

تو ڏي گھڻو نـهاريـــان اِهـــا رکـي آس
ڏسڻ جو تپاس، تـو ۾ مون پرين جو.

(۱۴)

وَر ڏيئي ولاڙيان، سورج تنهنجي سونهن
منجهان تــو ورونه، اچڻي مون پرين جي.

(۱۵)

وَرَ ڏيئي وِلاڙيـان ســورج تنهنجو ســاز
توکي نئون نوازيو مـون پريان جي نــاز
منهنجي [مَـن مجاز، لڳو تنهنجي آســـري.

(۱٦)

سورج سهي ڏيــج، ســـاري هــي سنيهڙا
مون کي منهنجا سپرين گوندر ۾ نه گڏيج
ڇني تان نه ڇڏيج، سڳو ساڳي سِـڪَ جو.

(۱۷)

ســورج ڏيج صحي، ســاري هــي سنيهڙا
سِـڪ تــه تنهنجي سپرين اڻسر روح رَهي
ڪنه سان قِيل ڪَـهِي، ڪِجهه ڳرهيان ڪي ڳالهڙيون.

## وائي

ڪنهن ســـاڻ ويهي، اي يار هي حال اوريان،

۱. داڙي منهنجي دوست پيارا، رمزن سان تو ريهي
اي يار هي حال اوريان

۲. ني نماڻي پـــاڻ سين، جيهي آهـــي تيهي
اي يار هي حال اوريان

٣. قريبن جي قرب جي ڳالهه ڪريان آئون ڪيهي
اي يار هي حال اوريان
٤. غلام محمد نڌر سان نينهن نڀائيندا نيهي
اي يار هي حال اوريان

---

## داستانو ٽڙٽو

(١)

تارا چنڊ تعجيل، ڪين آيمج آين ۾
جانب جي جمال جي تو ۾ سونهن سبيل
منجهان عين عليل، تو سين وره ورونهيان.

(٢)

تارا تڪڙ چنڊ، ڪين آيمج آين ۾
منهنجون مون پرين سين اکيون اکين گڏ
نيلاهون مون مڏ، آهي تنهنجو آسرو.

(٣)

تارا تنهنجو تيز، گهڻو ڪري نهاريان
توتي مون پرين جي آهي رونق ريز
محبت ۾ آميز، ڏي ڪو ڏکويل کي.

(٤)

تارا تيڏهن ڏس، جيڏهن منهنجو سپرين
نيلاهون تو درس، گهڻو ڪري نهاريان.

(٥)

جتان جاني نڪيو، تتان نڪيو ته ڪو
هرڪو حاڪي[^] هوء، جانب جي جمال جو.

(٦)

تـــارا تنهنجي روء، ويني نـت نهاريـــان
توکي رو بروء، اک پـريان جـي اک ۾.

(٧)

هولِي ڪرِي هـل، ڪرُون موڙ مَ ڪـرها
جاڳيا منهنجي جـيءَ ۾، جـانب ڪارڻ جـل
هـوندي رات مهل، مون ڪي ميڙ پرينءَ سين.

(٨)

وِڪ وڌندي پـاء، جـمل جانب ڏي گهڻو
مون کي مون پرين سين هوندِيءَ مهل مِلاء
ڪـهَ ۾ ڪيمَ ڪـتاء، ميا محبوبـن ڏي.

(٩)

وِڪ وڌندي رک، جـمل جـانب ڏي گهڻو
منهنجي مـون پـرين سين لـوحان لڳي اک
مـرُ سو ماري جک، مانعُ مُنهه ميرو ڪري.

(١٠)

هـل هنيين سـان اوڏهين، سونهان ساڻ سـرت
هِتان هـلي هـت، مـون کي ميڙ پـرين سين.

(١١)

هـل هنيين سان اوڏهين، جيڏانهن جانب جـوء
مـون کي ميڙ پـــرين سين هلي روء بــــروء
رکي خــــادِم خوء، توکي چندن چـــاريان.

(١٢)

ميا مـوڙي چـڏ، هـل هنيين سان اوڏهين
”اِهـدِنـا الـصـرّاطَ الـمُستقيم“ سٽي اهـو سڌ
اوڏو نيئي گـــڏ، مون کي مـون پرين سين.

(١٣)

هونديءَ رات هـت مِلان، جتي منهنجو جيءُ

پهچائيج پرين سين نيئي نماڻي هيءَ
پاڻي پلر پيءُ، هلي هت حلاوتي.

(١٤)

هونديءَ رات هت ملان، جتي منهنجي جان،
ڪاهه ڪڪوريا ڪرها، پهرئين پهر ملان،
تہ متان تو قربان، هي سر گهوري گهوريان.

(١٥)

ڪڪا ڪاهي هل، مون کي ميڙ پرينءَ سين
وٿي وره پائيان، پري پريان پل
نيهان نيرا نل، هاريندي هت ملان.

(١٦)

ڪڪا ڪاهي ميڙ، مونکي مون پرين سين
وهي تي وجود ۾ ڪوري ڪاڙي ڪيڙ
هنجهون چنان چيڙ، هاريندي هت ملان.

## وائي

آئون ويندي، اي يار ويندي، پاڻ پريان جي پار ڏي

١. هٿين پيرين پرين جي لائيندس آئون مينديي
اي يار ويندي

٢. سڌ نہ جنهکي سڪ جي، سورن ڪٿي سيندي
اي يار ويندي

٣. ڪيلي پنهنجي پرينءَ سين، ڪير ڪندون گڏ ڪيندي
اي يار ويندي

٤. غلام محمد محبن سان، نيند ڏيائي نيندي
اي يار ويندي

# داستانُ چوٿون

(١)

چڙھو چڪيءِ آئيو، ڪڙھو ڪٺيءِ رات
نايو ناڪيلن کي وڏا ورڇيءِ وات
جو پره ڦٽي پرڀات، سو ميءِ ميٺ نه آئيو.

(٢)

چڙھو چڪي آئيو، ڪڙھو رات ڪٺيءِ
ڇنائين ڇيت ڪري منجھان ڇيت ڇٺيءِ
صبح ويل سٺيءِ، جُوءِ نه پسي جت سين.

(٣)

چڙھو چڪي آئيو، ڪڙھو ڪري ڪوڏ
مٺيو مٺارو ٿيو، ٽانڊڪون مٺيءِ ٽوڏ
لڏي آها لوڏ، جتان جُوءِ جُھاريو.

(٤)

مٺيءِ مٺو نه لڳيءِ، جيڪين ڇنو جڳ
ناڳو نيراڻو ونٺيءِ واڳيو وڏيءِ وڳ
تيڏهن پاڏيءِ پڳ، جيڏهن جُوءِ نه جاتيمين.

(٥)

جيڏهن جوکو جاتيمين، تيڏهن ڪڙهي ڪاه
لالائي لڱن کي لايو پٽي لاه
ٽٽان لڳ الله، وساريو وڻ چڙيءِ.

(٦)

آٽي منجهان سات، چڙھو چڪي آئيو
اوسوڙو عليل کي اِڪ نه لهي لات
ڪڙھو ڪري نه ڪاتَ، ڏينهائي ڏور چڙيءِ.

(٧)

جٽي جت نه جُوءِ، ڏٽي ڪڙھو ڪٺونڙ چڙي
اوڳاري اوڳر ۾ اڇي عنبر بُوءِ
رٽو رٽيءَ روءِ، آٽاهون ٽي آئيو.

(٨)

مَيو متارو ٿيو، چـري سـا چـرهـات
چـنـائين چيت ڪـري وجهي وڏا وات
جُوءِ نہ پسي جـاتيهين، مـوڳي مت مَزات
تـوڏو تهين تـات، تـواريندي تـڙ ٿئو.

(٩)

جنه تـڙ توڏو تـڙ ٿئو، تنه تـڙ اَچو آب
پيتائين تڪون ڪـري طـهورا شـراب
تيلاهون تَنُهِ تـاب، تـڳائي تـازو ڪيو.

(١٠)

ڪرهي ڪَڪر ڪـن ۾ پـاتو پهرائين
پـاهڻ پيرن هيٺ ڪـري چـاهَڪ چنائين
تـوڏو تئائين، تـڳـي تَوانـو ٿِـئـو.

(١١)

ڪَرهي ڪَڪَر ڪن ۾، پاتو پِهرين پور
چَرهو چري آئيو، ڪجا ڪئونڙ ڪَچور
نورٌ اعلي نور، ڪيو نَوالـي نيه جـي.

(١٢)

چڏي ڪَثر ڪرهي، چِني چاهَڪ چڳ
بَهاري بـاغـات ۾ پـائـي آيـو پـڳ
جنه جُوءِ نہ ڏني اڳ، سو هِينئر هِري آئيو.

(١٣)

چـڏي ڪثر ڪـرهي، چِـائين چـاهڪ
واڳيو وَتهي وڳ سين، چـرَهِي وجهي نہ چَڪ
مُور نہ ڏي ڪنه عـامَ ڪي ناگو نائي نَڪ
جيڏنه شور نـہ شَڪ، تيڏاهُون ڏار چـرِي.

(١٤)

چـڏِي ڪَثر ڪرهي، چنو چاهَڪ گـاه

ســـانديائين ســـردر ۾ ســرسو ميثل ســـاهَ
جيڏنهَ پسي پـــاه، تهڏاهين ڏايـــو وَڃي.

(١٥)

ســـڙي چمڙ لڇمر ويـــو، بـــاقي بچيا هڏ
ڏکيا ڏينه گـــذاريا گئونڙي گَڙ سين گڏ
جا مٽس هٿي لڏ، سا لوڪي لاهي چڏي.

## وائي

منهنجو هـــوتن ســاڻ، نيه نبيرو نـــه ڪري
١. ور وڻي مـــون وات تيا، رات سٽي ســـرواڻ
نيه نبيرو نـــه ڪري
٢. چلي پينڌيس چيرين، ڪوهياري جي ڪـــاڻ
نيه نبيرو نـــه ڪري
٣. چڙهي ڏونگر چوٽين، پـــرزا ڪنديس پـــاڻ
نيه نبيرو نـــه ڪري
٤. مادر مونکي مـــاريو، پـــاروچي جي پـــاڻ
نيه نبيرو نـــه ڪري
٥. وينديس وهنديس ڪينڪي، هاڙهي هلنديس هاڻ
نيه نبيرو نـــه ڪري
٦. غلام محمد دوست جـــي تـــن ۾ تاڻو تـــاڻ
نيه نبيرو نـــه ڪري

---

## داستانو پنجون

(١)

ڪيڏنه ويـــو وڪيل، پيئي ڪـــل ڪنوارين
منجهان سڪَ سبيل، پنـــي آس آداسيـــن.

(۲)

لِکي لاءِ وَرَنِ، سِپِيا کَنَ ڪنوارِيين
پاڪ ڪِيائون پانهنجا مَتا ماڄي مَن
تيلاهون تي تَن، شادي شهيدن سين.

(۳)

نَتون پائي نڪ ۾، بُولا ٻِڪائون
لڏائون وَرَن سين وِهانُوَ ۾ لائون
ڳهڻو آگاهيءَ ڄَو ڳچيءَ پاتائون
تَنِي تِئائون، عطر لاتو لِڱين.

(۴)

ڪنوارين جو ڪاڄ، ميشاقان اڳ ٿيو
جيڏنه رِتا راڄ، تيڏنه ڏَءُ نه ڏائِيو.

(۵)

لڳي ڪَس ڪنوارِيين پرٿيون پاسا ڏِينِ
صحي سَڌ وِصال جي ڪنهن سان ڪانَ سَلِينِ
ڳَهَرن منجهه ڳهارين، وَرن ساڻ وِصاليُون.

(۶)

لڳي ڪَس ڪنوارِيين، پرٿيون پاسي پر
”اَلتَقدِير يَضحَڪُ عَلَي التدبِير“ اِي وَراڻي وَرَ
ڪي داخل ٿيون در، ڪي رُونديون رهيون راڄ ۾.

(۷)

اَڄان تون ٻوراق، سَڌون چِڏ سُهاڳ جون
”اِن اللّٰه وِتر يُحِبُ الوِتر“ تَڪِيو جوڙ ج طاق
مَتان فوج فِراق، پوي وچ وصال جي.

(۸)

اڄان تون اڻ ڄاڻ، سَڌون چِڏ سهاڳ جون
آيهَم پوري پائيين پَسي پنهنجو پاڻ
نڪو نيه نياز سين، نڪا ڪنهن جي ڪاڻ
جيڏنه وَرُ وَراڻ، تيڏنه ڏَءُ نه ڏائِين.

(٩)

سَڏون چڱ سهاڳ جون، پَرٿان پاسي ٿيءُ
متان پوري پَنَ ۾ آئي هٿي هيءُ
جوکاڻي ۾ جيءُ، ڏيئي ڏک پرائيين.

(١٠)

سڏون چڱ سهاڳ، جون پرٿان تي پاسي
وَرسي ورماسي، سَڄر سُور پرائيين.

(١١)

چڙي چاڳ مَ ڪَر، پسي پَرٿي واريون
پنهنجو ڪري نہ قرب سين، ويسر واريون وَر
"الطَّلاقُ مَرَّتانِ" ڏيئي ڏوه ڏَمَر
ايءُ دُواري دَر، ديوانيون دوُر ڪري.

(١٢)

چري ڪر مَ چاڳ، پسي پرٿي واريون
وٺيون جي وَرَن کي تن پورين، پرڙو پاڳ
سو نہ مِلهي ڪو لاڳ، عقل عاقي وارين.

(١٣)

ديوانيون ڪيئُون دل ۾، ڏاهيون ڏور ٿيون
پهري پُور پيئُون، پَسند سي پرينءَ کي.

(١٤)

چَريون ڪيائون چت ۾ ڏاهيون ٿيون ڏور
جي حاضر منجهہ حضور، سي پيون پَسند پرينءَ کي.

(١٥)

توڙي تارا ڪتيون، توڙي چوڏس ماه
سهڻو سونهن حُسن ۾ سڄ سهائُو آه
سارج سڀ سيّاه، مَهندان مون پرينءَ جي.

(١٦)

توڙي تارا ڪتيون، توڙي چوڏس چنڊ
مُنڊُ ماهچيسي مندر، مٿي مون پرينءَ جو.

## وائي

ٻن سي راتڙيون، پرينءَ پچاڻان جي پيون
ڪنهِ سي ساعتڙيون، پرينءَ پچاڻان جي پيون
١. لڳيون منهنجي جيءَ ۾ قرب جون ڪاتڙيون
پرينءَ پچاڻان جي پيون
٢. پاتيون پاڻ پريت جون جانب جهاتڙيون
پرينءَ پچاڻان جي پيون
٣. غلام محمد ڏي مُڪيون مُحب ٻراتڙيون
پرينءَ پچاڻان جي پيون

---

## داستان ڇهون

(١)

تارا توڏي تار، ويٺي نيڻ نِچوئِيان
تيڏاهين نِهار، جيڏانهه منهنجا سپرين.

(٢)

تارا توڏي تانگهه، نِت نيڻون نه لهي
تائين پِرهه ٻانگ، نهاريندي دم ڏيان.

(٣)

تارا تاڻي نهي، اکيون قريبن ڏي
جدا جانب جهي، اوڏا آئُج سي پرين.

(٤)

چنبر مٿي مَ آءُ، سگهو ڪر مَ سوجهرو
اونداهي آجهو ڪيان پاڻي پرينءَ لاءِ
شاهدَ تو شعاع، تو شمون شوميهن.(١)

---

(١) اصل شمو وجهي شومهي

(۵)

چنڊ ر مَ آءُ متي، سکهو ڪــــر مَ سوجهرو
سنجهي سُپيرين، ســـان وينيس ســـور سٿي
لِڪ سين تو آلٿي، ڳُجهه ڳرهيان ڪي ڳالهيون.(*)

—

(*) هن بيت بعد، ڏيڍ صفحو خالي ڇڏيل آهي. جنهن جي معنيٰ ته هن داستان جا رهيل بيت اڃا لکڻا هئا پر لکڻ کان رهجي ويا.

# سر بلاول

## داستانو پهريون

(١)

سُورهَ ساماٺي جڳري، لٿي پَڇَ پَٽي
ڪَنين آنڙ چام جي وَجي هاڪَ پٽي
تہ ٺيندي رُڪَ رَٽي، ڪَڇان اوري رڻ ۾.

(٢)

آنڙُ آناڙي، فهم فڪر جا فند ڪري
ڪڍي گهوڙا ڪَڇ تي فوج وڏي چاڙهي
آهي آواڙي، ماٺِ مُقابل ماميري.

(٣)

آروڙجي آٺيو جڳرو وڏيءَ جوڙ
آنڙ آڏيرو ٺيو ڏسي سختي سوڙُ
مَرُ سو پڌي موڙ، مَرڪهي مرسُولن ۾.

(٤)

آروڙجي آٺيو، جڳرو وڏي جنسار
ڏَڙي دشمن تي ويو، ڏسي تڪَ ترار
مَرُ مَرڪي سردار، جَنهِ عالمُ آرامي ڪيو.

(٥)

آروڙجي اٺيو، جڳرو جنگ جوان
آنڙ آڏيرو ٺيو، ڏسي وڏو شان
پڙ ۾ پهلوان، مَرڪي بيٺو آبڙو.

(٦)

آبڙو وڏي وَٽ، تو وِلهن سان وَڙَ ڪري

ٻي واهڻ جو واهرو آڙين اولو آڙ
قائم ڪري ڪڙ، جيت دشمن داخل نه ٿئي.

(٧)

آبڙو وڏ وڙو، واهڙ وسيلو
ڌري ٿو هر جاءِ ۾ هيٺن سان حيلو
رهبر رسيلو، وڙهن سندو واهرو.

(٨)

آبڙو وڏي شان، ٿو هيٺن تر هٿ ڌري
ڌهين جنڱ آجا ڪيا، جوهر جنگ جوان
ٻسو ٻهلوان، جو ٿو ٻرڙي ٻالوڻون ڪري.(١)

(٩)

جاڙيجا جيڪي، آيا آڇهي آبڙا ي
تني ڪي ڏي ڪهي، وڏا ڏاڻ وڏاندرا.

(١٠)

جاڙيجا جي ٿي، آيا اجهي آبڙي
ٻڌي پاڳون ٻٽ جون مٽ مٽرڪن سيئي
تني ڪي نيئي، ٻارس ٻرنيون ٻاڻ سين.

(١١)

جکري ڪي جائي، چڱي آهي چٽ ۾
وائي جنه جي وات ۾ آڇو ڙي ٻائي
ڪيو مَ ڪائي، ٻئي ٻولي ٻچ جي.

(١٢)

لٿو ٻولو ٻچ، جنگ ساماڻي جکري
آيو آيومن سين سمون ڪري سهچ
لڄ ٻريمي لڄ، اڇي ٻيئي لوڪ جي.

(١٣)

راهوجا رهي، رهو پنهنجي راڄ ۾

---

(١) اصل. ٻرڙي= ڌرتي

آيو جهالُو جکرو ڪاڇن ڪاڻ ڪٿهي
ويو هَلُ لهي، هرڪو آرامي ٿئو.

(١٤)

رکو ڪنهين ڪاڇِئا، آنڙ جي هڏڪار
متان آڇي اوچتي پولي جي پلڪار
ڪيو پوءِ قرار، آجهي اچي آبڙي.

(١٥)

جي آجهي آيا آبڙي، مَرُ سي ٿي مرڪن
ڏِليو نور ڏِلن، پائي پاڳُون پٽ جون.

(١٦)

پلِي چائو چام، جنهن وڏا ڪيا سُک
اهنجايون سهنج ٿيا، ويا ڏولاوا ڏُک
لٿا آنڙ آهُڪ، جڙي ٿي پِئا لوڪ ۾.

(١٧)

پلي چائو چام، عالم آرامي ڏِئا
آيا جنهن جي سام، سيئي سمان سومرا.

(١٨)

جکرو جنگ جتهان ۾ آهي وڏي جوڙ
سرتاج سڀ عالم جو، مٿس موگهٽ موڙ
چڙهي ويٺو تخت تي ڪري مُڇ مروڙ
ڪوڙين لک ڪروڙ، سوالي تنهن سردار جا.

## واڳي

پلِي ڪچ پچ مرڪ ڪري،
ڪونهُ ٿئو ڪو جهو جکري
١. چامن چام هيٺن جو حامي، لايائين لوڪ ڳري
ڪونهُ ٿيو ڪو جهو جکري
٢. وارث وِير وِلنهن جو والي، واهر وريام وَري
ڪونهُ ٿيو ڪو جهو جکري

۳. ڏڏ نوازي، ڏاڻ ڏياري، محتاجن تي دست ڌري
ڪونه ٿيو ڪو جهڙو جکري
۴. غلام محمد مدت ٿي، آيو ڪرمان^ ڪرم ڪري
ڪونه ٿيو ڪو جهڙو جکري

—

## داستانو ٻڌو

( ۱ )
جکري جيهو جڳ ۾، نـــه سُوره ساماڻو
ڄهلون ڄهلي لوڪ جون، راڄن جـــو راڻو
آيـــون اماڻون، پـــارس پرڻي پـــاڻ ڪي.
( ۲ )
جکري جيهو جڳ ۾، نڪو ڄـاڻـو ڄـــام
سما ۽ ســـومـــرا اچـــي ڪـــن ســـلام
توني آهي تمام، لـڄ پريا لڄ لـوڪ جي.
( ۳ )
جِکرو جـاڻِي، تو وَسي سانوڻ مينه جـــان
اَتي اوهيرا ڪــري جـــا پُون^ اَچـائــي
ســـدا سا سائي، وســـڻ ســاڻ سحاب جي.
( ۴ )
وَسي ڌ ـــان پٽ پــري، سـڪي ڌـــان سچ
اِهـــي هئي اَهـــچ، جڳ ۾ رکـــي جکرو.
( ۵ )
جکرو جـــاڻي، وَسي ســانوڻ مينه جـــان
ڌرهلُون ٿاٿي، ڪري ڪـوڙين ڪيتريون.

(٦)

جکرو جنهين جاء، وسي سانوڻ مينهه جان
سدا سائي سا رهي، نه کو وڻ کُوماء
ترهلون تلاء، ساوا کري سڄ ۾.

(٧)

نکو ڏسان جڳ ۾، جکري جيهو کو
سخاوت جي سخي کي واڪي وات ڏهو
وڃي چو نه وهو، تنهه در مٿي مڱڻان.

(٨)

تنهنو مڱڻهار، ڏيڏيءَ مٿي مڱڻان
کري کانه نهار، ڏيڄ ڏيارڻي جکرو.

(٩)

پرچي پالوڻون کري، ڏمري ڏيارڻي
سانوڻ سياري، جال وسي تو جکرو.

(١٠)

پرچي پالوڻون کري، ڏمري پري پٽَ
ماڻک موتي چٽَ، جال وسي تو جکرو.

(١١)

حال ڏسي پال کري، هيڏن حمايت
”رَحمَةً لِلعالَمِينَ“ رحمت جي آيت
هادي هدايت، حاصل کري کُل کي.

(١٢)

حال ڏسي پال کري، پلو پليرو
رکي جيت پهيرو، تني پالوڻون کري.

(١٣)

ليکيان ليکو ناهي کو، لوڏيا لک کروڙ(١)
مڃون موڙي آئيو جکرو وڏيءَ جوڙ

---

(١) اصل. لوڏا لک کروڙ

وڏائين آڏ رات جو لوڏائن تي لوڙ
تڙجي اچي توڙ، راتوڏا رڻ لنگهيا.

(۱۴)

سمون سخاوت جا آيو ڪري سڏ
اچي ويهو وٽ مون، گوڏا ڏيئي گڏ
تان ڏکيو ڏسو نه هڏ، ويلو لحظي جيترو.

(۱۵)

سمون سخاوت جي آيو ڪري آڇ
اچو اوري اوليا، ڇڏي ڏک ڏراڇ
ڪاڇيلو ۽ ڪاڇ، آيا آجهي ابڙي.

(۱۶)

سمون سخاوت جو آيو سڏ ڪري
آچو اوري اوليا، ڏيئي ڏک ڏري
زري پاند پري، وهو سک تي سرتيا.

(۱۷)

سمون سخاوت جا سڏ ڪري پاڻان
اچي وهو وٽ مون لڏي لهاڻان
ڏيچ ڏيان ڏاڻان، ڏوڙا ڏهيلن ڪي.

## وائي

ڇام جهليندو سام صحي، ويجها وهو وجي راج رهي

۱. آيو ڪاڇن ڪارڻ ڪامل، ويندا سڀئي ڏک ڏولاهي
ويجها وهو وجي راج رهي

۲. لج لياقت لوڪ جي لائق پاڻ ڪنئي آيو پرس پهي
ويجها وهو وجي راج رهي

۳. ويندا دشمن درس دفع ٿي، ايندوجڏه منجهه ڪيچ ڪهي
ويجها وهو وجي راج رهي

۴. غلام محمد محب ملندا، ويندا سيئي غم وهم وهي
ويجها وهو وجي راج رهي

## داستانُو ٽرِئو

(١)

وِڳنڌ وِڳوڙا، وَڏا وِهاڻيءَ کِئا(١)
لوڪ مٿان لوڙا، سمي لاهي سَک کِئا.

(٢)

وڳند وهاڻي، وڏا وِڳوڙا کئا
ٻيٽو جنهي تيزَ مان طهورا ڀاڻي
سائي سِيجاڻي، ساقي هٿان سُرکِڙي.

(٣)

وهاڻيءَ آيو، وڳند وِماسي گهڻو
رکي آس سخا ۾ تنهن سَهمِي سجايو
ڀلُه ۾ ڀايو، آڇِيندي دَم ڏِمو.

(٤)

وِماسي ويٺو، وڳند وهاڻيءَ گهڻو
ڀائي ڀتُون ڀٽَ جون ڀاڇاڙي ڀيٺو
ڏاتاري ڏيٺو، سَوَلو تيو سات ۾ سو.

(٥)

'آعلي دين' هلي، آيو ايلائُون کري
وِئا تنه وريام جا چوڏس چاڪَ چلي
ڀلي چام ڀلِي، رسم رکي راج ۾.

(٦)

آيون ايلائون کري، هلي 'اعلي دين'
ڀٽر ڀيرا چُميا، مترڪبو روءِ زمين
مُلڪن ۾ آمين، آئي تنه آمير جي.

(٧)

آئي 'اعلي دين' جِي، تنهن دينُ قوِي
ڏ نائين ماسِوَاللهُ کي سائِي سَوِنڌ سَوِي
هر جا روءِ رَوِي، هلِي تنه سردار جي.

---

(١) اصل. 'وگنڌ وکوڙا'

(٨)

عَلَوِي 'اعليٰ دينُ' جي دِيم چڙهي ڏُوڏِي
وَدائين ديوان کان سَمِہٽان^ سُوڏي (١)
نَرَ جي نَمُودِي، هر جا هَلِي حَقَ جي.

(٩)

عَلَوِي^ 'اعليٰ دينُ' جي هاء پيئي هاڪ ي
ڏَڪِي ڏُهاري وِڻا وِڳوڙي واڪي
سُوڙِي^ سِپاڪي، ٽِڻا روهيلا رَعِيَتِي.

(١٠)

ڪُوپو ڪَربلا جو آيو شاه حسين
راڻِي رَتِي رَيُن، ڏسي سو مَشاهِدو.

(١١)

ڪربلا جي پڙ ۾ ڪُوپن پيا پير
آئي ڪَنَا ڪوڙِيَا رِڻ ۾ عَلي شير
ڏِونِدِ ڪيائين ڍير، ماري مَردارن کي.

(١٢)

حسيني جي هاڪَ، هَلِي هَلائون ڪري
آندِي اِمامن تي آفِريني افلاڪ
شَڪيلا اِشلاڪ، لڳا يزيدن [کي].

(١٣)

ڪُوپن پير پيا، ڪربلا جي پڙ ۾
چِڏي ريت رِيا، شير شهادت رَسِيا.

## وائي

پائي پڙ ۾ پارس پير، شير شهادت کي رسيا
١. اعليٰ آل رَسُولَ سچي جا، ظالم ڪُٽا زير
شير شهادت کي رسيا

---

(١) اصل ائين

۲. ڇـــڏي دين ايمان منافق، واري ويئا ويـــر
شير شهادت کي رسيا
۳. ساڻ اِمـامــن ڪيڏا ڪئڙا، ظالم دُزد انڌير
شير شهادت کي رسيا
۴. شاهه شهيد شهادت رسيا مـــانجهي مـــرد منير
شير شهادت کي رسيا
۵. غلام محمد آل نبي جا ڪلب پـروڙي نه ڪير
شير شهادت کي رسيا

—

# بروڙو سنڌي (۱)

## داستانو پهريون

(۱)

اڇـــا اُجـــرا سُپريـــن، ڪٿوري خشبوءِ
ڪونهِ ڏسان ٿـــي ڪو پيو، جانب جيهـڙي روءِ
هنڌين مـاڳين هُـوءِ، هـُـلي حبيبن جـــي.

(۲)

ســـونَ وَرَنـا سپريـــن، نيڻ سندن نيلا
چاڙهي ڪان ڪمان تي، چـاڪـاسي چيلا
هڻن سان حيلا، جـانب جيڏاڏي ڪــري.

(۳)

سون ورنا سپرين، اکيون ڪـاريون ڪيس
ڪـــري لعل لبيس، مـــاري مشتاقن کي.

(۴)

جانب جيهو جڳ ۾، ڪونهِ ڏسان ڪوئي
جنهن جي جـاءِ اکين ۾، ســـاه انـدر سوئي
اڻـــر اهو ئي، تڳان تـاري تنَ جـــي.

(۵)

جانب جيهو جڳ ۾، ڏســـان ڪونهِ جـوان
آهـــي سينڌان سهڻو صورت جـــو سلطان
ســـپوئـــي سبحان، حسن حبيبن جـــو.

---

(۱) اصل. بروئي سندي

(٦)

سهڻي سونهن سڄڻ جي، نسورو ڏي نور
ڏسان ڪونه جهان ۾، جانب جيهو سور
اڪبر حج ضرور، ڏسڻ عجيبن جو.

(٧)

ڏکن ڏکوياس، جانب جدائي جي
موٽي ملاقات جي، مانَ پڇي مون آس
پرين تو پياس، پاڻي پيتي نه لهي.

(٨)

سورن سيراهي، آڻي چاڙهي ساه تي
سک نه ڏي ساهي، سلُيندي سَرير کي.

(٩)

سيراهي سورن، آڻي چاڙهي ساه تي
سليندي سرير کي، وڍيسند وار نه ڪن
سندي سک پرين، وڏيو ٿي وَيڏَ ڪَري.

(١٠)

ڪٽي نيڻ نهار، پاپُوهي منهنجا پرين
لُوءِ لُوءِ اندر جندڙي اٿر لڳي آر
صورت جا سردار، ڪر ڪو غور غريب جو.

(١١)

پابوهي هيڪار، مون ڪان پڇو سڄڻين
”وَ فِيْ اَنْفُسِڪُمْ اَفَلاَ تُبْصِرُوْنَ“ ٻئي
ڏي ڪيم نهار
دلبَر ديري دار، تو ۾ رکي تڪيو.

(١٢)

تون تهين سان رک، نئون ناتو نيه جو
ڪَري ڪانهَ ڪَريم تي عيب صواب پرک
سدا سُونهه سرک، آهي منهنجو سُپرين.

## وائي

مون ڏي ڏِنڙو دوست نياپو

١. ”فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ“ آيو جيءَ جو جياپو
پلو مون ڏي ڏنڙو دوست نياپو

٢. آءُ اوراهون سپرين، لاهي لوڪ لڳاپو
پلو مون ڏي ڏنڙو دوست نياپو

٣. غلام محمد چوي غم ۾، ڪندا محب ملاپو
پلو مون ڏي ڏنڙو دوست نياپو

---

## داستانُ پهريون

(١)

عجيبن جيهو، ڏسان ڪونه جهان ۾
جهين ڏنو نه قرب جو روح اندر ريهو
”وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ“
سياڪت سيهو
قريبن ڪيهو، رکيو ناتو نيه جو.

(٢)

ڪنديو منجهه ڪپار، لڳو قريبن جو
ميڙن لک لهار، لوڏيو لوه نه نڪري.

(٣)

ڪنديو قريبن، هنيو هنيڙي وچ ۾
چوريا چاڪَ چِڪَن، آلا قٽ فراق جا.

(٤)

مَنْ سهيئي مَرِڪن، جن وٽ سَدا سپرين
ڏينهاڙي ڏس جون، اکيون عيدان ڪن
چڱي چال سندن، پُڇن پابوهي گهڻون.

(٥)

پاپوهيندي پاڻ، مون ڪان پڇيو سڄڻين
جي اٿي حب ملڻ جي تہ پنهنجو ڪڻ ۾ پاڻ
محبت سندو ماڻ، ماپيو پورو نہ پوي.

(٦)

ڪوڙين قرين جا پال پلا پايان
رکي پيرين هٿڙا، پاند ڳچي پايان
ساڳي سڏايان، نوڪر نيلي نانءُ جي.

(٧)

منهن ۾ مون پرين جي پلائيءَ جا پير
نهارين نيڻ ڪٽي، ڪري لال آلير(١)
پيو نوازي ڪير، مرڪي مشتاقن کي.

(٨)

منهن ۾ مون پرين جي پلائي جا پال
نوازين نگاه سين ڪٽي نيڻ نهال
ايڏا قرب ڪمال، ڪري ڪير قريب ري.

## وائي

ڏولڻ ڪٽي نازڪ نيڻ نهار،

١. محبت جو پيو من ۾ سڀائڻ، مشڪل تنڙ و عشق لڪائڻ
نيہ ڪيس نروار
ڏولڻ ڪٽي نازڪ نيڻ نهار

٢. باه بره جي پارڻ پاريو، جيءُ جسي کي جوشن ڳاريو
وري پيهار م پار
سڄڻ ڪٽي نازڪ نيڻ نهار

٣. ڪر نہ مٺي سان محب تون ماٺاڻ، سهڻا سائين ساه سيباڻا
مشتاقن کي م مار
ڏولڻ ڪٽي نازڪ نيڻ نهار

---

(١) اصل. لعل الير

٤. غلام محمد محب نہ ملندا، خير خوشيءَ سان ساڻ مون ڪلندا
ڏيندا مبارڪ يار
سڄڻ ڪٿي نازڪ نيڻ نهار

---

## داستانو ٽرڳو

(١)

اِستسقا صورت، رکي سِڪ سڄڻ جي
پاڻي پيتي نہ ڪري پريتڻو پورت
صورت رڳي نہ لهي ماڻ وڏو مورت
ڪَسر قُصُورَت، ڪانہ ليئي ان حال ۾.

(٢)

ڏني عجيبن جي، مور نہ رڄي روح
سڄڻ سنجهہ صبوح، پَلَ پَراهون نہ ٿئي.

(٣)

ڏني عجيبن جي روح نہ رڄي مور
هجي شال حضور، پرين پَراهون نہ ٿئي.

(٤)

ڏني عجيبن جي روح نہ رهي راس
مور نہ لهي دل تان دوستن جي اداس
هنيڙو آنهِين پاس، ڏسي آڪاسي گهڻو.

(٥)

مون کي مون پرين جي هنيڙي حيراني
جِئَڙي جا جاني، جڙا ٿئم جانَ جي.

(٦)

ودي وڏائون، همت ڪري ڪاتي
چيتاري چشمن سان تڪيائون چاتي
ڏاڍين مماتي، بس نہ ڪن منهنجا پرين.

(٧)

مٿرُ منهنجي ماهه ۾ هٿ پرين جو هوءِ
جيرا ٻڪيون جان جون ڇنڊيو ويٺو ڇوءِ
اهڙو هوندو ڪوءِ، جو ڪٺو ڪاتي قرب جي.

(٨)

مون کي ٿا ماريين، موڙي منهن ملاحتي
جيرا ٻڪيون جان جون ڪچ اندر ڳارين
جڏڙي جيئاريين، جي موتي مشڪن مام ۾.

(٩)

مون کي مارياءُون، موڙي منهن مليح
ويٺي وجودان نڪري درد اندر جي رِيهه
سيني منجهه صريح، ڪپي ڪاتي قريب جي.

(١٠)

ڳڻن سان ڳهي، مون کي وڌو سڄڻين
جدائي تيرُ جيتري نڪو ساهه سهي
ساريو سپيرين کي راس نه روح رهي
پرين مان پهي، ڪو پنهُ پاڻُ پريت جو.

(١١)

اکيون ڪيف ڪڪوريون، جڏهن خوب ڪڻن
پري ناوڪ نيهه جي هنيڙي منجهه هڻن
ويتر ٿيون وڻن، چوڪون چشمن سنديون.

(١٢)

منهه ۾ مون پرين جهي خوني نيڻ خمار
ماري مشتاقن کي ڪري ڪانءِ نهار
جانب جلويدار، ڪا جا عادت سکيو.

(١٣)

عادت عجيبن جي عجب جيهي آهه
مُرڪي مشتاقن ڏي ڪري ناز نگاهه
پرين جي پرواهه، هنيين سان هاچو ڪري.

(١٤)

موٽي ملاقات جون مانَ پچارون ڪن
مٿِي مون معذور جي عيبن ڏي نہ ڏسن
ڏکي ڏول ڏِئن، ڏيئي پاند پناه جو.

## وائي

آهي بره سارو بدنامي، پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو

١. محبت جي ميدان ۾، سوره ٿيندا سلامي پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو

٢. ورَه وازي وڍِڏ ۾، وڍِر ڪندا وريامي، پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو

٣. ماهيت جي ماڳ ۾، خام خيال نہ خامي پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو

٤. ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي، سا نہ ڪڍي ڪجي عامي، پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو

٥. غلام محمد مُحبن جي مچ مدام غلامي، پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو

---

## داستانو چوٿون

(١)

اول لوح قلم ۾، پئي پرت پچار
ملڪن ۾ ماتام ٿيو، عرشن ڏني آچڪار
ڏونگر ڏکي ڏور ٿيا، نائي نيرا نار
سندو بره بار، ڪنيو خاڪي خيز ڪري.

(٢)

وڏي هن وجود کي ذرا پرزا ڪر
سيراهي صبر جي سيني اندر ڏر
ڪچڻ ڪپيري پر، پريان سندي پار جي.

(٣)

مات متائي پائيان، ايريو اِشارَت
صبر صورت سڪ جو باري بشارت
خجلو خَسارت، ڏسڻ ڏک پرين جو.

(٤)

سانيڻ سڪ پرين جي، اي پڻ وڏو ڪم
ڏاري هَڏا ڏيل ۾ لَحم چچاري چَم
دوا درد عدم، سپيرين جي سونهَن ۾.

(٥)

ٻوٽڻ ٻاجهه پرين جي، ڪُهڻ قُرب سندون
وڍڻ سو وڻندون، هت ڪاتي ڳُڙ وات ۾.

(٦)

وجهي ڪاتي قرب جي لحمُ چچاري چم
ڪُهي ڪي قربان ڪري، ڪي پرزا نيل پدم
رکي هاٿڪ هٿ ۾، قاصائي ڪو ڪم
دوستي سندو دم، جيءَ ڏني ره نه جڙي.

(٧)

وجهي ڪاتي قرب جي، ٻوٽيون ٻوٽاري
ٻاري ٻاه ٻره جي ڳچ اندر ڳاري
پَر اها پاري، پرين پاڻ پريت جي.

(٨)

وجهي ڪاتي قرب جي ٻوٽاري ٻوٽيون
لاهي لحم لڱن تان لال وجي لُوٽيون
قاليبَ جون ڪُوٽيون، ڪيڏهن ڪيڏاهين ڪري.

(۹)

وڄهي ڪاتي قرب جي وڍي ٿي ويٺو
چاڪن جو چيٽو، چڱو آيم سپرين.

(۱۰)

جي تو سانگو ساهه جو، ته ويجهو مئور ۾ وڃ
اکيان ڪاتي قرب جي سور سينگاري سڄ
پورا پيري پيچ، سٽيون صحت سڌ جون.

(۱۱)

جي تو سانگو ساهه جو ته ويجهو مئور ۾ آءُ
متان سورن سامهين ياد پوي تو ماءُ
هي تني جي جاءِ، جئڻ جن کي جاڙ ٿي.

(۱۲)

جي تو سانگو ساهه جو ته لاهه ۾ لڏو لڏ
متان تنهنجو هڏ، ڪري دانهه درد جي.

(۱۳)

جي تو سانگو ساهه جو ته ويجهو مور ۾ وڃ
هي تني جو ڏيهه، موت جني کي ماڙ ٿي.

(۱۴)

سئور ۾ وڃهو سيڙ ۾، آئون اڳ ڪٺي آهيان
مون کي مون پرين جي تيز پڻي تڪبير
نيڻن منجهان نير، هاريندي دم ڏيان.

(۱۵)

ڏک ۾ ڏڪائيج، آئون اڳ ڏکوئي آهيان
وڃهي واڪ وره جي لِڱ ۾ لڏائيج
هوري هلائيج، ته جيئري پسان پرين کي.

(۱۶)

ڏک ۾ ڏهو ڏک، آئون اڳ ڏکوئي آهيان
نڪي ماريس مامري، نڪي ماريس بڪ
لئوءَ لئوءَ اندر لڪ، لڳم درد فراق جي.

## وائي

مون کي ڪالهه ڏني ڪـــل ڪانگي

١. سگها ملندا سپرين، سانگ پڄڻي ڪنه سانگي
پلو مون کي ڪالهه ڏني ڪل ڪانگي

٢. محبت ماري آهيان، نيه لايو مان سين نانگي
پلو مون کي ڪالهه ڏني ڪل ڪانگي

٣. عشق آلانڌبو بـاه جـو، ٻانگ ڏني اها ٻانگي
پلو مون کي ڪالهه ڏني ڪل ڪانگي

٤. غلام محمد چوي غم ۾، دوستن ڏي دل تانگهي
پلو مون کي ڪالهه ڏني ڪل ڪانگي

—

# سر بروو هندي

## داستانو پهريون

(۱)

کــول نـقـاب دکـايـا مجکو اپـنـا حسن حبيب
تن بيمار همارے کـــا هـم هويـــا دوست طبيب
جب ديکي همسون دلبر، قـــر جيوے جان غريب.

(۲)

جس آنکون سے، هـم ديکا هے تــم ديکو اُس بيچ
کب نہ آوے تجھ پـر کوئي، مثل اسي کا هيچ
آپــي آپ لگاوو اَسْکُون پـا کي محبت پيچ.

(۳)

پـک هـوون تـــان آڙ جـــاوان جــت همارا دوست
غم کا باز جگر کون کاوے، هات مِ لاکے گوست
محبوب همارے اسکون سکلائي ايسي عادت ک اوست.

(۴)

جـــب نقابا دلبر ميـرا رخ روشـــن کـــا کولے
شمس قمر شرمـــاون هـر دو ديک حسن کے شعلے
آپ چِـپّاون اپنا دڙکـي ڏي عدم کے اولے.(۱)

(۵)

عدم عدم تـــي جاوے، جس جـا هے دلبر کا دم
نهين مقابـل اسکا کوئي ، لاکـــون نيل پـــدم
غلام محمد ديک حسن کـــون ، کول نقابا غـــم.

---

(۱) اصل. اڻين

(٦)

شمس نهين، قمر نهين، نهين ايسا كام
آدم نهين، محمّد نهين، يوسف نهين غلام
كب نه ركي مثل اسيكا، كوئي حسن تمام.

(٧)

مثل نهين دلبر كا كوئي، جو هم ديكا هے
كيسي طرح بيان كهون، نا كجهه لكنا ليكا هے.

(٨)

هين همارے دلبر كون آنكون مين الماس
جس دم ديكے تِس دم وِنڈي دل كون لاكي لاس
اور محبت رشته پا كے كينچي اپنے پاس.

(٩)

خاك پاؤن دلبر كي ڈالون هم نے آنكون بيچ
انڌري اك تجلي پاوے هووے سَرنَو سيچ
اور نه آوے اس كون كوئي قر كچائي كينچ.(١)

(١٠)

لب ياقوت رُماني هوئي دُر دَندان شَهواري
آبرو قَوس كمان كيادِي، رنگ سياه نگاري
بيني كان كماني محكم، پَرَت رکي پَرواري
جسكون ديكي سامهان تِسكون جاوي.... ماري.(٢)

(١١)

نُكته خوب ميرے دلبر كا اور نهين كو ايسا
لا تَقنَطُوا مِن رَحمةالله جِي همارے جيسا
بڑي اميد دكائي دلبر، كَهون كِسے كون كيسا.

(١٢)

عجب رسم هي دلبر ميري كي، كون نهين كو سكتا

---

(١) اصل. كَچائِي كِيچ
(٢) 'جاوي ماري'؛ پر وچ تي كو لفظ كٽل آهي

حـــرف حقانـــي ايک يگانـــا، لِکني والـهي لِکا
بـــاب عشاقان بيشک هـــويـــا تيز تيغون سے تِکا.

(۱۳)

جس آنکون سي مجهه پــر ديکهي دونو تير تُفنگي
لنگهه جاوي جگر هماري سهي، کچهه قياس نه کرتا جنگي
عشق آليل آسيکا لشکر، فــوج فـراق فـرنگي.

(۱۴)

محب همارا کعبه هـــويا، کُل عُشاق طـــوافـي
قُيرِقُر کـي لَبَّيک کهون، هــم اللّهاکبر وافـي
ميـلِي هر مشتاقون کون، تب عين صورت کـي صافي.

(۱۵)

نهين نهايت اسکون جو هي حسن ميري دلبر کا
مئن کيا جانان ذکر اسي کا، هون گداگر در کا
اور آسي سهي مجهکون هووے، ثمرا سُود سفر کا.

## وائي

تم آوو ايدَر اس ويلهي کُون درسن اپنا دوست دکائو
۱. درسن اپنا دوست دکائو، مجنون مست البيلي کون
ايدر اس ويلي کون
۲. مجنون مجنون هو رهيا هے، بولو بات اس لَيْلي کون
ايدر اس ويلي کون
۳. غلام محمد ســـي سنائـــو، حال احوال البيلي کون
ايدر اس ويلي کون

---

## داستاذو پڙو

(۱)

کول نقابـــا مُـک دکلاوِي، کُلي قِسُوت جاوي

ساس سُکُر بچ سک جاوي ڦر سبزاوي پاوي
جان مريض چِتاوي آس دم، جس دم هاٿ لڳاوي.

(۲)

ڪوئي طبيب نہ جانے مخفي مشڪل مرض همارا
نبض نهانِي هوئي نارِي، صفرا تيز نظارا
ڪجهہ فرق نہ ديوي اسکون شربت شير تمارا
ايڪ لحظي بچ چِٽ جاوان، جب دکلاوي حسن پيارا.

(۳)

هي طبيب همارا دلبر جاني مرض نهاني
اور نہ جانهي اسکون ڪوئي، مشڪل نقش معاني
مرض مراري هرڪو جانهي اور نہ جاني جاني
جان اندر جو مُجرا هي سو جاني ميرا جاني.

(۴)

دو لبون پر رکتا هي وه آيت" يُحيِي العِظام
اور بيچاره عاشق مَري ڪا ڪي غم مُدام
وه مُردا ڦر جيوي جب بولي عَلَيْكَ السَّلام.

(۵)

محبوب همارا محراب مثل هَي هم ساجد هون آسيڪا
هووي جان صلاتي مک بچ نہ ساجد هون ڪسيڪا
طرح طرح ڪي طبقي ديکي، طبقا طور تيسيڪا.

(٦)

عينڪ پا آنکون پر ديکون حسن دقيق حقيقي
عينڪ هم بتلاوي اچا تجلي تم تحقيقي
جس ڪون عينڪ عين نہ هوئي وه هويا عين عتيقي.

(۷)

هم ساجد هون اس ڪے جو هَي حسن حقاني
پڙهون نماز مقابل قبله، ڪهون ڪلام رباني
"سُبْحَانَ الَّذِي أَسْرىٰ بِعَبْدِهِ" اس مين تسبيح سہ مَاني(۱)

(۱) اصل، ائين

هات انـــا کے منگون حاجت، ایسي بـات بیانـي
"رَبَّنَا ظَلَمْنَا" کام همارا بلکل ظلم زبون زیاني۔

(۸)

کـــول نقاب درکـایا مجکون ســاجن اپنا بیک
ایک رتي نـہ هوئي اسمین لاکہ منون کـي لیک
مجکون بــولا اسکون سکو خوب حسابا سیک۔

(۹)

عشق نهین، کو آتش هي، جسکون روپ نہ رنگ
آلا سوکا کل جـلاوي جس جـا لاوي لنگ
نهین کسي کون طاقت کائي، جو پـلي هات پلنگ۔

(۱۰)

ساجن ساجن کر رهي هون، ساجن نهین هماري بات
جـو دم ساجن پوچي همسون، سو دم دور درات۔

(۱۱)

ســاجــن بــولا همکون، اي حزیــن هـمـارا
هم بــولا هـــي تمکون لیئو یہ قــول قـرارا
کجهہ تفاوت مـت کرو اسمین ایک ذرا اظهارا۔

(۱۲)

بي مثل میرا دلبر هـي جو هم کهون کي آیسا
آپ فرمایا "لَیْسَ کَمِثْلِهٖ شَیْءٌ" اور نہ جسمون جیسا
وہ حریف آسي کون جاني، جو هي صاحب تیسا۔

(۱۳)

خوب حسن رکتا هي ساجن، جـــو هي نور یگانـہ
نهین مقابـل اسکے کائي صــورت بیچ زمـــانه
ســورج نکلي جاون تارے تـــي تـــاراج توانه۔

(۱۴)

قـدرت نهین ستارون کون جـو شمس مقابل هوون
اپنا آپ چپاون دڑکي، هـات عـدم وچ ڈوون۔

(۱۵)

ایک یگانہ هـــویـــا دلبر، نهین آسیکا ثـــانـــي
کیا کهي کو آسکي صورت کرکي بات بیاني
عـــاجز آو ي ذکـــر آسـیمین یه الهام لسانـــي۔

## وائي

تیري رخ روشن کیا هي، هي جهان هم هو جهان
نهین مقابل کوئي تمهاري، کیا کهون هم کیا کهان
۰۱ هـور پروین دور جاون، دیک جلوي کـــون تمام
اور هتي حصہ آسونکا، هـــم نهانـــو هـــم عیان
۰۲ دل هماري تـــم لٹتي هے، د ي حسن کـــي روشني
هو رهئي هن د ر غلامي، هـــم مہانو هـــم کهان
۰۳ کب نـہ هوویگا کوئي تـــم ســـي برابر اي عجیب
شمس کي آگي کیا هتي هـــم ستارون کي سهان
۰۴ اي غلام محمد مـــدامي هـــو غلامون کـــا غلام
تـا ملیگا دوست تمکون، خیش را زین غـــم رهان۔

—

## داستانو ٹرٹو

( ۱ )

اور قدر سوراخ سوزن کا، آسمین کجهہ د رکلاوي
هوش عقل کل جاوي گـم تي، قـر نا اِس جا آو ي
یه عجائب رنگ دلبر کـــي، هـــر جـا آپ چهپاوي۔

( ۲ )

آپ چپا کـــي مجکون بـــولا، اي دیوانـــا هـــوش
دیک تمهاري تـــن بیچ هـــون، نهین ذرے کا پوش

"وَفِي اَنْفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ" یہ نیشان نیوش
کچھ خلاف نہ ہوگا اسمین، سنو لاکے گوش۔

( ۳ )

ایک پیالا ہات مین لاکے آیا ہماري پاس
"خُذْ هٰذا بولا كُلُوْا و آشْرَبُوْ و لاتُسْرِفُوْا اِنَّ اللهَ يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْن" رہو اس مین راس
رکو اپنے دل مین درد والون کا قیاس۔

( ۴ )

ایک دلاسا دوست هماري هم کون خوب دیا هے
"اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا" کرم کریم کیا هے
نهین خلاف ذري کا اسمین سر نو روز نیا هي۔

( ۵ )

هم هون ابتر کام همارا کتّي ابتر هے
کیا جانون کس طرح دوست ملي سمیج نہ سبتر هي
خوب خیال میري دلبر کا، هر جاگه مین خوشتر هي۔

( ٦ )

بخت بلند اسیکا هویا جو هي ساجن سات
محبت لاکے پکڑي اسکون هات ہو پاکے هات
صادق دوست همیشه اسکا جو هي اس کي کات۔

( ۷ )

هس پوچا ساجن همکون اي دلبر دوست همارا
هم نے تمکون دوست رکا هے پیچے عالم سارا
تم کیا هو دیتے مجکون چیج آچا ایک بارا۔

( ۸ )

هات اپني ہو رکتا هے وہ کان کمان کتّیاني
جسکون دیکے اسکون ماري مرغي مثل متّجاني
هم بیچاره مرغ مثل هون، نا کچھ ذات حیواني
باطن اپنا هم نہ جانون، هون صورت انساني
آپ مراوي، آپ بچاوي، آپ هوئي لاثاني۔

(٩)

صورت خوب ميري دلبر کي، نهين مقابل کوئي
خشمناک آکون جب چاوي، کري نه کجهه دل جوئي
آيسي عادت سخت سکا هي اور نه کسکي هوئي.

(١٠)

عجب خيال هي ميري دلبر کا، کوئي نه اسکون جاني
"ختم اللّٰه علي قلوبهم و علي ابصارهم"
بي توفيق توانهي
اپني خبر نه کسکون ديوے دانشمند ديواني
جسکون جاني دوست اپنا کر، اسکون بخشي خوب بياني.

## واٸي فارسي

اي بنازم بنماي خود ديدار به دم
تا شود برمن از تو لطف الوف پدم
جان دل را صد بار کنم قربان بر تو
چون نهي بارک در ايوان قدم
ساغري آر وصل تا بکشم اين هجرت را
گر شوي همدم تا ک شوم آزاد ز غم
گر رخت رخشان کني ز برقه حجاب برون
رخ خورشيد نهد خود در ظلمات عدم
مئي آلود مست بديد چون نرگس
نرگس از شرم برد سر در گريبان عدم
گر وزد باد نسيم بمشکين زلفت را
مشک تاتار نهد پا خود در زنجير الم
اي غلام محمد غواص در ادارک دري
گر نياري برون مزن غوطه در بحر نظم.

# سر سارنگ

## داستانو پهريون

(۱)

سچو صاف نہ ايري، ايرندي کان سچ
هارين هرَ سنباهيا، پيٽا پڌي پچ
لٿي ڪپت ڪچ، آيم جاني جوءِ ۾.

(۲)

آڻڪ ڪري اٿيو ڪڪر ڪاري رنگ
لٿو اوهيرا ڪري ساز وڏي سارنگ
سڪا سڀ ساوا ٿيا، سانگين ڪارڻ سنگ
تن جني لاءِ تنگ، سي مينهن آٿي ميڙيا.

(۳)

اوڻڪ ڪري اٿيو ڪڪر ڪاريءَ روءِ
لٿو اوهيرا ڪري بوند بهاري بوءِ
سڙهي سڀ زمين تي ڪٿوري خوشبوءِ
جوين وريو جوءِ، جانب جي جمال سين.

(۴)

اوڻڪ ڪري اٿيو ڪڪر ڪاريءَ ڪرَ
آيو چڙهي چاڳلو جوڙ وڏي جوهر
پهريا پيچ پٽن تي، جال وسي پيا جر
هارين پڌا هر، من مرادون پنيون.

(۵)

اوڻڪ ڪري اٿيو ڪڪر ڪاريءَ ڪير

وسائي ساوا ڪيا سارنگ سپيئي سير
جت گهمائي پير، سي سرَ ڪري سرهاءِ

( ٦ )

اوتڪ ڪري اتيو ڪڪر ڪاري ڪر
لٿو اوهيرا ڪري جال وسائي جر
پائي پوج پٽن تي چٽن لائي چر
پريا بند بارانيون، هارين پڌا هَر
سائين ڪيو سُڪَر، ويو ڏوڳاهو ڏيهه مان.

( ٧ )

آڌران تي آتِيو ڪڪر ڪارُ ڪري
وسائي وڏ ڦڙو تو باري بند ڀري
ڏُک ڏولاوا ڏيه تان ونا تَحُتَ تري
برن تي ٿي سپڪا چاهڪ گاهه چري
ويا ڏُرت ڏري، آيا سُڪَر سک ٿئا.

( ٨ )

آتران تي اتيو ابر بوء بهار
ڪٿوري خوشبوءِ تي چوڏس تي چوڏار (١)
بريٽ سي بتهاريا صاحب رب ستار
گاهن ڪيا گلذار، وٺا مينهن آڳُو^ندَرا.

( ٩ )

آجُ پڻ پورب پار ڏي تو ڪڪر ڪارائي
سيئي ساز وسڻ جا تو سارنگ سارائي
ايندو آرائي، اوري آرونپار ڪي.

(١٠)

اج پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ضاري ڪيس
وچون وسڻ آئيون ڪري لعل لبيس
ديس ونو برديس، اڄڻ ساڻ عجيب جي.

---

(١) اصل. تي چهدار

(١١)

وڻا مينهن وڏ ڦڙا، ٿيون پٽن پالوٽون
راضي رب ڪريم ٿيو، جال لڳيون جاڙون
لٿيون اوساڻون، وسڻ ساڻ سرير تان.

(١٢)

چوگرد چوڌرس ٿي ڪيا مينهن ماندا
پٽن تي چاپي پيا، مڪئيون ماندا
سونهن ساوڪ وچ ۾، پاڳين جا پاڻا
سانگي سيباڻا، مينهن آڻي ميڙيا.

(١٣)

وڻا مينهن وسون ٿيون، چوڌس ٿي چوڌار
سڪا پٽ ساوا ٿيا، گاهن ڪيا گلذار
ڌراڙن ڌڻ چيڙيا، چڙن جي چانگار
مر مرڪن ميهار، ڏسي مينهون پانهنجون.

(١٤)

ڏکر جي ڏور ڪيا، سي والي واري آڻ
ڏسان شال اکين سان، پاڳ پريا سي پاڻ
ڪري روح رهاڻ، ڳجهه ڳرهيان ڪي ڳالهيون.

(١٥)

ڏکر جي ڏور ڪيا، وري شال اچن
وڻي مان ملن، پٽن تي منهنجا پرين.

## وائي

وري وطن ڏي وار، سڪيا سي سانگي
ڏاتر مون ڏيکار، جڙيا منهنجا جهانگي
١. ڪکر ڪيڙا ويس وسڻ جا، پري پورب پار
جڙيا منهنجا جهانگي
٢. ٿڌي هير وري پورب جي، تاڙي ڪنڌي توار
جڙيا منهنجا جهانگي

٠٣ وٺا مينهن ٿيون برساتون، گـــاهن ڪيا گلذار
جڙيا منهنجا جهانگي
٠٤ وُٺـَن ميـُنهـَن، ماڻ ملن، سي محب مٺا منٺار
جڙيا منهنجا جهانگي
٠٥ غلام محمد غم سڀ ويڙا، ســانوڻ ڪيڙا ستار
جڙيا منهنجا جهانگي

---

## داستانو ٻئو

( ١ )

ورٺـــو آتـــر واءُ، تـــاڙي ڪئي تـــوار
بيٺا پـــورب پـــار ڏي نـهـاريـــن ڳـوار
ڪڪر ڪئي ڪِنار، چڙهيو سارنگ ساز ڪري.

( ٢ )

آئـــي منڊَ مينهـَن، جـــي، لڳو چـوواڻـــو
تـَپـِي ســـچ ايـَن، تـــي ٿيو ڪاپاري ڪاڻو
ملڪ وسائي مون ڏٺـي ڪيو سانگين جو سائو
ڏمي سـَماڻـــو، وَري وار اچـــڻ جـــو.

( ٣ )

ڍَٽ ونـــو، پـَٽ ونـــو، ونـــي جيسلمير
ســانگي آســودا ٿيا، ڏســـي مـــال متير
ڏڪر ڏيهـَنَ تـــان ويـــو، سڪر پـاتا پير
ڪـــري آهُ آلير، ديس ونـــو دلجاء تـــي.

( ٤ )

ڍٽ ونـــو، پـٽ ونـــو، وُٺـــو ڪڇ هـالار
پـــارڪر پـَچي پيو، گـــاج گجي گـِرنـــار
سڪر ڪيا ستار، آيـــم جـــانـــي جوءِ ۾.

(٥)

ڏيٺ وٺو، پٽ وٺو، وٺو ڪيچ ڪلات
عالم سڀ آباد ٿيو، بيحد ٿي برسات
سُڪا پٽ ساوا ٿيا خاوند ڪئي خضرات
هاڻ پرين تون آ تہ، ويتر آبادي ٿيئي.

(٦)

ڏيٺ وُٺو، پٽ وُٺو، وُٺا چار ڏي طرف
سارنگ کي سچي ڏٺي ڏنو شان شرف
سانگي آسودا ٿئا ڇڏي سانگ صرف
لٿو حيف حرف، ڏيهن تان ڏوڪاهہ جو.

(٧)

پَٽَ پريا، بند پريا، پريون بارانيون
هارين تي هر جاءِ ۾ ڪيون سائين آسانيون
جوڙي جوڙن کي ٻڌيون ڳوارن ڳانيون
مٿين ماناڻيون، ڏوڏين وڏيون ڏڌ ۾.(١)

(٨)

پَٽَ پريا، بند پريا، پريون ڇيڪ ڇنيُون
پاڇُوها ڇاڀي پيا، ٻهڪن ٻج ٻنيون
ٻچِڙي لال ٻنيون، ڀيون ڀاڪ ڀٽن تي.

(٩)

پرين جي پرڏيهہ ويا ڪري سانگي سانگ
جني لاءِ ڏرنهن ڪئي ٿي آڏيان ڪانگ
شل واري اچن ڇانگ، موٽي جاني جُوءِ ۾.

(١٠)

شال نہ ڀوي ڏيهہ ۾ ڪو ڏڪر ڏوڪاهو
مور نہ ڪن منهنجا پرين ڪيڏنهن سانباهو
هينئڙي جو آهو، وٺي وار نٿو گهُري.

---

(١) اصل. مٿي ماناڻيون

(١١)

ڏوگاهو ڏکار جو ڏوٿي ڏور ڪري
جُدائي جانب جي اندر داغ ڌري
پرين شال پري، مور نہ وڃن ڪَڏِهين.

(١٢)

وُٺي شال ملن، پرين جي پرڏيهہ وٺا
راتو ڏينهان ڏک ۾ جيرا جال جلن
هُنَان حال هلن، ٿين مقابل مون پرين.

(١٣)

سانگي سيٺي آڻ، والي واري ملڪ تي
راتو ڏينهن آداسيو، جيءُ جني جي ڪاڻ
هنجهون هاري تي رُئان ڏسي ياڳين پاڻ
سڪيا جني ساڻ، ڪڏ ڪذاريم ڏينهڙا.

(١٤)

وائي ورائيج، پرين جي پرڏيهہ وٺا
مونکي مون پرين سان هيڪند ڪرائيج
وطن وسائيج، تہ سانگ نہ وڃن سپرين.

## وائي

ميڙائي جا مينهن، ڪڏهن وري وسندا
١. ساريو سانگيڙن کي، رُئان راتو ڏينهن
ڪڏهن وري وسندا
٢. جوشن جيڏيون جيئڙو جلايو، من نهوڙيو نينهن
ڪڏهن وري وسندا
٣. ڏنو عشق ڏکي کي ڏيکائو، شڪل شامل شينهن
ڪڏهن وري وسندا
٤. غلام محمد آگمَ تيندا، غم ويندا غمگينہ
ڪڏهن وري وسندا

---

## داستانُو ٽُرڪُو

(١)

وري هير اُتر جي ڪئي تازي توارا
اوڏڪ ڪري آئيا بادل بهارا
چوگردا چوطرف ڪن وچون وسڪارا(١)
وٺا مينهن وڏ ڦڙا ڪيا ساوڻ ستارا
پٽَن پالوٺون ڪيون وُڙها گهٽ گهارا
سانگي سَوارا، والي وار وطن ڏي.

(٢)

سانگي آيا سانگ ڪري، جايون تا جوڙين
اڏي واڙا واڙيُون، نهيرا ڪوڙين
مڪڙ پريا هتڙا، وينيون ولوڙين
ساوا گاهہ پٽَن تي آلوڙيون لوڙين
چيلا چيڪ چِمَن ۾ چڳيريون چوڙين
ور ڏيئي ووڙين، پهارو پٽَ پئا.

(٣)

سهرا سارنگ جا چوَو، پڏي مُنگهٽ موڙ
اٿيو اتر پار ڪان گجي ڪري گوڙ
ڪِوڻيَن ڪنا ڪوڙيا جلوا ڪري جوڙ
لٿي سختي سوڙ، جانب آيم جوءِ ۾.

(٤)

سهرا سارنگ جا چوو، حورن پڏا هار
وچون وسڻ آئيون چوگرد چوڌار
لٿا اوهيرا ڪري آبرَ بُوءِ بهار
ويو ڏُرت ڏڪار، آيو سُڪر، سُک ٿئا.

(٥)

ڪانگا قريبن ڏي وڃ تون آڏامي

---

(١) اصل. چوطرف تي

ڏيج سنيها سڄڻين ڪري غلامي
اڄ پڻ پنهنجي ديس تي ٿيو سُکر سلامي
ڏکر ڏيهنَ تان ويو، ٿئا عالم آرامي
ٽُرتئون تمامي، سڳها موٽو سپرين.

(٦)

ڪانگا قريبن کي ڏي سنيها ساري
ايندو سارنگ ساز ڪري صبح سواري
وسائيندو وڏ ڦڙو پٽن پلٽاري
ساوا گاهه گسن تي سائين سينگاري
واڳ وري واري، سگها موٽو سپرين.

(٧)

ڪانگا قريبن کي نيئي سنيها ڏج
نهاريندي نڪٽا ويا وهامي سڄ
مٿي مون محتاج کي اچي محب ملج
سيئي سپ ساوا ٿيا جي پيچن پوکيا ٻج
لٿي ڪپت ڪِج، سگها موٽو سپرين.

(٨)

ڪانگا قريبن کي وڃي روبروءِ
ڏيج سنيها سڄڻين رکي خادم خُوءِ
ديس وُٺو، پرديس وُٺو، وُٺي پنهنجي جُوءِ
چڏي جايون هُوءِ، سگها موٽو سپرين.

(٩)

پاڳيا پڇن ڪينڪي ڏسي ڏُک ڏکار
ويهي پنهنجي ديس ۾ چارائين چمار
تني ڪاڻ سُکار، سدا آهي سڄ ۾.

(١٠)

پاڳيا پڇن ڪينڪي ڏسي ڏوڳاهو
مور نه ڪڻن پانهنجو ديس مٿان آهو
تن وٽ ٻاراهو، سدا ساوڻ سڄ ۾.

(١١)

پـــاڳيا پچن ڪينڪي، پچن سڳ ســـانگي
لڳي جـــاءِ آڻـــاٽ جـــي ان ڪي اڙانگي
جيتِ ڏسن وانگِي، تني سندن تڪيا.

(١٢)

پـاڳيا وِهــو پـــاڻ ڪــري چتائي سا جاءِ
جت سدا سانوڻ تــو وسي، نڪو وڻ ڪُوماءِ
نڪو واءِ خزان جـــو، نڪو ڏک ڏُواءِ
سکن سنــدو ســـاءِ، چيتاري چيت ڪيو.

(١٣)

متان وهو سڳ تـــي جتي ڏســـو ڏُک
لڳي لوساتِي گهٽو جهولـــي لاڳــو لُڪَ
مـــال مرَ مـــاريــو بُڪ، ويهي ويــرانين ۾.

(١٤)

سانگي سنگت سڳ جي، پاڳيا بُک باسين،
سي نہ سانـگين جهڙا، جي وِلاتون واسين،
مـــال تني جـــا سنرا نِير‌َتَ ڏي نـــاسِين،
آيـــا آرداسين، ســـدا سارنگ ڏي گهٽو.

(١٥)

آيـــو ســـارنگ سڳ ٿما، ويـــو ڏرت ڏڪار
موڪل مينهن ڪـــي ڏني ڏيهہ ڏٺـــي ڏاتار
سَرها تيا سنگهار، وســـڻ ســـاڻ سرير ۾.

## وائي

جيءُ نہ جيڏيـون جاءِ، بنا جانب جيءَ جي(١)
١. وسئون بيوس تيـڙي آهيان، ڪل نہ پيم ڪاءِ
بنا جانب جيءَ جي

---

(١) اصل. (هت توڙي هيٺ) 'بنان جانب جي'

٢. لڳي جنهن کي باهه بره جي، هوندو تنهن کي سماءُ
بنا جانب جيءَ جي

٣. ٻلٻل ٻـرَ ۾ ٻـُور ٻـوَن تا، ٻـَل نه مونکي ماءُ
بنا جانب جيءَ جي

٤. غلام محمد حب محبن جــي، وڏا اندر ۾ گهاءُ
بنا جانب جيءَ جي

---

# سُر آسا*

## داستانو پهريون

(۱)

آهي جدا جسم کان حيرت حياتي
آستا لاتي، لتونڊا وتن لوڪ ۾.(۱)

(۲)

تون ٿهين سان رک، ٿئون ناتو نينهن جو
ڏسي ڏوهه صواب کي ڪرين ڪانه پرک
پَري ڦيُر، مَ اک، ٿئي ووڙ وجود ۾.

(۳)

اکيون ڪري پاڪ، ڏوئي رکج دل ۾
متان غِلظت ناڪ، ڪٿي پار پرين جي.

(۴)

اکين کي اوجار، ڏيئي پاهه پريت جو
ٿهان پوء نِهار، ڪٿي پار پرين جي.

(۵)

اکيون غير غليظ، ڪٿج ڪيم پرين ڏي
متان غيرت غيظ، اچي عجيبن کي.

---

* اصل نسخي ۾ 'سُر' يا 'داستان' جو عنوان ڏنل ناهي. غالباً ڪاتب کان اها ڀل ٿي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته 'سر ۽ داستان جو عنوان' ۽ ان بعد آيل بيتن وارو صفحو نقل نه ٿيو هجي.

(۱) اصل. ائين

(٦)

اکيون غيلُظتن گڏ، ڪنهن ڪيم پرين ڏي
سو پردو ڏوئي چڏ، آڏو جو عجيب کي.

(٧)

پنبٽين ساڻ ٻُهار، پٽي پير پرين جي
واري اکڙين ۾ اها ڪٽي هار
تهان پوء نهار، صفائي صورت جي.

(٨)

اکين ۾ اوطاق، آئي جوڙ عجيب جي
واري چپر طاق، قابو ڪج قريب کي.

(٩)

چپر وچائي ڏي، پيرن هيٺ پرين جي
مُشڪ ڪٿوري گاڏوان پير جڏهن پائي
عجيبن آئي، ٿيئن سڀ سوليون.

(١٠)

پهرين ڌوئي پاڪ، ڪجان ٻئي هٿڙا
تهان پوء خاڪ، ڪنهن پير پرين جي.

(١١)

ڌوئي صفا ڪج، پهرين ٻئي اکڙيون
تهان پوء وجهج، سرمون خاڪ پرين جي.

(١٢)

قُلا ڪوري ڪڍ، جي تو اکڙين ۾
جي آڏا عجيبن کي سي چپر چلي وڏ
اولو اولي آڏ، رکج ڪيم وجود ۾.

(١٣)

پاڙان ٻئي چڏ، جي تو وٺ وڻين ۾
دارون ديدائيءَ جو آئي گوشن گڏ
تان تون ڏسين نہ هڏ، ڏرڪا چوکا تيهڏ جاء.

(١٤)

اکيون گهلي گت، سڻن سمجهن کين کي
ٻي متيون متواليون، ويٺيون روئن رت
جني انت نہ آت، تني وچ ي لڳيون.

(١٥)

ڏڍيڏيون ڏري پسن، حق حقيقي هيکڙو
سچيون سڄاڻن، صحي سونهن سڄڻ جي.

(١٦)

اکيون آڪاسين، پريان سندي پار ڏي
سوا سونهن سڄڻ جي، باس نہ ٻي باسين
بيٺيون آداسين، درسن ڪارڻ دوست جي.

(١٧)

اکين آئي آر، رکيو پار پرين جي
جهليون پليون نہ رهيون، آچيندي ٿي پار
ڪري ڪونہ قرار، ويهي ورمن ڪينڪي.

(١٨)

اکين اڙانگو، وچي نينهن اڙائيو
نڪو ڪن وڇڻ ۾ ساھہ سندو سانگو
لنگهہ پسي لانگهو، لڳيون پاڻ مُراديون.

(١٩)

اکيون اونداهيون، ڪنهن ڪيئن پرين ڏي
ٻر ٻر ٻاراهيون، مُور نہ پسن سوجهرو.

## وائي

سيڪا ساهي، ساهي
ڪانہ پچندي ڪا پرينءَ کي
١. جهڙي تهڙي حال سين ڪيچ هلو ڪاهي، ساهي
ڪانہ پچندي ڪا پرينءَ کي

٢. جنهن کي حب حبيب جي، روڄ نہ سا لاهي، ساهي
ڪانءُ پڇندي ڪا پرينءَ کي
٣. پوري پيرو پال جو هٿي هٿي ۾ آهي، ساهي
ڪانءُ پڇندي ڪا پرينءَ کي
٤. ايندو ويچارن ڏي ڪيچ ڏٺي ڪاهي، ساهي
ڪانءُ پڇندي ڪا پرينءَ کي
٥. غلام محمد غير ۾ نينهن نظامت ناهي، ساهي
ڪانءُ پڇندي ڪا پرينءَ کي

---

## داستانو ٻيو

( ١ )

انڊيون سي مر هُونِ، اوڇرَ جي نہ پسنديون
چيلُرِ چالا اچ ڪري، ڦلا ڦانڪون پُون
جي جانب ڪانڻ نہ رون، سي ڪڏي ڏج ڪانگن کي.

( ٢ )

اکيون جي نہ پسن، سڄ سهائو سوجهرو
ٻئي ٻِٽِ ڏجن، ڪڏي هوند ڪانگن کي.

( ٣ )

مر سي ڪانگا کيُنِ، اکيون اوجر انڊيون
سڄ سهائو سامهون مُوران پسن ڪين
اهي سي نابين، ڪڏي ڏج ڪانگن کي.

( ٤ )

انڊي اک مَ ڊار، جنهن ۾ اونداهو گهڻو
سڏ نہ رکي سونهن جي، نڪو ڪهين نهار
ڪيڙاي پِرَ ڪپار، نيڻي نَوَنُڊِينِ ۾.

(٥)

اک آهائي رک، جنهن سان پسين پرين کي
مر سا ماري جـک، جنهن کي سڌ نہ سونهن جي

(٦)

اکيون اوڏاهين، لڳيون ٻـاڻ مـراد ٻـون
وِک نـہ رکن پـانهنجي مـوٽائي پـاهين
عـادت اوراهين، چـڏي وچـن هليون.

(٧)

اکـيون اوڏاهـون، پـرت پـرائـي آئيون
آرو اوڏاهـون، چـڏي وچـن هليـون.

(٨)

نِيتَجي نماز، ڪـري ڪـعبو پرينءَ کـي
سجدو سـاڻ نـياز، نيٺي ڏ جـي اوڏهين.

(٩)

اکيون ٻيٺي رک، جـوڙي جاء سُجودَ جـي
حظو ڦير مَ اکِ، ڪٿي ٻئي ڪنهن پار ڏي.

(١٠)

عجب جيهي آهه، عـادت مـون پـرين جـي
ڪري نـاز نگاهه، موٽي مشڪن مـام ۾.

(١١)

مونکي ٿـا مـارين، هٿي نـاڏُڪ نينهن جـي
واري جهاريـن، ڏيٺي نـوش نگاهه جـو.

(١٢)

ڪٿي نيڻ هڻن، پـري نـاڏڪ نينهن جـي
نوڪون نيزي نرت جون، ڪُٺيون ڪين ڪٺن
ويتر ٿيون وٺـن، دانهون درد فراق جـون.

(١٣)

سـور سيوئي سُک، پريان سندي پـار جو
ڪونهين ڏوک نہ ڏُک، چکين جي چيت ڪري.

(١٤)
ڳڻن ساڻ ڳنڍيون، پکو هيون[٨] هٿ ڪري
آڌاريو رهڻين، هڏيون هڏين سان ڳڏي.

(١٥)
اندن اونداهي، اکين آڏو ڏک جي
گوندر گمراهي، موٽي آين منهن ۾.

(١٦)
سچا سچائين، صحي سونهن سچ جي
اندا تا آٿين، دعوا دليلن جي.

## وائي

[مهر] مدارا آهي آهي، جانب ڪارڻ جندڙو(١)
١. اندر اور عجيب جي، ڳاهه ڳجهه اندر ڳاهي....آهي
جانب ڪارڻ جندڙو
٢. رويو ڏينهان راتيون، واهه هنجهن جا واهي....آهي
جانب ڪارڻ جندڙو
٣. آرو عشق عجيب جو، لچ [لياقت لاهي....آهي
جانب ڪارڻ جندڙو
٤. بنا محبت هيڪلي، ڪان وجي ڪا ڪاهي....آهي
جانب ڪارڻ جندڙو
٥. حاجت ناهي حج جي، سهڳي متان ڪا ساهي....آهي
جانب ڪارڻ جندڙو
٦. غلام محمد حب ۾، ڳام رکو ڪا ڳاهي....آهي
جانب ڪارڻ جندڙو

---

(١) اصل نسخي ۾ پهريون لفظ (يا پهريان لفظ) ميساريل آهي.
ڏنگين ۾ ڏنل پڙهڻي ڳماني آهي.

## داستانُ ڏرڙو

(١)

لُوءِ لُوءِ ليا پاءِ، پسڻ خاطر پرين جي،
وَ فِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلاَ تُبۡصِرُوۡنَ سوجهي
لهه سماءِ
لِڱن مٿي لاءِ، لالائي لالڻ جي.(١)

(٢)

پيٺو ڏيئي پار، من ۾ مچ مجاز جو
ٻڪيون ٻرياني ڪري چيري ڏي چمار
تيهان پوءِ تؤار، پوي ڪن قريب جي.

(٣)

سيُراهي سهيڙي، وِنڌِج وَرَ وجود جا
دوستن جي ديري، سورج سڳو سِڪَ جو.

(۴)

سيراهي سا سيهر، جا وِنڌي ور وجود جا
تيڏهم پائج پير، جيڏهن سانچو سڪ جو.

(۵)

چوراسي چاڙهي، ونڌج ور وجود جا
پِرِ اِها پاڙهي، مُلان معشوقن ڪي.(٢)

(٦)

سُپيريان جي سونهن، مَنان مور نہ وسري
راتو ڏينهن ورونهن، لُون لُون منجهان نہ لهي.

(٧)

سپيريان جي سڪ، منان مور نہ وسري
وڏا چاڪ چهڪ، جدائي جانب جي.

(٨)

روح رُچندو رَج، اکين ڪڏهن ڪونہ ڪيو

---

(١) اصل. "لعلائي لعلن جي" (٣) اصل. ائين

انـــدر درد فـــراق جـــي ڏکـي بيٺي ڏڄ
مُنهن پـايـو لــڄ، لڪايو لڪ چڙهي.

(٩)

جڙيءَ ۾ جهي ڏيي جوڙ، سيئي سڄڻ ساريان
تاڻي نيائـون نينهن سين تـن منهينجو تــوڙ
مُنهن کي ڏيئي مـوڙ، پاڻ پيهي ويـا ڇپرا ين.

(١٠)

جڙيءَ ۾ جي ڏيي جـــال، سيئي سڄڻ ساريان
مونکي پـراهــون کيو، پنهنجي خواب خيال
واري ورق وصـــال، مـــان ملنم سپرين.

(١١)

جڙيءَ ۾ جي ئي جـان، سيئي سڄڻ ســاريان
منهنجو مـــن مجازيـو، سهڻي ســونهن سندان
صاحب رب سبحان، ميل تـــه مانداڻي لهي.

(١٢)

ڪيي^ جو اکيون ڪالهه، پـرين پـسي آئيون
تـوڙي نيڻ نـهال، ته پـي تـن تساؤ نـه لهي.

(١٣)

ڪيي جـو اکيون اڄ، پـــرين پسي آئيون
روح نـــه کيو رڄ، نهاريندي نڪڙيان.

(١٤)

اکين جـي آري، در ڏيکاريـو دوست جـو
ســانوڻ سياري، سڪ پـريان جي نـــه لهي.

(١٥)

اکين کـــي آرو، پـيـو پـــار پـريـن جـي
ســـانوڻ سيارو، تـــن تساؤ نـــه لـهـي.

(١٦)

اکـيـن آڻـي آر، رکيو پـار پـرين جـي
سي کنديون ڪيئن قرار، درسن ڏاران دوست جي.

(١٧)

اکين کي آهي، سک پريان جي [پار] ڏي
اوسيڙو لاهي، سک نه سمهن ڪڏهين.

(١٨)

ڪا جا وٺي وات، پرين پسي آئيون
سا جا اڄ آسات، نيتِ نيٹڻان نه لهي.

## وائي*

---

## داستانُ چوٿون

(١)

گولي تي گذار، دروازي دوستن جي
نهاريج م نيڻ کڻي دوئي دَر دوار(١)
ٻي کا ڪيمَ پچار، ڪِجان قريبن ري.

(٢)

دوئي دور ڪَري، هوءِ يگانو يارِ سين
ڏِجان ڪيم پري، پريتائي پڪَڙين.

(٣)

پَچائيج پريت، پڪي پَهَ پرين سان
متان رسم ريت، رکين قريبن سين.

(٤)

پرين آءُ پيهي، نمائيءَ جي نِجُهر ي
وَنين م ويهي، ڳجهه ڳرهيون ڪي ڳالهيون.

---

* نسخي ۾ اهو عنوان موجود آهي، مگر ڪاتب اصل مسودي تان 'وائي' اتاري ڪانه لکي.

(١) اصل. ائين

(٥)

پرين پڇهي آءُ، نماڻيءَ جي نجهري
اکيون تهجهي لاءِ، پيرين پٽر پائيان.

(٦)

اکين ڪي آهي، پڪو پهريت جو
سک نه سهن ڪڏهين اوسيڙو لاهي
سِسِي ساڻباهي، آئي رکن اوهِرِي.

(٧)

اکيون ڪيرَ ڍِيَن، پاپوهي پِرِيَن[٨] سين
رَچُون تان نه ڌِيَن، هٿان حبيبن جي.

(٨)

اکين پيتو ڪير، پاپوهي پرين سين
نيڻان نائي نير، روڻن رتَ ورنيُون.*

---

* هن بيت کان پوءِ صفحو خالي آهي، جنهن جي معنيٰ ته اڃا پيا بيت هئا پر ڪاتب کان آتارڻ ۾ رهجي ويا.

# سر سورٺ

## داستانو پهريون

(١)

آول آس الله جي چارڻ رکي چت
هليو راوَ ڏياچ ڏي کڻي پير پرت
راجا رتولن ۾ تو ڏيج ڏياري نت
مڃي مير منت، مَن متو ڏئي مڱڻي.(١)

(٢)

چارڻ چنگ کڻهي کري هليو ڏي گرنار
جت راجا راوَ ڏياچ جي ٻڌهي تي دربار
داتا سندي دَر تي کيان کيرت کار
ٻڌي تند تنوارَ، مَن متو ڏئي مڱڻي.

(٣)

چارڻ چنگ چپين^ کري ساراهيو سبحان(٢)
"وَ آمّا السّائِلَ فَلاَ تَنهَرۡ^" ٻڌو سو سلطان
ميان مهربان، مَن متو ڏئي مڱڻي.

(٤)

صَدا جي آس کري آيس دَر ڏاتارَ(٣)
کَهان جو کمانچ سين [سو] مون ڏيج ڏيارَ
مَلهي مڱڻهار، مير وڏي سلطان ڏي.

---

(١) اصل. هت توڙي هيٺ 'متو ڏي' (٢) اصل. ائين
(٣) اصل. سدا جي

(٥)

سِرِ جي صدا تو ڪيان، نڪو منگان مال(١)
آهيم اِيءُ خيال، تہ وڃي مُلهان مُلڪ ۾.

(٦)

ڏاتار ڪي مڱڻي ويهي واڪاڻيو
"آلسَّخِيُ حَبِيبُ اللهِ وَ لَوڪَانَ فَاسِقاً"
تنذن ڪي تاڻيو
اِتاهُون آڻيو، سر جون صَدائون ڪري.(٢)

(٧)

دَولت جي دربار تي پيچل پولايو
داتا در تنهنجي تي هي آديسي آيو
موتي مڱڻهار ڪي مُور نہ موٽايو
پَاءِ سون پايو، جا مَنگِہ منهنجي مَن ۾.

(٨)

جا مَنگِہ منهنجي مَن ۾، سا مون پَلي پاءِ
آرداسُون سائل جون ڏيئي ڪن آناءِ
مون ڪي مَ موٽاءِ، سوا سر سلطان تون.

(٩)

آئون سوالي سر جو، آيس تو وٽ اڄ
ويئس تنهنجي در تي پاو پائي لڄ
منهنجو عيبين ڪڄ، تي راجا رتولن ۾.

(١٠)

آئون سوالي سِرِ جو، آيس تو وٽ هاڻ
ويئس تنهنجي در تي پلو پائي پاڻ
تون ڏيارين ڏيج تو امل ماڻڪ ماڻ
ميان منهنجي ڪاڻ، سِرِ ودي سلطان ڏي.

---

(١) اصل. سدا تو ڪيان (٢) اصل. سدائون

(١١)

آيس پري ڪان هلي پُڌي تنهنجو شان
تو وٽ سخاوت جي ڪمي آهي ڪان
مَرڪائيج مريض کي سر ڏيئي سلطان
تان مون ٿئي مان، متي ملوڪن ۾.

(١٢)

آئون ڏورانهين ڏِس جو، آيس تنهنجي دَرَ
تون سَدا صاحب سَدرو منهنجو ڪارڻ ڪَر(١)
سنياهي سر پانهنجو آئي آڏو ڌر
ته متي ڪري ڪَر، مَرڪان ملوڪن ۾.

(١٣)

آئون ڏورانهين ڏس جو، آيس سوالي
مُور مَ موٽائيج تون خِلوَت مان خالي
توڙي ڪِيتمِ ڏڪَڇَ سين ڪِيرَت قوالي
وِلهن جا والي، ڏوڙا ڏيج ڏيار مون.

(١٤)

آئون سوالي سر جو، تون راجا ڏَڏ نواز
جنه يِمتِ اريجهن راڳ تي، سو مون سُر نَه ساز
موٽائي ممتاز، ڪڇ مَ مڱڻهار کي.(٢)

(١٥)

پيو نه پُڇهان ڪو پئو، راجا تو جيهو
تون سوالي سَر ڪرين سخاوت [سيهو]
تيلاهون ويهو، تو در تند تواريان.

(١٦)

پيو نه پڇهان ڪو پئو، راجا تنهنجي رُوءِ
هلي سخاوت جي هنديَن ماڳين هُوءِ
آڇي روبروءِ، ٻيناڻو پُر ڪرين.

---

(١) اصل. ائين

## وائي

اچـــي ســـائـــل جـــي لـهـ ســـار
اي جـي! راجا راوَ ڏياچ تون
۰۱ ڏيڍيءَ تي هين ڏومَ کـــي ڏوڙا ڏيج ڏيار
اي جـي! راجا راوَ ڏياچ تون
۰۲ رهـي رات رتـــول ۾ والـــي ڪيم وســـار
اي جـي! راجا راوَ ڏياچ تون
۰۳ رهي روز قيام سين داتـــار تـــو دربـــار
اي جـي! راجا راوَ ڏياچ تون
۰۴ راضي ٿي هـــن ڏوم تـــي سونهن ڀريا سردار
اي جـي! راجا راوَ ڏياچ تون
۰۵ غلام محمد در تنهنجي تـــي آيـو وٺي درڪار
اي جـي! راجا راوَ ڏياچ تون

---

## داستانو ٻئو

(۱)

آءُ مٿي تـــون مڱڻا، ٻـــوليون ڏيئي ٻـن،
ڪماحـقـون ڪمانچَ جو ڪو ڀـڙلو ٻيـمَ ڪـن(۱)
تنهنجي تنوارن، تـــن طـنـبـلـي ڇـڏيـــو.

(۲)

آءُ چـــڙهـــي تـــون مڱڻا، مـــاڙي مٿي ميِر
مون کي تـــو ڪمانچ سين صحي پـاتي سير
ڪـڇن ســـي نـه سـرير ۾، ڪـنـا جـــي تقديرَ
ڇـڏي ڪـت ڪـثير، سـرُ وَڍي نـي سيگهه ۾.

---

(۱) اصل. ڪـهـانڪون ڪمانچ جو

(٣)

آءُ مٿي ٿون مڱڻا، مازي مٿي مَل
تنهنجي تند تنوار جا سيني اندر سَل
هي مٺان تو گھوريان مازيون ماڳ مَهَل
ميراثي مُرسَل، سِرُ ودي نهي سيگھه ۾.

(٤)

آءُ مٿي ٿون مڱڻا، ميان ميراثي
تنهنجي تند تنوار تي مون باس اِها باسي
ڏي خلوت خُلاصي، سر ودي ني سيگھه ۾.

(٥)

ريڊو راڳائي سين راجا راوَ ڏياچ
سو سيو ڏي صاب پيو ڪَهيو جو ڪمانچ
ڪينُر ڪَهي ڪيترا وريا مٿي واڇ(١)
رکي محبت ماڇ، هر دوئي هيڪ ٿيا.

(٦)

ريڊو راڳائي سين راجا منجهه رَتول
"لاَ نُفَرِّق بَينُي و بَينُڪَ" اهو پڏي ٻول
پَڇي پولا پول، هر دوئي هيڪ ٿيا.

(٧)

هر دوئي هيڪ ٿيا، راجا راڳائي
هَلِي "آنتَ لَڪَ لِي"[٨] جي وچان ويٺي وائي
آئي واڌائي، ته مٿو مليو مڱڻي.

(٨)

راجا راڳي هڪ ٿيا، پڳا ساز سُرود
نڪو رهيو وچ ۾ واڇو ورد وُجود
ٿيو سيو ڏي سُود، جو مٿو مِليو مڱڻي.

(٩)

راجا راڳي هڪ ٿيا، پڌڻ ۾ پيئي

(١) اصل. ائين

سيئي راوُ ڏياچ سو سوالي سيئي(١)
لِکِي جا آلک ۾ سا پڌرِ ٿي پيئي
وائي اِيَ ويئي، تہ مٿو مليو مڱڻي.

(١٠)

داتا ڌرمُ ڪيو، مٿو ڏيئي مڱڻي
راڻِي راوَ ڏياچ جي اچي روج پيو
مٿي رِءَ ملوڪ جي تون ٻيجل منگ پيو
تو وٽ نيت نيو، ساراي ڏيون سر پنهنجو.

(١١)

ٿون تان ودي وَجُ، هيءُ سِر سگهو مڱڻا
چڏي ڪٿو ڪيترِيون، پورا پيري پِچُ
مٿان تو ۾ سَچَ، راجا رکن رت جي.

(١٢)

تون تان مٿو مڱڻا ودي وچ ڪٺي
راجا راڳائي سين ريڏو پاڻ ڏٺي
اِها سڌ سٺي، گِريو پيو گرنار ۾.

(١٣)

تون تان مٿو مڱڻا ودي وچ وري
سر جي سخاوت ۾ تو آڻي آس ڌري
راجا راڳائي ڏي آيو ڍول ڍري
اِها ڳالهہ ڳري، لڳي لاڳاپن کي.

(١٤)

گِريو پيو گرنار ۾، راڻِن رُنو رَت
چُوڙا چو ٽيليون ڀڄي ٽيون مستاني مَتِ
پيئي سَپ سِپاهَ ۾ آفسوسي عُسرَتِ
وڃي مال متاع کي ٿي ميراثي مسرت
اِها ڳهلي ڳتِ، جو ٿو سِر جون صدائون ڪرين.

---

(١) اصل. ائين

## وائي

آهي رڳي ساڻ رايو، راجا راوَ ڏياچ جو
١. ساڏل سوزان ساز سين ٻيجل ٻولايو
راجا راوَ ڏياچ جو
٢. ڏيڍيءَ تي ڏاتار جي ويٺو پلو کي پايو
راجا راوَ ڏياچ جو
٣. "خُذۡ هٰذا" چيئي ڏوم کي، آئي سخي سِرُ نايو
راجا راوَ ڏياچ جو
٤. غلام محمد در داتا جي چارڻ چنگ چلايو
راجا راوَ ڏياچ جو

---

## داستانُ ٻيو

(١)

راڻي رَاوَ ڏياچ جي آئي گُوندر گڏ
ٻوليون سڀ عجيبيون ٻيجل ٻاري چڏ
وٺي مال متاع کي توون ڏيڍيءَ مٿان لڏ
سٽي تنهنجو سڏ، تو گِريو پٽي گرنار ۾.

(٢)

ٻيجل ٻاجهه ڪري تون موتي وڃ وَري
اِها لڳي لوڪ کي آهي ڳالهه ڳَري
پري پاند زري، تي روانو رات ۾.

(٣)

راجا ريجهائي نيو تو چِپهين چاڙهي چنگ
وِيو محلاتن مان رَتو رونق رنگ
راجا رِيءَ رتول ۾ اوندا تٺا پلنگ
جا تو منگِين منگ، سا چڏي ڏي ڏوميا.

( ٤ )

ڏومَ ڏهـاڙي هـُون، تو نه جيهو ڪوئي
راجـا راوَ ڏيـاچ ڪي تــو ريجهايو روئي
آرو آهـو ئـي، لاهـــ متي تـان مڱڻا!

( ٥ )

مـتـو مڱڻهار ڪـــي راجـــا ڏنـــو رات
هـَـي هـَـي جـي افسوس جـي وائي پيئي وات
شهر شـــور شـــرار ٿئا مـاتامـي مـحلات
پـِره ڦٽي پرڀات، پـــڌر ٿيندي ڳـالهڙي.

( ٦ )

جا راڳي جي رِت ۾ سا ميان لڳي مـَـنِ
هر دوئي هيڪ ٿئا سـوجهـي لـڏي تـَـنِ
جا لِڪي پـَـردي پـَـنِ، سا پڌر پيئي ڳالهڙي.

( ٧ )

جا راڳي جـي رِتَ ۾ سا ميان ڪي معلوم
هر دوئي هيڪ ٿيا چـــڏي هـــور هـُجوم
جا مخفي ۾ مـَعدُوم، ســا پڌر پئي ڳالهڙي.

( ٨ )

جا راڳي جي رِت ۾، سا راجا وٽ رهي
هر دوئي هيڪ ٿيا ســـوجهي ڪج صحي
جا ڪـَهين ڪانه ڪـَهِي، سا پڌر پيئي ڳالهڙي.

( ٩ )

جا راڳي جي رِت ۾ سا ڏي راجا وَٽِ
نڪا وِتـي وار جـــي، نڪو لمحو لـَـٽِ
هي پيناڻُو پنج ڪـَـٽي، هو ڪـِلـي ويٺو ڪـَـٽِ
هيڪڙائي جي حـَـق جي ڪنهڪي ڪانه اُپـَـٽِ
سا پڌر پيئي پـَـٽِ، سر ڏنـي سلطان جهي.

(١٠)

سر جي سخاوت جو انت نہ پوي عام
ماڙي منجھ مَلُوڪَ جي ميڙي ڪَن مَاتَامَ
تني ڪي وجود ۾ فرداتي جو فَامَ
جي جامع پِئَن جَامَ سي ڏين مٿو ڪي مڱڻي.

(١١)

سر جي سخاوت جي ڪانہ ڪنھين ڪي ڪَل
آھي ليکي لوڪ جي دھشتناڪ آجل
جھي پَرکِي پَسن پَل، تہ ڏين مٿو ڪي مڱڻي.

(١٢)

سر جي سخاوت جي ڪل ڪنھين ڪي ڪانہ
جني سچ صحي ڪري ڏنو محبت مان
تني ڏُھرو دان، مٿو ڏنو مڱڻي.

(١٣)

سر جي سخاوت جي لھن سُڌ صحي
راجا راوَ ڏِياچ تان وڃن حرف لَھي
سيڪو پاڻ پَھي، ڏي مٿو ڪي مڱڻي.

(١٤)

سر جي سخاوت جي صحي لَھن سُڌ
تِي ٻارائي ٻُڌ، ڏين مٿو ڪي مڱڻي.

(١٥)

سر جي سخاوت جي، جي صحي سُڌ لَھن
اِيَ عَدالت عادُلي پَر ۾ پاڻ پَھَن
ڪنھن سان ڪين ڪَھن، ڏين مَٿو ڪي مڱڻي.

## وائي

وَڏي وير مَ لاءِ، اي جيءَ آيون جَھَين جي لاءِ
ھي سر سيگھہ منجھان مڱڻا!

١. مخفي ني هن مُلڪ مان، ڪنهن کي پوين سماءِ
هي سر سيگهه منجهان مڱٽا
٢. جا منگي منگ مڱٽان سا تہ پلي تون پاءِ
هي سر سيگهه منجهان مڱٽا
٣. ڏيڊي تي هن ڏاهہ ڪي پانوَ پهر پياءِ
هي سر سيگهه منجهان مڱٽا
٤. مٿو ڏنو ڏوم ڪي، چڏي راوَ رياءِ
هي سر سيگهه منجهان مڱٽا
٥. غلام محمد مٿو تون نيوڙت سان نماءِ
هي سر سيگهه منجهان مڱٽا

---

## داستانو پيو

(١)

تون ڪٿي جو مڱٽا، ڪٿي تنهنجو ديس
نڪو تنهنجي تن تي هيجاڻون ويس
هي لعلائي لبيس آهي ٿي ڪنہ پار جي.

(٢)

تون ڪٿي جو مڱٽا، ڪٿي تنهنجي جاءِ
”لَيْسَ كَمِثْلِهِ شَيْءٌ“ ڏور ڏيکارين راءِ
”لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ“ تنهنجو سڱ سياءِ
هي تہ مٿو تو هٿ ۾ وڏي وير مَ لاءِ
سا ڏي پٽلي پاءِ، جا منگٽ منگيئي مڱٽا.

(٣)

طرح تنهنجي تند جي بيچل بڌم [نہ] بي
نڪو واچو هٿ جو نڪو ريوري

وڏي سا وجود ۾ جا تو ڪيرت ڪئي
هاڻ وڏي ني هي، سائل سسي سيڪه ۾.

(٤)

عجب تنهنجي تند جا واڄا ورد وٽن،
نوڪون نيهَ نراليون هينئڙي منجهه هٽن
سي ڪڍهن ڪين ڪٽن، سر ڏني ري ساهَ مان.

(٥)

ساهُ سلهاڙي سر سان، پئي پيٽ ڏرجن
چڏي آسانگا سيي، پنهنجا تان نه ڪيجن
شال هلي هٽجن، پئي متا هٿ مگٺي.

(٦)

ساهَ سلهاڙي سر سان پيئي پيٽ ڏيان
”مُوتُوا قبل آن تمُوتوا“ سُرڪي سڪ پيان
قرباني ڪمانچ تان ڪلي ڪارَ ڪيان
جانڪون جڳتَ جيان، هجان هٿ ۾ ڳٺي.

(٧)

راڳي تنهجي راه ۾، طرحين طرحين تانَ
ريڊو تند تنوار تي، سورٺ جو سلطان
راضي راوَ ڏياچ ٿيو، مُهت مليو ميزمان
ڪل ڪهين کي ڪان، پئي قُرب ڪمانچ جي.

(٨)

جيڪين قرب ڪمانچ ۾، سي پوڙا پجهن ڪيئن
جني سمجهيو سچ ڪري، تن متا ڏنا هيئن
سيئي سائل سيئن^، ڪوڙين ڪن قرابتيون.

(٩)

جيڪين قرب ڪمانچ ۾، سي پوڙا ڪين پجهن
طالب طنبورن جا، اوڳا تان نه آجهن
پڏي واڄا ورترا، وينا ماڳ منجهن
سُورهَ سي سُجهن، جي ياوَرَ پڪتارن جا.

(١٠)

دنبورو دوراڳ ڪري، يڪتارو يڪتاءِ
قوالين ڪثرت جون، موڳا مٿن مَ لاءِ
يارانيءَ يڪتار جي، سيني ۾ ساماءِ
ڏهان پوءِ پيندياءِ، ڪنهين ڪيرت قرب جي.

(١١)

جن کي ڪيرت قرب جي، لڳي هينئڙي منجهه
مُور نه سگهي تن کي، اکين منجهان هنج
سپئي صبح سنجهه، ڏين مٿو ڪي مگٽي.

(١٢)

جن کي قرب ڪمانچ سين، سسي سي ڏيندا
تانگون تند تنوار تي پتنگ جيئن پيندا
پيچل ڏي ايندا، پڇي سهرا سڪ جا.

## وائي

لڳي منجهه ڪپار، اي يار!
تازي تند تنهنجي
١. لائي توجا ڪمانچ سين لُوءِ لُوءِ منجهه لغار، اي يار!
تازي تند تنهنجي
٢. ڪا ني تنهنجي قرب جي سا ته لنگهي مون پار، اي يار!
تازي تند تنهنجي
٣. لٿو سانگو ساه جو ڏڄ ڪان سسي ڪر ڏار، اي يار!
تازي تند تنهنجي
٤. وڍڻ هن وجود جي ڪيئم وجهو وڙ وار، اي يار!
تازي تند تنهنجي
٥. غلام محمد کي مدَ مان، پرت پيالو پيار، اي يار!
تازي تند تنهنجي

# سر پرڀاتي

## داستان پهريون

(١)

صُبح سَواري، سڀُڙُ تُو سڏَ ڪري
آئي سَنڀِيَهَ مڱڻا، سَازَ ڪَڇِ ڄ ساري
توڪي تنبر نياڳ جي، ڪهپ ڏيو ڪاري
ويراڳيون واري، ڪُلهي لائج ڪِينرو.

(٢)

سڀُڙُ سالڪُ راڳ جو صحي سڀ ڪري
واڄي وِلاڳُو ڏي نتو ڏيان ڌري
ذرو ساڻ ذري، ٻُجهي ٻولي تند جي.

(٣)

ٻجهي ٻولي تند جي ڪري سڀ صحي
ڪئي ڪَماچي ڪينري ڪوڙين ڪِينُت ڪَهي
تني ساڻ رهي، راڳ پروڙي راڃيو.

(٤)

راڳ پروڙي راڃيو صحي ڪري سڀ
رکي معنيٰ مُنهَ ۾، عرشُ زمينون آبُ
آئي لاتَ آلبُ، تاناڏِن جي تند ۾.

(٥)

جيڪين سمجهين سُرمان، سو ئي ساز سُرود
تر تفاوت نہ ڪري واڃو ورد وجود
لَئي[٨] نَقلُ تي نابُود، اصل آلاپُون ڪري.

(٦)

سِڀڙ ساڄَهہَ سُر جي، تَند سُرُودي ساز
لِکو ڪين آلَڪ ۾ زِيرُ بَمِي آواز
رُوحي رِيجهي راز، سيو سمجهي سُر ۾.

(٧)

سڀِڙ سمجهي سِيڪين ساز سُرودي تَند
ڳُجهو رَهي ڪينڪي تانَ حُسيني هَند
وچن واڪا ڪنديُون رڳون راڳي رَند
پڌر پيڙو پَنڌ، سمجهن ڪين، ڪَمانچ ۾.

(٨)

سڀڙ چَام صحي ڪري آوازُون آلاپ
معني مَخفيات جي رکي ڪاپو ڪاپ
تهدل تَسيئو تاپ، مُورُ نہ مَگَٽهار کي.

(٩)

صَحي ڪري سُر ڪي جيڪين تَوارين،
مايا رکي مَن ۾ ويراڳيون وارين،
جنهن سان ريجهي راڇيو، سُر نہ سو سارين،
ويٺا نِهارين، سخا سڀڙ چام جي.

(١٠)

مَن ۾ رکج مَگَڻا صحي صورت سا
جنهن کي مَلاحَت جي مَنہ ۾ سونهن سخا
در تهين جي آ، سنجهي صبح ساز ڪٽي.

(١١)

سخاوت جو سخي کي راتو ڏينه خيال
ٿي سوالي مَگَڻا هيٺُون وَنّي حال
”فَادَعُونِي اَسْتَجِبْ لَکُمْ“ سندس قرب ڪمال
داتا جو دُوالَ، وٺ تہ وِلهو نہ ٿئين.

(١٢)

ڪَلهي لائي ڪِينَرو ويهي وڃائيج

سَخي ڪـــي سِرُ پـــانهنجا سيـــي سٽائيج
وٽـــي جـــو وجـــود ڪـــي ڳانڍيجُ آهو ڳائيج
متان لـچــائيج، پنهنجو پــاڻ پنــڻ ۾.

(١٣)

سازُ سَـڀي تون سِکيُون، ينـڍي چائين ڪين،
چڍ وَڏائـــي ڏوميا، مـرِي تـــي مسڪين
ڪَـچ ۾ ڪٿي ڪِـين، وِهج سڀڙ سـامـتهُـون.

(١٤)

جـــي تو پتهُ ينـتڻ جـــو تہ پيرو وَٺي پِـن
ڪَـر نہ قـالـي^ قـيـل سين ڪيـنـريا ڪہي ڪِـن،
متان مـــاڳ مِـلن، تـــوکي طعنا تند جـــا.

(١٥)

سَخي سندِي سَت ۾ ســا ڪــا تند تـوار
پڇهِي کولہي ڪنـجيُـون ڏيهَ ڏٽـي ڏاتــار
ڏيجَ ڏيـــاري ڏوم کـــي سڀڙ چـــام ستار
مـلهـِي مڱڻهار، رپي ســان رانديون ڪــرين.

## وائي

ڳـــانيو وچـــي ڳـــانـچ مـنگتا مـجــاور
وِيهو وَنـــي اوهـيـن ڏاتـــار جـــو در

١. اگلا ڪري سو سَگلا سدائين، ڏيجا ڏياري ڏڏن کي ڏاتر
ڳانيو وچي ڳانچ

٢. ڏولي چاڙهي ڏوڙا ڏُهارِي، صاحب سخا جي تو پاري اها پـرَ
ڳانيو وچي ڳانچ

٣. تڪيي تهين جي جيڪي آچن تا، ڏئيتو تني کي سو آڌار آڌر
ڳانيو وچي ڳانچ

٤. غلام محمد غور ڪري تو، صاحب سخا جو اعليٰ اڪبر
ڳانيو وچي ڳانچ

## ڏاستاڏو ڀڱو

(۱)

جاڳڪ جاڳي لِڪَ سين، راڳ نہ سِکيون تون
جنهن سان ريجهي راڄيو سا نہ لڌيين ڪا لُون
تنهنجي ليکي چامَ ڪي پنهنجو ڪيو مون
اِهو پاڻئي پون، ڪَٿِي ڇڏ وجود مان.

(۲)

جاڳڪ جاڳي لِڪ سين ڪين سکيون تون راڳ
تنهنجو نندر نياڳ جي پيهرِي پگو پاڳ
سو نہ مِلي تو لاڳ، جنهن سان پينو پُر ٿئين.

(۳)

سُتون ساري رات، آٿيون ڪينِ آسُور جو
پره ڦٽيءَ پريات، وايون وگوٽيون ڪَرين.

(۴)

آٿي جاڳج جاجڪا، ويهي وچائيج
تندن ڪي تحقيق جو لاڳو لڳائيج
ڳانچ اهو ڳائيج، جنهن سان ريجهي راڄيو.

(۵)

سچيون راتيون سمَهين، جاجڪ جوڙي جاء
توکي نندر نياڳ جي سُتي ڏنو ساء
اٿي ويل آسُور جي واڄو ورد وڄاء
وِلها ڪيمَ وڄاء، وقت وِصالي وِيسرا.

(٦)

جيڪين وٺي چام ڪي سوئي سُرُ آلاپ
وجهي جو وجود ۾ ڪاپو ڪري ڪاپ
”لاَ اِلٰهَ اِلاّ اَنْتَ سُبحَانَکَ اِنّي ڪُنتُ
مِنَ الظّالمِينَ“
سو سڀ ڪپت ڪاپ، سوا صاف سرُود جي.

(٧)

توکي منهن ۾ مڱڻا نڪو پڻ پار
سهڻي سونهن سڀڙ جي رکي نيرت نهار
"وَجَّهتُ وَجهِيَ لِلَّذِي فَطَرَ السَّمٰوات والارض"
اِها تند تَوارَ
رُويت روحي راڳ جي وائي واڇو وار
موڳيا "ماسوَ الله" جا سڀي سُر وسار
تان تو ڏي ڏاتار، مايا مُلڪ عميق جي.

(٨)

توکي منهن ۾ مڱڻا، نڪو پڻ پنڌ
"فَادخُلِي فِي عِبَادِي" سخي وسند هيند
پي ڏانه کڻ مَ کنڌ، موڳا مُورک مڱڻا.

(٩)

جي تون سُر نه سکيو ته وايون ونگيون ڇڏ
وَڃي راڳائن سين پاڻ پنهنجو گڏ
ساري سڪج سُرتيا سُرن سند و سڏ
تان تو ملي مڏ، مايا مُلڪ عميق جي.

(١٠)

ذات سڏائين مڱڻو تون [نه] تني جيهو
جني ڪيتي پاڻ کي وڏائين ويهو
نڪو رکين راڳ ۾ روحاني ريهو
سياڪت سيهو، مُور نه تنهنجو تن سين.

(١١)

ذات سڏائين مڱڻو، تون نه منجهائين تَنِ
هو سدا سالڪ راڳ جا، توکي مايا مَن
مَرَ سي ٿي مرڪن، جي وهن سڀڙ سامهان.

(١٢)

ڪيري ٿنگيو ڪينرو، ڪٽي ڪلهي لاءِ

وڃــي سبڙ ســامهون ويهي ورد وَڃــاءِ
پــاڇِي پلي پــاءِ، جيڪي مليئي مڱڻا.

(١٣)

چاڙهي چنگ چڃن تي، چال چڱي ڪا چول
بيجل جن^ ٻــاجهائيو ٻنهڪَڻ ٻولـي ٻــول
توسان ريجهي مُلڪ جو راجا منجهه رتول
پِري ڏي تون جهول، هيري جهَوارات جي.

## وائي

سمجهي صحي ڪر ساڏو سياڻا
توکي وٽي ويا هــي طول وهاڻا

١. هي جي پسارا ســپ ڪيا تــو اجــايا
توڪان هيتي هٽر پڇندا پڇاڻا
سمجهي صحي ڪر

٢. وڃـــي ويهه داتا جـــي دَر تـــي سوالي
تان تو ڏياري ســو ڏاتار ڏاڻا
سمجهي صحي ڪر

٣. هي جاءِ هيتي جي تو ڪئي آهي پنهنجي،
ويندوَن ڇڏي تون هيتهلون ٽڪاڻا
سمجهي صحي ڪر

٤. ڏڏ نـــوازي ڏيـــجـــا ڏيـــاري،
در تان تنهنجي تي، اڳلا اڳهاڻا
سمجهي صحي ڪر

٥. غــلام محــمــد مَــرد مــدامـــي،
سدا سي سپڙ ڪي هو ساڏو سيياڻا
سمجهي صحي ڪر

---

# سر هير رانجهو

## داستانُ ڏهرِيون

(١)

ساقي وار اسان کُون رانجهن سُرکي آڻ پلائي
پيوَڻ نال تهين چا تَن وِچ، لُون^ لُون^ آتش لائي
ڪيهي ڳالهہ ڪَران هُڻ تنهن دي، ويندا عشق اُنائِي.

(٢)

مئن رانجهن دي، رانجهن ميڏا، ٻولي ٻي نہ ٻُليسان
جو دَم جيسان جانَ جُسي کون رانجهن نال رَليسان
لوک ساري وچ حق دا هوکا هولِي کر هُليسان.

(٣)

مئن رانجهن دي ٻانهي [آن^ تيمن] رانجهن ميڏا سائين
کتِرّا پتِرّا پَچ پَر ي ڏي ميکون هَٿ نہ لائين
مئن تان حَق پَرايا تون [ڏان] ميڏا پاک ٻِرائين.

(٤)

رانجهن ميڏي سِر دا سائين مئن رانجهن دي گولي
اصل لانڍکُون نَالَ رانجهن دي ميڏي ٻانهپ ٻولي
سا سڌِي وِچ ڏِتِي ميکون، مادَر پاکي جهولي.

(٥)

رانجهن ميڏي سر دا سائين مئن رانجهن دي دائي
حَق کِنون ول ناحق ڏي تون ميکُون پَل نہ مائِي
وڏا ٻِهر تنهين دي ٻِچون جو ڏيوي داغ جُدائي.

(٦)

مئن رانجھن تَئون صدقي تي قرباني ويسان
رانجھن ميڏي سر دا سائين کڻڙا گھول گھتيسان
ڙيمهيوال منجھ ينڌي[مئن چا]جھنگ سيال ستيسان.

(٧)

داغ جُدائي دا وَل ميڪون دلبر مُور نہ ڏيوين
يا وَت هووين نال اساڏي، يا اسان ڪون نيوين.

(٨)

حسن رانجھن دا مئن جو ڏٺا سو جهي تُسان ڏيکو
ٿيوو سڀ حيران آٿاهين ٻي ڪا سونھ نہ ليکو.

(٩)

حُسن رانجھن دا مئن جو ڏٺا سو جي ڏيکو تُسان
آپو آپ ديوانيان ٿيوو لھن اسان تون هَسان.

(١٠)

رانجھن نال حُسن دي دعوا متان ٻي ڪا رکي
ڪر سينگار هزاري تُوڙي تيل عطر دا مکي
بيشڪ بدبُوء هووي، سائي لوڪ تهيندي لکي
مور نہ ڙيسي جوڙ جُتي دا مر سا ماري جکي.

(١١)

رانجھن نال حسن دي، دعوا جيڪا رن رکيسي
ٿي خراب خودي دي خادم، تَخت ٿري دي ويسي
مفت مَتي سا دوزخ دي وچ اپڻي جان جليسي.

حُسن حَسين رانجھن دي ماريا هر جا دي وچ هوڪا
پوک حُسن دي ظاهر، هرڪا آتي سُڪيڻ سوڪا
اڙي سدائين ساوي هوندي ويسِتھ ڪرو اي لوڪا.(١)

(١) اصل. ساوا هوندي

## وائي

ڏيکان اکين دي نال وو مٺن رانجها
ٻيي دي ڏني ميڏي سک نهين لهندي

١. حسن رانجهن دي رمزان لايان، ساقي سر کيان آڻ پلايان
ڪيهي ڪران هڻ ڳالهه، وو مٺن رانجها
سچ بنا ڪجهه ڪوڙ نه ڪهندي
ڏيکان اکين دي نال وو مٺن رانجها

٢. نال رانجهن رل پيلي مٺن ويسان، جهنگ سيال سيو ٺي ستيان
تيسان منجهين منجهوال، وو مٺن رانجها
سوز اهو ته نهين دل سهندي
ڏيکان اکين دي نال وو مٺن رانجها

٣. محبت ميکون قابو کيتا، پرم پيالا پريتان پيتا
کيتا قرب ڪنگال، وو مٺن رانجها
دلڙي ويچاري وره وچ رهندي
ڏيکان اکين دي نال وو مٺن رانجها

٤. غلام محمد مٺن ماهي دي، گولي تيسان در شاهي دي
توڙي ذات سيال، وو مٺن رانجها
به اهو دل آپي پهندي
ڏيکان اکين دي نال وو مٺن نجها

---

## داستانو ٻئو

(١)

عشق کنهان کون متين ماوي، کنهان مور نه ماوي ماسا
هلکي ڏيي ول آپ لجاون، اور سهندي لاسا
عشق آئيل تنهان کون ڏتي ويندا پارس پاسا.(١)

---

(١) اصل. ائين

(٢)

عشق کنهان کون مٿين ماوي، کنهان مور نه ماوي رتي
سائي سڄي سر تي چائي وتن هوکا ڳتي. (١)

(٣)

عشق رانجهن دا شينه شکل هي متان کائي چولي
چنبين نال مشتاقين کون هي مار کريندا مولي
ڏي جدائي جان جسي کون آڻ گهتيندا رولي.

(٤)

جي چا ميکون ماري چنبا، ذري پرزي ٿيوان
مارڻ کنون جي بس نه کري تم مئن ولول پئي جيوان.

(٥)

ڳهت زنجير زلف دا رانجهن عاشق قيد کريندا
خوني نين خماري خنجر سر مشتاق متريندا
ينجهي ظلم کيتون هي سکيا، نا کجهه ڏيان ڌريندا.

(٦)

هک صورت دا سهڻا پيا اکين ڪاليان کلجيان(٢)
تجلي ڏي مريندريان عاشق جيوين آبران بجليان(٣)
چوگرديان^ چؤڏار، ڌهينديان پوون تازيان تجليان.

(٧)

هک صورت دا سهڻا پيا اکين کجليان کاليان
چٽي ڏند لڄاون چاندي لعل لبين کون لاليان(٤)
کيهي ڳالهه حسن دي کرکي آکان نت نراليان.

(٨)

مل سهيليان ميکون متان تسان آکي پلو
ست سياکي جهنگ سيالين رانجها ڏيکڻ هلو
ٿيوو قيد حسن وچ قابو مور نه ايڏي ولو.

---

(١) اصل. ائين (٢) کجليان کاليان (٣) اصل. ابريان بجليان
(٤) اصل. لعليان.

(۹)

مٺن ڏنا هي رانجهن سائين مـــور نه ايڏي وَلسان
هٿ وِچ ڀينگها، سر تي ماٺي، نال رانجهن دي رَلسان
چال سيا مِهوالڙين والـي ڇيڙ منجهين مٺن چلسان.

(۱۰)

ٻيتا ـ ٻـــال اصـل دا آهـَس نيه نِڀـَت هـُن نيتا
سـُرکي ڏي کا سک دي ميڪون لاڳيا ڀِرم پليتا
لوءُ لوءُ دي وچ رانجهن سائين سـَنهي سـُوئي سيتا.

(۱۱)

ٻيتا ـ ٻـــال اصـل دا آهـَس نيه نِڀـَت هـن چـاتا
عشق رانجهن دي آتش وانگي لـوءِ لـوءِ آلان لاتا
نهين اَجهامڻ جيها ســـو هـــي راتـو ڏينهن اَراتا.

(۱۲)

ٻهڻ اٿان هي مشڪل ميڪون جهنگ ـ سيال سڙيسان
چولـِي تـَقوي والـِي کـون مٺن هٿين نـال ڦڙيسيان
ڳـَل اگهاڙي تي کر واڙي وَڃِين آڻ وَڙيسان.

(۱۳)

عشق رانجهن دا جنهڪون لڳا تنهڪون خبر هوسـِي
ڳالهه نـه وٺيسي کائي تنهڪون راتو ڏينهان روسي
توڙي حـُسن هزارين هووَن کوئي نه دل تي پوسـِي.(۱)

(۱۴)

تائين قيامـت بس نه ڏيوي جي ڳـُن رانجهن دي ڳاوان
مٺن تـان لـَذيان نـال عجيبان لوُ لوُ دي وچ لاوان
حيف حياتي هـــو وي آهـــا جـي ول اِٿان آوان.

## وائي

مٺن کـَٽڙي دي مـــور نـــه ٽيسان وو
مٺن مـــاهي دِي ٽـَٽي جـــو ڏيسان وو

(۱) اصل. حسن حسين هزارين

۱. زهر پيالا رانجهن والا، پرت وچون گڙهن پيسان وو
مٺن ماهي دي ٿئي جو ٽيسان وو
۲. گولي ٽيسان مٺن ماهي دي جيسين جو دم جيسان وو
مٺن ڪٽڙي دي مور نہ ٽيسان وو
۳. مادر ميڪون پل نہ پل تون، پل ڪنهين نہ پڙليسان وو
مٺن ماهي دي ٿئي جو ٽيسان وو
۴. غلام محمد مٺن رانجهن دي، رانجهن نال رلِيسان وو
مٺن ڪٽڙي دي مور نہ ٽيسان وو

# سر پورب

## داستان پهريون

(١)

آءٌ آڏامي اوڏڙو، ڪانگا ڪول ڪتاب
مون کي قريبن جي ڪيو عشق ڪباب
ڏي ڪا خبر خير جي شفقتناڪ شتاب
ڪڏهن ملندا مون پرين خاوند خوب خطاب
نرمل نور نواب، مالڪ مُلڪ عَميق جا.

(٢)

ڪانگي قريبن جي لڳي لطيفي لات
"فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ"، ورد وظيفو وات
ٻي ڪا ٻره نہ ٻات، سوا سالم سِڪ جي.

(٣)

ڪانگا توکي ٿي ڏيان سنيها ساري
وڃي ڏيج قريب کي پهرين پاري
رويو هنجون رت جون ويچاري هاري
نِرتئون نهاري، ويٺي واٽ وصال جي.

(٤)

ڪانگا ڏيج قريب کي هي حقيقت حق
"لَيْسَ لِي سِوَاكَ فِي كُلِّ حَالٍ"
دَور دَقيقو دَق
سيو سور سبق، ورد وظيفو وِترو.

(٥)

ڪانگا تو ڏي ٿي ڏسان تيلاهون تورڙا

توکي ڏسن مون پرين ڳنڍڻ جا ڳوڙها
محبت جا موڙا، پڪي تنهنجي پڪ ۾.

(٦)

ڪانگا ڪِهِي آءِ، ڏي ڪا خبر خير جي
اچي ويہ وجود ۾ جوڙي پنهنجي جاءِ
مون کي مون پرينءَ جي سڪ چکايو ساءُ
سا ڪا سڌ سُڻاءِ، جاڏي جمعيتَ جانِ کي.

(٧)

ڪانگا آکنديزِ جا وڃي ڏيج سلام
مٿو پيرن تي رکي ادب ساڻ تمام
فراقن فقير ڪيو منهنجو من مدام
ڪاري رات قيام، قائم قربن ري.

(٨)

ويٺي نت نهاريان، ڪانگا تنهنجي وات
مون کي مون پرين جي اندر اچ آسات
جوشن جيءُ جلائيو، لوءُ لوءُ لڳي لات
ڏک ڏکي جا ڪات، لطيفائي لات سِين.

(٩)

ويٺي تِت نهارِيان، ڪانگا تنهنجو پار
پريان سندي پار جي آپرَ لڳِي آر
منهنجو قلب قرار، ڪر لطيفي لات سين.

(١٠)

ويٺي نت نهاريان ڪانگا تنهنجو ماڳ
سپيرِيان جي سڪ جي لُوءَ لُوءَ لڳِي آڳ
پورِيءَ پِرِي پاڳ، جي ڪا لَئِين لانڙي.

(١١)

ڪانگا ويهي وڻ تي مٺي ٻولي ٻول
پريان سندي پار جي خوب ڪِتابتَ ڪول
لحظي لاهج هول، جيءُ تان جدائي جا.

(۱۲)

اکيون آکيرا ڪري وَڻن ۾ تي ويه
چڙدي ڏاريون ڏور ڏي مَرُ تان ڏسي ڏيه
روحانيت کي ريه، جا آندر جنڊ ڙي.

(۱۳)

ويهي وَڻن وٽ، لَئج ڪانگا لاتڙي
پريان سندي پار جي پرت پچارا پَٽ
مونجهاري جو مَن تي اچي لٿو لَٽ
قحط ڪِشالا ڪَٽ، هن ڏکيءَ هي ڏيل تان.

(۱۴)

ويهي وڻن منجهه، لئج ڪانگا لاتڙي
پريان سندي پار جو ڏي ڪو مون کي منجهه
هائي هَرِي هَنجهه، مُور نه سُکي منهه ۾.

(۱۵)

لامُون ٿيو لَنڪن، وهڻ واڪَ نه ڪانگڙا
پير نه ڌَڻهنجا ليڪ سِين تني تي اٽڪن
ڪِشالا ڪَٽيڪَن، ڏارن مٿي ڏک جا.

## وائي

ڪانگا لَوُ ڪا لات، پاڻ پريان جي پار جي

۰۱ ويهي وڻن تي وصال جي، بول سباجهڙي بات
پاڻ پريان جي پار جي

۰۲ راتو ڏينهان روح آداسي، تن ۾ ڌَڻهنجڙي تات
پاڻ پريان جي پار جي

۰۳ ويل ڪُويل سچڻ ويئي ساريان، نرمل نور نيجات
پاڻ پريان جي پار جي

۰۴ غلام محمد محب ملندا، ڏاتر ڏيندم ڏات
پار پريان جي پار جي.

## داستانُ ٻيو

(١)

ڪڏي ڪانگا تو ڏٺيان، هنيئون تنهنجي هٿ
وڃي ڪا ولات ۾ سپرِيان جي سٿ
رکي آر آرٿ، ماڻ پڇيني مون پرين.

(٢)

ڪڏي ڪانگا تو ڏٺيان، هنيو هٿن ساڻ
وڃي ڪاءِ ولات ۾ رکي پرت پرياڻ
ماڻ پڇيني پاڻ، پاپوهي منهنجا پرين.

(٣)

ڪڏي ڪانگا تو ڏٺيان جيرا ٻڪون جال
وڃي ڪاءِ ولات ۾ هيٺو وڃي حال
سڄڻ ماڻ سنڀال، لهڻ ويچاريءَ جي.

(٤)

لحظو ڇڏي لام، آءُ آڏامي ڪانگڙا
سوا سپرين جي ڪچهري ڪوم ڪلام
منهنجو تن تمام، ساڙيو سورن سِڪ جي.

(٥)

ڏاريون ڏکيون ڇڏ، آءُ آڏامي ڪانگڙا
اچي ويھ وجود ۾، گوڏا ڏيئي گڏ
هنيون هيٺهي هڏ، وٿي وار نٿو گهري.

(٦)

آءُ آڏامي ڪانگڙا ڇڏي ڏاريون ڏار
اکيون آکيرا ڪري ويهي ڪر قرار
تهان پوءِ توار، سِڪ پرين جي پار جي.

(٧)

ڏائي ڏاري ڏک جي، ساڏي سارو سور
وڻ ولهاڳو نه ٿيا لائق تنهنجو مور

اچي ويه وجود ۾ موسيٰ طالب طور
نورٌ اعليٰ نور، جلوو جانب جوت جو.

(٨)

ڏاڍي ڏاري ڏکَ جي، سائي سک نه ساء
وِلهاڻو وَڪار ۾ کوسو لڳي واء
تنه تي پير مَ پاء، جنهِ ۾ تابش تک جي.

(٩)

ڪانگا قريبن جا ڪر اکيون اکيرا
اچي منهنجي پنبڻين تي پنهنجا ڏي پيرا
مُدامي ڏيرا، جوڙي ويه وُجود ۾.

(١٠)

ڪانگا پورب پار جي ڏي ڪا حقيقت
مُنجهي ويٺا ماڳهين طالب طريقت
شملو شريعت، ٻڌي ٻولج لاتڙي.

(١١)

ڪانگا قريبن جا، خبر ڏيج ڪري
مون کي ملندا مون پرين يا ويندس ماڳ مري
ڳٺتين منجهه ڳري، سڪو ساه سرير ۾.

(١٢)

ڪانگا قريبن جا، ٻول مٺي ٻولي
اچڻ جي هِنِ پار ڏي ڪا ڳالهه پريان چولي
گولاڙي گولهي، آهيان پنهنجي پرينءَ جي.

(١٣)

ڪانگا قريبن جا اچي ڏي ڪا ڪَل
مون کي مون پرين جا جُڙي اندر جل
ساريو سُپيرين کي نيڻ وهايان نل
مٺي ڳوڙها ڳل، هاريندي رت مران.

(١٤)

ڪانگا قريبن جا پلي ڪري آءِ
اچي ويه وجود ۾ جوڙي پنهنجي جاءِ
تو مان سڙهو ساءِ، اچي مون پرين جو.

(١٥)

ڪانگا اچي ويهه، جوڙي جاءِ اکين ۾
ڏيئي خبر خير جي پڪو هنيون ريهه
ويا جي پرڏيهه، سي ڪڏهه ملندا مون پرين.

(١٦)

پکي تنهنجا پکڙا ڏسان چيتاري
توکي هوندو مون پرين ڏنو ڪنهن واري
تيلاهون تاري، اکيون تو ڏي ٽڙي ڪٺان.

(١٧)

پکي تنهنجا پکڙا تازا هجن توڙ
ڏيئي خبر خير جي جٽڙو ڪرين جوڙ
ڪوڙين لک ڪروڙ، لطف تنهنجي لات جا.

(١٨)

لئُه ڪئيا لات، پريان سندي پار جي
اچڻ جي هن ڏيه ڏي، ڪا وائي ڪياٿون وات
نيٽن ننڊر حرام ٿي، سک نه ڏينهان رات
مانَ اچي سڪرات، مون کي ملن مون پرين.

(١٩)

تازا هجن تنهنجا سدا پکي پَکَ
ڏي ڪا خبر خير جي ڪارڻ رب آلک
ڏور ڏيکاري اک، ويا جيءَ جڏو ڪري.

(٢٠)

منهنجون تو ڏي آکيئون، تنهنجون اوڏاهين
سور سهئي لاهين، لئي لات لطف جي.

(٢١)

پسي پورب پــار ڏي، ويني رئــان رت
ڪـــانگا قـــريبن جـــي ڏي ڪـا حقيقت
منهنجي مُوڙهي مُـت، سائي سرت نـہ ساريان.

(٢٢)

اسين اوڙَڪ اوريـان، پُـورب پـــري پنڌ
جتي جــانب جــاء تـــي آتـــي روحـــي رَنڌُ
هـِت هـَلاڪت هنڌ، هـُت نـہ هـَيُـڪـل هيڪـَڙي.(١)

## وائي

منهنجا توسان نيڻ لڳا، مون مـُنھي ڪي مون پرين آهي تنهنجي تڳا

منهنجا توسان نيڻ لڳا

١. وسري ويـَڙا سـڱ سيـَاڪا، صاحب سيڻ سڳا

منهنجا توسان نيڻ لڳا

٢. باه بره جـــي پــارڻ پــاريو، انــدر ڏُوڌ ڏڳا

منهنجا توسان نيڻ لڳا

٣. غلام محمد حـــب ۾، پـيـري پـــول پڳا

منهنجا توسان نيڻ لڳا

—

(١) اصل. اَئين

# سر ڪامود

## داستان پهريون

(١)

ڄام تماچي آئيو ڪينجهر منجهه ڪٺي
ويٺو ملاحن ۾ راڄا رات رهي
ڪيائين سونهه سهي، نوري جي نگاهه سين.

(٢)

نوري ساري نُور تي، پيرن تان ڇوٽي
ڇڏي مڇي ڄام ڏي مُهائي موٽي
پارس پالوٽي، آئي رڪي آن تي.

(٣)

مَرُ سا مَرڪي مي، جا آجهي آڏي ڄام جي
تهين جيهون ڪي، هوندي يون ملاحن ۾.

(٤)

آئي بيٺو ڄام، تو مَلهي ملاحن ڪي
اچي ڪيائون ڏکوڙ ڪري صاحب جو سلام
تن اڳهاڙن تمام، مليو مُلڪ انعام تي.

(٥)

ڄام تماچي آئيو، ٿيون وسون وسڪارا
سڄا سڀ ساوا ٿيا، مي مڇي مارا
ڪاريون ۽ ڪارا، پيري هنيائون پوُنءِ تي.

(٦)

مرڪي ويٺو ڄام، مَتهن ملاحن جي

نٺيا وڏا گنڍرا آيا سڀي سام
ڏٺي سان تمام، سمورا سنهج ڪري.

(٧)

ڏسي سڪ سڀي جا، ٿا مهاڻا مرڪن
دعا عام گهرن، گهر ۾ وينا گنڍرا.

(٨)

راجا ريجهي آئيو، مهاڻن ۾ مير
نٺيدي وڏي گنڍري، ڪليو پيٺي ڪير
لاهي لڱا ليڙ، ڪياڻون ويس وڏانڊرا.

(٩)

گهوڙي چڙهي گهوٽ، تو گڏهي ملاحن ۾
آيو اگهاڙن جو چام تماچي اوٺ
لٿي ڪپت ڪوٽ، سڀي جي سهاڳ سين.

(١٠)

منچر ملاحن ڪي چام ڪيو معافي
لٿو ويچارن تان واڌارو وافي
ڪفايت ڪافي، ملي ملاحن ڪي.

(١١)

چارا رڃ چڏي، وينا سڀي آسري
چام تماچي پاڻ سان وهاريٽن گڏي
سگن ڪاڻ سڏي، وٺو ويچارن ڪي.

(١٢)

چڏي چارا رڃ، آيا آجهي چام جي
ديٺو آچي ان ڪي راجا رهيو اڃ
پري ڪٺو ڪڇ، خاوند خزانن جا.

(١٣)

چڏي چاريون چار، آيا اجهي چام جي
آيو ڪري ان سان سخاوت سردار

مڇي- مــارا مير ٿـئـا دائـم دنـيـادار
بيحد بـي آپـار، ٿـو آروُن مڇي ان جـون.

(١٤)

انگ اگـهـاڙا اگـلا مڇي ٻـُو هـائـا
سمي ســي سـيـٺ ڪـيا، ميـيـُون مُـهائـا
ڏيـج ڏنــائين تن کي ســون رُپو ناٿا
ڪٿوري خــوشبوء ٿـيـا، صاحب سيهائـــا
طـــولـون وهـــاٿا، پٽري سمهن پٽ جا.

(١٥)

چـــام تماچي آئيو صورت جـــو ســـردار
نٺڊي وڏي ڳندري پـــويو پـــائي هـــار
ڪٿوري خــوشبوء ٿــي چوڏس ٿــي چؤڏار
پــانـڌن متي پــار، مرڪن ملاحن جـــا.

(١٦)

سَمي سڱيٺا ڪـيـا مِي مڇيء مـــارا
ڪارا ڪوجها ڪـُوڙا، مُـور نـــه مـوچارا
تـني جـــي دارا، راجـــا ريجهي آيـــو.

(١٧)

سمي ســـان سڱ ڪـــري، ٿيا مهاٿا مير
ڪلئو پئن ڪير، پـــري جـــام جنت جـــا.

(١٨)

ماٿا ملاحن ســـان مور نـــه ڪري چـــام
انگ اگهاڙي اگـلا، آيـــا سمـي ســـام
تني ســـاڻ تمام، آيـــو پـلايون ڪـــري.

(١٩)

چـــڏي پـانڌا پـانڌ ريـُون، آيـــا سپ هلي
تني ســـاڻ مـلهـي، سمون سخائون ڪري.

(٢٠)

نڪا ڪمي سخي جـــي، نڪا ڪمي پـَل

هيري جهوارات جي چوڙي چڏ چَل
هيٺن مٿي هل، ڪري پال پلائيون.

## وائي

آيا ميءَ ملاح مهاڻا، چام تماچي جي تڪيي
١. انگ اگهاڙا اگلا صاحب ڪي سيباڻا
چام تماچي جي تڪيي
٢. پَرنيا پارس پاڻ ڪي، بوءِ ڪکي جي هاڻا
چام تماچي جي تڪيي
٣. ڪارا ڪوجها ڪُوَڙا سپ سمي سي سُهاڻا
چام تماچي جي تڪيي
٤. غلام محمد درماندي ڪي، ڏيج ڏياري ڏاڻا
چام تماچي جي تڪيي

---

## داستانُ ٻيو

(١)

ملهي آيو چام، مَنهن ملاحن جي
لٿو لانگوٽن تان واڌاري جو دام
ڪينجهر ڪُل انعام، اتاهون تي آئيو.

(٢)

آيو چام هلي، اڳڻ اگهاڙن جي
بينيون سپ ملهي، مرڪي مهي مُهاڙيون.

(٣)

جهولي ملاحن جي پيو چندر جُهلي
خزاني خيرات جا پنا در کُلي
ڪينجهر منجهه ڪلي، مرڪن مڇي وارِيُون.

(۴)

سڏي ملاحن کي ڏياري ڏاٽا
آيا هلي چام ڏي ميون مٺاڻا
سيئي سيباڻا، تي سگهڙا چام کي.

(۵)

سڏي ملاحن کي ڏيجا ڏياري
تماچي جي تکيي اچن سواري
سيئي سنياري، تو چاڙهي چوڏولن ۾.

(۶)

آيا تماچي چام ڏي هلي کري هيج
سيئي چاڙهيا سيج، سمي سخاوت سين.

(۷)

ماڙي چاڙهيا مصطفيٰ ميون مهاڻا
ڪٿوري خوشبوء ٿا مڃيءَ بُو هاڻا
سيئي سيباڻا، تو ڏ تماچي چام کي.

(۸)

ڪاري ڪوجهي ڪوڙي، منهن ميري مهي
چڏي ککي ڪاريون آئي سمي ڏي
وهاري چام گڏي، چاڙهي سا چوڏول ۾.

(۹)

ڪاري ڪوجهي ڪوڙي، باري لڳس بخت
چام تماچي پاڻ سان چاڙهي مٿي تخت
چڏي سانگو سخت، ويٺي هندورن ۾.

(۱۰)

ڪاري ڪوجهي ڪوڙي، مڇي هاڻس هٿ
چاڙهي سا چوڏول ۾، چام تماچي مت
ويٺي راڻين سٽ، گوڏي لڳي گندري.

(۱۱)

ڪاري ڪوجهي ڪوڙي، عادت اجائي

بت پيوتي بودلي، چتن ۾ چائي
پسند سا آئي، توڏ تماچي چام کي.

(١٢)

مُنهن ميري گندري، کوجهي کاري رنگ
سمي چاڙهي سيج تي رکي ناتو ننگ
پائي پير پلنگ، جا تي ليٽي لُڏَڙي.

(١٣)

مُنهن ميري گندري، کوجهي کاري روء
سمي جي سهاڳ سين تي بهاري بوء
عطر مليا مُوء، چنڊي ويٺي چاڳلي.

(١٤)

مُنهن ميري گندري، کوجهي آپالي
سمي جي سهاڳ سين تي سدا سنڀالي
لبن کي لالي، ويٺي لائي لاڏڪي.

(١٥)

مُنهن ميري گندري، کوجهي کاراتي
سمي جي سهاڳ سين کونه رکي ماتي
اصل جا ساتي، سمي سي سيڻ کيا.

(١٦)

مڇيء پريا هٿڙا، ڇڇيء هاٿس ڇڄ
جنهن کان رکن لڄ، سا سمي چاڙهي سيج تي.

(١٧)

سمي جي سهاڳ جو ماڪيء جهڙو آر
نڪي ڏسي وڻ ڏي، نڪي ڏسي ڏار
کري نت قرار، جت نه لکا لوک جي.

## وائي

آئون آنڌيتان مهي مهاڻي،
پيس سمي جي سام ۾

۱. پاڻي بديون پاندَ ۾ ميان، لِڪِي لوڪ لڄاڻي
پيس سمي جي سام ۾
۲. ڪرم ڪندو ڪمذات تي ميان، پنهنجو پاڻ سڃاڻي
پيس سمي جي سام ۾
۳. ڪم ڪيو مون ڪو نڪو ميان، وڃي ويل وهاڻي
پيس سمي جي سام ۾
۴. غلام محمد سپ سمي سان، سونهي سونمياڻي
پيس سمي جي سام ۾

---

## داستانو ٻرئو

(۱)

سون سَواري، سخاوت جا سڌ ڪري
پلاؤ ملاحن جي سون رُپا هاري
پنهنجا تو پاري، قول قرار قَرابتِي.

(۲)

ڪينجهر ڪل قراريو، تماچي آئي
ويٺو ملاحن کي لال ڳچي لائي
سمي جي جائي، عالم آرامي ٿيو.

(۳)

ميان ملاحن کي آيو آڇي اڄ
هتان وڃو پانهنجا جوڙي رچون رڄ
پَراي هلو ڪڇ، پاڻي چَرڪا چار ۾.

(۴)

انگ اگهاڙي اگلي مور نه موچاري
مهي مهاڻي گندري رونق ۾ ڪاري
سمي سينگاري، ڏيئي ڏيج سهاڳ جا.

(۵)

انگ اگھاڙي اگلي ميري مهاڻي
سائي سيباٽي، سمي چاڙهي سيج تي.

(٦)

ڪاري ڪوجهي ڪُوَڙي، مٿي اگهاڙي
چُچِي چَرِيٽ چِيِري، چولو چيهاڙي
نوري آناڙي، سمي چاڙهي سيج تي.

(٧)

وڏي وڪٽي ڪينڪين، واتن تي وڻهي
سمي جي سهاڳ سين تي سونه پري تيهي
قَرابت ڪيهي، راجا رکي آن سين.

(٨)

وڏي وڪٽي ڪينڪين، ويچاري ويني
تهين سان ڏيني، تي تماچي چام جي.

(٩)

نڪا ڪاتي هٿ ۾، نڪا ڪهاڙي
مکيون مڇي تان تڙي وڃائي تاڙي
سورن جي ساڙي، سا سمي چاڙهي سيج تي.

(١٠)

نوريءَ پاران نور تي ساري مياڻي
ايڏي غِزَّ عظيمَ سان سر تي ساتياڻي
مر سا ساماڻي، مُورت ملاحن ۾.

(١١)

ابي ڏاڏي گندري، مهاڻي ميري
تکيي تماچي چام جي آئي سويري
قُلن قُلهيري، سمي جي سهاڳ سين.

(١٢)

آئي تماچي چام جي مرڪن بيٺا مي
تني کي تو ڏي، هيرا لعل هٿن سان.

(١٣)

نـاپـو كـائـي نـپـنا، مـي مڇي مـارا
اوڇڻ اگهاڙن جـو چـاريون ۽ چـارا
گندَيون پـلـيون گهرن ۾، كـاريون ۽ كـارا
ورلها ويچارا، چـام تماچـي چـاڙهيا.

(١٤)

مليو مـلاحن كـي منجهه ملڪ مُباح
تني سـاڻ صلاح، سـدا تماچي چـام جي.

(١٥)

نـاپو قـوت جني جـو، پـاپوڙا اوڍين،
ڪڍي ٻـهه ڪيرولـيـون، سهـڻين جان سيڪـين،
نپوڙيو سـي پـيـن، ناڙاپو پوچ ڪري.

## وائي

ركـي روح رايـو، آيو چام ملاحن ۾
١. ويڙهو ويچارن جـو، والي وسـايو
آيو چام ملاحن ۾
٢. اڇـي سـونمياڻي ۾ سوره سـامـايو
آيو چام ملاحن ۾
٣. لاڏي ناتو نيه جـو، نـوري نمايـو
آيو چام ملاحن ۾
٤. مهي مهاڻي مـان لـڌو، پلؤ ۾ پايو
آيو چام ملاحن ۾
٥. غلام محمد مانديءَ كي، مولهي مركايو
آيو چام ملاحن ۾

—

# سر ڪاريھل

## داستانُ پھريون

(١)

ڪاريھل ڪُنياس، ھٿي نائڪ نيھ جي
ھاٿي ماھُ مُنياس، ويئي واڪ وجود مان.

(٢)

ڪاريھل جو ڪان، لڳم ھينئڙي وچ ۾
مادر مِلان مان، طبيبن جي تڪيي.

(٣)

ٻگا ٻوليون ڪن، ھِن آساري سر ۾
ڪَرڪي ڪانيرن، ڏُٻا سڀ ڏَٻائيا.

(٤)

ڏُٻا داڦي ڇڏيا ڪوڙن ڪانيرن
چلڙ ۾ چُنج ھٿي، ڪڪيءَ ڪاڇو ڪن
ھنجھ نہ منجھان تن، جڙي چُوٽو چُٽن چڪ ۾.

(٥)

آچي آجري پڪئين، سندي ذات ھنجھن
چلڙ ۾ چنج ھٿي، مور نہ ميري ڪن
ملي مَخفِيات ۾ چوٽو چوڳ چُٽن
ٻرڪ نہ پاڙھيرين، تہ ڪتان رات رھي [ويا].

(٦)

ھنجھ نہ ھَرِي ذات، جو ويھي ڪانگيرا ڪري(١)

---

اصل. ڪاڪيرا ڪري

جتي رهي راتڙي واٽي ڪري نہ وات
پاڙهيري پريات، هردو هٿي هتڙا.

(٧)

هنجھ نہ ڏي ڪو منجھہ، پنهنجو پکئيڙن کي(١)
جتي رهي سنجھہ، تيتر نہ لکا لوڪ کي.

(٨)

هنجھ نہ هيجو ڪن، جھڙو هيج هنجهر جو
لڏيو لهرين وچ ۾، چوٽو چوڳ چٽن
پرکي پاڙهيرين، پٺهہ پروڙي چڏريا.

(٩)

هنجھ نہ ميرا هون، پکي پاڪيزا گهٽو
چوٽي ڪارڻ چڪ ۾، وجي پاڻ نہ پون
هٿ هريائي ڏون، سڪا سائي سر ۾.

(١٠)

هنجهن هريا پير، مور نہ سڪن ڪڏهين
هيراڪو هيرات جا، چوٽو هيري هير(٢)
جتي رهن راتڙي، سي ڪن ساوا سير
بيو پروڙي ڪير، رمي انهين رمز کي.

(١١)

هنجھ نہ هري ذات، جو ڪوتي ڪاٺي ڪرڪيٺا
سر ۾ ڏينهان رات، آملهيا موتي چٽي.

(١٢)

بگن سان بيل بڌي، چوٽو چٽهي نہ گڏ
هنجھ نہ هري هڏ، جو للن سان لاتون ڪري.

(١٣)

اچا آجرا هنجهڙا، ميرو منجهن ناهہ

---

(١) اصل. پکڙين کي (٢) اصل. هيرات (هہ جي مٿان زبر، ي تي جزم)

سيڪت صورت جي، رکي نه سائن سانڍيو،
اتي آڏيءَ دانه، ڪن نه ڪانيرن جيئن.

(١٤)

مڇي پاڻي من ۾، ٻگها ٻوليون ڪن
مت نه موتين جي ٻوي، تانڏڪون منجهان تن
ڪکيءَ ڪاچو جن، سي ڪيئن، هلن هنجهن سين.

(١٥)

ويهي هنجهن وٽ، تون ڪيئن لڌين لاتڙي
هنجهه ڪٿوري هيروان، تو ۾ چلر چٽ،
چوٽو چوڳ چلڙ جو، ڦحي ڪري سٽ
تان تون منجهان پٽ، آسلهيا موتي چڻين.

(١٦)

هنجهه هيرڪو هوءِ، پڪيڙو پاتار جو
چارئي پلٽو چڪ ۾ لاو پنهنجي لوءِ
سو ڪيئن پسي پوءِ، جنهن ڪي انت نه آڳ جو.

(١٧)

پکي پکين جهڙا هنجهه، پر منجهان تن
هو تري جا موتي چڻي، هي چلڙ چوٽو ڪن
پار ڪٽ ڪي پرکن، هي هنجهان، هو هنجهڙون.

## واڳي

هنجهڙون هارين. آلو لا، پره ڦٽي ڪان پوءِ هنجهڙا
٠١ ويٺي وهامي راتڙي، ساريو تا سارين الو لا
پره ڦٽي ڪان پوءِ هنجهڙا
٠٢ ٻر ۾ پنهنجو پاڻ ڪي ماريو تا مارين الو لا
پره ڦٽي ڪان پوءِ هنجهڙا
٠٣ سنگت پنهنجي پاڻ ۾ پکيڙا پارين الو لا
پره ڦٽي ڪان پوءِ هنجهڙا
٠٤ غلام محمد مام ۾ گهڙيون ڪي گهارين الو لا
پره ڦٽي، ڪان پوءِ هنجهڙا

## داستانو ٻيو

(١)

هنجھہ اڏامي آءُ، سَرَ ۾ سارينئي گھڻو
امل مانڪ پَٽ پيا، موتي تنهنجي لاءِ
تون ڪيئن هُٽ هوا، جهلين جهولي جهڙي.

(٢)

ٻَرَ ٻُسائي پانهنجا هَريا هنجهہ ڪريج
پيهي تون پاتار ۾، چوٽو چوڳ چُڻيج
متان وڃائيج، ويهي حال وڻُن ۾.

(٣)

متان ٻَرَ ٻسائيين، لُڙ ۾ لَلَن جَيئن
تون ڪيئن منجهان تيئن، مٿيءَ ۾ ميرا ڪَرين.

(٤)

هن آساري سَرَ ۾ پکي ٻير مَ ٻاءِ
وتن تنهنجي لاءِ، ٻاڙهيري ٻَتهہ ڪيو.

(٥)

هن آساري سر ۾، پکي ٻاءِ مَ ٻير
هَل اڏامي اوڏهين، جيڏهن هنجهن هير
متان مَلهي ميهر، لُڙي لِڱ وڃائيين.

(٦)

هن لَوائهي لُڙَ ۾ للا لاتيون ڪن
ڳِهڙي گهاتي گند ۾ چوٽو چوڳ چُڻن
سندي ذات هنجهن، چُهنجَ نہ هڻن چِڪ ۾.

(٧)

ڳوهورا ڳوڳهيتن جا ڪنگ ڪانهيرا هُون
پليتي ۾ پاڻ هٽي، ميرا مور نہ ڏُون
ٻَرَ ٻُسايءَ ٻُون، ڏُرڙن ڪاڻ ڏِين ۾.

(٨)

ڻلو لائق لڙ جو، ڇاپي چال هنجهن
متي پائي من، هاري هار هنجهن
ڇوي ماڪ منجهن، هنجهه حيراڻي آهيان.(١)

(٩)

ڪنڌي ڪانيرا، تـوڙي هلن هنجهه سين
هو سونهان سائي سر جا، وچن سوڙا
هي مورک منهن ميرا، ليٽي پوڻ لڙ ۾.

(١٠)

هنجهن سان هوڏ هٿي، ڏلا مور ۾ هل
تون چلڙ ۾ ڇهنج هڻين، هو پاڻي پسن پل
موجب مهل عمل، تا سڃاڻن سر ۾.

(١١)

هنجهن سان هوڏ هٿي، ڏلا لنج ۾ لات
ڪِڪي ڪاڇي قوت جي توکي وائي وات
هو هيراڪو حيرات، موتي چڻن مات ڪري.(٢)

(١٢)

چلڙ چوڻو جن جو، ڪڪي ڪاج ٿيون
پاڪيزي پاڻيءَ سين پاهت تان نه پيون
وَهي ويل ويون، دانهيندي ڏٻن ۾.

(١٣)

ڏٻا داقي ڇنڌيا، ڪانيرن ڪيئي
صفائي جا سر جي، هٿان تن ويئي
تني ڪي نيئي، چوٽي هنيو چڪ ۾.

(١٤)

چوڻو ڇنڌي چڪ ۾، آتي هنجهه هلن
هن آساري سر ۾، لايو لڙ للن
سي ڪيئن ميڪ سلن، موتي جن جي من ۾.

---

(١) اصل ائين. شايد صحيح ”هنجهه هيراڻي آهيان“
(٢) شايد صحيح ’هو هيراڪو هيرات‘

## وائي

ايـــا ٺـان نـہ وري، لڳڙين ڳـالھہ ڳـــري
ڪالھہ اڏاٺا جي هنجهڙا
١. ســاريندي ســر سامهان، هـــاري هنجهہ هـري
ڪالھہ اڏاٺا جي هنجهڙا
٢. بـــاطـــوني درياهہ جــــي آٿـــن ذوق ذري
ڪالھہ اڏاٺا جي هنجهڙا
٣. مـــانيٺا هن حــــال ۾ وريـڙا ماڳـِ مـــري
ڪالھہ اڏاٺا جي هنجهڙا
٤. غلام محمد دوســت ڏي تيڙن درسـت دري
ڪالھہ اڏاٺا جي هنجهڙا

---

## ڏاستاڏو ڏرڏو

(١)

پـــاڙهيڙي په ڪـــري، وڻيو سير وتـــن
مٺاڻ وهـيـن ويسرو لـٽ ۾ ســـاڻ للن
سنڌي پيل پگن، چـــڏ تـہ ڏکيو نـہ ٿئين.

( )

پـــاڙهيري پهہ ڪيو، وڻـيـو وتـــن سير
پسي تنهنجا پير، ٿـا ماري مرڪن مـنهن ۾.

(٣)

پاڙهيري جــــي پـهہ ڪــــي پڪيـڙ ا پرڪيچ
مـــورو پـــاڻي منهن ۾ وڻيو وتي ريچ
ويهي وجهہ مـ ڏيــــج، اوڏو اچي آن ڪي.

(٤)

مـــورو پاڻي منهن ۾ ماري مـــارو ڪـن

ڀسي ڀه ڀکين جو، ڀاڙهيري ڀرکن
اهڙي ريت رمن، ڀيهي سي ڀاتار ۾.

(٥)

جتي هنجهن هيرا، اتي رهن راتڙي
لکي اچن لوڪ ۾، متر ۾ وٺي سير
ويچارن سين وير، من ۾ مهاڻن کي.

(٦)

ڀاڙهيري ڀهه ڪري وٺيو وتي وات
مورو ڀاڻي منهن ۾، جهلي تنهنجا گهات
لوڏي ڀر لپات، لچو هٿي لِڪَ ۾.

(٧)

ڀاڙهيري جو ڀَهه، ڀکي ڀرکج ڀاڻ ۾
جيڏهن تنهنجو لهه، تيڏاهون آڏو اچي.

(٨)

ڀاڙهيري ڀه ڪري وٺيو وات وتي
ميڙي منجهه متي، وٺي ويچارن کي.

(٩)

ڀاڙهيري جي ڀهه کي صحي ڪج ساري
تکي تنهنجا تڪِيا، ساجهر سواري
متان ڪنهن واري، جهلي توکي جهٽ ۾.

(١٠)

ڀاڙهيري جي ڀه کي صحي ساري ڪج
مورو ڀائي منهن ۾، ڀکيڙا ڀرکج
ويجهو وجهه مَ ڏج، اوڏو اچي ان کي.

(١١)

ڀاڙهيري جي ڀهه کي ساري ڪج صحي
نکا لٿي لاتڙي نکا ڪِڀْتَ ڪَهِي
تنهنجي رمز رهِي، وجهي تو ۾ هتڙا.

## وائي

پاڙهيري کي پارکهي، هيئڙو هوش رکي
اي صحي سڄاڻج تون هنجهڙا
١. تو جهڙا پرَ تو رکي، پيرا پار پکي
اي صحي سڄاڻج تون هنجهڙا
٢. اڇي تو ڏي تار ۾، تو جهڙي لات لکي
اي صحي سڄاڻج تون هنجهڙا
٣. متان توکي کا هٿي ٻهگڻ پاڻ ٻکي
اي صحي سڄاڻج تون هنجهڙا
٤. غلام محمد ماگهين ماريا مٺور مکي
اي صحي سڄاڻج تون هنجهڙا

# سر ڪاهوڙي

## داستانُ ٻهريون

(۱)

راڻي پاس رمن، ڪيڙوُن ڪاهوڙين جون
ڏوري سو ڏسن، جت نهايت ناهہ ڪا.

(۲)

ڪاهوڙين ڪي ڪا، ڳجهي آهي ڳالهڙي
لِڪائي لوڪا، نيندا انهي ڏيهہ ڏي.

( )

سَفَرِيا ثابوت، پيڙِ ي پَدَن سندرا
ڏت ڏورانهين ڏيهہ جو، ڪاهوڙِيَڪو قوت
صِفَتَ لاَيَمُوت، رکن انهين ڏيهہ جي.

(۴)

ڏيهہ ڏيهان^ ئي ڏور، جتي پير نہ پيچرا
وڃن تِت ضرور، ڏوٿي ڪارڻ ڏت جي.

(۵)

هلو هلان ڪن، سڪ نہ سهن ڪڏهين
راتو ڏينهان ڏت جي، ڪپت ڪاهوڙين
ور ڏيٺي ووڙن، ڏت ڏورانهين ڏيهہ جو.

(٦)

نَوان نِپَچَ ڪري، ڏوٿي هلن ڏت ڪي
وڃن پنڌ پري، اوري رهن نہ راتڙي.

(٧)

ورچي ڪين وهن، ڀورهيو ڇڏي ڀورهيتي(١)
راتو ڏينهن هٿن، رنبا روهن وچ ۾.

(٨)

رنبا رَنڊائي، آئي هٿن ڏت ۾
پلئو ۾ پائي، پاڇي آئين ڀورهيو.(١)

(٩)

ڪتا ڪاهوڙي، ڪئي هليا ڏت ڪي
ڏرتي آن ولات جي تن رنبن سان روڙي
ڏوتيڙن ڏوڙي، ڪيما لڌي ڪم مان.

(١٠)

ڪنڙن سان ڪُرڙين، ڏوتي ويا ڏت ڪي
ڀورهي ڪارڻ پاڻ ڪي، ڀهٽن ۾ ڀُرڙين
دَرُوڙا دَرُڙين، ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا.(٢)

(١١)

ڪاهوڙين ڪي ڪو، لکي ڪونه لکن ۾
آپالپ سين ڀاڳهلا رکن لياڪو
صورت سياڪو، آهي عبث ان ڪي.

(١٢)

اندر آجڙئون، ٻاهر ميرا ميسڙا
نڪو منه مائهن سان، نڪو سياڪون
ڀري پند پئون، وڃن واڳيا وڳ سين.

(١٣)

ڪرڪن ڪاهوڙي، پيڙي ڀڏن پند ۾
هٿ ۾ آهوڙي، وڃن واڪيندا گهٽو.

(١٤)

جني ڏت ڏسن، تني رهن راتڙي
تيتان چنگ چٽن، ڏيئي ورَ وٽن مان.

---

(١) اصل. صورتخطي 'ڀُهُرِيو' ۽ 'ڀُهِرَيتي' (٢) اصل. ائين

(١٥)

جتي ڏسن ڏٿ، تتي رهن راتڙي
ڏيتان ٻوڙا ٻٿ، پٺي وجهن پنڌ ۾.

(١٦)

ظاهر ذلہ زبون، ڪيتي ڪاهوڙين جي
باطن آپت ٻون، سونا سنگ سگر ۾

(١٧)

ظاهر ذلت انگ، پٺي پاجهارن جي
باطن سونا سنگ، ڪوڙي ڪاهوڙين جي.

(١٨)

ظاهر ذلت ذات، ڪيڙي ڪاهوڙين جي
باطن صاف صفات، رايو روهيلن جو.

## وائي

اتي آڏي رات، ڏوٺي ويڙا ڏٿ ڪي
١. وچن وڙهلو مات ڪري، وائي ڪن نہ وات
ڏوٺي ويڙا ڏٿ ڪي
٢. ڪرڪي پائي پير ۾ هليا ڏي حيرات
ڏوٺي ويڙا ڏٿ ڪي
٣. ٻچن پنڌ پرڀيتو، پرهہ ڦٽي پريات
ڏوٺي ويڙا ڏٿ ڪي
٤. اٿن اور عجيب جي، راتو ڏينهن روات
ڏوٺي ويڙا ڏٿ ڪي
٥. رڪن پنهنجي پاڻ سين مانيٺا متصلات
ڏوٺي ويڙا ڏٿ ڪي
٦. غلام محمد مام ۾ ذاتر ڏنٺن ذات
ڏوٺي ويڙا ڏٿ ڪي

---

## داستانو ٻئو

(١)

ڳنجي منجھہ ڳھہن، ڪيڙون ڪاھوڙين جون
پاسو پٽر تي رکي، لتجو ڪين سھن
ڏوري سو ڏسن، جتي پير نہ پکين^.

(٢)

نڪو پکيءَ پير، نڪو ڏوتيءَ ڏتڙو
اتي ڳھتي ڪير، ڪاھوڙڪي ڪيڙ ري.

(٣)

ڦرلتيا ظاھر، باطن سندن اُجرو
اندر عين خوشي ۾، ٻاجھارا ٻاھر
رکن خوب خبر، اِن پراھين پنڌ جي.

(٤)

ميرا مُنهن سندان، ٻت ييٽوتا ٻودلا
اورانهو اُن ڏيھہ جو، ورنجُھل وجودان
سارو ئي سبحان، اندر اوجر ان جو.

(٥)

آٻالا اٻوجھہ، ظاھر صورت ڏلتي
سڀالا سبوجھہ، آھن اُنهين ڏيھہ جا.

(٦)

ڏھيرا ڏسجن، ڪاھوڙي ھن ڪيت ۾
پير تني جا پيچرا پري تا پسجن
آتي تا ھسجن، جتي ننگر نيھہ جو.

(٧)

ٻاجھارا ٻارين، متي ڏونگر ٻاھڙي
ڪونہ پروڙي ڪو ٻيو، جتي ڳذارين
ذرتئون نهارين، چڙون چيٽي چپ جون.

(٨)

جتي پير نہ پيچرا، نڪا ھونگ نہ ھوءَ

نڪا مونۡ تونۡ هٿ پنجهي، نڪا رُوئيت رُوءِ
وڃي آها جُوءِ، ڏسن ڪري ڏاڪڙو.

(٩)

گنجو ڏونگر گام، ڪِپَٽ ڪاهوڙين جي
اندر ۾ آن ڏيهه، جو رکن ڌِهرو دام
ڪري تن تمام، پوري هلن پنڌ ۾.

(١٠)

ڪاهوڙي ڪانٽو، رکن گنجي گام ۾
آڏ تڙڇا آهوڙا ڇانٽوڻن ڇاتو
صحي سڃاتو، ڏوٿين ڪري ڏِتڙو.

(١١)

ڪاهوڙي ڪوڙين، ڪِيلا گنجي گام ۾
لڄ لياقت لوڪ جي، ٻاجهارا ٻوڙين
آلا آلوڙين، پوئِري هلن پنڌ ۾.

(١٢)

گنجو گام گَرڪ، پڻهي پَرڪن پٽڙا
رکن اوريين روهه جو آديسي دَرَڪ
ڪري پاڻ ترڪ، رُوئيت روحاني ٿيا.

(١٣)

پير پروڙي پاءِ، گنجي ڏونگر گام ۾
ڏوري ڏسج ڏيهه ۾، جنهن سندي جاءِ
لِڱن متي لاءِ، لالائي لالن جي.(١)

(١٤)

پير پروڙي رک، گنجي ڏونگر گام ۾
جاڏي هن جبل ۾، لال لاهوتي لک
رکي پاڻ پرک، ڪِرَ ۾ ڪاهوڙين جي.(٢)

---

(١) اصل. لعلائي لعلن جي (٢) اصل. ڪِرَميِ ڪاهوڙين جي

(١٥)

واٽــون وراڪا، گنجي ڏونگر گــام ۾
ڪــاهوڙين سا ڪا، چـوندي رکي چيت ۾.

(١٦)

گنجي ۾ آهين، واٽــون وَراڪـن سِين
ســـونهان سِجائين، سِڌي واٽ سگهر جي.

(١٧)

گنجو ڏونگر گــام، رکي واٽــون وِنگِيُون
ڪــاهوڙي تمام، رکن سُونهپَ سِڌَ جـي.

(١٨)

انـــدر ۾ آهي، ڪپت ڪـــاهوڙين ڪـــي
وڄـائين وجـــود ڪــي، پـــاروڙي پــاهي
لاڳـــاپــا لاهـــي، وڃـــن آن ولات ڏي.

## وائي

ڏوري ڏونگر گـــام، ڏيهه ڏناڏون ڏٺ جو
١. چڙهي سانگو ساهه جـو ڪيائون تن تمام
ڏيهه ڏناڏون ڏٺ جو
٢. لاڳاپا هــــن لوڪ جا، عـــارف عين حرام
ڏيهه ڏناڏون ڏٺ جو
٣. ڪاهوڙين ڪـــي ڪپت ري، قائم آهـــي قيام(١)
ڏيهه ڏناڏون ڏٺ جو
٤. لڳن نائڪ نينهن جـــي ماريا محبت مـــام
ڏيهه ڏناڏون ڏٺ جو
٥. غـــلام محمد مـــام ۾، تـيـزن نيه نظام
ڏيهه ڏناڏون ڏٺ جو

---

(١) اصل. ’ڪاهوڙين ڪي ڪيت ري‘

## داستانو ٽرئو

(١)

ڪاهوڙي آهينِ، پارس پارکَ پنڌ جا
پيرن ۾ پائينِ، ڪَرڪَن انهيَن ڏيھ جا.

(٢)

ڪرڪٽا لاهي، سڪ نہ سمهن ڪڏهين
انهن کي آهي، آٿَن انهين ڏيھ جي.

(٣)

نڪو پڌر پير، ڪيرَ ۾ ڪاهوڙين جو
ڪونہ پروڙي ڪو پيو، آلڪيٺَن آلير
سدا سونهان سير، گنجي ڏونگر گام ۾.

(٤)

واتون وراڪا، گنجي ڏونگر گام ۾
آهي سڌ اندر ۾ ڪاهوڙين سا ڪا
واڪن تي واڪا، ڪندا وڃن ڪوڏِيا.

(٥)

اندر منجھ اندوھ، ڪاهوڙين کي پنڌ جو
ويندا وڃن اوڏهين، رهائين نہ روھ
رکي سِڪ ستوھ، ويهي ورمَن ڪينڪي.

(٦)

پيرن ۾ پائينِ، ڪَرڪَن ڪِٽا ڪيٽِرا
اچي چار لڱن کي لاهوتي لائينِ
لوڪان لڪائينِ، پارکَ پنهنجو پاڻ کي.

(٧)

ڪاهوڙين کي ڪو، پرکي ڪونہ پرک ۾
رکن ڪونہ جهان ۾، سنگت سياڪو
آلو عِلاقو، اٿن انهين ڏيھ جو.(١)

---

(١) اصل. آلو عَلاڪو

(۸)

وِنجهلَ وجودانِ، راتو ڏينهان ڏيهہ جي
جُزِي جُزاوُت ۾، نسورا نادان
سيو ڏي سبحان، پارک پرکي آن جو.(۱)

(۹)

اُلوهيتّ ۾ آهہ، ڪانُتو ڪاهوڙين جو
ڪٿن ڪونہ جهان ۾، پنهنجو پاڻ پساهہ
ڪري تن تباهہ، وڃن واڳيا ان سين

(۱۰)

جِتي انت نہ عام، تِتي سندن تَڪيا
ڪهن ڪونہ ڪلام، سوا ’قالُوا‘ ڪوڏياه

(۱۱)

آلَسْتِي آواز، ڪاهوڙين ڪي ڪَن ۾
نڪو هن جهان جي موهيا ڪنهن مجاز
وڃائي سڀ ساز، ڪامي ڪاهوڙي ٿيا.

(۱۲)

نڪا ڪَن نِهار، ڪاهوڙي ڪنهن پار ڏي
آپَرَ لڳن آر، اندر انهين ڏيهہ جو.

(۱۳)

اکيون ڪاهوڙِي، ڪوڙي رکن پنڌ ۾
لڇ لياقت لوڪ جي پاجهارن پوڙي(۲)
حياتي توڙِي، مور نہ مَرڪن مُنہ ۾.

(۱۴)

آلَڪِيا اورين، راتو ڏينهان روح ۾
شامل شريعت سين، طريقت تورين
معرفت جي مات ۾، چَپَ اندر چورين
گهوريو تا گهورين، مٿان جانب جند ڙو.

---

(۱) اصل. ڪو پارک پرکي ان جو (۲) اصل. پاجهارا پوڙين

## وائي

سهڻي سونهن سندان، مون سڄاڻا سپرين
چڱي چال سندان، مون سڄاڻا سپرين
۱. آڻتو انهين ڏيهه جي، راتيون تان ڏينهان
مون سڄاڻا سپرين
۲. رکن کونه جهان ۾، پنهنجو پاڻ بيان
مون سڄاڻا سپرين
۳. ديوانا هن ديس ۾، عارف عين عيان
مون سڄاڻا سپرين
۴. گنجي ڏونگر گام ۾، اچي پير پيان
مون سڄاڻا سپرين
۵. گنجو گام تہ گهور ڪري، پاڻ مٿان قدمان
مون سڄاڻا سپرين
۶. دعوتي داتا سندا، دهرا ملڻ دان
مون سڄاڻا سپرين
۷. غلام محمد غير کان، رکيا رب رحمان
مون سڄاڻا سپرين

---

## داستانو چوڻون

(۱)

ڪٿا ڪاهوڙي، ڪٿي هليا ڏٿ ڪي
ڏوريندي ڏوڙي، ڪِرت لڌائون قيمتي.

(۲)

ڪٿهن سان ڪوتي، ڏٿ ڏنائون ڏيهه جو
جِيءُ جنسا جوڙي، ويٺا هٿن هٿڙا.

(٣)

جي تون ڪاهوڙي ٿيون، ڪر طمع کي ٽُم
گهران ڪڻ مَ ڪيٿرا، ڪَرڪڻ پائي مَ ڳنُهم
هــبي هڏچم لحم، سُڪائيج سرير جــو.

(۴)

جي تـون ڪاهوڙي ٿيون ، ويهي ڪر مَ ويـر
بــڌي ٿمر سڪ جــو ، پڃَ پٿَراهان پير
صبح ويل سوير ، ڪاهه ته پهچين پيچراي.*

---

* هن بعد صفحو خالي آهي، يعني ڪاتب کي باقي بيت نقل ڪرڻا هئا.

# سر رپ

## داستان ڇهريون

(۱)

گوندر گس ڪري، جڏو ڪيم جندڙو
هاڻي هيءَ مري، ويچاري ري سڄڻين.

(۲)

گوندر ڪهو گس، ماءِ منهنجي جندڙي
سيرجيا سور سرس، هٿين هاج نه اڇتهي.

(۳)

گوندر ۾ گهاري، ماءِ منهنجو جندڙو
مونجهاري ماري، وڏو منهنجي جيءَ کي.

(۴)

اندر لڳي آڳ، چاراٽيو چڙ چڙهي
لاڳو لڳي نه لاڳ، آتش کي علاج جو.

(۵)

چاراٽيو چيري، ماءِ منهنجو جندڙو
لُوءِ لُوءِ آلان باهه تي، جوش پيا جيري
وراڻي سيراي، ڏوڙي ڏني سڄڻين.

(٦)

چيري چاراٽيو، ماءِ منهنجو جندڙو
جيرا ٻڪيون جان جون، ڪوري ڪاراٽيو
آلن کي آليو، آڻي هٿين پوڻه تي.(۱)

(۱) اصل. پوءِ تي

(٧)

ڀُورن مٿي ڀُور، مونکي مـــون ٻرين جـــا
وچان ٿـــي وهلور، ســـاريو سپيرين کـــي.

(٨)

انــدر آيــريـــام، اوڀـــڙ حبيبن جـــا(١)
واريءَ جيئن وريـــام، ورهہ وراڪا ڪري.

(٩)

ورهہ وراڪا ڏين، هن ڏکي جي ڏيل ۾
گوندر منجهہ گڏين، نيئي نـواڙي نيڏَرين.

(١٠)

اورانيو ارواح، منهنجو مـــون پــريـن ڏي
ســاريو سنجهہ صباح، ويئي رئـان رت ڦـــڙا.

(١١)

نيٺن منجهان نيهہ، وســـي واهُوندڻ جيئن
آٺـــي آب اکين مـــان روئـــان راتـــو ڏينهہ
محبت سندو مينهہ، آيـــو اوهيرا ڪــري.

(١٢)

سيني منجهہ صحي، لڳي ناڏڪ نيهہ جـــي
ڪـــاني قُرُوبت جـــي، اتـــم روح رهي
ڏکن ڏيـــل ڏهي، آٺـــي وڏو گـــوندرين.

(١٣)

جيرن ۾ جـــائي، لڳي بـــاهہ برهہ جـــي
ٻُڪيون بـــريـــانـــي ٿيون، ٻيرن ڀَر لائي
ساڙيندي ســـائي، چُري چـــڙهي چـــوٽئين.

(١٤)

لُوءِ لُوءِ آلان باهہ، ٻيرن ٻاق نہ نڪري
منهنجو ساهہ پساهہ، ســـورن ساڙي چڏيو.

(١) اصل. اوڀر حبيبن جا

(١٥)

ٻَرٻَرِ ڪِيو ٻرن، منهنجا جيرا ٻڪيُون
ڪامي ڪوري وچ ۾ ڳري ڳچ ڳرن
ٿري تان نہ ٿرن، سوا سپيرين جي.

(١٦)

ڪا جا لايائون، سا نہ اجهامي باهڙي
وجهي ڪَڪَ قرب جا، موٽي مچايائون
ويتر وڌايائون، ڏيئي ڦوڪ فراق جي.

(١٧)

لائي آڳ ويا، اندر منهنجي جندڙي
ٻري مچ پيا، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

(١٨)

نهائين جيئن نيہ، ڏِڪِج اندر جندڙي
ٻاري راتو ڏينهہ، پڪو ڪِج پريت ڪي.

(١٩)

سانڍِج سيني منجهہ، نيہ نهائين جهڙو
هاري هَرِي هنجهہ، متان ٿاريس ٿَپِيو.

(٢٠)

سيني ۾ سانڍيج، نيہ نهائينءَ جهڙو
هن ُدکائي دوُد جو، ڪنهن کي منجهہ مَ ڏيج
پئِي پاڻ پچيج، ڏيئي سيڪو سِڪ جو.

(٢١)

آوِيءَ جين^ واري، ڏِڪج ٻاهہ برهہ جي
دونهان اندوهيءَ جا، سانيج سنياري
ٻاڦن سين ٻاري، چڙج ٻيرا ٻوڙِيُون.

(٢٢)

روئي رات رَتوم، ڪُلهي ڪارو ڪَنجَرو
ڪنان ُنارٌ حاميۃٌ" اندر مچ مَتوم
ڳوندر منجهہ ڳَتوم، جر هاريندي جندڙو.

(٢٣)

روئـي رتـم رات، ڪلهي ڪـارو ڪنجرو
مَـنِ[٨] شَـغـُفَ حـُبـّا[٩]، ملـي مــون بِشرات(١)
تـائين سـا پريات، ڏوڏان ڏوتي نـه لهي.

(٢٤)

روئي رات رتول، ڪيئم ڪُلهي ڪنجرو
سورن جـي اسڪول، ڏنـم سبق سڪ جو.

## وائي

ڪي گهڙيون اچي پِـڄ، مون نمائيءَ جي نجهري
١. مينت مـون معذور جـي، منهنجا جانب مـڄ
مون نمائيءَ جي نجهري
٢. تــازا سور سرير ۾، ڪــري آيم ڇڄ
مون نمائيءَ جي نجهري
٣. الله لڳ عـليل ڪي، ڪـو عـِلاجو سـِڄ
مون نمائيءَ جي نجهري
٤. ويهي ويچاريءَ وتــان وري مــور مَ وڄ
مون نمائيءَ جي نجهري
٥. وتـــي ڏيئي وصال جـــي، لاهه آچارن اڄ
مون نمائيءَ جي نجهري
٦. غلام محمد محبن سان، وَسهي ساري سـَڄ
مون نمائيءَ جي نجهري

---

(١) اصل ۔ بـَشرات (ب تي زبر)

## داستانُ ٻيو

(١)

جيئن سو سج ڪپار، تيئن تيزابي تن ۾
نيڻن منجهان نار، هاريندي هُت مٽي.(١)

(٢)

منهنجي تن تموز، آندي تيزابي ڪري
راتو ڏينهن رمُوز، ڪڙهه ۾ ڪاريزن جيئن.

(٣)

آڙنگ منجهه ارواح، اکين اوهيرا ڪيا
وسن سنجهه صباح، ورهه واهوندن جيئن.

(٤)

آگميو اچن، اکيون اوهيرا ڪري
بوندون بس نه ڪن، برساتي باران جيئن.

(٥)

آرتو عشاقن، توڙي وسن مينهڙا
مشڪل مشتاقن، وتن گوندر گڏيا.

(٦)

نهاريندي نيڻ، ويئي وهامي راتڙي
جي جياپا جندڙي، سي مون ڪٿا سيڻ
ڪٿا تيم ڪيڻ، راتو ڏينهان ان ري.

(٧)

وادي جيئن وڏين، ورهه واري ورترا
آٿي منجهه متڏين، قابو ڪان ڪپار ۾.

(٨)

واهولي جيئن وڏي، وجهن اندر جندڙي
سهسين ڏيان ڏڏي، تا پڻ وچن وڍيو.

---

(١) اصل سٽ: "نيڻن منجهان نار، پلتيا پگهارا ڪري" ان بعد، اها مٿين پڙهڻي آندي وئي.

(٩)

واهولي جين ورِيُڏَ، وجهن انــدر جندڙي
ساري سڏيون سِپُڏَ، وجـن وڄيندا گهڻو.

(١٠)

نڪا ڪتهل ڪَتَ، سُورن سندي ست ۾
وجهي هِنَيڙي هت، وڄن ٺـاٺيندا گهڻو.

(١١)

نڪو ڪهل قياس، ســورن سندي ست ۾
وڍي ڍي نين، وجود جــو ڪاٽي پاٽي ماس
تَرسي تِر تپاس، مور نـه ڪن سي ڪڏهين.

(١٢)

آٽي جوٽري جوش، جَنڊري منهنجي جيءَ ۾
هٽي ڪيو هينئڙو نــاڏڪ نيــه انــوش
محبت ۾ مدهــوش، رهيو روحاني گهڻو.

(١٣)

جنڊري چڙهيو جيءَ، ڏک ڏوريندي ڏيل ۾
هينئڙو رَنڊڙي ريءَ، چِرَن چِلي چِڏيو.

(١٤)

جيئري پيم جنڊر، چُران چُري نه سگهان
صحبت ســنـدا منڊر، لگم انــدر جندڙي.

(١٥)

جيئري جنڊر پيام، چُران چري نه سگهان
هٽي دوست ويــام، ڪٽا قابو قرب جــا.

(١٦)

سارينديي مــون ساهه، چُري چڙهيو چوٽِئين
پريَن ري پساهه، ڏينديي پوري نه پوان.

(١٧)

عاجُز عزرائيل، ڏســي ضعف زِلت جــو(١)

---

(١) اصل ’ذلت‘ جو‘ غالباً صحيح ’زلت‘، يعني زِل = سخت سور، ايذاء

سپيرين جي سونهن جي مون ۾ سڪ سبيل
ڏکوئيءَ جو ڏيل، ڏکن ڏاري ڇڏيو.

(١٨)

مونکي ٿي ماري، سڪ پريان جي سونهن جي
وڌو اندوهيءَ ۾ اندر جي آري
گوندر گذاري، ڪندا سنگت سڪ جي.

(١٩)

ڏيکاري ويا، ڪا جا صورت سپرين
تانڪون پيچ پيا، مون پريان سين سڪ جا.

(٢٠)

سوريءَ چاڙهيو ساهه، منهنجو سورن سڪ جي
ڏيان ڏوري ڏک سين حياتي همراه
پرينءَ هٿ پساهه، ويچان ويٺي آهيان.

(٢١)

منهنجو جڏو جيءُ، پاڄهه پريان ري نه پري
ڪڏهن چوندم هيءُ، پي پيالو پرت جو.

(٢٢)

منهنجو جيءُ جڏو، پاڄهه پريان ري نه پري
وڌو وهم پرين جي، اندر وِڌ وڏو
لوءَ لوءَ هيٺ لڏو، آئي سورن سٽيو.

(٢٣)

سورن سنگ ڪيا، سيني ۾ نسري
لوءَ لوءَ منجهه پيا، لکين لابارو ڪري.

(٢٤)

لوءَ لوءَ لابارو، وڌو سورن سڪ جي
ورونهن وارو، مور نه ڏنو ڏيل کي.

## وائي

مون نه وهيڻي سڄڻين، ووه ووه
آءٌ نه سگهيڻي سڄڻين، ووه ووه

١. لڳو آهه وجود ۾ مونکي نيه ڏِلو
آءٌ نه سگهيٽي سڄڻين ووءِ ووءِ
٢. ڏسان شال اکين سان وڃي ڪيچ ڪِلو
آءٌ نه سگهيٽي سڄڻين ووءِ ووءِ
٣. موٽي مون معذور کي، منهنجا محب ملو
آءٌ نه سگهيٽي سڄڻين ووءِ ووءِ
٤. غلام محمد محب بنا، ڪندو ڪونه بلو
آءٌ نه سگهيٽي سڄڻين ووءِ ووءِ

---

## داستانو ٽرٺو

(١)

جڙيءَ جنازي جيئن، ٿيو وهيڻو سڄڻين
مُنِ مات فِي حياتِهِ، ڪنو ڪڇي ڪِيئن
هِنڌڙو هاڻي هِيئن، ڪين ڇڏيندا ڪَڏهِين.

(٢)

ساريندي سڪرات، ڪا جا لڳي سڪ جي
بنا محبوبن جي ٿيو من مات
هاڻي هِي حيات، موٽي ڪندا مون پرين.

(٣)

ٿي حياتي حيف، سوا سپرين جي
لڳي قربن جي سيني اندر سيف
ڪِيو ڪيم ڪيف، پيتي ري پرين جي.

(٤)

سڪ سمهي سا ڪيئن، جنهن کي نائڪ نيه جي
سائي سورن سيئن، گهڙيون گهاريندي مري.

(٥)

رَهِي سا نہ رهي، جنهن کي نائڪ نيه جي
مر سا سور سهي، جا سگهڻي سڪ جي.

(٦)

سورن سگ ڪيو، اڇي منهنجي جيءَ سين
ورہ واري وترو، ولوڙي ويو
نرِرہ نيه نيو، جڻڻ جو ڪو جندڙي.

(٧)

چوري چاڪ ويام، ڏيئي چهڪ چِت ۾
پَچِي پيچ پيام، وَري وَڍَ ورہ جا.

(٨)

مَنڍي جيئن منڍيو، اندر منهنجو جندڙو
وري ورہ ويو، ويرو تار وجود ۾.

(٩)

ٻڪي پاجهہ پرين، هِن جو ڪائتي جيءَ جي
هتان جا ڪرِرِين، سا ڪيئن آئي ان ري.

(١٠)

ٿيو دوست دوا، هن ديواني درد جي
لڳو منهنجي جيءَ کي وڇوڙي جو واءُ
تنهنجي هٿ شفا، ميان مريضن جي.

(١١)

ڪو جو پيچ پيو، مونکي مون پرينءَ جو
لڳو جو وجود ۾ وري سو نہ ويو
هِنيڙي منجهہ پيو، نهرو نيڙو نيه جو.

(١٢)

منهنجو من مجاز، واهولي جيئن ويڙيو
ڏيئي غسل ڏاهہ کي، پڙهن مان نماز
سِڪ سواري ساز، نيئي ڏونيدا دل ۾.

(١٣)

مٿو مُوڙهہ ٿيو، مٿر منجهان مون نہ لهي
ويئي واڪ وجود مان، نيڻ نيہ نيو
ميرو ٿي رهيو، ڏوتي ڏاران دوست جي.

(١٤)

مر سو مرڪي روءِ، جنھ ڏنو منھ محبوب جو
سائي سُرهي ٻُوءِ، جنھ جو غاسِلُ سپرين.(١)

(١٥)

جن کي قريبن، ڏنو ڪفن قرب جو
مر سيئي مرڪن، مقامن ۾ قبرون.

(١٦)

هٿان هاڻ ويوم، صابڻ صفائي جو
ميرو منھ ٿيوم، ڏوتي ڏاران دوست جي.(٢)

(١٧)

پرين پيهي آءُ، نماڻيءَ جي نجهري
تانڪون تنهنجي لاءِ، ويٺي واجهايان گهڻو.

(١٨)

واجهائيندي ويل، وئي وهامي راتڙي
آءُ اوراهون سپرين، ڪري لال آليل
روحاني ڪي ريل، آهي تنهنجي آسري.

(١٩)

ريلو روح ڪري، رهيو تنهنجي آسري
تون تڪيو، تون توشڪي، توڪان سڀ سري
پيو ڪير ڪري، واهر ويچارن جي.

واڻي

سا مون آس پُڄي، جا مهينجي من جي
٠١ وڃي فلڪ فراق جو، جو تو سخت سڄي
جا مهينجي من جي

---

(١) اصل. سوئي سر هي بوءِ (٢) اصل. ميرو من ٿيوم

٢. راتو ڏينهن وجود ۾، واري ورهه وڃي
جا مهينجي من جي
٣. عاجز کي آجو ڪري، منجهان ڪک ڪڇي
جا مهينجي من جي
٤. غلام محمد رمز ۾، ريجهي روح رچي
جا مهينجي من جي

---

# سر رامڪلي

## داستانُ پهريون

(١)

اول ويل آسُور، سُتا سامي آٿيا

پيو ڪاپڙين کي پنڌ پَراهين پور

ڇڏي ذوق ضرور، مٿي گنگا گَڇيا.

(٢)

جوڳي جڳَتر جوڙ، تاڪيا هلن تڪيا

مُنهن ۾ مَهيسين کي، روڪائي جي روڙ(١)

ٽاڻي وڃن توڙ، اوري ڪن نہ آسرو.

(٣)

جوڳي جڳتر گنج، تاڪي هلن تڪيا

منهن ۾ مهيسين کي روڪائي جو رنج

ڇڏي سک سهنج، مٿي پورب رميا.

(٤)

نانگن کي ناگاهہ، لڳي ناڏ نيهہ جي

ٿيا رَسيلا رام سين جالي جڳتر جاهہ

پرِيمَ پرائي پاهہ، وڃي گنگا گڏيا.

(٥)

سامي صدا سُک جي مور نہ ڪٿي ڪن

ڏيل ڪيائون ڏُبرا ڏوري ساڻُ ڏکن

اهڙي ريت رمن، ڪانوڻيا ڪابول ڏي.(٢)

---

(١) اصل. ماهيسين کي (٢) اصل ۾ هت توڙي هيٺ: قابول

(٦)

ڪانوڙِن ڪاڻي، ڪا جا ڳجهي ڳالهڙي
لڪائين لوڪ کان، ساهه اندر سانڍي
اوڙڪ آهائي، پورب ڪندا پڌري.

(٧)

ڪانوتيا ڪَن ڪَپ، اوري ڪن نه آسرو
ڪونه پروڙي ڪو بيو مَهيسيَڪو مَپ(١)
جتي تسيا تپ، تتي سندن تڪيا.

(٨)

ڪانوتيا ڪن چير، اوري ڪن نه آسرو
اصل انهين؏ پار جي آديسين آڌير
ظاهر شهر فقير، باطن بابو بڪثا.

(٩)

ڪانو تياڪن ڪات، اوري ڪن نه آسرو
اصل انهين پار جي رکن آچ اوسات
ڪاپڙي ڪابول جا سونهان سُود سَوات
وڃن اوچي؏ ڳات، سامي سفر سامهان.

(١٠)

ڏِساندر ڏورين، سامي سفر سُرتيا
ڪا جا ڳجهي ڳالهڙي اوري نه اورين
سوئي تا سورين، سڳو ساڳي سِڪ جو.

(١١)

سامي سفر سود، سڪ نه سمهن ڪڏهين
هلن انهين پار ڏي جيڏهن ساهه سجود
نانگا تي نابود، وڃي گر ڪي گڏيا.

(١٢)

سامي صورت سقرا ظاهر زبوني(٢)

---

(١) اصل. ماهيسيَڪو (٢) اصل ۾ هت توڙي هيٺ: سقرا

لکا وتن لوک ۾ بابو بيروني
تني جي اوني، کون پروڙي ڳالهڙي.

(١٣)

سامي صورت سڦرا ظاهر ظلماتي
متي لال لڳن کي لاهوتين لاتي
ذاتي صفاتي، لانگوٽيا هن لوک ۾.

(١٤)

لانگوٽيا لاهوت جا لکن کون لکين،
آلکيا هن لوک ۾ پري پڌ پوين،
اوريان تان اورين، وڃن پرڙين پار ڏي.

(١٥)

اوريان اوري رهيا، پريان پرڙين پنڌ
جنت نهايت ناهه کا، نکا هيکل هنڌ
سامي سا سرهند، ڏسن کري ڏاکڙو.

(١٦)

لانگوٽيا لنگ لال، سدا سامي سنرا (١)
وڃن وجودان نکري خودي خوب خيال
ظلمت ذوق زوال، ويو ويچارن وسري.

(١٧)

ڳوڏن ڳانو ڳنڍ جو ڳچيءَ ۾ پاتو
لڙڪ لالائي جو لانگوٽين لاتو
آين اوراتو، اوري انهين ڏيهه جو.

## وائي

مڙهيون ماڳ ڇڏي، ڪالهه لڏي ويا ڪاپڙي
١• وري پورب پار جو ڪو سنيهو نه ڏي
ڪالهه لڏي ويا ڪاپڙي

---

(١) اصل. لنگ لعل

۲. ساري پنهنجا صابري، سامي وڃڻا سڏي
ڪالهه لڏي ويا ڪاپڙي
۳. جوڳو ڏيئي جال ويا، جوڳي جيءَ جڏي
ڪالهه لڏي ويا ڪاپڙي
۴. غلام محمد گودڙيا ويڙا غم ۾ گڏي
ڪالهه لڏي ويا ڪاپڙي

---

## داستانُ ٻيو

(۱)

تڪيا تاڪي رات، سامي سفر هليا
پيهون پوريءَ جون پچارون پرڀات
هي هي آهي هات، پسي آسڻ ان جا.

(۲)

آسڻ اوساڻين، منهنجا جيرا ٻڪيون
”اَلْفِرَاقُ اَشَدُّ مِنَ الْمَوْتِ“ ڪُلهنيئون ڪاٽين،
جيري چاڙين، جيجان منهنجو جنڊڙو.

(۳)

اندر آج آسات، لڳم لاهوتين جي
هٿي ويا مون ڏاهه کي چوٽي پر چهاٽ
ساميڙا سوات، لنگهي رڃ روان ٿيا.(۱)

(۴)

سامي سينائُو، ٿنا سَين هڻن
”يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضىٰ“ ديري دار وڻن
تيلاهون تڻن، چڏي آسڻ اوڏهين.

---

(۱) اصل. سنوات

(٥)

لڏيا لاهوتي، چڏي آس آسرو
آرزو رزاق سين پيناڻن پوتي
ساميڙا سوتيي، وتي آيا اوهري.(١)

(٦)

سامي وسون سچ جي، رنج رهاڪو راج(٢)
هنگلاچو هنگلاج، پيو ڪاپڙين جو.

(٧)

نمازي ناراڻ جا صحي سجدا ڏين،
نيئي ناني سامهون پنهنجو ساڻ چڏين
گرو ساڻ گڏين، آئي آرڪانن ڪي.

(٨)

نمازي ناراڻ جا، ناني نيت ڪن
الله اڪبر عين تيا، گوڏا گودڙين
"هُوَ اللهُ ڪُلُّ شَيءٍ"، پيو ڪين پسن
سجدا سود سندن، آداري آديس جي.

(٩)

نانگا عين نماز، سجدو سهو سندون(٣)
ناني ۽ ناراڻ جو رکيائون ڪو راز
اِي سيو ئي ساز، ساميڙن سميئيو.

(١٠)

اوڍيائون آديس، چڏي اوسر آسرو
ويراڳي ڪو ويس، ڪري رانول رميا.

(١١)

ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نيه جي
ويا جي هنگلاج ڏي آيا نه موٽي
ڪجائي ڪوٽي، پوري پائي رميا.

---

(١) اصل. ائين (٢) اصل. ائين (٣) اصل. ائين

(١٢)

گنگا اندر گام، ڳهڙي ڳيتائن جي
مَري مُور مَڙهي ٿئا، نات وڃائي نام(١)
باقي ڪَن قيام، جي آديسي اڃ جا.

(١٣)

ڳُر گنگا ڪي ڳَڏيا، گنگا ڳَڏي تَن
"ڪالمَاء فِي الماء" لَڳا ڪانء لهَن
موتي منجهان مَن، ڪنهن نه سڃاتا ڪاپڙي.

(١٤)

جي گنگا ڪي ڳَڏيا، آيا نه موٽي
پَڏائون وجود سين 'لا' جي لانگوٽي
ڪِچ ۾ ڪاڇوٽي، سامين سونهي سَچ ۾.

(١٥)

ڳُر گنگا ڪي ڳَڏيا، آيا تا نه وري
مڙهي ۾ سي مَحو ٿي ويا ماڳ مري
منجهان تنهن ڏري، ڏُونڪي ڏُونهاڙين ڪي.

(١٦)

آندوهيا دونهات جا، دونهون ڏُنڊ ٿيون
نالو 'جوڳي' جڳ ۾ پُهريو پيش پيون(٢)
ويلو وقت ويون، دکائيندي دونهيون.

(١٧)

ڳيتا جا ڳُرنات جي، پُرس پروڙي ڪوء
هَرڪو حاڪي هوء، ڳُر گنگا ڪي ڳَڏيا.

## وائي

ڪونه پروڙي پيو ڪوئي، جا جوڳيڙن جي جيء ۾
١. ظاهر اورن عام سين، باطن بار اهوئي
جا جوڳيڙن جي جيء ۾

---

(١) اصل. ائين (٢) اصل. 'نالي جوڳي جڳ ۾'

٢. گر کي گڏيا ڪاپڙي، رائي منجھہ سين روئي
جا جوڳيڙن جي جيءَ ۾
٣. ڏيئي ويا سون ڏاھہ کي، سامي سور سيوئي
جا جوڳيڙن جي جيءَ ۾
٤. غلام محمد جي ڪندا، جوڳيڙا دلجوئي
جا جوڳيڙن جي جيءَ ۾

---

## داستان ٽرڻو

(١)

جان تون جوڳي جڳ ۾، تان تون سَڏون[٨] ڇڏ
لوڪ منجھاران لڏ، ڇڏي آسَن آسرو.

(٢)

ڪَني آسڻ من ۾، جڪَني آسڻ سور
مَڙھي جو مذڪور، ڪالھہ ڪندا ويا ڪاپڙي.

(٣)

ڪَٽي سڳيا سڳيون، هليا هنگلاچي
ويا وات وصال جي، ساميڙا ساڃهي
تني کي پاڇي، مليِ مَلاحَت جي.

(٤)

سامي صبر سکيا، تسيا ڏيئي تن
"الصَّبِرُ مِفۡتاحُ الفَرَحِ" فَردا عيدون ڪن
جڳ ۾ جوڳيڙن، جڳتر جالي ڇڏيا.

(٥)

سامي صبر سکيا، سڀ وڃائي ساز
نانگا نهايت ۾ نَمي کن نماز

”وَ آنَا لَکَ وَ آنۡتَ لِي“[٨] جو ٻڌائون آواز
جوڳيڙا جڙواز، جوڙي رکن جيءَ ۾.

(٦)

سامي صبر سکيا، جوازان جوڙي
”آلدُنيا جيفَۃ وطالبها ڪِلاب“[٩] ڇڏيائون ڇوڙي
مَهيسِي موڙي، هليا مُنھ مجاز جو.(١)

(٧)

سامي سازي هل، هي جي سڳا سِڳيُون
اجان تو ۾ تي وهي گنگا اوري گهل
ري سيراهي سل، ڏي سيني ۾ سڪ جا.

(٨)

سامي سازي ڇڏ، هي جي سڳا سڳيون
وڃي گنگائن سين، پاڻ پنهنجو گڏ
لوڪ منجهاران لڏ، تاڪي پنهنجا تڪيا.

(٩)

حقيقت ۾ ڪاپڙي ويا هٽي هاڪ
ٻڌائون توحيد جي تن ۾ تور تٽي
ويراڳين وٽي، ڪا جا ڳجهي ڳالهڙي.

(١٠)

حقيقت ۾ ڪاپڙي ويا هٽي هاڪ
نانگا نهايت ۾ تيا حيرتناڪ
وَسائين وجود تي سندي محبت ماڪ
چولو ڪري چاڪ، گُر گنگا کي گڏيا.

(١١)

حقيقت ۾ ڪاپڙي هٽي هاڪ ويا
رکن ڪونه جهان ۾ سامي سگ سِيا
لُوءِ لُوءِ منجهه لِيَا، پيا پُورين ڪي.

---

(١) اصل. ماهيسي

(١٢)

کالهہ لڌي ويا ڪاپڙي، مڙهيون ماڳ ڇڏي
سَين هنياڙون سچ ۾ منجهان لوڪ لڏي
گــرو ســـاڻ گــڏي، اڏي ويـنـا آڏِياِ.

(١٣)

کالهہ لڌي ويا ڪاپڙي، ڇڏي مڙهيون ماڳ
لايـائون لاهـــوت جـــو لِڱن مٿي لاڳ
سـامـيـڙن سـهـاڳ، لـڌو لانـگـوٽـيءَ ۾.

(١٤)

لـــڌي لوڪان هليا جــوڳي جُنگ جــوان
ويـنـا آســـڻ اصلي، وَســـائـــي ويـــران
لاهـــوت لامڪان، مَـتـسـڻ مَـتـهيـسـِين جـــو.(١)

(١٥)

لــــڌي لـــوڪان هليا جــــوڳيڙا جـــائـــي
لالائــــي لِڱــن ڪــــي لاهـــوتـيـــن لائــــي
ســامِـيـڙا ســائـي، ڏوري ڏسـن ڏک سين.

## وائي

منهنجو جيءُ جڙيو آه، جيجان جوڳيڙي سان
١. روز ازل ڪان ساڻ سناسِي، قابو زنجيرن ڪڙيو آه
جيجان جوڳيڙي سان
٢. اَلْعِشْقُ ناراً يُحْرِقُ آهي، سوز انهين ۾ سڙيو آه
جيجان جوڳيڙي سان
٣. غلام محمد ڇٽي هينئڙو هيٺيءَ جو، عَيْنَن ساڻ اڙيو آه
جيجان جوڳيڙي سان

---

(١) اصل. ماهيسين جو

## داستان چوٿون

(١)

ٿي جوڳي ڇڏ جڳنيون، پڌي محبت موءِ
اڄان تو مان ٿي اچي سندي باسڻ ٻوءِ
جتي جوڳين جوءِ، هل هنئين سان اوڏهين.

(٢)

ٿي جوڳي ڇڏ جڳنيون، پڌي محبت مول
ڳس ڳنگا ڳرنات جو ڳهلا لائي ڳول
چڱل تني جي چول، ٿي سياڳا صابري.

(٣)

ٿي جوڳي ڇڏ جڳنيون، ڏي مسڻ مٿي من
ڪٺي سڳا سڳيون، ڀاءِ ڪٿڙولا ڪن
ترلا لائي تن، ٿي سياڳا صابري.

(٤)

ٿي جوڳي ڇڏ جڳنيون، ڏي مسڻ مٿي مال
وڃائي هي حال، ٿي سياڳا صابري.

(٥)

ٿي جوڳي ڇڏ جڳنيون، ڏي مسڻ مٿي ماڳ
وڃائي ويراڳ، ٿي سياڳا صابري.

(٦)

مسڻ پائي من ۾ ڇڏ قبر جو قرار
”حَيٌّ الَّذِي لَا يَمُوتُ فِيهَا“ پڌي تن توار
تني سان گذار، جي ڳنگا ۾ گم ٿيا.

(٧)

مسڻ پائي من ۾ ڇڏ قبر جو قال
ٿي تني جو حال، جي ڳنگا ۾ گم ٿيا.

(٨)

مسڻ پائي من ۾ ڇڏ قبر جو قيلو

وڃائيج وجود ۾ هئڻ جو حيلو
ٿي ٿن سان رسيلو، جي گنگا ۾ گم ٿيا.

(٩)

مَسڻ ڀائي مَن ۾ قبر، ڦيٽاو ڇڏ
ڇڏي آسڻ آسرو لاهي ليکا لڏ
ٿي ٿنهي جو هڏ، جي گنگا ۾ گم ٿيا.

(١٠)

مسڻ ماڳ مرڻ جو، جيئڻ جاء نهار
جت گنگا گرنات جو ڪونه پروڙي پار
نڪي سڳا سڳيون نڪا مڙهي مار
ٿتي قرب قرار، قائم ڪاپڙين ڪي.

(١١)

سامي ڪيم سڏاء، جيسين جيئي جنڊڙو
ڪپي ڪن ڪپار جا ڪيمَ ڪڙولا پاء
هيٺتني جي جاء، جني آسڻ آسرو.

(١٢)

ڇڏي آسڻ آسرو هليا جي هنگلاج
ٻڌائون لاهوت ۾ آدُوتيڪي ڏاج
”مِن الرّوحِي“ جو راڄ، سڪر سناسين جو.

(١٣)

ڇڏي آسڻ آسرو، هليا آلائي
چڪر چمڙا چيلهه سان ٻڌائون تائي
وڌائون ڀڙتال ۾ گروءِ جي گهائي
ماهو سِر ماٿي، موٽيا ملڪ عميق ڏي.

(١٤)

ڇڏي آسڻ آسرو ويڙهي هليا وَت
وڃي گر کي گڏيا ناٿگا ڀائي نت
سامي سَدَر سَت، موٽيا ملڪ عميق ڏي.

## وائي

پڙنئان^ پريات، جوڳي جوءِ چڏي ويا

١. لڏي ويڙا لوڪ مان، وائي ڪيائون نه وات
جوڳي جوءِ چڏي ويا

٢. چڏي آسڻ آسرو هليا ڏي حيرات
جوڳي جوءِ چڏي ويا

٣. ڪابل ويڙا ڪاپڙي ڪپي ڪوه ڪلات
جوڳي جوءِ چڏي ويا

٤. غلام محمد مام ۾ مري تين متمات
جوڳي جوءِ چڏي ويا

---

## داستان ٻٽيجون

(١)

جوڳي جوڙ ۾ جاءِ، تازا ڪر ۾ تڪيا
"مَنْ^ تَرَکَ الدُّنيا لامَکَانَ لَهُ" ڪن ڪڙولا پاءِ
تِلڪ توڪل لاءِ، هل هنيين سان اوڏهين.

(٢)

جوڳي جاءِ نه جوڙ، تازا ڪر ۾ تڪيا
"الدُّنيا کَضِيقُ النَّفسِ" سندي سيني سوڙ
وُسعت واري ووڙ، جاگِهَ جلالنِ سين.

(٣)

جوڳي منجهان جڳ، هل هنيين سان اوڏهين
لاهي ليا لوڪ جا توهم توڪل تڳ
پورب پاسي پڳ، پاءَ تہ ٻهچين ڪاپڙي.

(٤)

سامي ٿيءُ سجاڳ، سنگت ساجهر سنبهي^

سمهڻ سيجڙين تـــي پـــورا پـانءِ اياڳ
لاهوتيـَڪو لاڳ، ننڊون ڪندي نــہ لڳي.

(٥)

آڏَنڌَ جيئن آڏِري ويـا جُوءِ منجها جوڳي
رُوُنڌا وَتن رت ڦـڙا رَندن تـــي روڳي
پـوپا ۾ پـــوڳي، پڻگن پـــاس پَلِي پيا.

(٦)

پنگا پيلي هليا جـــوڳـــي منجهان جُوءِ
جت نہ جاءِ جـڳت جي، نڪا باسڻ بُوءِ(١)
تتي روبـــروءِ، ريجهي ويـڻـا رام سيـن.

(٧)

پنگا پيلي بـــر، ڪـــري هليا ڪـــاپڙي
نـــڪا پڙِي پَٽَ ۾ نـــڪو گُرَن گهَر
جيڏهن سُجو سَر، تيڏهن وَسُون سامئين.

(٨)

باسڻ پڇي پـــور، ڪري هليا ڪـــاپڙي
نڪو آسـڻ آســـرو، نڪا هِنيَڙي هـــور
ويا جي هنگلور، سي سامي مور نہ موٽيا.

(٩)

بـاسڻ پڇي مُڇَ، ڪـــري هليا ڪـاپڙي
نڪو پَنْڌُ پِنڻ جو، نہ اوئِي ڪارڻ اڄ
هلن متي سـچ، مَهِيسِي منهن ســـامُهان.(٢)

(١٠)

سامي تـــي ثابوت، ڪچو تيج مَ ڪاپڙي
"اَلْجُوعُ طَعامُ العاشِقِين" ڪج قرارو قوت
جو 'حَيّ لايَمُوتُ'، سو گُرُ گلارو نہ ڪري.

---

(١) 'جڳت جي' (اصل ائين). شايد صحيح 'جڳتَر جي'

(٢) اصل. ماهيسي

(١١)

ساري ثابت هوءِ، ڪجهو تيڄ مَ ڪاهڙي
"فِيٓ اَحۡسَنِ تَقۡوِيۡمٍ" تي لاهوتيءَ ڪيي لوءِ
تان جو پسين پوءِ، سو ڳُر ڳِلارو نه ڪري.(١)

## وائي

سا ڪيئن آڇيان عام، جا جڙ جوڳين لائي
١. جدا جوڳيڙن کان، قائم آهي قيام
جا جڙ جوڳين لائي
٢. دونهين دُند دونهاتيا، ڏاڍا دلق اندام
جا جڙ جوڳين لائي
٣. موتي مور نه موتيا، جوڳي جوڳ انجام
جا جڙ جوڳين لائي
٤. غلام محمد غم ۾ منهنجو من مدام
جا جڙ جوڳين لائي

---

## داستان ڇهون

(١)

سک نه ساميڙن کي گنگا ري گرنار
ويڙهياڻون وجود سين ونگ ورنا وار
ڏوڙ ڏماچي ڏار، پائي هليا ڪاپڙي.

(٢)

پڙيون پٽي پٽ، ڪري هليا ڪاپڙي
ترڪ ڪياڻون تڪيا، حال ڪياڻون هٽ

---

(١) اصل: تاجو پسي پوءِ

وڏائون وجـــود تـــي لالائي جـــي لٽ
وڻي وحدت وَٽ، ويجها ٿيا وصال کـــي.

(٣)

ڪَن ڪـڙولا ڪـيوَتيون پـاتـا ڪاپڙين
تـــاڪيا تحقيقات سـيـن تڪيا طـــاقڙين
جـَڙي ســـا جـَڙين، جهين جــوءِ جُهاريـا.

(٤)

ڪن ڪڙولا ڪيوَتيون اي سڳورن سـُوَنهَ
راســـو ڏينهن الڪ سين ويــراڳين وِرونهَ
ٻاري ڏُوڏا دُونهَ، جوڳين جــيءَ آجاريا.

(٥)

ڪن ڪڙولا ڪيوتيون، اي سڳورن سينگار
لُون لُون لاهوتين ڪي، 'تون تون' تند تنوار
ڳنگا ۽ گـرنار، جـَفا جـــوڳيڙن جـــي.

(٦)

ڪن ڪڙولا ڪيوَتيون جــوڳين پاتا جي
ڪي ڳنگائي ڪابُلي، پورب پــاسي ڪي
'حال' جـَني ڪي هي، 'قال' تـَني ڪي ڪيوَتيون.

(٧)

ڪــن ڪڙولا ڪيوَتيون، جــوڳيڙن جيئي
ڪي ڪڪوريا ڪيوَتي، ڪانوڙيا ڪيئي
سامـِيـَڙا سيئي، سُک نـــم سـتا ڪــڏهين.

(٨)

ڪالهہ لــڏي ويــا ڪاپڙي، بــابو بيڪاري
سـَيـَن هنياڙون سچ ۾ جت دارُ نہ دُواري
"اَنـْـڪـُفـّار فـِي نـّارَ جـَهـَنَّم" هي جنت جـَواري
تـَڪيا تـــواري، چــڏي هليا اوهـــري.

(٩)

ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي، پورب پاسي پـَهي

جيت نہ جاءِ جهان جي، ويا ڏت وڌهي
تني سندي ڳالهڙي اتم روح رهي
ايڏو سور سهي، سڳهان نہ ساميڙن جو.

(١٠)

ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي، پٿر نہ پيمائو
سيڻون هٿن سڃ ۾ ساميڙا ساڙو
تسبي طاماڻو، قوت نہ اوڏا ڪڍهين.

(١١)

ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي، مڙهيون ماڳ ڇڏي
جوڪو ڏيئي جال ويا منهنجي جيءَ جڏي
ساميڙا سڏي، سيڪ ڏيئي ويا سڪ جو.

(١٢)

ڏوئي جي ڏوار جا نہ سامي آساڻو
نہ ڪنهن گهورا گام جا، پٿر نہ پيمائو
تسبي طامائو، ٻڪ وڏائون ٻگرئين.

(١٣)

قوت نہ اوڏا ڪاپڙي، تسيا توشو تن
رهن رضا جي راج ۾ جتي ڪين پنن
اتي تڪيا ڪن، جت نهايت ناهہ ڪا.

(١٤)

قوت نہ اوڏا ڪاپڙي، ويجها تان نہ وصال
هٿ ڪيائون حال ڪي ڇڏي ڪيرت قال
مڙهي ماڳ محال، اصل آويسين جو.

(١٥)

ڪٿيا ڪني ڪاڻ، ڪانوتيا ڪالهہ ويا(١)
رهيا ۾ تي راتڙيون مڙهي ۾ مهماڻ
متهيسي مون ساڻ، موتي ملندا ڪڏهين.(٢)

---

(١) اصل. ڪهان ڏڪسي ڪاڻ (٢) اصل. ماهيسي

(١٦)

ڪهيا ڪارڻ ڏکن، ڪانوڻيا ڪالهہ ويا(١)
نوان نيڙ نيهُ جا جوڙي وڙا جن
مون مٺيءَ جو من، موهي مهيسي ويا.(٢)

(١٧)

ڪهيا ڪني لاءِ، ڪانوڻيا ڪالهہ ويا(٣)
جيءَ جکي جندڙو ساميڙن جي ساءَ
مون مٺيءَ کي ماءِ، ڪرمين ملندا ڪاپڙي.

## وائي

سامي صاف صفات، رائي رات رمي ويا
١. ”فقاصبر“ ساري صابري، وائي ڪيائون وات
رائي رات رمي ويا
٢. چڏي ذات صفات کي، هليا ڏي حيرات
رائي رات رمي ويا
٣. قال چڏي ويا ڪاپڙي ڪري حال همات
رائي رات رمي ويا
٤. غلام محمد مات ۾ ڪيائون من ممات
رائي رات رمي ويا

---

## داستانو ستون

(١)

اڄ نہ اوطاقن ۾ ساميڙا سيئي
وڃي تن کي راتڙي پڙاهين پيئي
تيلاهون ڏيئي، ويا ڏورو ڏک جو.

---

(١) اصل. ڪهان (٢) ماهيسي (٣) اصل. ڪهان

(٢)

اڄ نه اوطاقن ۾ سِڱا ساميڙن،
نڪي سڱا سِڱيُون نه گويا گودڙين،
نڪا پيڙي پٽ ۾، نه ڏڙڪيون ڏڙڪين،
وائي وڙ ڪِين، وڃي وحدت گڏيا.

(٣)

اڄ نه اوطاقن ۾ جوڳي جنگ جوان
ڇڏي هليا اوهري سڙهيون ساڳ مڪان
ڪين ڪيائون ڪي پيو سفر جو سامان
بنڪ وڏائون ٻنگرئين آچارا عُريان
نفي نام نيشان، اصل آديسين جو.

(٤)

اڄ نه اوطاقن ۾ آديسي آهين
ڪَن ڪڙولا ڪيوٽيون ڪانوٽيا پائين
دوئي سندي ديس ۾ نه دونهان دکائين
وحدت جو وجود ۾ واڄٽ وڄائين
لِڱن ڪي لائين، لالائي لاهوت جي.

(٥)

اڄ نه اوطاقن ۾ سامي سُود صفا
ڏين پراهين پنڌ ۾ جُسي جان جفا
پُرن پَريان جي پيچري خلوت ۾ آخُفي
پوري ڪن وفا، وصل جي وصال ۾.

(٦)

اڄ نه اوطاقن ۾ سَفرِيا ثابوت
وَ نَحنُ[٧] جي قرب ۾ ڪَن قرارو قوت
لاهُوت[٨] لايَمُوت[٩]، صفت ساميڙن جي.

(٧)

اڄ نه اوطاقن ۾ ڪانوٽيو ڪوئي
وڃي گڙ ڪي گڏيا رائي ۾ روئي

داغ چڙھيائون دل تان ڌوئي جو ڏوئي
سامي سيوئي، سوز ڏيئي ويا سڪ جو.

( ٨ )

اڄ نه اوطاقن ۾ ڪانوَڙيا ڪن ڇير
وني واٽ وصال جي مٽڪي هليا ميِر
رهن رضا جي راڄ ۾ ثابت مٿي سير
فنا ٿي فقير، ڪُرڪي گڏيا گوڏڙيا.

## وائي

صابرِيتا ثابوت، قوت ڪري ويا قرب جو لا

١. چڙھي ڏيهه ڏهاڳ جو، هليا ڏي لاهوت
قوت ڪري ويا قرب جو لا

٢. رکي نيهه نياز سين، ننيا ۾ ناسُوت
قوت ڪري ويا قرب جو لا

٣. گوءِ ڪٽي ويا گوڏڙيا جنبي مان جبروت
قوت ڪري ويا قرب جو لا

٤. غلام محمد مام ۾ مَحَوُ ڪيا مَلڪُوت
قوت ڪري ويا قرب جو لا

---

## داستانو ٽائون

( ١ )

الف آديسي، چوندي رکن چِتَ ۾
لاهوت لامڪان ۾ ڪن ماهو مَهِيسِي(١)
”آتا مُرُونَ النَّاسَ بِالْبِرِّ“ ڪتسُونبا ڪيسي(٢)
جوڳيڙا جهيسي، مٿي ڪنگا گجيا.

(١) اصل. ماهيسي (٢) اصل. قسونبا ڪيسي

(٢)

ڊي بيراڳي بر جا آديسي آهين
لالائي لڱن کي لاهوتي لائين
"وَلاَ تَلْبِسُ الحَقّ بِالبَاطِلِ" نہ لانگوٽي لاهين
جڙي جلائين، جوڳي پنهنجو جندڙو.

(٣)

ٽي توڪل ٽڪيا جوڳيڙا جوڙين
آئي سڳيون سچ ۾ ڪاهوڙي ڪوڙين
"اَوْفُوْا بِعَهْدِيْ اُوْفُ بِعَهْدِكُمْ"
ويراڳي ووڙين
لقائون لوڙين، سامي سفر سُرتيا.

(٤)

ٿي ثابت لنگهيا جوڳي جنگ جوان
لامڪاني لوڪ ۾ موهيا ڪنهن نہ مڪان
"فَلاَ تَتَّبِعُوْا خُطُوَاتِ الشَّيطَان" رکي
دُرس ڏيان
امن ساڻ امان، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٥)

جيم جُدا ٿي جڳ ۾ جوڳي جاڳو ڪن
قرب قرابت ڪاپڙي ڇڏي هت هلن
"فَتُوْبُوْا اِلَي اللّٰهِ تَوْبَةً النَّصُوْحًا" هنيين
ساڻ هڻن
منجهان پرت پڙهن، سامي سبق سڪ جو.

(٦)

حي حلميت سکيا سامي منجهان سِڪ
ڪري هليا ڪاپڙي لوڪ منجهارا لِڪ
"وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌ بِمَا تَعْلَمُوْنَ" هڪ
سان ٿيا هڪ
جيڪا پرين پِڪ، سا پورب ٿيڻي پڌري.

(٧)

خي خرابي خــود جـــي جوڳيڙا جالين
پهه پتراهين پنڌ جـو پـوربـيـا پالين
"ببابل هاروت و ماروت" کي نهاريي نالين،
کنه ۾ قوالين، ســامـــي سفر سرتيا.

(٨)

دال دنيا ۾ دادلا ڏکڻي کين هلن
آلکيا هـــن لـــوک ۾ چڱي چـــال چلن
"فايْنَمَا تُوَلّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ" اها
سڌ سلن
جـــوڳي جنگ جلن، پسي پـــورب پڌرو.

(٩)

ذال ذکر منجهه ذوق جـي رمن راتو ڏينهه
هٿيي آکي اک جـي نـــلت نمايـــا نيه
"مَنْ يَشَاءُ اِلَى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" سندو
محبت ميند
شک جو شامل شينهه، کپي هليا کاپڙي.

(١٠)

ري رهاکو رنج جا جوڳي منجهه جهان
ورهن آونسر آسري وســـائـي ويـــران
"اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَؤُفٌ الرَّحِيْمٌ" ساميڙن سامان
متهيسيڪو مـــانُ، ملبو ماهيسين کـــي.(١)

(١١)

زي زکواتي ذوق جـــا ظاهر منجهه ظهير
لکن پــــورب پار جـــي هينئڙي انـدر هير
"اِسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ" تابع ۾ تدبير
فـنـا تيـيـا فقير، ويـــا وجـودان نکري.

---

(١) اصل، 'ماهوسيڪو مان، مليو ماهيسين کي'

(١٢)

سين سيتا کو ساميٽا ڪنهن سان ڪونہ رکن
نہ ڪنهن ڪوٽ ڪکوريا، نہ ڪنهن پہ پکن
"اِنّ اللهَ مَعَ الصّابِرِيْن" لکيا تان نہ لکن،
آئـي عيـن اکين، نـانگا نيہ نمائيا.

(١٣)

شين شمع کـي شب ۾ پـاجهارا پـارين
نـانگا گس گـروءَ جـو نمي نهارين
"اِنّا لِلّٰہِ وَ اِنّا اِلَيْہِ الرّاجعون" جيءَ کي جيارين
مهيسي مارين، هي جـو حال هٿن جو.

(١٤)

صاد صبر کـي سکيا سـاميڙا سـاري
آيـا عين يقين کـي نـانگا نـهـاري
"حَتّيٰ يَلِجَ الجَمَلُ فِي سَمِّ الخِيَاط" پر اها پاري
ويـراڳـي [واري، آنـدائين آديـس ۾.

(١٥)

ضاد ضميرا ضمر کـري ريـا ترت وهـي
جت نہ لکا لوڪ جـي اچي ڪونہ رهي
"وَ اَغْرَقْنا الذين کَذّبُوا" اسوجهي ڪن صحي
ڪوڙا ڪوڙ کهي، ورد وڃائي ورسيا.

(١٦)

طوئي طمع کي ترڪ ڪري ويراڳي ويٺا
ڪياڻون جـدي جيءَ جـي چيتاري چيٺا
"وَ اللهُ يُحِبُّ المتطهّرين" محبت ۾ ميٺا
پـورب ۾ پيٺا، چـدي آسـڻ آسـرو.

(١٧)

ظوئي ظهيرا ذوق جـا جوڳيڙا جـائي
تني کـي ڪرنات جـي واڌائـي آئـي

”رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ“ ورونهن وائي
ساميڙا سائي، چوندي رکن چت ۾.

(١٨)

**عين** عنايت نيهَ جي نانگا نور ٿيا
وڃي پورب پار ۾ پاروڙي پيا
”إِنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِينَ“ ساميڙن سيا
ڇڏي ريت ريا، وڃي گنگا گڏيا.

(١٩)

**غين** غمازي حق جا ڪڏهن ڪين ٿين
سامي سٿي سچ جي منجهان پرت پين
”كُوْنُوْا مَعَ الصَّادِقِينَ“ اتي نرت نيڻن
ليڪ سين لوڪ ليڻن، ڪين رهايا ڪاپڙي.

(٢٠)

**في** فنا ۾ فوت ٿي جوڳي جنگ ويا
جت نه جوڙ جهت جي وڃي ڏيت پيا
”سَيُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِي رَحْمَتِهِ“ قابو قرب ڪيا
نانگا نرت نيا، رکن انهين پار جو.

(٢١)

**قاف** قضا جي قيد ۾ جوڳي جڳَتر ڪن
جو وَهمَ ويراڳين کي سو ڪنهن سان ڪونه سلن
”الرَّاكِعُوْنَ السَّاجِدُوْنَ“ نانگا نت نمن
مسجد ڪري من، ٿين نمازي نيهَ جا.

(٢٢)

**ڪاف** ڪکوريا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نه مجاز
ٿيا ويراڳي ورهه جا سڀ وڃائي ساز
”وَلَا تَقُمْ فِيهِ أَبَدًا“، پڌائون آواز
روح ۾ رکي راز، ٿيا رسيلا رام سين.

(٢٣)

**لام** لاهوتي لڏيا ڇڏي مڙهيون ماڳ

(٢٩)

لا لانگوٽيا لوڪ ۾ لڪن ڪونه لڪين،
آخفي خيز خفي جا، رج ۾ راز رکين
"وَرَضْوَا بِالحَيَاةِ الدُنيا" پار ڪٽ ڪوپتر ڪين،
محبت منجهه مڪين، تيلاٽسو تحقيق جو.

(٣٠)

يي يگانا حق جا باقي ساڻ يقين
ويا وجودان نڪري مهيسي مسڪين
"سيجزيهم وَصفهم" محبت ۾ آمين
ڪچ ۾ ڪٿي ڪين، گر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

## وائي

سامي ساز ڪٿي وو، ڪالهه ويا هنگلاج ڏي

١. گويا گودڙين جي گنگا منجهه گهٽي
ڪالهه ويا هنگلاج ڏي

٢. ساميڙن ڪي سور جي، ڪا جا ڳالهه وٽي
ڪالهه ويا هنگلاج ڏي

٣. گر ڪي گڏيا ڪاپڙي، پني پنج ڪٽي
ڪالهه ويا هنگلاج ڏي

٤. تيلاهون درگاه ۾، ڏٿا پاڻ ڏٽي
ڪالهه ويا هنگلاج ڏي

٥. وڃي پورب پار ۾، ڪياڻون پاڻ پٽي
ڪالهه ويا هنگلاج ڏي

٦. غلام محمد دوست جي، هتڙي تن تٽي
ڪالهه ويا هنگلاج ڏي

—

## داستانو ڏھون

(١)

صنم ساڻ سمن، سدا سناسين جو(١)
ترڪ ڪيائون تڪيا، ڏيل ڏنائون ڏن
نڪا طلب طعام جي، نہ تڳا تاري تن
"ڪل من عليھا فاني و يبقىٰ وجہ ذوالجلال
والاڪرام" باقي ڪين بچن
اھڙن اھڃاڻن، آديسي ھن ديس ۾.

(٢)

نڪو ساہ صنم کي نہ جوڳين جسا جيءُ
"و نھي النفس عن الھوىٰ" ويراڳين ڪو ويءُ
سنگ سياڪا سيءُ، سدا سناسين کي.

(٣)

'مون' 'تون' ڇڏي مات، ڪري وينا ڪاپڙي
تسيا ڏيئي تن کي، ڏند ڀڳائون ڏات
آرو ۽ آٿات، سمر ساميڙن جو.

(٤)

پھر نہ پنن ڪاپڙي، نہ گويا ڇپن گام
بيڪاري ٻرن جا، تسيا سندن طعام
نڪا ڪاڻ ڪفر جي، نہ آسائو اسلام
مٿھيسي مدام، سوالي الست جا.

(٥)

گنجا ڇپن نہ گودڙيا، نڪا پھر پچار
رھن انھين راج ۾ جتي ڏيھ ڏڪار
اتي وارو وار، پرت پڇن تا ڪاپڙي.

(٦)

گنجن ڪيو غرق، گر جتي جو گام ۾
سي ڪندا ڪين ترڪ، تن تنھيرا تن سين.

---

اصل. 'صنم ساڻ ڏمن'

(٧)

ڳنجن منجهان ڳس، هلي تو هنگلاج ڏي
وڃائيج وجود مان، راڄ رَسمي رس
تسيا ڏيئي تن کي، چکج چوکي چس
ڏيهه ڏورانهين ڏس، پڇي پورج کاپڙي.

(٨)

تُنبيرا تسبيح، پڙهي پُرجهن پاڻ ۾
تحليل کيائون تکيا، ڇڏي قرب قبيح
سائي سِڪ صريح، سدا ستاسين کي.

(٩)

کن مڙهي ۾ مات، ساميڙا سَرير کي
"فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ" وائي کر نه وات
پڇي باسڻ سَدَ جا، ڇڏ تَکيي جي تات
جان تون هِت حيات، تا تون هُت نه آيهين.

(١٠)

مڙهي کين لڄاءِ، ساميڙا سرير سين
لالائي لاهوت جي، لِڱن مٿي لاءِ
هنئن سندي حال سين پير نه پورب پاءِ
وحدت کي وجود ۾ واڇٽ جيئن وڃاءِ
تهان پوءِ پينڊياءِ، پرت پَراهين پنڌ جي.

(١١)

مڙهي ۾ تو عيب، مُون مهيسي ماريين (١)
آعلي اُلوهيت ۾ لاهُوتي لاريب
نَفِي نام نشيب، کري هلن کاپڙي.

(١٢)

مَن مڙهي ۾ مار، مهيسي سَرير جو (٢)
"اَلصَّبرُ مِفتاحُ الفَرَحِ"، وائي وات نه وار
تهان پوءِ توار، پڌين آديسين جي.

---

(١) اصل. "مڙهي مي تون عيب مون ماهيسي فاريي" ٩٩٨ (٢) اصل. ماهيس

## وائي *

ڪانوَتيا ڪن ڪات، ڪالهه ڪئهي ويا ڪاپڙي

١• هليا پورب پار ڏي سونهان سنُوڌ سنُوات
ڪالهه ڪهي ويا ڪاپڙي

٢• ويراڳي ويـران منجهان، وئـي وريـڙا واٽ
ڪالهه ڪهي ويا ڪاپڙي

٣• بابوڇي ٻرهــــان ۾ دونهاتيا نــــه دونهات
ڪالهه ڪهي ويا ڪاپڙي

٤• دونهي درد فراق جـي لڳي منجهه لڙات
ڪالهه ڪهي ويا ڪاپڙي

٥• غلام محمد محبن جـي چٽڪي چست چپات
ڪالهه ڪهي ويا ڪاپڙي

—

* اصل ۾ هيءَ وائي، مٿي 'ذال' واري بيت (نمبر ١٥) کان پوءِ لکيل آهي.

# سر ڪيڏارو

## داستانو ٻهريون

(۱)

آئي امامن تي قادر جي قضا
ميجي رب رضا، شير شهادت رسيا.

(۲)

شير شهادت رسيا شهزادا امام
عرشن ٿي آچنگار ٿي، ملڪن ڪيو ماتام
ٻنا قول قيام، ڪربلا جي پٽ ۾.

(۳)

ڪربلا ۾ ڪوڪ، آئي شهزادن جي
ماريا مير ملوڪ، ياراڻي يزيد جي.

(۴)

ملڪن ۾ ماتام، تيو شهزادن جو
ڪاري ڪربلا ۾، قائم ٿي قيام
مديني جا ڄام، ور وسيلا واهرو.

(۵)

هئي هئي ڪيو هاء، هرڪو هٿي هنڙا
ڪربلا قيام ٿي، امامن جي لاه
ٻنن منجهه پيا، لاشا شهيدن جا.

(۶)

موت محمد ڪارڻي، نانا نور خدا
ڪربلا قيام ٿي، ڪري جان جدا
محشر ڪيو مدا، اڄ اڄوڪي ڏينهڙي.

(٧)

مـــوت محمدؐ ڪـــارڻي، نانا پـــاڪ رسول
مـتـا شهيدن جـــا پـيــا ۾ چؤســـول
پوي مانَ قبول، شُھُدُو شهيدن جـــو.

(٨)

مـــوت محمدؐ ڪـــارڻي، نـــانا نبي نُور
ڪربلا جي پڙ ۾ ڪُسڻ ڪُوپ ڪلُور
حـــاضر ٿيو حضور، مـــرسل معصومن تـــي.

(٩)

مـــوت محمدؐ ڪـــارڻي، نانا نـــوراني
قيامت جـــي ڪوپ جـــي آئـــي نيشاني
ڪيو احسانـــي، مرسل معصومـــن تـــي.

(١٠)

مـــوت محمدؐ ڪـــارڻـــي، هيڻن حمايت
ڪـــربلا قيام تـــي، ريـــلا وُڙهـــا رت
وَهُلو وئـــي فرحت، پڻا قول قيام جـــا.

(١١)

مـــوت محمدؐ ڪـــارڻـــي، واهـــر وســيــلا
ڪربلا جـــي پـــڙ ۾ هلي ويـــا حيلا
رهـــبـــر رســيــلا، ســگــهـــو رســيج رڻ ۾.

(١٢)

ور وســيــلا واهـــرو، بـــابـــا علي شـــيـــر
ڪـــربلا جـــي پـــڙ ۾، اچـــي پيا پير
پيو اڪاري ڪير، ترارن جي ڏِڪ مان.

(١٣)

ور وسيلا واهـــرو، بـــابـــا علي شـــاهہ
ڪـــربلا جـــي پـــڙ ۾ پـــري پيئي بـــاهہ
چـــائي هيڪ الله، ٽڪائـــي هـــن تيغ جـــي.

(١٤)

ڪاتي ڪاپو ڪوڙيو، تارارن تيزي
خنجر خان ڪِرائيا ڪري خونريزي
تپش تبريزي، آئي امامن تي.

(١٥)

شهزادا شهيد ٿيا، مانجهي مرد مٿير
هي هيٺ ٿيو انڌير، عليءَ جي اولاد سان.

(١٦)

شهزادا شهيد ٿيا، اولاد علي شاهه
ڪربلا قيام ٿي رائو روهه سياهه
واحد وڏي واهه، شادي شهادت جي.

(١٧)

شملا شهيدن جا رتا لال رتول
پيا رائي رڻ ۾ لوهوءَ هاٺا هول
متا پائي جهول، ستا شير شهيد ٿي.

## وائي

ڪيتا ملڪين مِل ماتام، شاهه حسين شهيد ٿيا

١. ڪربلا وچ ڪوپ ڪسڻ دا، قائم ٿئي نه قوام
شاهه حسين شهيد ٿيا

٢. ڪالي ڪپڙي رت رنگيلو، هول ڪپين صمصام
شاهه حسين شهيد ٿيا

٣. نال امامين ڪيڏا ڪيتا، ڪوفي قهر قيام
شاهه حسين شهيد ٿيا

٤. آکي ’غلام‘ امام سونهاري، ناحق ٿئي قتلام
شاهه حسين شهيد ٿيا

## داستانو پنجو

(١)

ڪربلا جي پڙ ۾ پيا لال لٿيو
ماتم ڪيو ملڪن، ڏسي شهيدن ڪي.

(٢)

گهوڙا تن گهوٽن جا، ترياني نهلا
ڪربلا جي پڙ ۾ ڪن حيراني حيلا
وڇن، وسيلا، ٿيا حوالي رڻ جي.

(٣)

گهوڙا تن گهوٽن جا رتا رائي رت
متارا ميدان ۾ رکي سوره ست(١)
پوري ڪري پت، ٿيا حوالي رڻ جي.(٢)

(٤)

جهيڙو امامن سان لاهي ڇڏ يزيد
اعلىٰ آل رسول جو سوره سونهن سعيد
مرڪي ٿيءُ مريد، موڳا مرشدن جو.

(٥)

جهيڙو امامن سان لٿا لاهي ڇڏ
متان تنهنجي هڏ، پوي ڪرت قهار جو.

(٦)

جهيڙو امامن سان يزيدن ڪيو
روحن ڪي ريهو، مليو ملامت جو.

(٧)

ڪربلا قيام ٿي، پاڻي ملي نه پاء
سختي شهادت جي آئي تنهن متا
قادر جي قضا، آئي ڪنا ڪوڙيا.

---

(١) اصل. اٺين (٢) اصل. پوري ڪري پرت

(٨)

ڪربلا قيام ٿـي مٿان ٿيڙڪـو ٿِـڪ
ٽڪائي ٿـرار جـي ويسند ڏي نـہ وِڪ
لحظو لهي نہ لِيڪ، سختي تنهن سڪرات جي.

(٩)

ڪربـلا قيـام ٿـي مٿان تتو ڏينهه
وٺـو امـامن تـي مماتـي جـو مينهه
شهادت جـو شينهه، آيـو شهيدن تـي.

(١٠)

ڪربلا قيـام ٿـي رڻ وٺـو رائـو
نيزن نـوڪـون ڪـوڙيـون تـرارن تـائـو
مـلڪن امـامـن ڪـي ويـس ڏنـو سـائـو
سـائين سڻائو، ڪندو سـات سيّد جو.

(١١)

ڪربـلا قيـام ٿـي وٺـي رڻ رڪٿي
مٿهن ۾ ملوڪـن جـي ريـلا رت پٿي
هـي هـي هـاڪ هنئي، ڪربلا جـي پڙ ۾.

(١٢)

ڪربـلا جـي پـڙ ۾ رُڪ لڳا روهـي
ڪـاپـو ڪٽن ڪـوڙيـو مـلڪن انـدوهـي
مـلوڪـن مـوهـي، مـلي مـلاحـت جـي.

## وائي

امـامين ڪـون مـلڪـين پـڏڙي مـوڙ
شهيديـن ڪـون مـلڪـين پـڏڙي مـوڙ
١. ڪربلا وچ آئي ڪوپي، سُهڻيان سيڄان ڇوڙ
امامين ڪون ملڪين پڏڙي موڙ
٢. تـئـي مقابل نال امامين ڪوفِـي جِـنس نہ جوڙ
امامين ڪون ملڪين پڏڙي موڙ

٣. ڪالي مُنهن تي ڪوفي ويسن تحت ٿري وچ توڙ
امامين کون ملڪين پڌڙي موڙ
٤. غلام محمد مرسل مليا، سخت لتي سپ سوڙ
امامين کون ملڪين پڌڙي موڙ

—

## داستانو ٿرڏو

(١)
مُنهن ۾ ملوڪن جي رت ڏنا ريلا
رتيون پاڳون رت سين مُلهاتا ميلا
ڪني جا ڪيلا، آيا امامن تي.

(٢)
منهن ۾ ملوڪن جي ريلا ڏنا رت
ڪربلا قيام تي، انت نه پوي آت
مَلڪن موڙهي مت، قادر جي تقدير ۾.

(٣)
منهن ۾ ملوڪن جي گهاتا لڳا گهاء
ڪربلا قيام تي وُنو ڏنڌ اونڌاء
آگي ڪي آگاهه، سيا ڏوهه ثواب جي.

(٤)
شربت شهادت جو امامن پيتو
ڪردارن ڪيتو، اچي يزيدن ڪي.(١)

(٥)
شربت شهادت جو پيتو امامن
ماتم ڪيو ملڪن، ڏسي سو مشاهدو.

---

(١) اصل. اٿين

(٦)

لاشا شهيدن جا رڻ پيا لتڪن
متا امامن جا ڪهرا ڪيا ڪنن
وينا رت روئن، مُرسل امامن تي.

(٧)

لاشا شهيدن جا پڌر پٽ پيا
رَتيون رائي رت سين ڏاڙهيون ڏيهہ ڏيا
ڪنهي ڪاپ ڪيا، ڪربلا جي پڙ ۾.

(٨)

لاشا شهيدن جا پڌر پيا پٽ
رتا رائي رت سين جي هيراڪو ڪٽ
آمل ماڻڪ مٽ، سور نہ ٽيئي تن جو.

(٩)

معصومن تي مامرو آندو يزيدن
ڪربلا جي پڙ ۾ ڪوڙيو ڪوپ ڪنن
وينا رت رئن، ساريو سڳر پانهنجا.

(١٠)

معصومن ماتام، ڪربلا جي پڙ ۾
موت محمد جام، نانا نور اسانهنجا.

(١١)

ڪربلا جي پڙ ۾ رت ريلا رڻ روءِ
هلي شهادت جي هندين ماڳين هوءِ
جي ڪتوري خوشبوءِ، سي رتا رائي سين.

(١٢)

ڳيجهہ ڳورانيو چڙ، مٿي امامن تان
پاڻ تني سان گڏ، مرين هن [ميدان ۾.

(١٣)

ڳيجهون ڳهليءَ ڳت، چو تيون ڳورانيا ڏيو
قضيو امامن جو تيو هاڻ سٽت
شهادت جو رت، اجان تو ريلا ڪري.

(١٤)

ڳجهون شال ڳرو، ڇو ٿيون ڳورانيا ڏيو
ڪربلا جي پـڙ ۾ پـوي ڪونه پـرو
وڃـي ڇـونه مـرو، مٿيون امـامـن سين.

(١٥)

ڳجهون ڳـرو شـال، ڪٿي وڃـنوَ ڪنيپ
دين دنيا جـا ٿمپ، ٿيا حوالي رڻ جي.

(١٦)

ڳجهون ڳـرو شـال، وڃـنوَ ڪنيپ ڪٿي
ماڙرون امامن جــون ويٺيون ماڪ مٿيي
ويئي ڪانه ڳٿي، قضا جـا تقدير جي.

## وائي

پائي پڙيءَ پارس پهر، شير شهادت کي رسيا
١. اعليٰ آل رسول سچي جا، ظالم ڪيڙا زير
شير شهادت کي رسيا
٢. ڇڏي ديـن ايمان منافق، واري وينا وير
شير شهادت کي رسيا
٣. ساڻ امـامن ڪيڏا ڪيڙا، ظالم دزد انڌير
شير شهادت کي رسيا
٤. شير شهيد شهادت رسيا، مانجهي مرد مٿير
شير شهادت کي رسيا
٥. غلام محمد آل نبي جي ڪـلـب پروڙي نه ڪير
شير شهادت کي رسيا

## داستانُو چوٿون

(١)

’ڪُوفي لاَصُوفيِ‘، آڇو ڪونہ چوِين،
پيرن منجهہ پوِين، نيٺ دهرو دوزخي.

(٢)

’ڪُوفي لاَصُوفيِ‘، اندر ڪاري رنگ،
ٿيا يار يزيد جا رکي ناحق ننگ،
تَحت ثَريٰ ۾ تنگ، ويندا پينُو پيڙجي.

(٣)

’ڪوفي لاصوفي‘ اندر ۾ ڪارا
ياراڻي تہ يزيد جي نيا حاوِيءَ هڄارا
محشر مُنهن ڪارا، ٿيندا يزيدن جا.

(٤)

ڪوفين ڦهر ڪيو لکي ڪوڙو خط:
اسين تابع تنهنجا ڏي اسان کي بَيعَت
حامِي ٿيو مَدتَ، مُرشد مريدن جا.

(٥)

ڪوفين ڦهر ڪيو، لکي خط ڪوڙو
ڏسي ڪوڙي خط کي صاحب وِسوڙو
هَي هَي سنيوڙو، ٿو وڃي دشمن سامهُون.

(٦)

مديني جي شهر مان چڙهيو شاه حسين
اڇي پين رَين، پهرين رائي رڻ ۾.

(٧)

مديني جي شهر ۾ اڇي پيو ماتام
هي هي ماهہ لڏي ويو، ڪري ڪاري قيام
مِٺو مير امام، ٿو وڃي دشمن سامهون.

(۸)

مدينيءَ جي شهر ۾ روڄ پيو راڙو
ٻڌيو سڪينهن ٻاڻ ڪري مٿو اگهاڙو
هٿ ۾ هٿ آواڙو، سفر شاهه حسين جو.

(۹)

مديني جي شهر ۾ واويلا وائي
ٻڌيو سڪينهن ٻاڻ تي وجهي مٿي ۾ ڇائي
قضا ڪا آئي، مُحڪم امامن تي.

## وائي

ڪا جا آئي قضا، شاهه مني اي رضا
۱. آل علي ڏي، دار دنيا دا، ڇوڙيا ذوق مزا
شاهه مني اي رضا
۲. ڪربلا وچ پاڪ پياري، غازي ڪرن غذا
شاهه مني اي رضا
۳. ڪوفي ويسن دوزخ دي وچ، ڏيک ظلم دي جزا
شاهه مني اي رضا
۴. غلام محمد نال امامين، لهسين سڪ دي سزا
شاهه مني اي رضا

—

# سُر ليلا چنيسر

## داستانُ پهريون

(١)

والي وارث وَلَهَا لائق لياري

ڏي کو پاند پناه جو ڏَکي ڏيلاري

دل کي دلداري، ڏِلانءِ ڏي کا داسڙا.(١)

(٢)

ڏي دلاسو داسڙا، ويچاريءَ واري

روئي هنجون رت جون ويٺي جر هاري

سيئي ٿي ساري، ساڳيا سک سرير ۾.

(٣)

آيم ڏک ڏهاڳ جو، ٿيم ڏهيلو ڏيل

ويئي وجودان نڪري ساڳي سِڪ سبيل

چنيسر جو سيل، پيئم تان پئلڪار تي.

(٤)

هٿي هٿي ڪيو هاه، هاڻ هٿان ٿي هٿڙا

مون کي مڪارن جو پيو ڪونه سَمَاءُ

ليکيو جو قلماءِ، لوڙيان ٿي لِيئورَ ۾.

(٥)

هٿي هٿي ڪيو هاڻ، ويٺي هٿان هٿڙا

هن وَڙائي وَر جي تن ۾ تانئو تاڻ

چام چنيسر ساڻ، ميلو ٿيندو ڪڏهين.

---

(١) اصل. هِت توڙي هيٺ "دانسڙا"

(٦)

مون کي حڄ هلاڪ ڪيو، وسهي ويلياس
ڇڏي وارث ولهو هار، پنئيءِ پيهنياس
چيتاري چڙهياس، ڪونرو ڪينر قرب جا.(١)

(٧)

مون ڀانيو مون وس، آهي وارث منهنجو
مور نه ڪندو ڪڏهين پنهنجو ڏور ڏرس
ويرا وير سرس، تيندي صحبت سڪ جي.

(٨)

مون ڀانيو مون وٽ، هوندو وارث منهنجو
ڪندو ڪين ڪريم تي عيب صواب آپٽ
محبت سندو مٽ، بخشيندو بدڪار کي.

(٩)

مون ڀانيو مون ساڻ، هوندو وارث منهنجو
ڪين ڇڏيندو ڪڏهين پلؤ لاهي پاڻ
ڏوڙا ڏيندو ڏاهه کي وڏائي جا ڏاڻ
مون کي پنهنجي پاڻ، ڀيري هنيو ڀونءِ تي.

(١٠)

مڙس سان ماڻا، متان ڪا منڊ ڪري
"اَلرِّجَالُ قَوّٰامُوْنَ عَلَي النِّسَآءِ" زور نه زالاڻا
صاحب سياڻا، سدا سالم ستر ا.

(١١)

مون ۾ عيب اپار، ليکيان ليکو ناهه ڪو
ڪٿي ڪٿان ڪيترن بديون بيشمار
ڏيکج ڏيکڻهار، انگ اگهاڙي آهيان.

(١٢)

چنيسر جي چيت ۾ چڱيون چڱايون
مون ۾ لڱايون، ڳڻي ڳڻيان ڪيتريون.

---

(١) اصل ۾ هت توڙي هيٺ 'ڪنرو'

(١٣)

ڍول ڍڙلايون ڍ ک، ڏيئي پساند پناه جو
مون کي ڪيو پانهجي عقل عاقلي ڪ ک
تيلاهون فلک، ورتي فوج فراق جي.

## وائي

مون کي آهي تڳا هيت تاري
تهدل تنهنجي توه جي

١. اوڏج ڪيم ليئور مان، وارث ويل ويچاري
تهدل تنهنجي توه جي

٢. عين پري آهيان، بخش بدون بيشماري
تهدل تنهنجي توه جي

٣. جدائي جي جيءَ ۾ ويئي وسايان واري
تهدل تنهنجي توه جي

٤. ڳڻ ڳوپي اڳ ۾، آهي ڪچي ڳل ڳاري
تهدل تنهنجي توه جي

٥. غلام محمد منڌ کي دوست ڏهو دلدار
تهدل تنهنجي توه جي

—

## داستانو پنو

(١)

متيي وڏو مچ ۾، حاوري هنيو هار(١)
ڪامان ڪوري وچ ۾ لنوءَ لنوءَ آلان لار
مدايون معافي ڪري پري، آءُ پتار
ناڪڙ اکين ٺار، ڪر ڪو غور غريب جو.

(١) اصل. هاوي هيو

(٢)

مٺي وڏو مسچ ۾، حاوي هار هنياس(١)
آرزو زيور جهي ڪاٿياري ڪيماس
هائي تان تياس، اڃي هن ليئور ۾.

(٣)

مٺي وڏو مسچ ۾ حاوي هار هنيو(٢)
مون تان پنهنجو پاڻ سان پاڻهي پاڻ ڪيو
ڪيم چُست چيو، هِن نِجاسي نفس جو.

(٤)

ڪچو ڪم ڪيوم، وِرسي وِڪيم، ور ڪي
اوپالو آياڳ جو اڇي پيش پيوم
حاوي هار هنيوم، مٺي وڏو مامري.(٣)

(٥)

ڪسيري جي ڪم تي ڏنم لک ڪروڙ
سڄي سهاڳڻ تي ڪٽ ڏهاڳڻ ڏوڙ
رسي سختي سوڙ، ڏوڙي ڏک ڏهاڳ جي.

(٦)

متا مور نه ڪن، ور تي ورن واريون
ماڻڪ موتي ڪانڌ تان گهوري گهورون ڪن
متر سيئي مترڪن، جي وِهن ورن سامهون.

(٧)

ليلان لکڻ پانهنجا سارج سيئي
ٻِڪي پنهنجي هٿ جي هٿان تو پيئي
سمورا سيئي، آيا مهٽان منڊ ۾.

(٨)

ليلان لکڻ پانهنجا وڃايا تو سڀ
ڪري ڪونه جهان ۾ ڪوڙي ڪار آلپ
عرش زمينون آپ، تهرتي تو ڏاه ڏي.

---

(١) اصل. هاوي (٢) اصل. هاوي.... هيو (٣) اصل. هاوي

(٩)

مٿي تـــي تـــو مٿيو مٽي پنھنجو وَر
ايــڏو ڪري ڪانه ڪا عورت روز زَبــر
ڏيان چنيسر چام ڏي ڏُران ڏُوتـــي ڏَر،
زري زيورَ زَر، صدقو تنه ســردار تـــان.

(١٠)

مٿي تي تـــو مٿيو مٽي پنھنجو ڪـــانڌ
رلي پاٿُيـُـي راند، چاڪ چنيسر چامَ جو.

(١١)

چال چنيسر چام جـــي سيو سڱ سھاڳ،
آئـي جتھن تي آر تـــو پيري تنھن جو پاڳ
ڏسي ڏڪ ڏھاڳ، جــــا سھاڳڻ سڱ جي.

(١٢)

چـــال چنيسر چام جـــي سيوئي سينگار
مَڙ سا مَڙڪي اوڪ ۾ آئــي جنھن تي آر
پٽي تـــي پٽڪار، ڏُران ڏَري داســـڙو.

(١٣)

توکي ويسَھُه وِيسري وارث منھنجي وَس،
مٿي مٿا وِڪـــري رَھيو ايــنـدو رُس(*)
پاڙِڻ توکي بَس، پيري ھنيو پونه تـــي.

(١٤)

تـوکي ويسھ، وِيسري وارث منھنجو حـــال
مٿي مٿا وِڪـــري ڪندو ڪـــانه مٿال(*)
نيڙاھون وِصـــال، چني چــڏيو داســـڙي.

(١٥)

تـــوکـــي ويسَھُه ويسري وارث منھنجي ھَٿ
مٿي مٿا وِڪري ڪانه ڪندو ڪا ڪَٿ(*)
اِھـــو آر آرتَ، مُور نـــه وٺي وَر ڪي.

---

* اصل ائين. شايد صحيح ”مٿيي جي مٿاو ڪري“

## وائي

آهي چڱي سڀ چال، چام چنيسر جي چت ॥

١. تو ٿي ڏاران داسـڙا روئـي وڃايم حـال

چام چنيسر جي چت ॥

٢. اتهـڄ لال ليئور ॥، صاحب منهنجي سنڀال

چام چنيسر جي چت ॥

٣. تهدل تنهنجي تـوه جـا، ڀانيان ڀلايون ڀال

چام چنيسر جي چت ॥

٤. وارڻ پريان جي ڀار جـو والي وارڻ وصال

چام چنيسر جي چت ॥

٥. غلام محمد مـنـد کـي ڪـڙو قـرب ڪنگال

چام چنيسر جي چت ॥

---

## داسـتـادو ڏرڏو

( ١ )

وَر ورهي جـا وَلـها، والي ملڪ ليئور
ڏتاري ڏوڏيي نيو تـوکـي منهنجا مـور
ڪوئرو ڪري ڪور، ويٺي مون معذور ڪي.

( ٢ )

تنهنجي مون رڳ ڏي سري، منهنجي سري نه مور
تيلاهون معذور، دانهون ڪـري داسـڙا.

( ٣ )

تو وهيٽيون ڪيترڀون، تون نه وهيٽو ڪـڻ
ڏي ڊلاسـو داسـڙا واري: ويـچـاريـن
ماريون جي مـڪـرڻ، سي ڪيٺي ڇڏين سـڪ ॥.

(٤)

مون کي ڏک ڏهاڳ جي لُوءِ لُوءِ لڳي آڳ
ڪُونرو منهنجي قرب جو ڀيراڻي ڀڳو ڀاڳ
ڏي ڪو سُک سهاڳ، ويچاريءَ کي وَلَهَا.

(٥)

مون کي ڏک ڏهاڳ جو لُوءِ لُوءِ منجهه لڳو
ڪُونرو منهنجي قرب جو ڀيري ڀاڳ ڀڳو
اِڪٿو لُوحُ لڳو، قابو ڪانُ ڪپار ۾.

(٦)

تو دَر چنڊي داسڙا وڃان ٻي ڪنهن دَر
تون تان منهنجو وَلهو والي وارث وَر
لهج ڪجي ڪر، لائق هن لِڱور ۾.

(٧)

تو در چنڊي داسڙا وڃان ڪيڏاهين
جيڏه تنهنجو تڪيو تانگيان تيڏاهين
تهدل تون آهين، وارث منهنجو وَلَها.

(٨)

تُوريءَ ساريان ڪونه تي ڪنڌي ڪنارو
ٻڌيس ڏک ڏهاڳ ۾ وَري ڏي وارو
ڊِليءَ تي ڊارو، ڊارچ ڊولَ پناه جو.

(٩)

تو وٽ وارث وَلَها لکين ليلائون
ڏسان ڪونه جهان ۾ تو جيهو آئون
سيڻي سين سائون، ڏنم سون هٿن سان.(١)

(١٠)

توسان رکن ڪيترئون هياڪت سيڻهو
ڏسن ڪون جهان ۾ جاني تو جيهو
ڪاٺياري ڪيهو، رکي آرو قرب جو.

---

(١) اصل. "سيهي مي ساءِ"

(١١)

حاجت ناهه حجت جي چام چنيسر سان
نڪا مون تون همت هلي، نڪا ڪنهن جي ڪاڻ
ڀارس پنهنجو پاڻ، پرچي ڀالوڙون ڪري.

(١٢)

نڪا حاجت حج جي، نه دعوي دليان
آهي پنهنجو پاڻ ڪي اولو عليان
خجلو خليان، ڪونروءِ جي ڪردار جو.

(١٣)

ڪنڌي پنهنجي ڪانڌمين مون تون ڪام ڪري
اگلي سگهي حال حو ڏران ڏيان ڏري
ڍارو ڍول ڍري، نمائيءَ جي نجهري.

(١٤)

پنهنجو ڪر متي ڪري، ليلان ڀانهه م لوڏ
توسان هنڌي هوڏ، ڪونرو رکي ڪڇ ۾.

(١٥)

ليلان انڌي لاڏ ڪري، متي مور م هل
وڙهي وڃي ويسري گهر ۾ گهوڙن گهل
وڏي فوج اجل، ڪونرو رکي ڪڇ ۾.

(١٦)

ڪونرو تنهنجي هنج ۾ ويٺو ويٺي هار
رکي سڌ سرير ۾ ڪرين ڪو قرار
متان تو ٻيار، مٿي تي ٻي مت ڪري.

## وائي

والي ڪيم وسار، پنهنجو ننگ نهار
مون ڏي وري آءُ ولها

١٠ پاڻ ڀلائي پانهجو، پيرو ڪج ٻيار
مون ڏي وري آءُ ولها

٢. جي اچين هين ماڳ ۾، صدقو ٿيان سؤوار
مون ڏي وري آءُ وَلَٽها

٣. مهڻن مـــاري آهيان، موٽ چنهسر يـــار
مون ڏي وري آءُ وَلَٽها

۴. ڪَرُ لڄايم پـــانهجو، هَتي هَتي هارِيم هار
مون ڏي وري آءُ وَلَٽها

٥. ڏوهه ڪهين ڪي ڪو نڪو، قلم لکيو هو ڪپار
مون ڏي وري آءُ وَلَٽها

٦. غلام محمد مٺيءَ ڏي، آهن حـــرف هـــزار
مون ڏي وري آءُ وَلَٽها

—

# سر ڏهر

## داستانو پهريون

(۱)

ونءَ ولهاڻو وڃيءَ، تو ڪيئن سڙي سڃ ۾
بيٺو آهين بانٺ تـــي رڃَ ۾ ريجي رڃيءَ
جوڙي تنهنجي جيءَ، سڙي سوراخا ڪيا.

(۲)

ونءَ ولهاڻو وڃڻ، تو ڪيئن سڙاي سڃ ۾
نڪا ترهل تـــازَڪي، نڪا ڇنن ڇيڙ
بيٺو آهين بـــر ۾ مـــٿي ڏرتي ديـــڙ
هن ڪـر ڪـــوڙا ڪيڙ، ڳرڙي هيٺ ڳنوائيا.

(۳)

بيٺو آهين بـــر ۾، ونءِ ولهاڻو وڃـــر
نڪا ترهل تـــازَڪي، نڪا ســـائير سيير
تني تـــو تـــاثير، سڪي ويندو ســـڃ ۾.

(۴)

بيٺو آهيـــن بـــر ۾ ونءِ ولهاڻـــو وس
نڪو ڀـــائي پٽ ۾، نڪو ڳهاري ڳـــس(۱)
تـــو مـــان ريجو رس، سڪي ويندو سڃ ۾.

(۵)

ڪنڊا ڪـــاريءَ ڪٽر، بيٺو آهين بـــر ۾
جت نه آب عميق جو، نڪي ڇنئون ڇـٽر
تني تنهنجو تـــر، سڪي ويندو ســـڃ ۾.

---

(۱) اصل: ڳاري ڳس

(٦)

ڪنڍا ڀاڙ مَ ڀاءُ، هن آساريءَ سچ ۾
واڍا تنهنجي لاهه، وتن نيچ نوان ڪيو.

(٧)

ڪڪا ڀن ٿڻاءُ، ٿامن ٿهڪن ڇڏيو
وَهي ويل وياءُ، ڇلٽون ڇوڏن ڇڏيون.

(٨)

ڪنڍا ڪاري ڪاٺ، ٻيٺو آهين ٻر ۾
آرٺو منجهه آٺاٺ، سُکي ويندُون سچ ۾.

(٩)

ڪنڍا کهڙي سانگ، ٻيٺو آهين ٻر ۾
ڪارا توتي ڪانگ، ويٺا آکيرا ڪري.

(١٠)

ڪنڍا ڪاري رنگ، ٻيٺو آهين ٻر ۾
آڏوهيءَ جا ڏنگ، لڳا تنهنجي تن ۾.

(١١)

ڪنڍا ڪاري روهه، ٻيٺو آهين ٻر ۾
لڳو روبروءِ، سُرو تنهنجي سِرَ ۾.

(١٢)

آڏوهي اوڏا، آندا تو ۾ تڪيا
سُري سوراخا ڪيا ڇڏائي ڇوڏا
لامن ڪي لوڏا، آيا ڏوڙي ڏک جا.

(١٣)

هڪ ٻئي ساڻ رفيق، ڪنڍا ٻهڙ ٻيريون
مٿي آب عميق، ٻهڪن ٻيلا ٻاجهه سين.

(١٤)

ٽيٽير ڪيمَ ٽوار، ڏي تو ٻاز ٻواليون
مٿان کهين وار، شاڪل ٿيئي شڪرو.

(١٥)

تتر تنهنجي ڪاڻ، باز وتن ٿا بڪئا
ڪيم آڏامج ڪيڏهين ڪڍي پنهنجو پاڻ
متان توتي ٻاڻ، لڳي ڪو شهباز جو.

(١٦)

چڙهي ڇوٽو ڇنڊ، تيتر توکي تو چوان
وڃيو تنهنجي ڪنڊ، باز وتن ٿا بڪئا.

(١٧)

لٽڙ لوهڙن ڏي، تتر توکي تڪيو
چڙهي ٻئو ٻوڙن ۾، ڇوٽو ڇوڪ ڇڏي
متان ويل وڏي، ڪڏي وجهي ويڙ مان.

(١٨)

ڪتا وڃ هڻي، ٻهڙا ٻاجهه ڪري
ڇڏي ڳس ڳهڻي، تي ڏورانهون ڏوسيا.

(١٩)

ٻهڙو ڪري ٻاجهه، ڳهور ڳري آئيو
وات وجهڻ جا واجهه، وڏا وجهي جيءَ ۾.

(٢٠)

ڳهور ڳري آئيو سامهون ڪر سڄ
ڏوران ڏيئي وڄ، ٻاسو تند پليت ڪان.

(٢١)

ڪتا ڪاري ڪند، ڦٽيا ڦاڙ ۾ ڪپڙا
ماهو مور مَ مند، ڏاڙهڻ ڪارڻ ڏيه جي.

## وائي

مهنجو ساهه سلهاڙيو سائن، وجي ويڙ وٽان ۾
چڏي هن پنيور کي، هلي ڏونگر ڏوريان ڪاڻن
وجي ويڙ وٽان ۾

٢. ساعت سک نہ ساريان، منھنجو تن ظفيليو تائن
وڃي ويڙ وٽان ۾
٣. ڀَھري ڀُور ڀريت جو، اچي ڀَنه ڀُو کو پاڻن
وڃي ويڙ وٽان ۾
٤. آون آتش عشق جون، سيني ۾ نہ سمائن
وڃي ويڙ وٽان ۾
٥. غلام محمد مام ۾، سھڻي سونه صليب سيباڻن
وڃي ويڙ وٽان ۾

---

## داستانو ڀڱو

(١)

لاکا لکيي چام، عالم تنھنجي آسري
عاصي عصيانن جا ساري آيا سام
کامل ڏينھن قيام، پار لنگھائج ڀکتڙا.

(٢)

لاکا لک چمار، کر کو غور غريب جو
سونه ڀَرڻا سردار، عالم تنھنجي آسري.

(٣)

لاکا لکيي لال، کر کو غريب جو
انگ اگھاڙي آھيان اوڏ اگلي حال
کامل قريب کمال، کيچ کي کوڏارن تي.

(٤)

لاکا لکيءَ لوڏ، کر کو غور غريب جو
پکا پاڙي تنھنجي آڏي ويٺا اوڏ
کو ڏارن جا کوڏ، صاحب تنھنجي آسري.

(٥)

اوڏ اَڱلي آهيَان، ڪوجهي ڪاري روهه
سون ۾ منٿيءَ ٻوهه، ڏوري ڏاڏائن جي.

(٦)

اوڏا آڏوهي آهيَان منٿيءَ پَريسي مُنهن
سوڳندَ آهي سنهن، لائق لاڏائن جي.

(٧)

لاڪا توتي لڄ، هن اڱاڻي اوڏ جي
منهنجو عيبن ڪڄ، تون سَرَ آهين سَدَرو.

(٨)

لاڪا تنهنجي لڳ، ڪَڙيون ڪوڏارن جون
اوڏ اڱلا اڳ، توکي پرتا پڳ ڏئي.

(٩)

لاڪا لڄ رکيج، انگ اگهاڙي آهيان
پارس پاند پناه جو اوڏڻ اوڏو ڏيج
ميرا مَلهائيج، ڍڪي ڍول ڍلائيون.

(١٠)

نه مون حال نه قالُ، نه مون صورت سڦري
نه مون عمل مال، نه مون نيَّت نيمري.

(١١)

لاڪا تو وٽ لڪ، صاحب حسن واريون
ڏسي سي ڏاتاريون، لڄي لڳي اڪ
ٿيندئيون تان نه سَرڪ، راتين رُوهه رُلاڪيون.

(١٢)

اوڏڻ اوڏي ويهه، چڱڏي منٿيءَ مامرو
لاڪي جي لاڪاٽ ۾، پٽون پائي پيهه
اتي تنهنجو ڏيهه، هت نه جوڙج نجهرو.

(١٣)

اوڏڻ اوڏي وڃ، چڱڏي پَڪا پٽيون

محبت پاڻي مَن ۾ ميري منت مڃ
پول سيئي پيچ، لاکي جي لاکاٽَ ۾.

(١٤)

اوڏڻ اوڏي آهه، چڙڏي پکا پتيون
لاکو تنهنجي لاهه، جاوون جوڙي جيءَ ۾.

(١٥)

اوڏڻ اوڏي اڄ، چڙڏي پکا پتيون
مَن ۾ ٻاري مڄ، تي سهاڳڻ سک جي.

(١٦)

پکا ٻاڙان پٽ، جي تو آڏيا ڏور ٿي
ڏَرا ڏوراهينءَ جا ڏيئي لٿون لٽ
ڏوئي چڏ وجود مان، مٿي مَلي چٽ
منجهان محبت مَٽ، عادت آهالپ جي.

(١٧)

گڏهَ گڏي چڏ، پيري پيچ ڪچاوڙا (١)
رکي لاکو مَن ۾ مور مَ مٿي لڏ
تہ تنهنجو ٿئي هڏ، صاحب سخاوت جو.

(١٨)

مٿي جَن جي مَن ۾ سي لاکو ڪين پچن
راتو ڏينهن لچن، ڪوجهو ڪچاوَن سين.(٢)

(١٩)

ڪني مٿي مَن ۾، ڪني لاکو چام
ڪني راحت روح ۾، ڪني ڪاڻ قيام
ڪني نانگو نام، ڪني ستر سُونه جو.

(٢٠)

مٿي مور ۾ مَل، رکي لاکو من ۾
تي سهاڳڻ سک جي، ڏيئي جيءَ کي جل
هتان هاٿي هل، چڏي پکا پتيون.

---

(١) اصل. گَڏي (گ جي مٿان زبر) (٢) اصل. ائين

(۲۱)

اوڏا وڻهو اوڏ، آڏي پنهنجا پکڙا
پائي پٽولا پٽ جا لاهي ڇڏيو ڳوڙ
لڏو لاڪي لوڏ، رمي راجائن سين.

(۲۲)

اوڏا اوڏ وڻهو، اڏي پنهنجا پکڙا
اهڙو سنگ سيهو، ڪونه ڏسندو ڪو ٻيو.

## وائي

تنهنجي نيه نوازي، هيءَ جا اوڏ آڱليڙي
۱. ڪٿوري خوشبوءِ ٿي، ڇڏي غير غمازي غمازي
هيءَ جا اوڏ آڱلڙي
۲. چڪيءَ کي چوڏ ول ۾، چاڙهيو بره مجازي مجازي
هيءَ جا اوڏ آڱلڙي
۳. نثي ڳڏياڏون پاڻسين، ڪري قرب ڪوازي ڪوازي
هيءَ جا اوڏ آڱلڙي
۴. غلام محمد ڪي ڪيو، آئي نيه نمازي نمازي
هيءَ جا اوڏ آڱلڙي

---

## داستانو ٽرڙو

(۱)

هيراڪو هيرات، تون ڪيئن آئون ڪونجڙي(۱)
"آلِفراق آلِفراق" وائي تنهنجي وات
ماري ڏينهان رات، چاڙهيو وتي سيگڙي.

---

(۱) اصله هيراڪو حيرات

(۲)

جايون جيسلمير، سوڙ نہ ڦنھنجو ڪونجڙي
"حُبُّ الوَطن مِنَ الاِيمان" هنيئون هِت مَ هير
سارج سِرَها سير، ڪڪوريئي ڪابول جا.

(۳)

وَڳر واري وچ، هن آساري سَچ مان
هل اڏامي اوڏهين [جيڏهن ساريءَ سَچ]
ٻوري ٻپيري ٻچ، ليا لاڳاپن جا.

(۴)

وڳر واري وَر، هن آساري سچ مان
هل اڏامي اوڏهين، جيڏهن سائي سَر
تَرهل تازا تَر، سدا ساوَڪ سارين.

(۵)

وڳر واري وار، هن آساري سچ مان
هل اڏامي اوڏهين، جيڏهن سائي سار
توکي ڪيئن قرار، هيت اچي تو ڪونجڙي.

(۶)

ڪونج ڪَراڪين^ ڪوه، هن آساري سچ ۾
وطن تنھنجو روه، توکي رزق رهائيو.

(۷)

ڪونج ڪَراڪن چڏ، هن آساري سچ ۾
ساري سگر ٻانهجا لاهي ليا لڏ
[هيت نہ] تنھنجو هڏ، جاني جيسلمير ۾.

(۸)

قريبن جي ڪاڻ، هنجون هاري ڪونجڙي
رکي روح رهاڻ، رچ ۾ راماڻا ڪَري.

(۹)

رِچَ راماڻا چڏ، هل هنين سان اوڏهين
وڃي وِهو ڳڏ، قابو تي ڪابول ۾.

(۱۰)

وطن تنهنجو روه، هت ڪيئن آئين ڪونجڙي
"ڪُلُ شيءِ يرجع اِلي اَصله" رکي سڪ ستوه
ڏک ۾ ڪهڙي ڏوه، ڏکيا ڏينهن گذاريئين.

(۱۱)

وَهيِ ڪالهه ويا، وڳر تنهنجا ڪونجڙي
توکي سپيرين ري سڄ ۾ آيو سياءُ
ڪهڙي سنگ سرياءُ، رهي راماڻا ڪرين.

(۱۲)

رڄ راماڻا ڪن، ڪرڳل ڪونجڙين جا
راتو ڏينهن رڙن، ساري سڳر پاهنجا.

(۱۳)

ڪرڪي ڪونج ڪهي، وايون وڇوڙن جون
سا ڪيئن رات رهي، ويهي ويلو وچ ۾.

(۱۴)

هيراتان آئي، ڪالهه ڪهي ڪا ڪونجڙي(۱)
"مَنْ شَغَلَ عَنْ سَبِيلِكَ هُوَ صنمک"
ويچاريءَ وائي
رائي رهائي، جهلي جيسلمير جي.

(۱۵)

جيسلميرانْ جاءِ، ڪيجهو جهلي ڪونجڙي
پنهنجا سنگ سياءِ، ساري هل هيرات ڏي.

(۱٦)

ماري ميري مَن، تڪي تنهنجا تڪيا
ڪرڪا لائي ڪن، ڪر ۾ ڪوڙي ڪوڙڪا.(۲)

(۱۷)

نيرت نوائي رک، ڪَن قرار ڪونجڙي
هن آلڪي لڪ، چڻي وڳر چڏيا.

---

(۱) اصل. حيراتا آئي (۲) اصل. ائين

(۱۸)

نرت نَوائي ڏار، ڪن قَرارا ڪونجڙي
مگر پنهنجا سار، ماري نو مارا ڪري.

(۱۹)

ماري ميري مُنه، وتي توڪي تڪيو
سوڳند آهي سُنه، وڙهي ويندو ويسرو.

(۲۰)

ماري ميري حال، وتي توڪي تڪيو
متان تنهنجا ٻال، پيري هٿي پَنَ ۾.

(۲۱)

ماري شال مرين، رَڃ وَڃڻي رَڇيُون
ڪيڏا ڪيس ڪرين، ڪُهي ڪُونجڙين جا.

## وائي

تنهنجا سگ سياڪا سياڪا، هتان ڪالهه لنگهي ويا

۱. ”تَعَالوا تعالوا“ لات لئي ڪندا ويڙا واڪا واڪا
هتان ڪالهه لنگهي ويا

۲. ويا آڏامي نو وتان، سَڪا ماء پِٽُو ڪاڪا ڪاڪا
هتان ڪالهه لنگهي ويا

۳. وڃي پهتا توڙ ڪي، ڏوري ڏونگر ڏاڪا ڏاڪا
هتان ڪالهه لنگهي ويا

۴. وري ويا هيرات ڏي، ڏيئي ولر وراڪا وراڪا
هتان ڪالهه لنگهي ويا

۵. غلام محمد مارئا، فراقن جي فاقا فاقا
هتان ڪالهه لنگهي ويا

—

## داستانو چوٿون

(۱)

صاحب سندايون، توکي وارث وَلَها
منهنجون مَندايون، ميٺ محمَّد ڪارڻي.

(۲)

سون ۾ عيب اپار، ليکيان ليکو ناه ڪو
ڪوڙين ڪم ڪچائيون، بديون بيشمار
ڏکج ڏکڻهار، ڏيئي پاند پناه جو.

(۳)

قَواهين ڪوڙي آهيان، ڪچا ڪم ڪيام
عمر عصيانن ۾ ويهي وڃايام
مدني جا ڄام، ڏکج ڏول ڏلائيون.

(۴)

ڪرم ڪريم ڪريج، ڪري ڀال پلائيون
اڇي آڏا ڏيج، هيڻن مٿي هٿڙا.

(۵)

تنهنجو تون تڳو، ونيو ويني ونڊران
صحي سڪ سڳو، سوئي سورينڊي مران.

(٦)

تهدل تنهنجو تون، ساريو ويني ساريان
جيڏو جبل روه، تيڏو اٿم آسرو.

(۷)

ننگي توتي ننگ، هن اگهاڙي انگ جو
داتا تنهنجي در تي منگي ويٺي منگ
سندو محبت رنگ، ڏي ڪو ڏيجائو ڪري.

(۸)

ويهي وڃايام، هَي حياتي ڏينهڙا
ڪوجها ڪم ڪيام، لوڪان لڄي آهيان.

(٩)

تـوري ســاريان ڪونہ، اڄهو عـاشيئڙن جـو
هنيڙي آهي آون، تهڊل تنهنجـي نوه جي.

(١٠)

ڏول ڏلايون ڏڪ، مـــون ٻـُڇي بدڪار جون
مون ڪي ڪيو پـــانهنجي عقل عاقي ڪڪ
لاهي شـُبها شڪ، آجو ڪج عـِجـُزاهَ ڪي.

(١١)

ڏڪ ڏلايون ڏول، مون ٻـُڇي بدڪار جون
ڪري ڪم ڪچائيون، ڪـــوڙا ڪيم قول
پنهنجا پاڻ پـــول، آيم مـــوٽي منه ۾.

(١٢)

آسـُر ويـــل سهي، آٿـــي جـاڳو جيڏيـون
اشارو ”قـُم ٱللَّيل“ جـــو ايندو وقت وهي(١)
راتو رات رهـــي، هنجهون هـــاري اوريوه(٢)

(١٣)

جـاڳن منجهان جس، جـُڙيو جـاڳڻ وارين
رهجي آيـــن رس، راتـــوڏو رحمان سين.

(١٤)

وٺـــن ۾ وائـــي، پيـئي پکڙيـن جـــي
ستا جـاڳو ننڊر مـــان ويلَ وَهـِي آئـــي
سـُمهڻ مـــان سائي، مور نـہ ملي لِڪـِڙي.

(١٥)

لِيکَ ميلـي جي لوڪ ۾، تان موڪ ملي تو مال
قـــائم قيامت سين رهـــي رحمت حـــال
ڪري ظلم زوال، وري فيض فضل جـــو.

---

(١) اصل. ٽيندو وقت وحي (؟)؛ (٢) اصل. رتو رات رهي

(۱٦)

اوجارا اوجار، ڏيئي پاه پريت جو
لاهج ڪٽ قلوب تان صيقل جا سردار
تو ۾ طمع دار، سگهر عاصيئڙن جا.

(۱۷)

ڪارو قلب تيوم، اکين اوجر ڇڏيو
وهي ويل ويوم، نرت نوائيي نه وري.

(۱۸)

هيت پڻ تنهنجو توه، هُت پڻ تنهنجو تڪيو
ميٺ محمّد ڪارڻي ڏهارڻ جا ڏوه
تنهنجي سڪ ستوه، هجي شال حضور ۾.

(۱۹)

تون تڪيو، تون توشڪي، تون وسيلو واه
تون حمايت هاشمي اُمت جو همراه
تون جياپو جاه، وچ ۾ ويچارن جو.

## وائي

آيو اُمت ڪارڻ ڪارڻ، تي حمايت هاشمي
۱. اچي محشر ماڳ ۾ ڪندو عاصن سارڻ سارڻ
تي حمايت هاشمي
۲. دهليي دوزخ پاڻ ۾، آيو رونق هارڻ هارڻ
تي حمايت هاشمي
۳. تي سوالي دوست جو، چوري چنگ چارڻ چارڻ
تي حمايت هاشمي
۴. اکيان عجيبن جي، گهرجي پنهنجو مارڻ مارڻ
تي حمايت هاشمي
۵. غلام محمد کي تيون، هت گهڙيون گهارڻ گهارڻ
تي حمايت هاشمي

## داستان پنجون

(۱)

پنجان تي پلڪار، پيري پيرآئين ۾ (۱)
ڪيلهي هيث ڪنڪ جي ڪوٺي ڪئي ڪنگهار
جو واندين ۾ واپار، سو لاکي ليک نه ليکيو.

(۲)

وانديون ويون ويهي، ڪاچن ڪاچو چانئيو
جڙي جا جنسراج ڪي، تڪيائون تيهي
پراران پيهي، لاکو لکي آئيا.

(۳)

سڙهي سنگهارن، ڪڏهين تان ڪانه سئي
مڇهي سک نه ماڻيو ورمي ويچارن
جي هنيا هاچارن، سي وگ نه ڪهين وارئا.

(۴)

سڻئي جهي سوار، تو ڪن قرارا نه ڪيا
"آخرجوا مِن ديارِي" پکن پيئي پچار
پڻي ۾ پيهار، وري ويهه ۾ ويسرا.

(۵)

لڏين تان لڏ، صحي سنگهارن لڏيو
مٿان ويهين ويسرو گرڙيي لاکو گڏ
مانجهل مٿان مڏ، ڦلوپوٽو آئيو.

(۶)

سهي ڪر سنگهار، هي ڪرگل ڪتان آئيو
لاکي لسوڙائن سين آندو اندوڪار
ڪري ڪير قرار، ڪچ ۾ ويهي ويسرو.

(۷)

سنگهارن سڙواڻ، مڪو تان معاف ٿئي

---

(۱) اصل، ائين

لاڪو لوڙائن سين وينو ڀتهي ڀاڻ
اوڏن مٿان ڏاڻ، مٿوراهين معاف ٿيو.

(۸)

اوڏا ڀانءِ مَ ڏور، لَتمان وچن لڌيو
جي حاضر منجهه حضور، تن سيران سؤنچو نه لهي.

(۹)

سنگهارن سَرنجام، سانباهو سفر جو
پاتائون پرڏيهه جو، دوڪو منجهه اندام
ڪونهي ڪو انجام، لاڪي لوڙائن جو.

(۱۰)

ڏُواران^ دورنگ، ڪڏهن تان ڪونه ٿيو
سمجهو ڪين سَرير ۾، سنگهارن جي سنگ
جي رَتا راڪهي رنگ، سي آجيرَن آجارئا.(۱)

(۱۱)

اچين تان آءُ، راڪَڪ هيٺان راءَ جي
تُنهنجا سيڻ سِيا، لَتمان سپ لڌي ويا.

(۱۲)

سنگهارن سين سڪ، هوند راوَ ڪيا تي راڄ ۾
ڪو جو لڳن ڏڪ، وانديون وِلهاڳون ڪري.(۲)

(۱۳)

تيلاهون تَجليس، ساڳو سنگهارن جو(۳)
وَدائون وِرد ڪري وُجودِي وَر^جيس(۴)
واريو جن خميس، سي جمعي جمع نه ٿيا.

(۱۴)

خاصي رات خميس جي واري ويچارن

---

(۱) اصل. ائين. (۲) اصل. وِلاڳُون ڪَري (۳) اصل. ساگو
(۴) اصل. وداءِ

اهــا آهـــي اصـــل كـــان سـُكا سنگهارن
تيلاهـــون تـــارَن، ڏُواران^ ڏُور ڪيا.(١)

(١٥)

آبڙاسيو عبرت ، ڪـــري ڪـــوڏارن جـِي(٢)
معافِـي تـــي مـَضـُرت، جـي پکـي پيهـِي آئيا.

## وائي

سائـِي پـاسَ سَوارَ، صَحِـيُ سنگهارن لـڏيو
١. لــوڙو لـــوڙائــن جـــو ڪيلـي هيٺ ڪنگهار
صحي سنگهارن لڏيو
٢. لـــڏي ڏينهان ڏور ويـــا، پـڌي پـؤ پلڪار
صحي سنگهارن لڏيو
٣. ڏانڪو جن جو ڏڳ ۾، آيـــا ســـي هسوار
صحي سنگهارن لڏيو
٤. سانگي وڍَڙا سانگ تي، چڏي ڳـوٺ ڳنوار
صحي سنگهارن لڏيو
٥. غلام محمد مـــن ۾، نــاڻـــي نيڻ نـــهـــار
صحي سنگهارن لڏيو

—

## داستان ڇهون

(١)

واڳـِڙَ مٿان واڳ، واري راه رَيـُون ڪري
ريباري رڃـَن، ۾ ســـانجهيءَ صبح سجاڳ
پـِٿارَن جـــو پاڳ، لاڪـــي لڪ لڏائيون.

---

(١) اصل. ائين (٢) اصل. ابڙاسو

(۲)

واڳڙ مٿان وڳ، لاڪو لٿي آئيو
لاڪي لوڙائن جو پٽي ڏانڪو ڏڳ
جوڳي وٿان جڳ، راتوڏا رڻ لنگهيا.

(۳)

جهري جهڪي جهوڪ، لاڪي لوڙائن جي(۱)
لوٽيي مٿان لوڪ، لمان سپ لڏي ويا.(۲)

(۴)

گرڙيي مٿان گس، لاڪي لوڙائن جو(۳)
انيون اوٺارن جون وٺي چرن وس
ريبارن سين رس، ڪڏهن تان ڪونه ٿيو.

(۵)

ڏهلي آڏ م ڏور، رهي ريبارن سين
مٿي جن قصور، سي ڪرهون چڏ ڪراهتيي.

(۶)

ڏهلي مور م آڏ، ڏيساران ڏور ڪري
وٿان تني لڏ، جي ڪهلي هيٺ ڪنگهار جي.

(۷)

ڏهليي ڪيم اڏيج، ڏيساران ڏور ڪري
وٿان تن لڏيج، جي ڪيلي هيٺ ڪنگهار جي.

(۸)

لاڪو لوڙائو، پنجان پلي آڏيا
”ما في السموات و ما في الارض“ سا ڪنٺا ساڏو
ڪچيي ڪاچاڻو، پٽي مٺا باجهه ٿي.

(۹)

وايوران وري، لاڪو لوڙائو ٿيو
اها ڳاله ڳري، لڳي لٽاهن کي.

---

(۱) اصل، جهري (۲) اصل، لوٽي (۳) اصل، لوٽي

(١٠)

زالون ٿيون ذليل، رڻ ۾ ريبارن جون
ڇنائون ڇيت ڪري ساڏو ڳاه سبيل
ويچارا رحيل، ڪري ڪڇان آڪرڻا.(١)

(١١)

ڏاڏوران تي ڏور، ڪرڳل ڪيري رسيو(٢)
ٻيرئان پاٻور، هلي هاجورن جي.

(١٢)

ڪينو مٿي ڪڇ، لاڪي لوڙائن جو
"اطلبو ربنا سوائي"، تي ٻلڪاري ٻچ
ريبارن جا رڇ، رائي پاس رهي ويا.(٣)

---

(١) اصل. 'ويچارا رحيل، ڪري ڪڇان اڪرڻا' (٢) اصل. ڪيري ('ڪ' هيٺان ۽ 'ر' هيٺان زير) (٣) هن داستان پويان 'وائي' الڪيل ڪانهي.

# سر ڪاپائتي

## داستانُ پهريون

(١)

آٿي آسارِي، ويٺي وهامي راتڙي
تون ڪيئن ڪاتارِي، سڄيون راتيون سُمهين.

(٢)

ڪاتاري ڪِين ڪت، چوري چرکو چت ۾
ويهي وقت ڪتڻ جا ڪيم وڃايو وت
متان روئين رت، صُبح ساهيڙين ۾.

(٣)

سُڄي توکي ساءُ، آيو سمهڻ سُک جي
ويهي ڪيم وِڃاءِ، وقت ڪتڻ جا ويسرا.

(٤)

پَهو پِڃائي، ويهي وٽج پُوڻيون
چرکو چوري ڪت ڪين، پَهو هٿ پائي
ڪاپو ڪمائي، سونهين تيئن صراف ڏي.

(٥)

سُٽيون جي سُک ٿي، ڪين ڪتيائون تند
تني اونڌا ڪنڌ، منهدان صرافن جي.

(٦)

محبت رکي من ۾ پيچو پوري پير
سڄي سندي آسري ويهي ڪرمَ وير
آٿڻ آتڻ واريون اسر ويل سوير
واري ڪَرِ مَ دير، ڪتڻ ۾ تر جيتري.

(۷)

محبت رکـــي مـــن ۾ پير پڳو پـــوري
ســچــي ســنـدو آسرو چڙدي ڏي ڇوري
متان اڏوري، وڃـــي ويـــل هٿن مـــان.

(۸)

محبت رکـــي مـــن ۾ پـوري پير پڳو
تـاڙن کـــي تحقيق جـــو هڏي سڪ سڳو
اڃا توکي ڪيرت جو کو ڳڻ کونه لڳو(۱)
تـاري توهه تڳو، ڪتي ڪـن ڪـاتـاريون.

(۹)

محبت رکـــي مـــن ۾ پڳو پيريـــائـــون
پَهو پُوٺي هٿ مـــان مـــور نـــه ڪيرهائون
سنهي ٿلهي تند کـــي ويٺي ميريـــائـــون
ماڻڪ ميڙيائون، ڪتي پنهنجي ڪم مان.

(۱۰)

محبت رکـــي مـــن ۾ پڳو پيريو جـــن
تني سندي سٿر جون سڌون ساڌو ڪن
مڙيئي مَرڪن، ســـي صـــرافن سامُهون.

(۱۱)

سچي سندي آســـري وَهـي وڃـــي ويـــل
پـــوري پڳو پير تـــون اٿـــي ويل سويل
متان روئين ريل، هاري هنجهون رت جون.

(۱۲)

سچي ســنــدي آســـري ويـلو وڃـــائين،
پـهو پيچارن کـــان مـــور نـــه پڇائين،
پوريون پڳي آرت کي هٿ نه سي لائين،
ســي ڪيئن سيبائين، سچيون صرافن کي.

---

(۱) اصل ۾ کو ڪَڻ (ڪ تي پيش) کونه لڳو

(١٣)

سچي سنڌي آسري وَهي ويل وچين،
ڪاپڙي ڪارڻ ڪو ٻيو نڪو ڏين وٺين،
منهنڊان عيد اچين، ڪڏجي اگهاڙن سين.

(١۴)

چرڪو رڪي چيت ۾ چريون ڪين^ چوريو
سنهي تلهي سٽر ڪي ڏڪويون ڏوريو
تَرازيءَ توريو، ساري نيڻن، صراف سو.

(١۵)

چرڪو رڪي چت ۾، جني چوريو ڪال
سٽر تني جو سال، پسند صرافن ڪي.

(١٦)

چرڪو رڪي چت ۾ جني چوريو رات
تني ڪي پريات، پورهيو پلي پيترو.(١)

(١٧)

چرڪو رڪي چيت ۾ جني چوريو اڄ
تني ساڻ سهڄ، سدا صرافن جو.

(١٨)

ڪتيو ڪاتاريون، متان سمهو سُڪ تي
صبح آساريون، ڏينديون متي هٿڙا.

## وائي

ڏيئي جيءَ کي اوجاڳو، ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي
١. جيڏيون هن جهان ۾ ناتو نندر جو نياڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي
٢. مور نہ موٽي سو اچي، ويلو ويو وري ساڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي

---

(١) اصل. پِهريو پلي

٣. متان وهو ويسريون، ارڙ الائي ولهاڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي
٤. آتڻ پيڳا پيريو پوريون، پيري ماڻ پاڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي
٥. غلام محمد سڀ جو، ٿيندو صبح سڀاڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي

—

## داستانو ٻئو

(١)

اٿو ڪتڻ واريون، وڃي ويل ٽري
اڃي تان نہ وري، سا ٿي ساعت هٿ ۾.

(٢)

اٿو ڪتڻ واريون وڃي وهائي
ڪتيو ڪيئن ڪاتاريون آتڻ آلائي
سا ٿي سيباڻي، جنهن کي چرکو چت ۾.

(٣)

چڏي ننڊر نياڳ جي، اٿي چرکو چور
سنهي ٿلهي سٽر کي، راتو ڏينهان ڏور
تان تنهنجو اڻ نور، ساري نئين صراف سو.

(٤)

سٽي آسارن، ويئي وهامي راتڙي
ڪتي ڪاتارين، امل ماڻڪ ميڙيا.

(٥)

ڪتيو ڪيئن ڪاتاريون، چرکو رکي چت
آهي وقت ڪتڻ جو، اوکيون هائي هت
چڏي ننڊر نياڳ جي، ڪيو ڪار ڪرت
تور ترندي جت، تني مرکو منهن ۾.

(٦)

مور نہ چڱيو هٿ مـــان، چوريون چني تند
متان وهـــو ويسريـون اونڌا ڪـــري ڪنڌ
پرهہ پوندو پنڌ، صـرافن جـــي سڌ جـــو.

(٧)

پھو پوٽي هٿ مـــان مور مَ ڇـڏيـو هـڏ
ويـهـي آتـــڻ وچ ۾ ڪـتـي ڪيو گـــڏ
صبح ٿيندو ســـڏ، صحي صـــرافـــن جـــو.

(٨)

پهو پوٽي هٿ مـــان مـــور مَ ڇڏيو هاڻ
جني رکـــي ارٽ سين راتـو ڏينهن رهـــاڻ
سي تہ صرافن ساڻ، مـرڪي ماڻو ڪنديون.

(٩)

ڇـــڏي آرس اوڳيـون، ڪـاپـو ڪمايـــو
متان وقـــت ڪتڻ جـــا ويهي وڃـــايـو
ڪجو سجايو، لايـــو پنهنجي لاڳ جـــو.

(١٠)

وڃـــي وهاٽي، هـــيءَ جـــا سٽي راتـــڙي
آتـــڻ اولاٽـــي، ڪتيو ڪـتـڻ واريـــون.

(١١)

اٽـــو آتـــڻ واريـــون، ڇـڏي ننڊر نياڳ
اوڳيون پٺي ڪنل ڪم کي ڏوڙي ڏٺو آڳ
صبح سڪ سهاڳ، ڏٺـــو صـــرافن جـــو.

(١٣)

ڪـــاپو ڪـــري ڪيتريون سگهڙ سيباٽيون
تني جـــون ڪاٽيون، ڪيڻ ڪتڻ واريـون.

(١٢)

ڪـاپو ڪـري ڪيتريـــون ٿيون دنيا۔ دار
ڪري هـــار سينگار، سـونهن سرتين وچ ۾.

(۱۴)

کاہو کري کيتريون دنيا۔ دار ٿيون
پسند پاڻ پيون، سگهڙ صرافن کي۔

(۱۵)

آرت تني جا اجرا، جي ڪتن راتو ڏينهن
نئون تني سان نينهن، سدا صرافن جو۔

(۱٦)

ارت تني جا اجرا، جي راتو ڏينهن ڪتن
تني ڪاڻ سڪن، سگهڙ صرافن جا۔

## وائي

جيسين رتو ٿيئي راس لو، پوري پير پگهلڙو
۱. ارت آلائي ڪت ڪين، رکي ٻرت پياس لو
پوري پير پگهلڙو
۲. مهندر مٿا ميزان ۾، ڪندا ڪونه قياس لو
پوري پير پگهلڙو
۳. هنجي تنهنجي سٽر جي، صرافن آداس لو
پوري پير پگهلڙو
۴. غلام محمد مٽاهه جو ڪتج ڪيم ڪين ماس لو
پوري پير پگهلڙو

---

## داستان ٻيو

(۱)

ڪتي ڪين ڪيوم، پهو پاڇي پاهنجو
وهي وقت ويوم، هاڻ هٿان تي هتڙا۔

(۲)

ڪتي ڪيم ڪين، ويم ويلو نڪري
مٺيءَ مون مسڪين، آيا متي هٿڙا.

(۳)

نڪي ڪتيم ڪتڻو نڪي ڪتايوم،
نڪو آر ارٽ سين پهو پچايوم،
ويهي ويساريون ۾ ويلو وڃايوم،
هائي تان آيوم، انگ اگهاڙپ اگ جو.(۱)

(۴)

ويهي وڃايام، هتي حياتي ڏينهڙا
پلئي ۾ پايام، آمُل عِصيانن جا.

(۵)

نڪي ڪتيم پاڻهنجو نڪو ڪتايم
قادر ڪرايم، ڪاپو پنهنجي ڪرم جو.

(۶)

نڪو ارٽ ڪپاهه، نڪو پهو هٿ ۾
ڪتي چاٺان ڪينڪين، چائي هيڪ الله
سهمي سنڪو ساهه، پتسي لکڻ پاهنجا.

(۷)

ڪاپو ڪري ڪيترو وڳا ويڙهيندياس،
سائڪ ميڙيندياس، جي وارو ڏيندم وکهو.

(۸)

ڪاپو ڪري ڪيترو پنهنجو پاريان پاڻ
فُوت ناهه وجود ۾، ساڳي سُرت نه ساڻ
جي ڪري وَرُ وَراڻ، تہ منوڳيائي مانُ لهان.

(۹)

ڪاپو ڪري ڪيترو پنهنجو پاريان پيٽ

---

(۱) اصل، اگ جو

چِٽ چـــرکي نـــہ لڳي، ايڪي چيل چپيٽ
مدايــون محتاج جـــون مالڪ منهنجا ميٽ
ڪِجو ڪام آميٽ، هن سڳياري سٽر جـِي.

(١٠)

منهنجي مـــوڙهي مت، خـــالي خيالـــن ۾
مور نہ وڻي من کي، جي سرتيون چوَنتم ڪتَ
هــاڻ رڏــان ٿــي رت، ڏسـي آتــڻ واريــون.

(١١)

مـَر سمـعي مـرڪن، ڪـڏي ڪتڻ واريـون
سٽر تني جـــو سڦرو، پـِڙا پاڳ نـہ ڪـن
سمجهي صـرافـن، ذرو ضـــايع نـــہ ڪيو.

(١٢)

جنهن کي ارٽ نہ آجڪو، نڪو ٽِڪ نہ مال
هٿين پيرهـن اگلي، مـور نـہ سـگلي حـال
پلو پنهنجا پـال، مـَلهـِي ڪندو تنهن سـان.

(١٣)

جنهن کي ارٽ نـہ آجڪو، چيڙهہ نـہ چاموٽي
ڪـــاڏي پيتي سنتري، ڪتڻ ۾ ڪـــوٽـــي
تنهن تي ڪندو ٽـوه جـــي پـارس پـالوٽـِي
رحمت جـــا مـــوٽـــي، متي رکندو هٿڙا.

(١٤)

جنهن کي ارٽ نــــہ مـــال، نڪي پها پوٽيون
تنهن سان پلو پال، ڪندو پنهنجي ڪرم جو.

(١٥)

پـــال پـَلاڊيون پـَل، تنهن پلي جـــي پـــال جـــا
هلي ڪـــري حـَل، مشڪل محتاجن جـــا.

(١٦)

لطف ليکو ناهہ ڪو، ڪوڙئين لک ڪروڙ

مور نہ پهچن پَدَمَ سوتي، نيلون جاء نہ جوڙ
عرب نہ اوڏي اوڙ، ويجهو غور نہ غرب جو.(۱)

(۱۷)

غربون غرق وڃن، ڪر م مقابل هيڪڙي
ڳوليون ڪين لهن، لطف ساڻ لطيف جي.

(۱۸)

ڪَتي ڪتان ڪيترو، ڀوان نہ ڀوري
مالڪ معموري، ڏيندم پنهنجي توهہ جي.

(۱۹)

ڪتي ڪتان ڪيترو، ڀوري ڀوان نہ مور
وڳا ويس سَمُور، ڏيندم ڏٿي ڏيهہ جو.

## وائي

هتان هاڻ هَلبو، سنياهي سٿر پانهنجو
۱. سعيو پنهنجي مڪ جو، ڪنهن سان ڪين سَلبو
سنياهي سٿر پانهنجو
۲. صرافن جي سڪ ۾ چڱيءَ چال چلبو
سنياهي سٿر پانهنجو
۳. ڪتن جي ڪم ڪار ۾ رکي جوش جلبو
سنياهي سٿر پانهنجو
۴. غلام محمد غم ۾ پنهنجو پاڻ پَلبو
سنياهي سٿر پانهنجو

---

(۱) اصل. 'غَور' (غ مٿان زبر). وڌيڪ صحيح 'غُور' (غ جي پيش سان)

## داسٽاڻو چوٽون

(١)

ڀوري ڀڳو ڀير، سچي سنڌي آسري
ٻهو پائي هٿ ۾ تند سنهيري سير
تان تون ورڪل وير، مرڪي ماڻو مٿئين.

(٢)

ڀوري ڀير ڀڳو، سچي سنڌي آسري
توکي ڪونه لڳو، کو ڪڻ مائي مٿ جو.(١)

(٣)

محبت پائي من، چرخو چورج چت سين
تان سينءَ صرافن، سودو ٿيڙي سڦرو.

(٤)

آڏيءَ رات اٿي، چرخو چورج چت سين
ڪندي ڪيئن ڪتي، سودو صرافن سين.

(٥)

چرخو سانجهي سيئن، چورج چڱي چت سين
تون ٻڻ ڪتج تيئن، ڪتن جيئن ڪاتاريون.

(٦)

اٿي آڏيءَ رات، ڪتن ڪاپي واريون
نڪا سُريئر سرتيون، نڪا واڻي وات
پرهه ڦٽي پرڀات، سرهيون ٿين صراف سين.

(٧)

اٿي آرت آلاڻ، ويهي آٽڻ وچ ۾
سُتر سنياڻج سڦرو صحي سرت ساڻ
متان ڪچي ڪاڻ، ڀوي تنهنجي پاند ۾.

(٨)

ترازيءَ تورا، ڪاڻ نه ڪين ڪنهن جي
جي ڦوليندا ڦورا، ته ڪاپيدار ڪنبدينون.

---

(١) اصل ائين. شايد صحيح 'مائي مٽ جو'

(۹)

ڪانيءَ ڪونهي ڏوهه، تورا ٽُراڙن ۾
ٽورڻ ويل ٽُرِيءَ ۾ ڦَٽو لِڇي نه لوهه
ترازيءَ جو توهه، ڪنهن سان ٽينڊو ڪونه ڪو.

(۱۰)

ترازي تڪرار، ڪنهن سان ڪندي ڪونه ڪو
ڪانو ٻِنهي پار، پُورا رکي ماپ ۾.

(۱۱)

ترازيءَ جي تور، ٽِرُ تفاوت نه ڪري
سَٺِي سِپُرُونَ سامُهين، ٻولو رکي نه ٻور
هِيي هِتي جا هور، هُت نه حاج حساب ۾.

(۱۲)

تَرازيءَ تورا، ڪاڻ نه رکن ڪڏهين
ڏس ڪاپاڻي پانهنجا ڏَهيُون ۽ ڏورا
جت ڦولِيندا ڦورا، آت وِڃا ويندِي وِسرِي.

—

# سر گهاتو

## داستانُو پهريون

(۱)

رکـي آس الله جي، گهاتو گهوٽ گهڙن
آونهي وڃن اوهري، ڇـڏي تانگهه تـڙن
نه ڪنهن جهوريا جهڪڙي، نه ڪنهن گهاڙ گهڙن
لَتَحو ڪين لـڙن، ڏسي دوَر درياهه جو.

(۲)

اونهي ويا اوهري، رکـي شـوق شڪار
ٻُڏي مـوتيا ڪينڪين ڪَنن جا ڪڙڪار
تني جـو دهڪار، ڏهلائـي درياهه کـي.

(۳)

مـوڙ ي پنهنجا مَڇُوا، مڇيءَ پـاس هـلـن
اوري رهن نـه راتـڙي، پـري پلڪ پلن
سا ڪيئن سِڪ سلن، جا مڇي مارڻ من ۾.

(۴)

اونهي ويـا اوهـري، جتي لهريـون ليٽ
نڪو عَمُق عَميق جـو، نڪو پاسو پيٽ
ڇِڪڻ جـي چپيٽ، گهڙي گهاتُو لنگهيا.(۱)

(۵)

اونهي ويـا اوهـري، جتي لهريـون لس
نڪا ڪنڌي ڪَن جـي، نڪو گهاڙو گس
تني راحت رس، گهٽي گهاتـوئـڙن کـي.

---

(۱) اصل. ڇِڪڙ (چ هيٺان زير، ڪ تي پيش)

(٦)

ڪونهي ڪُن ڪالاچ کي، ڪنڌي ڪنارو
نڪو عُمق عميق جو، نڪو نظارو
اونهي ڏي آرو، رکي گهاتو گهڙيا.

(٧)

ڏنگي گهاتوئڙن جي هلي اوڏانهين
جيڏهن ڪُن ڪالاچ جو درياها داهين
لطف سان لاهين، پيڙي پاجهارن جي.

(٨)

گهاتو ڏهاڻ ڪينڪين، ڏسي دور درياهه
جو ڪاهي پون ڪُن ۾ رکي آس الله
سمنڊ جي ساڃاهه، ملي ملاحن کي.

(٩)

گهاتو گهيڙان گهڙيا، پڌي ماتيون مٿ
هلن آب عميق ڏي، رکي سر جي سٿ
پاٺي پٽسن پٽ، پير نه پُسهي تن جو.(١)

(١٠)

تروُن پڌي تار ۾ هلن هيٺائين
وڃن اونهي پار ڏي، جوکو جٺائين
تارُو تٺائين، مڇي ماري موٽيا.

(١١)

ترون پڌي تار ۾ گهڙن گهاتو گهوٽ
اونهي وڃن اوهري جتي چلڙ چوٽ
ڏسي ڌهليا ڪينڪين پاڻيءَ جي پالوٽ
آتاهنون آلموٽ، مڇي ماري موٽيا.

(١٢)

ويا، مور نه موٽيا، نه ڪو خبر ڏي

---

(١) اصل. انئين

ڪاري ڪَن ڪالاچ کي آيا تان نہ ڇڏي
تهين ساڻ گڏي، گهڙي گهاتو هڪ ٿيا.

(۱۳)

مادر مور نہ موٽيا، پنهنجي ماڳ ملاح
وچ جي ان پار ڏي، ڏنن ڪنهن صلاح
اچن مانَ صباح، ويئي وات نهاريان.

(۱۴)

ويا جي ڪالاچ ڏي، مور نہ موٽيا سي
ويٺيون روئن رت ڦڙا، مائرون سندن مِ ۾ ي
تني منجهان ڪي، ڪونہ ڏسان تي ڪِٿهين.

(۱۵)

ڪَرڙو ڪَن ڪالاچ جو، ڏنگيون دهلائي
ڇِڪيو آڻي چڪ ۾، جتي تو پائي
ڪوڙيين ڪنبائي، ترون تار ترازيون.

(۱۶)

ترازيون تيزي، ڏسي موٽن ڪَن جي
مِلي ملاحن کي مِلت آميزي
خَزِينا خيري، رکن ڪُنجي ڪَن جي.

(۱۷)

ملت ملاحن کي اصل آب عميق
اونهي وچن اوهري، رکي اوُ رفيق
شفقت شوق شفيق، گهر ۾ گهاتوئڙن کي.

## وائي

اونهي آب عميق، گهاتو گهوٽ گنوائيا
١. آگهير ي گرداب کي، طرف نہ طرح طريق
گهاتو گهوٽ گنوائيا
٢. ملاحن سين مامرو ڪنڙو تار عَتيق
گهاتو گهوٽ گنوائيا

۳. گهاتوڙا هن گام ۾ رکن کونہ شريڪ
گهاتو گهوٽ گنوائيا
۴. وڍيڙا جي ڪالاچ ڏي، رائي ساڻ رفيق
گهاتو گهوٽ گنوائيا
۵. غلام محمد مرد سي، دانہ درست دقيق
گهاتو گهوٽ گنوائيا

---

## داستان ٻيو

(۱)

وائيتا وِلات جا ڪي جي ٻڌائون
ٻولي ڀنڀجهارَت جي، ٻهڳڻ ٻوليائون
اولن سين لائون، لهي گهاتو هليا.

(۲)

هليا هاڪاري، گهاتوڙا گرداب ڏي
آڏو نڙي سير سموند جي ڏکا ڏيکاري
ترازيون تاري، پهتا ماڳ مِلَت جي.

(۳)

سوڙي هليا متڪرا جتي مڇي مڇ
رکي شوق شڪار جو جوڙي پنهنجا رڇ
جت آچاڙا اڇ، تتي ماريسن مڇيون.

(۴)

ملاحن جا متڪرا، ماڳ نہ ڏسن ماء
مون کي گهاتوئڙن جا گهٽ ۾ گهاتا گهاء
وچي ڪين وجود مان سندن سرهو ساء
اچي ٻهر پياء، وري وچ وصال جي.

(۵)

اڄ نه گهاٽوئڙن جا پيڙ ۾ تازا پير
اونهي ويا اوهري، ڪري لال آلير
جن سان هيئڙي هير، سي ڪڏهن ملندا مون پرين.

(٦)

اڄ نه گهاٽوئڙن جا گهرن ۾ گفتا
گويا سندن گوهري، جيئڙي جي جُفتا
سيني سين سُفتا، سيئي سڄڻ سارِيان.

(٧)

گهرڙا گهاٽوئڙن جا، جهنگن ۾ جهوپا
نڪو ظاهر زر جو، رنگ نڪو روپا
ڪمائيءَ ڪوپا، خاوند خزانن جا.

(٨)

گهرڙا گهاٽوئڙن جا جهنگن ۾ جهونا
گهيڙا آب عميق جا، بابوچي پُونا
تني جا آونا، خاوند خيز خزانچي.

(٩)

وني ڪُن ڪنار، ويئي نت نهاريان
والي ولايتن، جي واڳ ورائي وار
مٿيءَ مور نه وسري سندن سونهن سينگار
نوراني نروار، ڏسان شال اکين سين.

(١٠)

ڪو جو ڪُن ڪالاچ ڪي، ويا تان نه ورن
آهنجو آب عميق جو تانگهو تار ترن.(١)
جيڪس جوش جرن، گهاتو گهوٽ گنوائيا.

(١١)

ويا تان نه ورڻا، ويئي ويل تري

---

(١) اصل ائين. شايد صحيح ته: ''اهنجو آب عميق جو تانگهو تان نه ترن''

مڇي ڪارڻ مَلَ جي ويئيون ڪوڙ ڪَرِي
ڇري ڀاند زري، سور نه سوڻيا مَڪُڙا.

(۱۲)

ڪالاڇي جهي ڪُنَ کي نه ڪو ٻاري ٻار
نڪا ڪندي اور جي، نڪو ڀريون پار
تهي نَوارا هيٺ تو ڪوڙين لک هزار
تري اهو تار، سور نه موتيا مَڪُڙا.

(۱۳)

ڪالاڇي جي ڪُنَ ۾ ڏڪو جو ويڏ وڏو
ڏيائين ڳهاتو وڙن جو لهرين هيٺ لڏو
وري هڏ هڏو، ذرو ظاهر نه ٿيو.

## وائي

اونهي پاس وَهي، ڳهاتو ڳهوٽ ڳهڙندا
۰۱ ٻڏي چمڙو چيلهه سين، مانجهي مرد نه مڙندا
ڳهاتو ڳهوٽ ڳهڙندا
۰۲ ڏسي ڏيرکڻ تار جي تارو ڏير نه ٽڙندا
ڳهاتو ڳهوٽ ڳهڙندا
۰۳ ماري ڪارڻ مڇ جي چابڪ چست چڙندا
ڳهاتو ڳهوٽ ڳهڙندا
۰۴ غلام محمد مسلم ۾ ڪامي ڪوڙ ڪِڙندا
ڳهاتو ڳهوٽ ڳهڙندا

---

## داستانو ٻيو

(۱)

ڪالاڇي جي ڪن ۾ ڪو جو ڪينئر ڪين
مثل "هَلْ مِنْ مَزِيدْ" جي جوڪو عرش زمين

گھاتوئڙا گرداب ۾ اڇلي پاڻ ڇڏين
پڌر پير نہ ڏين، سامونڊي ساڃاهہ جو.

(٢)

ساڃاهيا سورن جا ڪنهن کي سور سلن
آبتا آپُومِيتَ ۾ لهي هيٺ هلن
پٽي پند پڇن، ويڄهائي جو اُجهري.

(٣)

ويڄها ويڄهن وٽ، پَريان پند پري
تني منجهان ميٺڙو وري ڪونہ وري
ڏکئا زاف ذري، موتي مهٺو مچ ري.

(۴)

ويڄها ويڄهن وٽ پريان پري پند
"جنّاتُ عدنٍ" عدن ۾ سهٺا سندن هند
ڪيلي ڪٽندا ڪند، مهندان ملاحت ۾.

(۵)

پَريان پري پند ٿيا اوريان اورين وٽ
ڪونہ پڄهي ڪو ڪڏهين سندن پير تَرت
رکي سر جي سَٽ، ماريندا [illegible]سي مڃ کي.

(٦)

غَواصي گرداب جا آيا تان [illegible] نہ وري
جيڪس اونهي آب ۾ ويا ماڳ مري
ڳٽي ڳالهہ ڳري، مَرکي اٿيو [illegible] مورڙو.

(٧)

مورڙي کي مامرو پيو مڇي ماڻ
ڏنائين سو ڪُن کي نيئي پنهنجو پاڻ
رکي سرت سڃاڻ، ماري مڇ کي موٽيو.

(٨)

گهر ڇڏي جر گهڙيا، سورهہ ويل سوير(١)

---

(١) اصل. سويل

وڃي پهتا تار ڪي جتي ويري ويـر
تني پوين پير، مور نه ڏنو ڏاڙهين.

(۹)

جر ۾ جهوتون ڏين، مانجهي ڪارڻ مڃ جي
ڪاري ڪُن ڪالاچ ۾ نيئي هـڏ گڏين
پوين پير نه ڏين، سر ڏني ري سير ۾.

# سُر راڻو

## داستانو پهريون

( ۱ )

الله ڪارڻ آهه، واڳ وَرائي وَلها
ويئي وات نهاريان سُودا تنهنجي لاءِ
پيهر ڪونه سَمَاءِ، راڻا رُسامن جو.

( ۲ )

عيبن ڀري آهيان، ڍول ڍلايون ڏڪ
لاهي شَڪَّهَا شڪ، سوڍي آهه هن ماڪ ۾.

( ۳ )

ڍاٽي ڍول ڍري، اڇي ويهه اڱڻ ۾
واري چپر ڏڪيان، وڃن تَپُ ٽري
تو ريءِ ماڪ مري، ويندِيس ميهان مينڌرا.(۱)

( ۴ )

سوڍي آهه هن ماڪ ۾ واڳون ورائي
توريءِ ڪيڻ خوشيءِ جو ساهه نه سمائي
وريون ٻاله ٻيڙه جي لُڏءِ لُوءِ ۾ لائي
سُودا تو آڏي، تنهن سڀ سوڪيون.

( ۵ )

سُودا تنهنجي سڪ، تن طَفيلي ڇڏيو
ساريندي سريُر ۾ هَڏ نه پڳي هڪ
پلڪ پياري ڀڳ، پاڻ ڪيڏي وريون پوئي.

---

(۱) اصل، صورتخطي هت توڙي هيٺ، 'مهندرا'

(٦)

مون کي مـــار مَ مينڌرا جُدا جـــان ڪري
اچـــي ويهه وجـــود ۾ برين پير پـــري
تو رڙيءَ تان نہ سري، ساعت سُکي ساه جي.

(٧)

مـــوتي آءُ هڻن مـــاڳ ۾ وارث واري واڳ
ڏي ڪو ڏکوئيه کي سوڍا سُک سهاڳ
هي جـــا لڳي آڳ، سـا وسائج وصـال سين.

(٨)

راڻـــا رتمڙ رات، روڏـــي رُنـــو رُت سين
هنجون هاريندي اچي مٿان تـــي پريات
ڏو جو ڪيڏنر ڪات، لڳم هنيڙي وچ ۾.

(٩)

رات وهـــامي ڏينهن ٿيو، ڪنيو پـــره پانڌ
محل مـــاڙيون بنگلا، بيهڙي پايان بـــانڌ
موت مُٺيءَ جا ڪانڌ، ڪَرَ رَهُ ڪامي ڪاڪ تي.

(١٠)

رات وهـامـي ڏينهن ٿيو، ڪنيو پـاند پــره
تـــو رڙيءَ وارث وَلَها وڙا وريــڌ وڙره
نيو نيـسهَ نيرهَ، روئندڙي رَتـــولـــن ۾.

(١١)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، پـــره تـــي پيدا
پايان ڍاٽي ڍول ري ڪـاڪَ سنجي قيدا
پڇي آميدا، جـــي اچين هـــن مـــاڪ ۾.

(١٢)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، بانگ ڏني ٻانگي
ڍوليو ڍٽ رهائيو ڪـنهِ سترائپي سانگي
چڙهي آءُ چانگي، ڪامل ڏٺي ڪاڪ جا.

(١٣)

رات وِهــامــي ڏينهن تيو ڏيٺا اجهاڻــا
طــول وِهاڻا پٽ جــا تيا پلنگ پراڻا
ســوٽي آءُ هــن مــاڳ ۾ ســوڌل سياڻــا
مُٺن سين ماڻا، تــو نہ مناسب سُپرين.

(١٤)

رات وهــامي ڏينهن تيو، وِيو تيل پــري
نهاريندي نِڪِتَّان ويٺي ويـل تَــري
واري آءُ وري، ڪَرهُ ڪاهي ڪاڪ تي.

(١٥)

رات وهــامي ڏينهن ٿيو، ڪتّا تيل قليل
ويٺي وات نهاريان ڪــري آءٌ آليل
ڪـوڙ قناتُون ڪاڪ تــي سوڍا ويل سويل
لايان عطر تيل، جي مون ملين مينڌرا.

## وائي

ســوڍا لڳ اللهُ! راڻا لڳ اللهُ!
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

١. ايندا ويندا تي پڇان، وتيو ويٺي راه
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

٢. طـول وهاڻا پٽ جـا، تمڙا سي سياه
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

٣. ساريان ڪانہ سرير ۾ تو رءِ واهر واهَ
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

٤. غلام محمد حبَ ۾ پڇن شال پَساه
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

—

## داستانو ڏهو

(۱)

رائـــا ريجهي آءِ، مـــوٽـي محلاتـــن ۾
ويڻي وات نهاريـــان ســـوڍا تنهنجي لاءِ
اچي ويهه وجود ۾ جـــوڙي پنهنجي جاءِ
پيهر پلنگين پــاءِ، ڏَريا جـــي ڏُورا تيا.(۱)

(۲)

ڏَريـــا جـــي ڏُورا تيا، طـولـون وِهاڻا(۱)
گل گلابي ڪـاڪ جـــا ڪـلي ڪـُومـاڻا
دَم نه ســـري ساه کـــي توڏي پڇاڻـــا
ســوڍل سياڻا، مـــوٽ تہ مـــانداڻي لهي.

(۳)

سـُونہ صـَلابـَتـَ سـَقرو رائـــا تنهنجو رنگ
نـڪا حد حسن جـي، نـڪو دهشت دنگ
نـــر نباهيج ننگ، نـاتـو نـمـاڻيءَ سـيءِ ن.

(۴)

سـُونہ صـلابـت سـقـرو رائـــا تنهنجو رُوءِ
هلي هاڪ حـُسن جـي هنڌين ماڳين هـُوءِ
اچي رُوه بروءِ، پنهنجو پـاڻ پساه تـون.

(۵)

نـڪا ڪنڌي ڪـاڪ جـي، نـڪو لـوڙاڻو
نـڪو راڻـو راج ۾، نـڪو ڪـــو مـاڻـو
سـو ڏي ســـاماڻو، سـو ڏي مـُومـل ميندرو.

(۶)

نـڪا ڪنڌي ڪـاڪ جي، نـڪي باغ بهار
هـِي هـُو سـب هـڄي وِڏا سودي رِيءَ آثار

(۱) اصل ۾ انين

باغيچا بازاريون سڄيون ريءَ سردار
چوڏس تي چؤڏار، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

(٧)

نڪا ڪنڌي ڪاڪ جي نڪا گلزاري
نڪي محل ماڙيون، نڪا بازاري
نڪو راڻو راڄ ۾ نه مومل موچاري
چؤڏس چوڏاري، ٿيو مڙو ئي مينڌرو.

(٨)

نڪي محل ماڙيون، نڪا ڪنڌي ڪاڪ
نڪا لوڪ لياقتي، نڪا حسن هاڪ
نڪو مينهن مَلاحتي، نڪا محبت ماڪ
وائي وڙڻو وَاڪ، ٿيو مڙو ئي مينڌرو.

(٩)

رت نه رتي تن ۾، سڪي ساه ويوم
ويئي واڪ وجود مان، چڙڻ سڀ چڪيوم
ڪارو ڪاڪ ڪيوم، مٺه مَلاحت مينڌرا.

(١٠)

رت نه رتي تن ۾، سڪي ويم ساه
هي جي محل ماڙيون، پايان سڀ سياه
پڇن شال پساه، سوڍا تنهنجي سڪ ۾.

(١١)

رت نه رتي تن ۾، سڪي ويم ماس
سوڍا تنهنجي سڪ ۾ راتو ڏينهن آداس
شال پڇي مون آس، موٽي ملاقات جي.

(١٢)

سوڍا صبر نه سهان، ساعت پايان سال
تو ريءَ ميان مينڌرا روئي ورچايم حال
جيئري جيءَ جنجال، وجهي ويون وَلها.

(١٣)

سودا صبر نہ سهان، ساعت سال ٿيام
تو ريءَ ميان مينڌرا ڪلري رات قيام
پري پٽل پيام، سيئي سهيلها سُور جا.

## وائي

مينڌرا موٽي، ڪڏهن ملنديِن مٺيءَ کي
١. ڏيان ٻٽي هٿِ تنهنجي، چڱن سر چوٽي
ڪڏهن ملنديِن مٺيءَ کي
٢. تو ڏي ٻاجهان جيءَ ۾ وڙهن ويلوڻي
ڪڏهن ملنديِن مٺيءَ کي
٣. اصلئون آهيان تنهنجي خام نِڪرُ ڪوٽي
ڪڏهن ملنديِن مٺيءَ کي
٤. غلام محمد مٺڙ هي ڳڻن ڳاموٽي
ڪڏهن ملنديِن مٺيءَ کي

---

## داستانو ٽرڳو

(١)

سودا تنهنجي سڪ ۾ عمر مون ويئي
ڪڏهن ملنديِن وَلهَا ڏمر ٻن ڏيئي
منهنجون سيئي، ڏکڄ ڏول ڏلائيون.

(٢)

سودا تنهنجي سڪ ۾ هيڻو حال ٿيوم
ساريندي سرير ۾ سُڪي ساهه ويوم
ڪاڪيون ڪک ڪيوم، هن لِياڪي ڪاڪ جي.

(۳)

سـودا تنهنجي سڪ ۾ هيٺو تؤم حـال
جهوريءَ جدائي جـي وڌو جيءُ جنجال
سکهي لهج سنپال، مون ورلهيءَ جي وَلـها.

(۴)

سـودا تنهنجي سڪ ۾ حـال تمو هيٺو
فيراقـن فقير ڪيو جـدائـي جهيٺو
ڦٽيءَ تـي ڦيٺو، وري وجهه ڪـو وَلـها.

(۵)

ڪـره ڪاهي ڪاڪ تـي آهُ سودا ويل سويل
ويٺي هنجهون هاريان تـو ريءَ رتيون ريل
مون سان هڏي ہيل، آئي سُورن سڪ جي.

(۶)

ڪـرهُ ڪاهي ڪاڪ تي آهُ سودا سُونهَ صحي
مون کي محبت ماريو جٺن ماتـي منجهه مـهي
وچن ڏک لهي، جـي مون ملين مينڌرا.

(۷)

ڪرهُ ڪاهي ڪاڪ تي آهُ سودا سُونهَ سبيل
مونکي مـيان مينڌرا ڪيو عشق عـليل
خـاوند لگ خليل، پنهنجو پـاڻ پسـاءِ تون.

(۸)

سـودا تنهنجي سڪ ۾ آيـو عـزرائيل
اچـي گوندر گڏيو، رکـي خُوهه خـليل
وڏا جـوش جـليل، ويـا ويچاريءَ ورسري.

(۹)

سـودا تنهنجي سڪ ۾ آيو مٿي مـوت
وري ويچارو ويـو سـٺـي سُورن صـوت
پـاڻ ويو ٿي فوت، ڏسي ڏکوئيءَ کي.

(١٠)

ساري ويون ميندرا ماڻا مِنٿ ڪري
ڏوڙا ڏوراپن جا وڏا حرف ڏري
مولي آءُ هن ماڳ ۾ پرچي پير پري
تو ريءَ ڪير ڪري، پونواري پينام جي.

(١١)

ساري ويون ميندرا رکي ڏوه ڏمر
تنهنجي روسامن جا سيني سُور سڌر
موت مٺيءَ جا ورَ، ڪره ڪاهي ڪاڪ تي.

(١٢)

ساري ويون ميندرا رکي حرف حساب
مون کي ڪيو پانهنجي خودي خوه خراب
آهي عين عذاب، جدا جالڻ جيءَ کي.

## وائي

راڻي کي رَجپُوت، سودي کي ثابوت،
ساري ڏيج سنيها

١. ڦوڙائي فراق جا، قاتل تنڙم قوت
ساري ڏيج سنيها

٢. بابُل مون کي ڪاڪ تي هاروُتي ماروت
ساري ڏيج سنيها

٣. آهيان آسفل ۾ صحي، عاصين ساڻ صَفُوت
ساري ڏيج سنيها

٤. غلام محمد کي ڪرين، محبت ۾ مسرُوت
ساري ڏيج سنيها

—

## داستانُ چوٿون

(۱)

تون وارث تون وَلها، ڏاڍي منهنجا ڏول
مونکي آهه هن ماڳ ۾ راڄا منجهه رتول
پارج پنهنجا قول، جي تو ڪيا ڪاڪ ۾.

(۲)

تون راڻو تون راءِ، تون ڏوليو ڏاڍي ڏيٺ جو
لُوءِ لُوءِ ۾ لائي ويو وڇوڙي جو واءُ
لالڻ تنهنجي لاءِ، ويئي نت نهاريان.

(۳)

تون راڻو راوت راڄ جو، توکي ڪمي ڪانَ
تو وٽ سوين سوڍيون سون جيهون سزمان
مون تي مهربان، ٿيءُ ڪامل ڏٺي ڪاڪ جاءِ

(۴)

تون راڻو راوت راڄ جو، سوڍا سهڻي سُونهَ
والي لڳ ورُونهَ، ڪڙڪا وري وَلها.

(۵)

سوڍا ڪيم سڪاءِ، ڏيئي فلڪ فراق جو
مونکي محلاتن ۾ پير پلنگين پاءِ
جيڪي قول ڪياءِ، سي پرين پارج پاڻهنجا.

(۶)

تو ريءَ ميان مينڌرا، موري موت ٿياس
ويو ريجُ رڳن مان متان جسمي ماس(۱)
پاسي پير پياس، نهاريندي نڪتمان.

(۷)

ڪتان سکيون مينڌرا، رسڻ جون ريتون
پيالو پريت جو پرين آءِ پي تون
سي اچي سيءُ تون، جي وَڏَ فراقن وَڏيا.

---

(۱) اصل. ويو ريجُ رڳن مان

(۸)

ڪٿان سکيون ميندرا، سندي رُسڻ ريت
تو ريءَ ٻي پريت، ٻاه برابر ٻائيان.

(۹)

ڪَرهُ ڪاهي ڪاڪ تي آءُ سودا سياڻا!
توري ميان ميندرا آتڻ جهاڻا!
پايان ٿي پاڻا، هي جي محل ماڙيون.

## وائي

منهنجا مير ملوڪ، مُومل ماڻن ماري
۱. آئي ويچارن جي ڪاڪ منجهان ڪُوڪ
مومل ماڻن ماري
۲. لڱهي ويئي وجود مان باري ٻره بندوق
مومل ماڻن ماري
۳. موتي آءُ هن ماڳ ۾ صاحب سونه سلُوڪ
مومل ماڻن ماري
۴. غلام محمد مَن ۾، هتي هتي آهي هُوڪ
مومل ماڻن ماري

---

## داستان پنجون

(۱)

ڪرها ڪَرَ مٿي ڪري، ڏي لوڏائي تان لاه
مَيا موڙي چاريان توکي چندن ڳاه
پورا ڪچ پساه، نيئي ڪناري ڪاڪ جي.

(۲)

ڪرها ڪَرَ مٿي ڪري هل ساجهر سويرو

هوندي رات هلي پسون دلبر جو ديرو
پره ڦٽي پيرو، لوڪ نہ لکي ڀانهنجو.

( ۳ )

ڪرها ڪر متي ڪري، هال چڱي ريڏائي
سائي سڱونه هلي پسون لالي جنھ لائي
ڪانهي ڀي رائي، محبت بنا ميندري.

( ۴ )

ڪرها ڪاهي ڪاڪ تي هونديءَ رات هليج
پٽهہ پرِيان جي پنڌ جو ڪنهن سان ڪيم سليج
پنهنجو پاڻ پليج، پڇسي ڪنواريون ڪاڪ جون.

( ۵ )

ڪرها ڪاهي ڪاڪ تي هونديءَ هلج رات
عاشق معشوقن ڪي ميل اگي ڀرپات
چندن جي چرهات، توکي چانگا چاريان.

( ٦ )

ڪرها ڪاهي ڪاڪ ڏي تون چيتو رکي چل
پريان سندي پار ڏي ڪا ورِڪ وڃندي هل
وڏا سورن سڪ جي سيني اندر سل
هونديءَ رات هلي پسون موچاري مومل
تہ تنهنجي لاءِ جتل، جايون جوڙيان جيءَ ۾.

( ۷ )

هلو تان هلي پسون سودي جو سينگار
جهين ڪارڻ ڪاڪ ۾ ٿي نيٺال هاريان نار
سوڍي سڀ چمار، ڏيکيندي ڏمر ڏيان.

( ۸ )

هلو تان هلي پسون راڻي سندو روپ
جنھ لاءِ دونهان ڏوپ، ڏکي پيم دل ۾.

( ۹ )

هلو تان هلي پسون راڻي سندو رنگ

جهين سندي سڪ ۾ نسريو نينهن نسنگ
سيني اندر سنگ، منهن ڏيئي مون موريا.

(١٠)

هلو تان هلي پسون راڻي جي رهاڻ
نڪا 'مون' 'تون' هت هلي، نڪا ڪنهن جي ڪاڻ
سيڪا پنهنجو پاڻ، پدر پسي پرينءَ کي.

(١١)

هلو تان هلي پسون، راڻي جي مجلس
نڪو حدس هت هلي، نڪو رڻو ريس
سيڪا رءِ وَرجيس، پدر پسي پرينءَ کي.

(١٢)

سوڍي وٽان سرتيون ڪو سامي آيو سُود
روشن روحاني گهٽو، وحدت گڏ وجود
نمونو نابُود، ويو ڏيکاري ڏاهه کي.

(١٣)

سوڍي وٽان سرتيون ڪو آيو آديسي
آندي وٽان مينڌري محبت ماهيسي
جوڳيڙو جهيسي، جوش ڏيئي ويو جيءَ کي.

(١٤)

سوڍي وٽان سرتيون ڪو سامي آيو سچ
پاري ويو وجود ۾ سندو محبت مچ
ڪوڙ ڪڍي ويو ڪچ، ڏيئي سيڪو سچ جو.

## وائي

راڻي ساڻ رهي، سوڍي ساڻ صحي،
ڪاڪ ڪڪورنا ڪاپڙي
١٠ جوڳي آيا جوءِ ۾. "قالوا" قول ڪهي
ڪاڪ ڪڪورنا ڪاپڙي

۲. ڀائي مُونا منهن ۾، وِيتڙا وِير وهي
ڪاڪ ڪڪوڙا ڪاپڙي
۳. غلام محمد مينڌري، ڏنا ڏاڻ ڏهي
ڪاڪ ڪڪوڙا ڪاپڙي

—

## داستان چوٿون

(۱)

مِهير نه مادر پدري، سَڱ نه مون سهُرو
نڪو ڪاڪو ڪاڪ ۾، نَنڍُ نه مون نهُرو
ڪان لڳم ڦهرو، راڻي جي رهاڻ جو.(۱)

(۲)

ذَنبُ ذَوِي الاَرحامِ تِها عُصبتا سُوراَ صَابَ
"اَلاَقاربُ ڪَالعَقارِب"، ڪاڪيون
ڪاڪ عِقاب
سودي رِيءَ صواب، ڪونه ڏسان ٿي ڪو ٻيو.

(۳)

پِرِهان پيش پرائيو مون جُدائيءَ جو داڳ
پِتيون پاڻان پائيان، ماڙيون مَحل ماڳ
آيا ڳاڻي پاڳ، پيئر مون پيڙو ٿيو.

(۴)

پِرهان پيش پرائيا مون سندا سورن سات
آڪِيچار وجود ۾، نڪو ڪاتو ڪات
لَمحو ڪن نه لات، ڪاڪيان جي قطاريا.(۲)

---

(۱) اصل. 'ڪانئر لڳم ڳهُرُو' (۲) اصل. ڪتاريا

(۵)

سوڍي سونهن سڀ ۾، سڀ سوڍي سونهن
ورونهن وروني، منهن ملاحي مينڌري.

(٦)

سوڍي سوا نه ٿئي، سونهن سلاڀي سڪ(۱)
ڀيڻي ٻوري نه ٻوي طمعورا جي تڪ
اي پرولي ٻڪ، ٻي ته پسين پرينءَ کي.

(۷)

سوڍي سوا نه ٿئي سڀ سونهن سلال(۲)
دلو داور دل ۾، مٺي همٿ ڳلال
جيڪا مَن ۾ مينڌري، چڪ ۾ آها چال
مومل کي محال، ماڙي ۾ ملوڪ ري.

(۸)

ويٺي نِت نهاريان راڻا تنهنجو رند
موٽ، مران ٿي مينڌرا، سائينءَ جي سوڳند
سندا محبت ٻنڌ، پاڻ ته پالهي نه ٿيان(۳)

(۹)

ٿيس ڪاڻياري ڪاڪ ۾، اڃايس لوڪان
ڦوڙائي فراق جون مَن اندر موڪان
نيه سنديون نوڪان، لوءَ لوءَ ۾ لائي ويون.

(۱۰)

ٿيس ڪاڻياري ڪاڪ ۾، لوڪان لڄاياس
سورن ڪارڻ سرتيون جيڪس آئون چاياس
ناحق نپاياس، مادر مون معذور کي.

(۱۱)

سوڍي سوا سرتيون، ڪاري پايان ڪاڪ
ساريندي سردر ۾ چڪي ٻيم چاڪ
خاب خوشي خوراڪ، ويو ويچاريءَ وسري.

---

(۱) اصل، اٿين (۲) اصل، اٿين (۳) اصل، پهلي نه ٿيان

(١٢)

سـودي سوا سـرتيون ڪاڪ ٿيم ڪـاري
آيـم ڏاڻي ڏول ري مـن ۾ مـونجهاري
لڳم ڪاني قرب جـي ڪڙه ۾ ڪاپاري(١)
زور ڪريان زاري، موٽ مران ٿـي مينڌرا.

(١٣)

مون جو ڏنو سرتيون، سـودي جو سينگار
سـوڍي سـڀ چمار، اورڻ اهو ڏي ٿيو.

(١٤)

ڪانءُ ڏسان ٿي ڪِتهين سوڍا تنهنجي سونڌ
ڦـوڙائي فـراق جـا دُکي پيم دونڌ
واليءَ لڳ وِرونڌ، ڪر وِلهيءَ سين وَٽها.

(١٥)

من مٿان مون نـه لهي، سندي سـودي سڪ
پهاري پريت جـي ڪا پاتو ويـو پڪ
ليو پـائي لِڪ، راڻـو رات رَمي ويـو.

(١٦)

راڻـو رات نـه آئيـو پينر پيچ پـنـي
مـاري ويـو مينڌرو ڳڻن سـاڻ ڳني
لڳو پاند پريت جـو چِڏيان تان نـه چني
ڦـوڙائي فـراق جـي سـورن سُٽ ڏنـي
ڊيسان ڊيس پني، پسان ڏاڻي ڏول ڪـي.

(١٧)

پسان ڏاڻـي ڏول ڪـي پينر پنيءَ رات
لائي ويو وجود ۾ ڪو جو ڪينر ڪات
سو ڏک پاپان ذات، جنهن سان ميلي مينڌرو.

---

(١) اصل: ڪڙ ميي ڪاپاري

## وائي

سڪندي ٽيهٽڙم سال، روئي وڃايم حال
سوڍا صاحب سپرين
١. توئي ٻاجهان جڳ ۾، جيئڻ منهنجو جنجال
سوڍا صاحب سپرين
٢. ڏي مٽيءَ کي ميندرا، واليءَ لڳ وصال
سوڍا صاحب سپرين
٣. اندر آڙه عشق جا، لايا تنهنجي جمال
سوڍا صاحب سپرين
٤. غلام محمد غم ۾، سگهڙي لهج سنڀال
سوڍا صاحب سپرين

---

## داستانو ستون

(١)

ڏکيا ڏاڻي ڏول، ڏيڏ سهڻي ڏٽ جا
لاٿائين لطف سين ٻولن مٿان ٻول
جي آيا آجهي اول، سي سوڍي سڀ سينگاريا.

(٢)

سوڍي جي سينگار، ڏٽ سهو ڏي ڏيکيو
مومل جي ماڙن ۾ طهورا جي ڏوار
پيئن پاڪيزا پاڻ ۾ راڻيون ۽ رهوار
عشرتي آثار، ويا ورچائين وسري.

(٣)

سوڍي جي سهاڳ، ڏٽ سهو ڏي ڏيکيو
ڏسي ڏاڻي ڏول کي مرڪن ماڙيون ماڳ
ٻولا ٻؤ اياڳ، ٽڪر تيلي ڇڏيا.

(۴)

مومل جي ماڙيءَ کي چوڌاري ڏريون ڏر
ڪوه چاٺان ڪهڙي وڃو سوڍو چام سڌر
سُورج تهين پٽر، جنهن پر پسين پرينءَ کي.

(۵)

مومل جي ماڙيءَ کي دريون دروازا
"فَاتَّبِعُوْنِي^ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ" آهنو آوازا
تيلاهون تازا، ڏٺم مُنهُ مَجازَ جا.

(٦)

مومل جي ماڙيءَ کي جوَاري^ جارا
پسن پاڙي واريون پيهون پسارا
ڏُونري ڏُوارا، ڍاٽي ڍڪي هليو.(۱)

(۷)

ساريندي سرير ۾ آيرڻو تارو
ڍاٽي ڍول نه آئيو، وَرُ ويچاريءَ وارو
ڪاڪ اندر ڪارو، لڳم ڏَنءَ ڏهاڳ جو.

(۸)

ڍاٽي ڍول مَ ڏي، ڏکيءَ ڏَنءَ ڏهاڳ جو
ڪر سهاڳڻ سپرين سوڍا چام سڌي
ڪو دم دوست ڳڌي، ويهه ته ولهي نه ٿيان.

(۹)

ڪالهون ڪالهه ويا، اڄ پڻ ڏينهن ويو
پوراڻو پريت جو ڏکهين ڪونه ڪيو
نڇاڻان ٿيو، ڪهڙو ٿيندو ڪاڪ ۾.

## وائي

سوڍا سڪ تي ماري، ساريون راتيون ساري
آءَ رَهَنَّ راٺا رات

---

(۱) اصل. ائين

۰۱ آءُ ورِي هيت وَلها ميان وو، واڳ وِلهيءَ تي واري
آءُ رَهڻ راٿا رات
۰۲ مڻه تنهنجو ميندرا ميان وو، ڏاتر مان ڏيکاري
آءُ رَهڻ راٿا رات
۰۳ محبت تنهنجي ميندرا ميان وو، جيءُ جڏو تي جياري
آءُ رَهڻ راٿا رات
۰۴ سکنديءَ کي سرتيون ميان وو، سوڊل مان سنپاري
آءُ رَهڻ راٿا رات
۰۵ مون کي ماتم ماريو ميان وو، کاري کاڪ ڪنواري
آءُ رَهڻ راٿا رات
۰۶ غلام محمد غم ۾ ميان وو، گولي ڪيئن گذاري
آءُ رَهڻ راٿا رات

---

## داستانو اڏون

(۱)

ڪڏهن ايندم وَلَهو موٽي مٿي ڪاڪ
مون مٿي ڪي ماريو پنهنجي نينه نفاق
چنا آسانگن جا سيڻي سنگ سرياڪ
تيلاهون تي طاق، پيس پاڻان پڌري.

(۲)

ڪڏهن ايندم وَلهو موٽي ڪاڪ مٿي
سوڍي ڪارڻ سرتيون ويٺيس سور سٽي
تانکون تان اٿي، ويئي وات نهاريان.

(۳)

ڪڏهن ايندم وَلهو ڪاڪ مٿي ڪاهي
هين ڏکوئي ڏيل جو آسانگو آهي

ڏيندم سُک سهاڳ جو سوڍل سانباهي
لحظي ۾ لاهي، ڏکيءَ ڏک ڏهاڳ جو.

(۴)

ڪڏهن ايندم وَلهو واڳ وري واري
جهين ڪارڻ ڪاڪ ۾ ساهُ سڪي ساري
ڍُران تان ته ڍول پسان ڏاتي جي ڏاري
مونکي تي ماري، ڏُوني ڏُوارَ ڏرَ جي.

(۵)

ڪڏهن ايندم وَلهو واڳون ورائي
سُونهه صلابت سُپرين سيني سيبائي
ڏُونئي ڏُوائي، ڏُوارن ڏُور ڪري.

(۶)

ڪرهُ ڪاهي ڪاڪ تي آءُ ڏاتي مهنجا ڍول
وَر ولهيءَ جا وَلها، راجا منجهه رَنول
هِي هُلاچا هول، لاهِ ته لُوني نه تيان.

(۷)

لاه ته لوني نه تيان، ڍولي جي ڍُلڪار
اڱڻ اُڪنديڻ جي واڳ ورائي وار
اوڳڻ عيب اپار، ميٽ مُٺيءَ جا ميندرا.

(۸)

سوڍا ڪيم سِڪاءِ، ڏيئي فلڪُ فراق جو
کوڙ قناتون ڪاڪ تي ڀِمر پلنگين پاءِ
لاڻ تنهنجي لاءِ، ويٺي وات نهاريان.

(۹)

سوڍا تنهنجي سِڪَ، مَن مٿان مون نه لهي
روڻي رَتُم رت سين چندن چولا چِڪَ
ساريندي سَرِير ۾ هڏ نه ڀڳي هِڪَ
طَهُورا جي ڌِڪ، تَسيان ئي تار وَهي.

## وائي

راڻي ڪي ڪا چئوندي، سوڍل ڪي ڪا چوندي
حال مهينجو جيڏيون
۱. موت مران ٿي ميندرا، محبت تنهنجي هيءَ بندي
حال مهينجو جيڏيون
۲. ڪانءَ ڏسان ٿي ڪتهين، سونهه تہ سوڍل سندي
حال مهينجو جيڏيون
۳. توڙي ٻاجهان جيءَ ۾، ڪاڪ قيامت ڪندي
حال مهينجو جيڏيون
۴. غلام محمد غم ۾ ساعت مئون نہ سرندي
حال مهينجو جيڏيون

—

# سُر ماروئي

## داستانُ ٻهريون

(١)

آڻيندي ٻيوم سؤنچو منجهه سرير
مٿيو ڀايان سومرا ساڙو ملڪ ملير
ٽَلاهون تقدير، آڻي وڌو ڪوٽ ۾.

(٢)

قضا آنديس ڪوٽ ۾، ڪٿي جي چاياس
پينگهي پهنوارن جي مادر نپاياس
آڻي اڙاياس، لکيي لوح قلم جي.

(٣)

قضا آنديس ڪوٽ ۾، ڪٿي جي چاڙي
ڪٿي عمر سومرو، ڪٿ ماروئڙا مائي(١)
آڻي اڙائي، قسمت قيدُ النماء جي.

(٤)

قضا آنديس ڪوٽ ۾، منهنجو ملڪ ملير
جتي سانگيڙن جو صاف رهي ٿو سير
ڪِليو پين پاڻ ۾ پاوَرَ جو پنير
مونکي عمر مير، موٽائي مُنج اوڏهين.

(٥)

مونکي ماروئڙن جي لُوءِ لُوءِ منجهه لغار
وسري ڪين وجود مان پنهوارن پچار
صاحب رب ستار، ٻيچ ڪڙولا قيد جا.

---

(١) اصل: ڪٿي عمر سومرا

(٦)

سُتي لَڌم سهڻو، جاءِ نہ جسو جيءُ
منهنجو مارُوئڙن ۾ ساهُ سُڪايو سيءُ
واڙا واڙيون ويءُ، وسن ويڙهيچن جا.

(٧)

ستي لڌم سهڻو ويا ليڪ لنگهي
آڏاٿي ڪنهن پار جي مارن پاس گَنڍي
نہ ڪنهن ٽوڪ ٽنڍي، اچي پيئي پڙ ۾.

(٨)

توکي عمر سومرا هي نہ مناسب هوءِ
حق پراڻو ڪوهہ تان ڪٿي آيون جوءِ
ڪونہ ڪندو پيو ڪوءِ، ايڏو ظلم ظالمي.

(٩)

مونکي لوئي لڄ جي ڏني اباڻن
سا ڪيئن ڇڏيان سومرا جا گڏي ساڻ گهڻن
باڦ پنڌڙ آن پار جا شُرُفت ساڻ آڻن
متان ساڱ سڻن، تہ ستي سترُ ڇڏيو.

(١٠)

مونکي لوئي لڄ جي اباڻي آهي
سا ڪيئن ڇڏيان سومرا متي تان لاهي
آڪنڊ ٿي ڪاهي، وري ويڙهيچن ڏي.

(١١)

ويڙهيچن سان ويرُ، تنهنجو ڇا ڪي سومرا
هو ويچارا ڀت پٿون پنيءَ مال متير
زوري ڪر مَ زير، ظالم مظلومن ڪي.

(١٢)

لوئي لڄ ڪري وڃان مانَ وري
محلن جي مَر ڏوئان سرتين ساڻ سَري
آهي ڳالهہ ڳري، جدا جاڻ جندڙي.

(۱۳)

عمر ماروئڙن کي ساريان سنجهہ صبوح
جدا جهانگيڙن کان راس نہ اچي روح
هينئڙي منجهہ فتوح، ڪَري قريبن ري.

(۱۴)

عمر ماروئڙن کي ساريان راتو ڏينهن
وڃنا موڪ ملير تي ميڙائي جا مينهن
لڄ شرم جو شينهن، مونکي مارڻ آئيو.

(۱۵)

جدا جهانگيڙن کان مونکي موت مرڪ
دليلن دَرڪ، آئي ڏنو ڏک جو.

## وائي

سومرا سائُون الا، مون مارن سان چونديو(۱)

۱. سگر سانگيڙن سان ڪاهڙ ۾ ڪائون الا
مون مارن سان چونديو
۲. لوئي لاکي لال ڪري مون ڏي مڪائون الا
مون مارن سان چونديو
۳. ڏوٿي پنهنجي ڏيهہ جو مونکي ڏنائون الا
مون مارن سان چونديو
۴. آنڪَرَ ڪنديس ڪينڪين پيهر ٻي آئون الا
مون مارن سان چونديو
۵. غلام محمد ماڙَ ۾، مونکي ساريائون الا
مون مارن سان چونديو

---

(۱) اصل. 'سومرا سائون لا' (اسان 'لا' بدران 'آلا' ڪري ڪيو آهي).

## داستانُ ٻِئو

(۱)

نڪو ڪُنُ فَيَڪُوُنُ هو، نڪا جوڙ جبار
هيڪڙائـي هيڪ هـو نڪا ٻـي پـچـار
تڏهانڪون اقـرار، منهنجو ماروئڙن سين.

(۲)

نڪو ڪُنُ فَيَڪُوُنُ هو، نڪا جوڙ جهان
هيڪڙائـي هيڪ هـو صـاحب رب سبحان
مـون تڏهانڪون مان، لـڏو ماروئڙن سين.

(۳)

نڪو ڪُنُ فَيَڪُوُنُ هو، نڪا هڪل هوء
نڪا جـوڙ جِهَتَ جي، نڪا رُوُيَتَ روء
منهنجو تـڏهانڪُوء، وچـن ويڙيچن سين.

(۴)

نڪو ڪُنُ فَيَڪُوُنُ هو، نڪو مُلڪ مِلَت
هيڪڙائـي هيڪ هئي واحد جـي وحدت
منهنجي تنهن مُدَت، سنگت سانگيڙن سين.

(۵)

نڪو ڪُنُ فَيَڪُوُنُ هو، نڪو دنيا دين
نڪو لـوح قلم هـو، نڪو عـرش زمين
مون تڏهانڪون مِيَنُ، پـاتو پهنوارن سين.(۱)

(٦)

نڪو ڪُنُ فَيَڪُوُنُ هو، نڪا ملڪيت مال
هيڪڙائـي هيڪ هـو، صـاحب ذوالجلال
مـون تڏهانڪون حال، ڏنو ڏوٿيڙن کـي.

(۷)

اَلَستُ آرواحـن کـي جڏهن چيو جن

---

(۱) اصل، اٿين

’قالوا بلىٰ‘ قلب مان ڪيڊي ڪيائون ڪن
مونکي محبت مــن، محڪم مــاروئڙن جي.

(۸)

’الستُ‘ ارواحن کي چيو ’ربُ‘ سبحان
’قالوا‘ ڪهي قلب سين آنـداڏـون ايمان
مون کي مسلمان، مــارو ڪيو مــام ۾.

(۹)

’الستُ‘ ارواحن کــي چيو رب ڪريم
’قالوا‘ ڪهي قلب ســان ٿيا ســـپ سليم
منهنجو حــال حليم، جدا جهانگيڙن کـــان.

(۱۰)

پکا پهنوارن جــا ســاوڪ ۾ ســونهن
مينهيون ماروئڙن جـــون چاهڪ گــاهه چرن
ذوق رسي روحن، پسي پٽ پهنواريون.

(۱۱)

پکا پکن ســامهان آئــي گــڏ اڏيــن
وڏيءَ ويلَ آســورُ جـــو آئــي ڏٽ گڏين
تــائين صبح ســومرا و يسندَ وار نــه ڏين
چني ساهه چڏين، منهنجو ســانگي سڪ سين.

(۱۲)

مــوٽــائي مُنج ســومرا مــونکي اوڏاهين
جيڏانهن ابــائــا ٿيا تــانگهيان تيڏاهين
قيدي ڪيڏاهين، وچـــي سڱهي ڪينڪين.

(۱۳)

مـــور نــه وٺــن سومرا تنهنجا ٿهريون طعام
منهنجو مَن مــانــام ۾ راتــو ڏينهن تمام
ڪاڏو لڳي ڪـــام، سُمهڻ ســاڙو سرَ جو.

(۱۴)

تنهنجي ليکي سنڌري هندورن آهي
کندي وڳا پٽ جا لوئي کي لاهي
سينو ڇا ساهي، مون سان وڙهندي ماروئي.

(۱۵)

عمر تنهنجا ماڙ، ملڪيت محلا ماڙيون
ڏيان ڌني کي گڏي، وڏي ٻاري آڳ
ڪنديس ڪونه سهاڳ، سوا سانگيءَ سومرا.

## وائي

ڪوٽ ۾ قابو قيد ڪيو، وري ويندس ڪيئن

۱. سونهن وڃايم سومرا، اڇي هاٿي هيئن
ڪوٽ ۾ قابو قيد ڪيو

۲. وڃي شال گذاريان، سنگت سانگين سيئن
ڪوٽ ۾ قابو قيد ڪيو

۳. ڏٿ ڏاڏاڻي ڏيهه جو، تنهنجو طعام نه تيئن
ڪوٽ ۾ قابو قيد ڪيو

۴. ڪينڌيس ڪاوڙ ۾ وڃي جوڙي جهانگين جيئن(۱)
ڪوٽ ۾ قابو قيد ڪيو

۵. غلام محمد ماڙ جي مران محبت مينهن
ڪوٽ ۾ قابو قيد ڪيو

---

## داستان ٽيون

(۱)

ڪوٽن ڪنباياس، مون اڳ نه ڏٺا ڪڏهن
پکن ري پينگهن ۾ روح نه اچي راس

---

(۱) اصل ۾ 'جوڙي' (ڙ جي هيٺان زير)

مونکي مارُوئڙن جي راتو ڏينهن اداس
لوه لڳا الماس، ڪيرا قابو قيد جا.

(۲)

ڪوٽن وهان ڪيئن، آهَ جا پُتهنور پٽ جي
مونکي مرڻ سيئن، اکنڊ اباڻي پار جي.

(۳)

پکن جي هيراڪ، سا ڪيئن وهي ڪوٽ ۾
اندر ڪيو چاڪ، جدا جهانگيڙن جي.

(۴)

سڀيو سانگيڙن سان منهنجو سنڱيءُ ساهه
پکن منجهه پساهه، جسو زنجيرن ۾.

(۵)

سڀيو سانگيڙن سان منهنجو سنڱي سڱ
وري وڃان اوڏهين آهيان جه جني مڱ
هٿين پيرين رڱ، مونکي مارُوئڙن جو.

(٦)

لوڪان لڄاياس، لقب لڳي سومرا
مادر مارُوئڙن ۾ ناحق نپاياس
هوند نه جي چاياس، مارو پيا نه مامري.

(۷)

ميرو منهن ٿيوم، مر مٿان مون نه لهي
سهٽو حسن سومرا، اڇي هٿ ويوم
لوحان هو لڪيوم، ڏڪو ڪارو ڪرم ۾.

(۸)

هاڻي ڪريان ڪيئن، ويو حسن سومرا
مونکي مرڻ سيئن، آيسا مهٽا منهه ۾.

(۹)

ٻن ڪٿون، ٻن ماڙيون، ٻن خوراڪون ڪاڄ
مارو ملڪ ملير جا عمر منهنجو راڄ

ڏُونرا پَسِي ڏيهہ جا، آڻي ڪيو ڪاڄ
لسوين لاکيون لاڄ، مرڪ مارُوئڙن جو.

(١٠)

عمر آڄ مَ مون، جا تو منڌي مَن ۾
مونکي مارُوئڙن ۾ مارُوءَ سين لائُون
توکي تيلاهُون، پساءُ ٻَرادر پساڻيان.

(١١)

لوڻي لڄاڻي، ڪيئن ڇتولا پاڻيان
سک نه سانگيڙن کي عمر مون چاڻي
مونکي نپاڻي، مارو پيا مامري.

(١٢)

هَتي هَتي هوند نه هوءِ، مونکي حسن سومرا
ڪنهن نه سڃاتو سونهن ري ڪهين ڪري ڪوهه
هاڻي ساريان سوءِ، وڻي قابو قيد ۾.

(١٣)

مونکي حسن سومرا آڻي قيد ڪيو
ظالم زنجيرن ۾ اڇي پير پيو
جيڪي هو لکيو، سو مون پارڻ آئيو.

(١٤)

مونکي حسن سومرا آڻي ڪيو قيد
جسو زنجيرن ۾ ڏکي مثل ٻيد
سورن سوگهو صيَّد، ٻڌي وڌو بند ۾.

## وائي

منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور
ڪٿي آيون ڪوه تان ڪري ڪهڙو ڪلُور(١)
١. ظالم تنهنجي ظلم جو ملڪن ۾ مذڪور
منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور

---

(١) اصل. ڪري ڪهڙو قُهور (ق تي پيش)

۲. ٽيندين ڏينهن قيام جي محشر ۾ معذور
منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور
۳. دفتر تنهنجي ظلم جو ظاهر ٿيندو ضرور
منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور
۴. غلام محمد محبت ۾، موت نه ماري مور
منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور

---

## داستانُ چوٿون

(۱)

اسين پنهورَ پَٽَ جا مور نه موچارا
ڪاڄ جني جو ڪنهيُون، سائون، سِيَارا
اهڙا جن پارا، سي ڪيئن ڇڏيِن سومرا.

(۲)

اسين سانگي سومرا سانگين ۾ سونهون
مور نه وڻن ماڙيون طَولاني ٽَوهون
ڀهون ويڙهيچن ۾ ڏُڪائي دونهون
ٿَلَر آنُوهون، آئي چاڙهيون چاهه مان.(۱)

(۳)

موٽائي مُنهِنج سومرا، ويچاري واري
ساريو سانگيڙن کي ويٺي جهر هاري
ماري مونجهاري، مارن بنا ماروئي.

(۴)

مونکي پنهوارن جو آيو هي پيغام
”وَلاَ تَجۡلِسۡ فِي القُصُوۡرِ“ ڪري ڪو آرام

---

(۱) اصل. ٿلر آلهون

”وَلا تَلْبِسْ لِباسَهُ عَليٰ جَسَدِهِ“ آهي عين حرام
”كُلُّ شَيءٍ يَرجِعُ إِليٰ أَصْلِهِ“ تانگهي تن تمام
ٻجهي قيد ڪمام، موٽائي منجهه ماروئي.

(٥)

ٻيچ ڪڙولا قيد جا، صاحب ربّ ڪريم
عمر ماري آهيان ڏيئي قيد قديم
ساعت ساهه سليم، مور نه ماروئڙن ري.

(٦)

ٻيچ ڪڙولا قيد جا، صاحب رب قدير
عاجز ڪيو جان ڪي زوار زنجير
فيراقن فقير، ڪيو منهنجو جندڙو.

(٧)

ويٺي سانگي ساريان، ڏاڏاڻا ڏيهي
جني ڏني روح ڪي راحت جي ريهي
قربن جمي [قرب جي] ڳالهه ڪريان ڪيهي
جيهي جي تيهي، ڪڏي نيندا قيد مان.

(٨)

[مور نه وسرن منهنجا] متن مٿان مارو
[چيلا] چيڙن چانگ ڪري ٻيڻ ٻهارو
سانگي سنپارو، اچي ٿيندم اوچتا.

(٩)

ويٺي ساريان سومرا، سانگي ماڻهو سي
جنب گذاريم جن سان، ويهي ورهه ڪي
مانَ موٽائي ني، قسمت مونکي ماروئين.

(١٠)

ويٺي ساريان سومرا سرتيون سيئي
ٻاپائي جون ٻينرون، قبيلا ڪيئي
سارندي سيئي، وجي ڏسان ڏيهه ۾.

(١١)

جدا جهانگيڙن کان ساعت پايان سال
ساري سانگيڙن کي روئي وڃايم حال
سائين لڳ سنڀال، سانگي لهندم سوگهه ۾.

## وائي

سدا سانگيڙن جي آهي اڪنڊ اکير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
١. وڃي ويڙيچن سان ڪيان ڪنڊون گڏ ڪير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
٢. سياڻو تي ميان سومرا، لاهه ظلم جا زنجير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
٣. قضا آنديس ڪوٽ ۾، منهنجو ملڪ ملير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
٤. ڪي بند ياني بند سان پنهنوارن جا پير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
٥. غلام محمد ساندي ڪي فراقن ڪيو فقير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير

—

## داستان پنجون

(١)

عمر شال ڏرين، آجي تيئي آجڙي(١)
ڪنگاليون ڪوٽن ۾ آئي قيد ڪرين
نتو ڏيان ڏرين، قادر رب قهار جو.

---

(١) اصل ’شال مرين‘. غالباً ڪاتب ائين لکيو. -غلام محمد
پنهنجي شاه عبداللطيف جي نقش قدم تي هلندڙ آهي.

(٢)

عمر ذرين شال، لهي لوڙو لوڪ تان
رهي اشرافن جو شرمناڪي حال
سيڪو خوش خيال، هجي پنهنجي ملڪ ۾.

(٣)

عمر تنهنجو ڪوٽ، وڃي پاڙان پٽجي
جهين جهانگيڙن ڪي ڏوڙي ڏني چوٽ
جنهن ۾ ڪيت ڪوٽ، ويندو سو ويران ٿي.

(٤)

وطن ڪيئن وساريان جو ڏاڏاڻو ڏيهه
ملي منهنجي روح ڪي ماروئڙن جي ريهه
سدا سانگيڙن جو خوش وسي ساڻيهه
اوڏو مور م ويهه، مونکي عمر سومرا.

(٥)

ڪڪر ڪيڙون ڪيڙون مٿي ملڪ ملير
پنهنوارن جي پار جي آيم هنيڙي هير
سياڻو ٿي ميچ سومرا، منهنجي منت ميرَ
جيڙي لاهه زنجيرَ، ته ملان ماروئڙن ڪي.

(٦)

ڪڪر ڪيرون ڪيون پنهنوارن جي پار
وُٺا مينهن ملير تي، ساوڻ ڪيا سينگار
سرها ٿيا سنگهار، وسڻ ساڻ سرير ۾.

(٧)

ڪير ڪيرون ڪيون، پنهنوارن جي پاس
وٺا مينهن اگوندرا چوطرفا چوراس
راتو ڏينهن اداس، مونکي ماروئڙن جي.

(٨)

وُٺا مينهن ملير تي، موڪ لڳيون موڪون

جوڙي ويٺا جُوءِ ۾ جهانگيڙا جهوڪون
تني جون نوڪون، لڳم نيڻهن نراليُون.

(٩)

اڄ پڻ پنهنوارن ڏي ڪڪر ڪهِرَ ڪري
هي ڪنگالي ڪوٽ ۾ تي ماڙين منجهه مري
سوڻائي مُنج سومرا، توکان سڀ سري
لوڏي لال ڪري، وري ويڙيچن وڃان.

(١٠)

سڪان ساريان سومرا، سرتيون سڀئي
ويٺي ڪانگ اُڏايان ڪالهاڪُون ڪيئي
سولي مون نيئي، پُورج پنهنوارن ۾.

(١١)

سڪان ساريان سومرا، ويڙيچا ويٺي
هي تا سورن سڪ جي چيٽاري چيٺي
مانَ ٿيئي ڏيٺي، سوڻي ماروئڙن سين.

## وائي

ساريو ويٺي آهه ساريان، عمر چام سو ڪيئن وساريان
ڏٽ ڏاڏاڻي ڏيهه جو
١. جدا جهانگيڙن کان، ڪيئن گهڙيون هت گهاريان
ڏٽ ڏاڏاڻي ڏيهه جو
٢. ڪري مهڙ ملير ڏي، رويو هنجهون ٿي هاريان
ڏٽ ڏاڏاڻي ڏيهه جو
٣. وَڃون واڙن ۾ وڃي ويڙيچن جون واريان
ڏٽ ڏاڏاڻي ڏيهه جو
٤. غلام محمد مارُ ڏي ڪٿيو نيڻ نهاريان
ڏٽ ڏاڏاڻي ڏيهه جو

—

## داستانُو ڇهون

(١)

اول آخر آهي، منهنجو منهن ملير ڏي
ڪوٽ ڪنباڙي آهيان، چائي هيڪ الله
سڱُ ڪهو ڏيانَ ساهه، پکي پنهوارن جي.

(٢)

اول آخر هوءِ، منهنجو منهن ملير ڏي
جدا جهانگيڙن ڪان ٿيس، جتر پيڙي جوءِ
سومرا سنڌوءِ، قرب ڪراهت پيائيان

(٣)

والي واري واڳ، تہ وڃان ويڙيچن ڏي
منهنجو ماروڙن ۾ لوڙي لاڪي لاڳ
پنن سو سک سهاڳ، سوا سانگيءَ سومرا.

(٤)

اڪنديو آهون ڪري منهنجو من مدام
”فَلاَ تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَان“ آيو
هي پيغام
ڪنديس ڪوه سلام، سوا سانگي سومرا.

(٥)

ڏوٿي ڏور ٿيام، ڪنهن سان ورهه ورونهيان
جدا جهانگيڙن ڪان قائم ٿي قيام
منهنجو من مدام، واڳيو ويڙيچن سين.

(٦)

آڪنديو ارواح، ساري سانگيڙن کي
سولي ميل صباح، مونکي ماروئڙن ۾.

(٧)

منهنجو من ملير ۾ واڳيو ويڙيچن
سيئي ويٺي ساريان جنب گذاريو جن
هميڙو لائي تن، آڪنديو آهون ڪري.

(٨)

ويٺي هٺان هاڻ، مٿي سٿر هٿڙا
گهٽو اکندي آهيان ويڙيچن جي ڪاڻ
عمر ڇام آماڻ، منهنجو مڙهه ملير ڏي.

(٩)

ويٺي هاڻ هٺان، مٿي سٿر هٿڙا
ساريو سانگهڙن کي ڳايو ڳڻ گهڻا
تيلاءِ سون ٽٺان، وري ويڙيچن ڏي.

(١٠)

ويٺي هٺان هاڻ، مٿي سٿر هٿڙا
لڳو ويڙيچن جهي وڇوڙي جو واءُ
ٿر تي ٿورو لاءِ، موٽائي مُنج مارئي.

(١١)

منهنجو مڙهه ملير ڏي موٽي مُنج ميان
وڃي ويڙيچن ۾ هيڪنڊ شال ٿيان
مَرُ تان ڪيڻ ڪيان، هڏا ڏوٿيڙن سين.

## واڳي

وڃي ويڙيچن ۾ هيڪاندي ٿيان جتي مارو تتي ميل ميان

١. ڏونرا ڏوٿيڙن سين، ڪانئڙ منجهه ڪيان
جتي مارو تتي ميل ميان

٢. ڪڏ بند ياٽي بند مان، هتان هاڻ هيٺان[8]
جتي مارو تتي ميل ميان

٣. پکي پنهنوارن جي، سرهو ساهه ڏيان
جتي مارو تتي ميل ميان

٤. وڃي ڪانئڙ ڪيت ۾، ڪولي ڪير پيان
جتي مارو تتي ميل ميان

٥. غلام محمد غم ۾، جڏي جيءُ جيان
جتي مارو تتي ميل ميان

## داستانُو ستُون

(١)

’حَمْدُ‘ جني جو هند ٿيو، ’آعُوذُ‘ نہ اوڏيون سي
تسبيحون تحليل جون مونوٽ پڙهن سي
قيد ڪشالا ڪي، ڪين ڪريءَ واريون.

(٢)

’حمد‘ جني جو هند ٿيو ’اعوذ‘ نہ اوڏيون هُون،
تقاضا تسليم جي ويڙيچا نہ ڇُون،
پاڻان پري پُون، پڪا پنهوارن جا.

(٣)

’حمد‘ جني جو هند ٿيو، ’اعوذ‘ اوڏو تن(١)
هو هندورا ماڙيون محل نہ ماڙيچن
مون ڪان ماروئڙن، پري پڪا ڪوڙيا.

(٤)

نڪي پڪا پٽ م، نڪو پٽ پنهوار
نڪو راڄا راڄ م، نڪو دَرُ دُوار
جهوپا جهري جهنگ ٿيا، نڪو ڳوٺ ڳنوار
مالڪ هٿ مهار، ونئي ويڙيچن جي.

(٥)

نڪو جهوپا جهنگ م، نڪو ڏي نيمُون
ڪاهي ڪنهين پار، ويا سما سميمُون
پاڻيءَ ري پيمُون، جهلُون جهانگيڙن جون.

(٦)

نڪي جهوپا جهنگ م، نڪو نيمُون ڏي
ويا ٻئي ڪنهن پار ڏي ڏوٿيڙا لڏي
منهنجي جيءَ جڏي، سهي سُک نہ ماڻيو.

---

(١) اصل، اڻين

(٧)

جهوپو جهانگيڙن حو ڪونہ ڏسان ڪوئي
ڪيم آهہ اللهہ کي روح اندر روئي
منهنجو آهوئي، وچن ويڙيچن سين.

(٨)

هيھات هيھات جي وائي پہم وات
ساري سٽيس پانهنجا سڱا سيڻ سہيات
آئي ڏکي ڏيل کي آڏر آڏي رات
پرهہ ڦٽي پرڀات، سو مون سمر سومرا.

(٩)

هيھات هيھات جي وائي وات پيام
ڏني ڏوٿيڙن کي گهٽا ڏينهن تمام
جدائي جهانگين جي منهنجي ڪاڻ قيام
مولي لاهہ ملام، تہ ملان ماروئڙن کي.

(١٠)

وَ اللهہ وڏيءَ وَسِ ويا جُوءِ چڏي جهانگي
لڳيي ڏوٿڙن کي آرئو اڙانگي
سانگ ڪري سانگي، مارو مور نہ موٽيا.

(١١)

وَ اللهہ وڏيءَ وس ويا، جهانگي چڏي جُوءِ
ويڙيچن وسايو وچي وطن هُوءِ
سانگيڙن جي سُوءِ، وَسئون ڏين وسارِيان.

(١٢)

وَ اللهہ وڏيءَ وس ويا، جهانگي جوءِ چڏي
پهتا پاوَر پار ۾ منجهان لوءِ لڏي
منهنجي جيءَ جڏي، سانگي پنهنجا ساريا.

(١٣)

وَ اللهہ وڏي وس ويا سانگي ڪري سانگ

منهنجي مارُوئڙن ڏي تن ۾ تازي تانگهه،
هيءَ جا ڇپي ڇانگ، موالي موٽي ميڙئين.

(١٤)

وَ اللهِ وڏيءَ وس ويا سانگي سانگ ڪري
وري ويڙهيچن جو وانگي ڪونه وري
محلن منجهه مري، مارن بنا مارُوئي.

## وائي

آلا نيڻندمِ وٺي وَرُ وار ي
آهه ويندس پنهوارن جي پکڙين

١. مارو ملڪ ملير جا، منهنجو ساهه سدا ٿو ساري
آهه ويندس پنهوارن جي پکڙين

٢. پاريان سي پنهوار سان قول ڪيم جي ڪواري
آهه ويندس پنهوارن جي پکڙين

٣. مهي مارُوئڙن سان مونکي پرور مانَ پياري
آهه ويندس پنهوارن جي پکڙين

٤. غلام محمد مارُوئي هت رويو هنجهون ٿي هاري
آهه ويندس پنهوارن جي پکڙين

---

## داستان ٽئون

(١)

والي واري وار، وري ويڙهيچن ڏي
وسئون ڪين وساريان پاڙيچا پنهوار
اندر اندوڪار، اٿم ٿاريلن جو.

(٢)

وسئون ڪين وساريان پنهنجا سيڻ سڱا

ونجهل ويـڙهيچن جي اتم تن تڳا
لوهان لوهه لڳا، جي مون لاهه لطف سين.

(٣)

وسئون ڪين وساريان، سانگي پنهنجا سيڻ
وٺن ويـڙهيچن جا ونگ ورنا ويڻ
ڪوهه ڪٿون ٻن ڪيڻ، مونکي مارُوئڙن ري.

(٤)

وسئون ڪين وساريان پاڙيچا پهنوار
ساريو سانگيڙن ڪي نيڻ وهايان نار
ڏاتر مون ڏيکار، جهوپا جهانگيڙن جا.

(٥)

جهنگ ۾ جهونا جهوپڙا، جهانگيڙا جوڙين
چهلا ڇهڪ ڇنن ۾ ڇڪيريون ڇوڙين
ويئيون ولوڙين، ٻلر ٻائي هٿڙا.(١)

(٦)

جهنگ ۾ جهنا جهوپڙا سندا جهانگيڙن
محل ماڙيون سومرا، مرڪ نه، مارُوئڙن
جدا تان نه جڙن، پکا پنهوارن جا.

(٧)

ڏڙ ڏڙ ڏي تنوار، جهنگ ۾ جهانگيڙن جي
ڏراڙن ڏٺ ڇوڙيا، آسر ويل سوار
پنهوارن پچار، من متان مون نه لهي.

(٨)

تڙ تڙ تنوارين، پهون پنهوارن جون
واري واڙن، ساهيون ويـڙهيچا وارين
مونکي تا مارين، سندا سانگين سڏڙا.

---

(١) اصل: ٻلڙ ٻائي هٿڙا

(۹)

وسري ڪين وجود مان وطن جو وصال
ونجهل ويڙيچن جي وڏو جيءَ جنجال
سندي ماڙ َ مقال، ڪيان ويٺي ڪن ِ سين.

(۱۰)

مونکي ماروئڙن سين موٽي ميڙ ِ ميان
وڃي ويڙيچن سين ڪِلي ڪير پيان
جنڌِي جيءَ جيان، ڏسي ڏوتيڙن کي.

(۱۱)

منهنجو من آمير، واڳيو ويڙيچن سين
هِي جي زيور زر جا پايان ٿي زنجير
طُول وِهاڻا تير، تنهنجا اُتم سومرا.

(۱۲)

منهنجو منَ ملول، سوا سانگين سومرا
ٽيرّانُ تکا پانئيان تنهنجا تڪيا طُول
بوي مانَ قبول، صدا منهنجي ساهُرِين.

(۱۳)

سانگي اُتم ساهُرا، سگهورا سيٺي
پرت جني جي پارَ جي ٻهرائين پيٺي
تني ۾ نيٺي، ڏيان ساهه سرير جو.

(۱۴)

سانگي اُتم ساهُرا سگهورا سردار
ٿاريلا ٿرڏٿي پاڳارا پنهنوار
وسري ڪين وجود مان سندي تن تنوار
پُڇي مانَ چمار، منهنجي ماروئڙن ۾.

(۱۵)

منهنجو مهن ملير ڏي، ٻيون ٻنِ ڏيان
وڃي ويڙيچن سين هيڪاندي ٿيان
جانڪيتانُ جيان، هجان جهانگيڙن ۾.

(١٦)

منهنجو مُنڌُ ملير ڏي سر ڏيان ٻيا ٻن
"حُبُ الوطن مِنَ الايمان" تڳان تاري تن
وڃي شال گذاريان ڀاسي پنهوارن
جي ۾ وڏا جن، نوان نيڙ نيهه جا.

(١٧)

منهنجو منڌ ملير ڏي، ڏيان ٻن ٻيا
سونکي پنهوارن سين پڪا پيچ پيا
تاريلا تيا، سانگي منهنجا ساهڙا.

## وائي

ويڙيچن سان ويهي، عمر چام! ڏوٿيڙن سان ويهي
ڳجهه ڳرهيند يس ڳالهيون

١. موٽي مارو ئڙن سلان جيهي آيس تيهي
ڳجهه ڳرهيند يس ڳالهيون

٢. جوڙي وهند يس جوءِ ۾ پنهوارن سان پيهي
ڳجهه ڳرهيند يس ڳالهيون

٣. کيڻنديس ڪاوڙ ۾ وڃي، ڏت ڏاڏائو ڏيهي
ڳجهه ڳرهيند يس ڳالهيون

٤. غلام محمد ماڙ جي، ڳالهه ڪريان آءٌ ڪيهي
ڳجهه ڳرهيند يس ڳالهيون

—

## داستانو نائون

(١)

'ڪنُفان' قولُ قوي، ڪيم قريبن سين
"مَنِ استَطاعَ عَلَيهِ سَبيلا" اها سونهن سوري
جنهي راج رُوي، تنهي رهسان راتڙي.

( ٢ )

'ڪنڌفان'٩٦ ٿول قـرار، ڪيم قريبن سين
مونکي مـاروئڙن جـو انـدر انـدوڪار
پـاڙيچا پنهنوار، وسـئون ڪين وسـاريان.

( ٣ )

'ڪنڌفان'٩٧ ڪيم قول، پنهنجا پنهنوارن سين
'اِنَّڪَ آخي وَ آنَا آخُتُڪ' ٻيچ سيئي ٻـول
'قُل مَتَاعُ الحياة الدنيا قيلاً' لاهه هٿلاچا هول
لوئي لال رتـول، ڪري ويـڙيچن وچـان.

( ٤ )

'ڪنڌفان' قول ڪيام، پنهنجا پنهنوارن سـان
جدائي جهانگين جـي منهنجي ڪـاڻ قيام
'وَ قِنَا عَذابَ هذالبَيُتِ' ٻني تـي پينام
'الجنسُ مَعَ الجِنْسِ' هـي هـنـدورا دام
تيلاهون تـمـام، وهيٺ مونکي وِهُه تـيـو.

( ٥ )

تَرهل تـي تنوار، سَيـُمِ سانگيڙَن جـي
روڻو تـي رت هاريان نيڻن منجهان نـار
صبح ويل سَوار، ٻسان پـاڙي واريـون.

( ٦ )

سـاريو سانگيڙَن کـي روئـان راتو ڏينهه
وِنا ملڪ ملير تـي ميڙائي جـا مينهه
نِيتِ نئون اٿم نِيهُه، من ۾ ماروئڙن جو.

( ٧ )

ٻَنِ آهِيري مـاڙيون، لـوه کنڌولا ڪٽ
سـانگي سمهن سک تـي پاسو ڏيئي پٽ
چَنا چاڙون چِٽ، عَطَرانِ٩٨ اُتم پـائيان.

( ٨ )

ٻـن اميري ماڙيون، ٻـن هندورا هـي

جـدا جهانگيڙن ري جـاء نـہ جسو جڙي
پنهوارن جـــا ٿـيءِ، پـکن ميڙ پکيڙيون.

(۹)

اڄ پڻ ملڪ ملير ڏي ڪڪر ڪـاري روءِ
وٺـي ويـڙهيچن تـــي بـوند بهاري بـوءِ
ڪنڌهن روبـرو، ٿيندي ـس ســانڍ سـرتين.

(۱۰)

اڄ پڻ ملڪ ملير تـي مـوڪ لڳيون موڪون
جـوڙي ويـا جـوءِ ۾ جهانگيـڙا جهوڪون
رقيبا روڪـون، ڪـر ۾ ڪاڙهيـورن ڪي.(۱)

(۱۱)

اڄ پڻ ملڪ ملير ڏي ڪڪر ڪيون ڪـيرون
مـهن مٿي آنـديون سـرليءَ ســان سـيرون
وٺيـون ويـڙهيچن تـــي مـــلاري ميـرون
پـوڄ پـڪا پيرون، پـاسـي پنهوارن جـي.

(۱۲)

عمر آڄ ۾ مـاڙيون، موٽي ڇنو ۾ ويهه
سـائـون سگر ســاوڙي، ڏت ڏاڏائو ڏيهه
سک وسـي ساٿيهه، سـدا سانگيـڙن جو.

## وائي

مـولي مونکي ميڙ، پنهوارن جـي پکڙين
۱. سـانگيـڙن سين سـومرا، جهلون پـاءِ ۾ جهيڙ
پنهوارن جي پکڙين
۲. وسـن ويـڙهيچن جـــا واڙا واڙيـون ويـڙ
پنهوارن جي پکڙين
۳. نيـٺي ڏوٿيڙن ســان منهنجو ســاه سلهيڙ
پنهوارن جي پکڙين

---

(۱) اصل: ائين

۴. منهنجا ملڪ ملير ۾ ڪاڪا ڪاڪيون ڪيڙ
پهنوارن جي پڪڙين
۵. غلام محمد مانَ ملان جتي چيلن چمڙ
پهنوارن جي پڪڙين

---

## داستانو ڏهون

(١)

ساهه سيباڻم سومرا، ڀِٽَن ڀَرِ ڀاٽا
وسن ويڙهيچن جا ٿرن ۾ ٿاڻا
وٺون ڪين وساريان ڏوٿي ڏاڏاڻا
پکا پراڻا، ماڙين سان نه مٽيان.

(٢)

ساهه سيباڻم سومرا پکا پنهوارن
ساوڪ پاسي ڪوڙيا سُرها سنگهارن
واري ولهارن، ولر واڙن واريا.

(٣)

ساهه سيباڻم سومرا، مارو ملڪ ملير
وٺي ويڙهيچن جي هنيڙي اندر هير
لهي ساهه سڌير، پاڙي پنهوارن جي.

(۴)

سڪان ماريان سومرا، ويڙهيچا وڻي
ڪڏهن تيندو ٿر ۾ ڏاڏاڻي ڏيڻي
پکن آئون پيڻي، وٺن مور نه ماڙيون.

(۵)

پن ڪنون، پن ماڙيون، پن هندورا هيءَ
منهنجو جسو جيءُ، واڳيو ويڙهيچن سان.

(٦)

ڪيئن پَنولا پائيان، عمر هت آئون
لڏيم مارو چام سان، لوڙيءَ ۾ لائون
ڀِيهَرَ ٻِي آئون، آنڪَرَ ڪنديس ڪينڪين.

(٧)

قضا آنديس ڪوٽ ۾، منهنجو ملڪ ملير
اُتم ٿاريلن جي اندر منجهه اکير
پاور جو پَنيرِ، پيان پنهنوارن سان.

(٨)

توبه تنهنجي ڪوٽ ڪان، توبه تنهنجو طعام
سوا سانگين سومرا، قائم ٿي قيام
مون تان لاهه سَلام، نه ملان ماڙيچن کي.

(٩)

توبه تنهنجي ڪوٽ ڪان، توبه تنهنجا هنڌ
هت قضا جي قيد ۾ ٿيس بنديائي بند
ڪيئن ڪٽنديس ڪنڌ، هُت ويهي ويڙيچن ۾.

(١٠)

طلہ يلس سومرا ماروئڙن جو ماڳ
مونکي عمرڪوٽ ۾ جدائي جو داڳ
جي لَوڙلاڪِي لاڳ، ملي نه ماڙَ ملان.

(١١)

طلہ يلس سومرا، ماروئڙا مائين،
ڏت ڏاڏائي ڏيهه جو آڻ ميو آئين
ويڙيچا وائين، جهلُن پاسي جهوپڙا.

(١٢)

طلہ يلس سومرا جهانگيڙن جي جوءِ
ڪوڙي پکا پٽ ۾ وِهَن روبروءِ
وطن جن جو هوءِ، سي سانگي سدا سنرا.

(۱۳)

طله پاس سومرا، سانگيڙن جو سانگ
اٿم تاريلن جي تن ۾ تاري تانگهه،
چوڙي چيلن چانگ، چنن پاسي چيڙ ڍنان.

(۱۴)

طله پاس سومرا تاريلن جو تر
جوڙي وهن جهوپڙا ڍٺلا پٽن پر
"تجري من تحتها الانهار" ترهل تازا تر
پاٺي پوچ آپر، پين طهورا جو.

(۱۵)

طله پاس سومرا ويڙيچن جي وس
سنجهي سانگيڙن جو جهونڊي جوءِ جرس
صحرا پاس سرس، ڏانديون ويڙيچن جون.

(۱۶)

طله پاس سومرا ويڙيچن جو وڙي
متوتان متي پسانئيان محلا ماڙيون هي
جتي جوکو جيءَ، تتان ڏوٿي ڏور ويا.

## وائي

مارن مان ڏي پيغام مٺا، کي جو کالهه آلو
سانگين مان ڏي سلام مٺا، کي جو کالهه آلو
۱. ساريان سانگيڙن جا ساٿون ساٿ سڪا
مارن مان ڏي پيغام مٺا
۲. وٿن ويڙيچن جا جهوپا جهنگ جهڪا
مارن مان ڏي پيغام مٺا
۳. کوءِ کتون، پن ماڙيون، طولون تيرَ تکا
مارن مان ڏي پيغام مٺا
۴. ڏيندم ڏوٿي ڏيهه، جل، طعنا ۽ تنڪا
مارن مان ڏي پيغام مٺا
۵. غلام محمد ماڙ ۾، پول نه ٻيي پلَ کا
مارن مان ڏي پيغام مٺا

## داستانُ يارهون

(١)

نڪي ڦڪا ڦٽَ ٿي، نڪا تتِر تنوار
ڪالهي ڪهين پار ويا ڦاڙيچا پنهوار
جهانگيڙن جهونگار، تي ڏوراهين ڏيهه ٿي.

(٢)

نڪي ڦڪا ڦٽ ٿي، وائي نه وانڪو
هن ڏوراهين ڏيهه ٿي سڱ نه سياڪو
ڪُڙم نڪو ڪاڪو، ڪنهسان وره ور ونڌهيان.

(٣)

نڪي ڦڪا ڦٽ ٿي، نڪا وائي واڪَ
مونکي ماروئڙن جي فنا ڪيو فراق
تازا ڇڪم چاڪَ، ونهين ويڙهچن جا.

(٤)

نڪي ڦڪا ڦٽ ٿي، واڪ نڪو وائي
وٺي ويا اڪري، جهانگيڙا جائي
تسيهي تِوائي، مال نه ماروئڙن جا.

(٥)

نڪي ڦڪا ڦٽ ٿي، نڪو ڦٽ ڦنهوار
نڪي واڙا واڙيون، نڪا تتر تنوار
ويچارا وَلهار، وٺي ويا اڪري.*

* هيٺ پنو خالي. اڳان ڪي وڏيڪ بيت هئا پر لکڻ کان رهجي ويا.

# سر ڏناسري

## داستانو ٻهريون

(۱)

اول نام الله جو نوروڏي نور
مولا مرسل موڪليو محمد مڙني مور
حسن مير حسين جو ملڪن ۾ مذڪور
نور اعلي نور، اعلي آل رسول جو.

(۲)

ميران محي الدين جو جلوو منجهه جهان
تابع تهين پير جا ملڪ جن انسان
هادي هدايت جو ڏئي، والي ملڪ منان
سيو ڏي سبحان، نالو تهين نر جو.

(۳)

ميران محي الدين تون بادل بغدادي
وسين سانوڻ مينهن جان هدايت هادي
وحدت جي وادي، واهين ويرانن ۾.

(۴)

ميران محي الدين جا عرشن اوتارا
مناقبا نوري جا چوڏس چوڏارا
نوري نظارا، پدر پارس پير جا.

(۵)

ميران محي الدين تون بادل بهاري
ڪا وڻ ساوا ڪرين چوڏس چوڌاري
تڪا ۾ تاري، تهدل تنهنجي توه جي.

(٦)

جوهر سڀ جهان جو جيلاني آهي
رسي عاصيئڙن کي، ڪتاحقون^ ڪاهي
ڇڏي نہ لاهي، پارس پاند پناه جو.

(٧)

پاڳارو ڪل پير جو جوهر جيلاني
جيڏس ڪونہ جهان ۾ لاشڪ لاثاني
آمن اماني، ملي محي‌الدين کي.

(٨)

جيڏس ڪونہ جهان ۾ ميڙنا مثاهون
مهندان بينا پير جي، پير هڏي پانهون
اجهو عاصيئڙن جو دڙو درگاهون
پارس پناهون، ڏي هيٺن مٿي هٿڙا.

(٩)

دلان دستگير جو جيڪو جهلي پاند
آسودو تي سو ڪري سون رپي سين راند
وڃان وسيلو واند، ويندو تنهن کي وسري.

(١٠)

دلان دستگير جو جيڪو پاند جهلي
ملڪن منجهہ ملهي، نالي تهين نرڙ جي.

(١١)

دامن دستگير جي وني جو جوڙي
مور نہ تنهن کان ليڪ سون پارس منه موڙي
ڇڏي نہ ڇوڙي، تنهن کي هٿان پاهنجي.

(١٢)

دامن دستگير جي نهدل وتو تور
تان نہ ڏسو ڪا ڪڏهين ذرو سختي سوز
ڪوڙين لک ڪروڙ، پلي سندي پال جا.

(۱۳)

دامن دستگير جي تهدل وني جو
مور نه ڏسندو ڪڏهن ڏينهن ڏکيو سو ڪو
ويندو تنهن کان وسري سيو سُور سيهو
نوريءَ نيه نيهو، تهدل هوندس تن ۾.

(۱۴)

ميان صاحب پير تون باطُوني بُرهان
توکي سمجهي مون ڏٺي سارو ٿي سبحان(۱)
آعليٰ الوهيت ۾ سفلي مُلڪ مڪان
شهُودي ۾ شان، تنهنجو مٿاهون ٿيو.

(۱۵)

ميان صاحب پير تون پارس پڳ ڏٺي
تنهنجي منهنجي من ۾ تهدل آه تٺي
پيهرن پاڪ پٺي، سُرمُو صورت جو ڪيان.

(۱٦)

ميان صاحب پير تون پارس پاڳارو
توکي ڪيو مون ڏٺي ڪل کان فرارو
عرش زمينين پدرو، ولايت وارو
نوري نظارو، توٺي سر سُبحان جو.

(۱۷)

ميان صاحب پير تون والي ولايت
حاصل ڪرين ڪل کي هادي هدايت
نوراني نگاه جي ناهي نهايت
ڪافي ڪفايت، ملي مريدن کي.

(۱۰)

ميان صاحب پير تون ولايت والي
تو ۾ سر سبحان جي خلوت خيالي
جلوو جوت جمال جو جوهر جلالي
ظلمت زَوالي، ويئي وجودان نڪري.

---

(۱) اصل. ائين

## وائي

توکي پرتا پاندي پنهنجا پير

۱. اڇن جيڪي آڪير ڪيو سيئي صاف فقير
توکي پرتا پاندي پنهنجا پير
۲. عيبن ڪان آجا ڪرين، ڏيئي ڪو اڪسير
توکي پرتا پاندي پنهنجا پير
۳. ظاهر باطن ۾ ٿيون هيٺن جو آڌيسر
توکي پرتا پاندي پنهنجا پير
۴. غلام محمد ڪي ڪيو تنهنجي ذوق ظهير
توکي پرتا پاندي پنهنجا پير

---

## داستانو ٻڌو

(۱)

پير تہ منهنجو بادشاه مرشد موچارو
ڪيو قادر ڪُل ڪان ڪامل قرارو
دانهہ ڏنيو دين جو فيض وڏي وارو
اندر اوجارو، صاحب صيقل سُونهہ جو.

(۲)

پير تہ منهنجو بادشاه جڙيو منجهہ جهان
آپين ٻُونيين پدرو صورت جو سلطان
نرمل نور نشان، ڪامل ڪرامت جو ڏٺي.

(۳)

پير تہ منهنجو بادشاه مرشد ماه مُنير
آجهو عاصيئڙن جو داڙو دستگير
ڪين ڇڏيندو ڪڏهين پارس پنهنجو پير
پوڄ پياري ڪير، طهورا جي ڏڪ مان.

(۴)

پير تـــہ منهنجو بادشاه آجهو عـــاصيئڙن
عيبن کـــان آجـــو ڪـــري حمايت هيٺن
جيڻاپـــو جيئڙن، جوهر جنگ جهان ۾.

(۵)

عـــاصي تنهنجي آسري، پارسُ منهنجا پير
تهدل تنهنجي هٿ ۾ مـــاکي کنڊ رون کير
ڪوثر جو اڪسير، تون پيارين پوڄ ڪري.

(٦)

آجهو اولـــو آســـرو ڪـــامل ڏينهن قيام
حامي محشر مـــاڳ ۾ ٿيندو مـــرد مدام
سيّد سندي سـام، جـــي آيا سي آگهيا.

(٧)

شامل شـــريعت سين ڪـــامل ڪـــرامت
تـــابع طـــريقت جـــو ســـونهون سلامت
معرفت جـــي ملڪ ۾ رکـــي مـــرامـت
مـهتندي امـــامت، حاڪـِي حقيقت جـــو.

(٨)

حاڪي حقيقت جـــو ڏٺي، ولايت والي
شـــريعت جـــي شـــان ۾ جلوي جمالي
ڪامل ڪمالـــي، رکـــي روحـــانيت ۾.

(٩)

حـــاڪي حقيقت جـــو مـــالڪ ملاقي
معرفـــت جـــي ملڪ ۾ يقينا يـــاقـــي
سقاين ساقي، رکـــي ڪـــاسو ڪوثري.

(١٠)

ڪوثر ڪـــاسو هٿ ۾ پـــوڄ پياري جام
ستر سي مرڪن منه کڻي جي آيا سيد سام
ڏوڙا ڏينه قيام، ڏيجَ ڏيـــاري ان کي.

(۱۱)

مرشد منهنجي دين جو پڌو دستارو
ڪامل ڪرسي جو ڏٺي سيّد سونهارو
سدا سوڀارو، دادلو درگاه جو.

(۱۲)

عيبن ڪان آجا ڪري ڪوڙين لک ڪروڙ
لاهي محتاجن تان سيّا سختي سوڙ
پڌي وهندو موڙ، مهندان محمد مير جي.

(۱۳)

عيبن ڪان آجا ڪري ڏوڙا ڏهاري
چاڙهي چوڏولن ۾ پارس پيناري
سدا سرداري، ملي منهنجي پير کي.

(۱۴)

پير تہ منهنجو بادشاه پارس پاڳارو
ياوَر يتيمن جو فيض وڏي وارو
دادلو درگاه ۾ ڪامل قرارو
صاحب جي سرڪار ۾ سدا سوڀارو
دائمَ دستارو، پڌري آيو دين جو.

## وائي

منهنجو ڪامل ڏينهن قيام
توتي ننگي ننگ آهي

١. مرڪائيج مريدن کي هلي محشر منجهہ امام
توتي ننگي ننگ آهي

٢. داڙو تي درگاه ۾ عاصين ڪارڻ عام
توتي ننگي ننگ آهي

٣. هجي شال وجود ۾ تنهنجي طلب تمام
توتي ننگي ننگ آهي

٤. غلام محمد کي ڪجو، نيئي پنهنجي در جو غلام
توتي ننگي ننگ آهي

# سُر شينهن ڪيڏارو

## داستان پهريون

(١)

ٻلا ٻيلائي، تو ٻهڪين ٻيلائن ۾
وڻين تو ورماسيو ماس مرون ڪائي
سڌ نه تو سا ٿي، جا ماري جي من ۾.

(٢)

ماري تنهنجي پٺ ۾، توکي سڌ نه سا
تون تو ڪارڻ قوت جي تڪين ويچارا
مارَن تي مارا، ڪوڙين ڪرين ڪيترا.

(٣)

ماري ڪارڻ مال جي چنبا رکين سخت
سدا توسين نه رهي هي بلندي بخت
اهو لحظو لخت، ويندو توکان وسري.

(٤)

جتي تنهنجي ٻاس، آتي چرَن ڪينڪي
وڃن انهين جوءِ ۾ جت نه پرو پاس
تتي ويچارن ۾ وجهين هول هراس
سا نه پڄي تو آس، جا منڊي تنهنجي من ۾.

(٥)

آتي چرَن ڪينڪي جتي تنهنجو مار
ويچارا ٻي جوءِ ۾ وڃي ڪن قرار
جت نه دڙڪو ديو جو، نڪو شينهن شڪار
تني سان تڪرار، ڪري ڪرين ڪيترا.

(٦)

تنهنجون ڪارڻ قوت جي ٻيلن ۾ ٻهڪون
وڻي واتون ٽو ورهين سڪائي سهڪون
رلائي رهڪون، چيئي ڇڏين ڇانگ جون.

(٧)

ظلم ظالم ٿو ڪرين، ويچارا مارِي
ڪري مارا ڪيترا ڊوڙي ڇڏين ڊاري
آخر ڪنهن واري، ويندون مرون مارجي.

(٨)

ڏيئي ٻوڙا منهن ۾ ڪري وهين لِڪَ
نڪا تنهنجي مال کي ٻوي ڪَن ڪِڙڪَ
هڻي ڇنبو اوچتو ڪري تِڪَ ٽِڙڪَ
هيبتناڪ هِرڪَ، تنهنجي ڏسن تڏهين.

(٩)

نايون نهنَ سنديون تنهنجون تکيون تيز
هارين ويچارن جون ريلا رتون ريز
ٽنبيلا تبريز، توني سِر سلطان جا(١٠)

(١٠)

ڪُڏي ڪيڏا ڪرين، مڇي مٿي وات
جايون تنهنجي لِڪ جون پيلاٽيون پيلاٽ
لڳي ڪانه لپاٽ، مرون توکي مڙس جي.

(١١)

ڪُڏي ڪيڏارا ڪرين، نڪو ڊرين ڊيان
مٿان ٻئيءَ مال جي ڪو هُجي نگهبان
ٿيندون نيٺ زيان، هٿان ڏارن جي.

(١٢)

ٻوڙيندو درياه، آخر تنهنجا ٽڪيا

---

(١) اصل ائين. غالباً وڌيڪ صحيح: ’تنهنجي سر سلطان جا‘

جا تو روڪيي مال جـــي ڏيٺي وراڪا راه
آجو ٿيندو جهنگ ســـو صحي منجهه صباح
ويندو تو وجـــود مان نڪري هـــي پساه
مرون تنهنجو مـــاه، ڪيندا ڪٿا ڪيت جـــاه.

(١٣)

ڀلاڻيون ڀـلا، تــو طفيلي ڇـــڏيـــا
وهـــايـــا تـــو رت جـــا رنـدن تـــي ريلا
ڪنهي جـــا ڪيلا، ايندا تـــوتـــي اوچتـــا.

(١٤)

ڀيلــي ۾ ڀـتهڪـار، تنهنجي ڀڄهي شينهڙا
ڪري ڪرين ڪيترا مـــال مٿي تون مار
توتي تيز تـــرار، ڀڳلي ٿـي ڀڳڪار جـــي.

(١٥)

ٽيـــغون ٽـــزابي ڪيـــون لاٿي لـٽهـــارن
ڀڳون تنهنجي مار جون شمـون شڪارين
شڪيلا ســـرواهـــيـــون، ڀـڏيـــون ڀـرارن
پيهلو ڀـلارن، ايندو تـــوتـــي ڀـل جـــو.

## وائي

مٿي مال يتيم، اي مرون مارا تو ڪرين

١. آهي ڪـٺلـِني ڪان قوي، صاحب رب ڪريم
اي مرون مارا تو ڪرين

٢. رهندو ڪونه ڪريم بنا قائم تي ڪو قديم
اي مرون مارا تو ڪرين

٣. رکي خوف خداء جـــو تي هـلامـي حليم
اي مرون مارا تو ڪرين

٤. غلام محمد مور نه هوندو توسان هي ملڪ مقيم
اي مرون تو مارا ڪرين

## داستانُ پنجو

(١)

مرون مارا تو ڪرين، منٿي مال متار
توکي سجهي ڪونه تو صاحب رب قهار
ايندو توتي وار، ويندون موڳا مارجي.

(٢)

تنهنجي ڪارڻ شينهڙا شاڪِل شڪاري
آهي توبچڻ ڪي تهدل تياري
لڳا تنهنجي پٺ ۾ چاڪاسُو چاري
مُنجهائي مارِي، پهري هٿنده پَن ۾.

(٣)

ڏند رتا تو رت سين، رتو تنهنجو وات(١)
ڪاٺيئا طُولان ۾ تِڪا تنهنجا ڪات
مِرون ڪرين ماٽ، ماري محتاجن ڪَي.

(٤)

مرون مرين شال، پڇي وڃي ڏند
رتا ويچارن جا تو راڻي منٿي رند
خالي ڪرين نه هنڌ، جتي رهن راڻڙي.

(٥)

مرون شال مرين، آجو تڻي جهنگڙو
آٺي ٻيلاڙِن ۾ ڍڳا ڍير ڪرين
نتو ڏيان ڏرين، ڏَڪيا ڏرارن جو.

(٦)

مرون مرين شال، لهي خوف خلل جو
وتين تو هن ماڳ ۾، پنهنجي خود خيال
ڪرين ٻيلاڙن ۾ مارو منٿي مال
توتي هي ٻنبال، پِيندو ڏينه قيام جهي.

---

( ) اصل، ڏند رتا

(۷)

بيلانيون ٻيلا، تو ڻهيلي ڇڏيا
وهايا تو وات سان رتن جا ريلا
صبح سويلا، ايندا توتي توبچي.

(۸)

آخر ويندؤن مارجي، مرون هتان تن
جي تو وڳ ڳنوائيا سندا ٻوارن(۱)
مور نه تن وسرن، ننڍا جن نپائيا.

(۹)

توکي آمَهَ موت جي مرون کنيو آه(۲)
ماري ڪارڻ مال جي وڏا ڏي تو لاه
لحظي منجهه پساه، ويندو تنهنجي نڪري.

(۱۰)

جاسُوسي چاڪاس، رکن تنهنجي پٺ ۾
تون وتين تو ويسلو ڇڏي هور هراس
ڪري ڪونه قياس، قابو ڪنده قيد ۾.

(۱۱)

تون تان شاڪل شينهن، ماري ڪارڻ مال جي
توکي شوق شڪار جو آهي راتو ڏينهن
مماتي جو مينه، ايندو توتي اوچتو.

(۱۲)

مرون ڪر مَ مار، ٻلا ٻيلاتن ۾
ڏاڍي ٻجهي سخت تي صاحب جي سرڪار
آئي وجهندا اوچتي ٻَري جي ٻلتار
ٻيلي جي ٻهڪار، ويندي توکي وسري.

---

(۱) اصل، ڳنوارن (۱) "آمَهَ" (اصل اڻين) شايد صحيح ته:
توکي آ مُنه موت جي (؟)

(۱۳)

تنهنجي ڪارڻ شينهڙا تا روهيءَ رُڪَ لڳن
تازي طنبيلن تا واڳن پاس وڳن
سي ڪيئن تـوڙ لڳن، جن پـرائو پيٽ ۾.

(۱۴)

ساري تنهنجي پٽ ۾ وَتي راتو ڏينهه
توکي شوق شڪار جي شاڪيل ڪيو شينهه
نگاوت جو نيهه، ويو وٽان تو وسري.

(۱۵)

شينهن نه شاڪل ٿي، ڏسي گهاٽي جهنگ کي
وڃي پيهلين پنل ڪري ويچارن جا وِڙي
پـري رائي رت جا ڪيم پيالا پي
آخـر حالت هي، ويندي توکان وسري.

(۱۶)

قائم رهندو ڪينڪي ڪتهين سان هي حال
چـڏي ويندو هرڪو خودي خوب خيال
صاحب ذوالجلال، حقيي رهندو هيڪڙو.

## وائي

ميرون مار مَ مال، ڏيان ڏريج ڏرارن جو
۱. متان پنهنجو پاڻ وجهين جڙي جيءَ جنجال
ڏيان ڏريج ڏرارن جو
۲. متو آهين مار ڪري رکي خام خيال
ڏيان ڏريج ڏرارن جو
۳. ويندو وسري تو وٽان، هي سڀ حرڪت حال
ڏيان ڏريج ڏرارن جو
۴. غلام محمد مال جي، لهندا سار سنڀال
ڏيان ڏريج ڏرارن جو

# سر بسنت

## داستانُ پهريون

(۱)

واهوندن وري، منهنجو جيءُ جياريو
آئي بوءِ بهار جي، ڪولي دوست دري
چکي ذوق ذري، برسي باغ بهارُنا.

(۲)

باغيچا باغ ٿيا، ڪيدي ڪؤنر ڪچا(۱)
مرڪي موريون مکريون ڦٽي ٻور ٻچا
صاحب رب سچا، ميلو ڪج محبوب سين.

(۳)

آئي بوءِ بهار جي لٿو خوف خزانَ
سڀيئي باغ بهارُنا وسي پيا ويران
مالڪ مهربان، ميليندو محبوب سين.

(۴)

ورنا واهوندا، ٿيو خيز خزانَ جو
باغائي باغن ۾ مرڪندا هوندا
لامن تي لڏندا، نوان نازڪ نڪريا.

(۵)

وڻي بوند بهار جي، چؤڏس چوڌاري
سڪا وڻ ساوا ٿيا ڪئي گلن گلذاري
هلي هڪاري، صرّيحان سرهاڻ جي.

---

(۱) اصل ۾ هت توڙي هيٺ 'ڪنور'

(٦)

ڪري ناز نوازڻا نرگس نور غزال
ڏسي سُنبلُ کي ٿيو زلفن ذوق زوال
چنبيلي جي چال، ڪوڻ سکيو ڪٿهين.

(٧)

عباسي باغن ۾ ٻهڻو چگيءَ جوڙ
ڪيڏيا سورج پاهنجا، موگهه مٿي موڙ
لٽوئنگهي لايا لوڙ، ڏسڻ ساڻ عجيب جي.

(٨)

آئي عجيبن جي موريا مخمومي
گلابي گلذار ٿيا، رتايا رُومي
ميلي مخدومي، مهندان مون پرين کي.

(٩)

نزاڪت نسرينَ جي نيلا نوازي
وجي وُجودان نڪري غمازي غازي
سيهلابي سازي، باد بهارئا باغ ۾.

(١٠)

لالائي لالان جي مفتونا موهي(١)
بلبلا باغن ۾ رنجايو روهي
ڪنيپ تني ڪوهي، جي رنگيلا رنگ جا.

(١١)

آرغواني عريان ٿيا نيا نسترن
حسن حبيبن جي ڪيڏايا سترن
پاڻَ پري ٻڌن، ٻڌي ٻيهر ين پرينءَ کي.

(١٢)

نيلافر نوازيو خبازي خندان
خيري خاوند خلقيو، روحاني ريحان
بهاريا بستان، لٿو خوف خزانَ جو.

---

(١) اصل. لعلائي لعلان جي

(۱۳)

نفشو نازڪ نگشو، ڪبوُدري پائي
لالائي گلنار جي نرما نمائي
والي وسائي، عالم ڪل آباد ڪيو.

(۱۴)

ڪلئا ڪيسو ڪينڪي ڪري گلذاري
گاوزباني ذوق ۾ رکي اظهاري
پارس پرواري، ڏني واهوندن کي.

## وائي

آئي بوء بسنت جي، آئي بوء بهار يار
ڪلئا گل گلاب جا چمن ۾ چوڌار يار

۱. نازبو نرگس نزاڪت سان ٿئا نسري نسنگ
جاء گل گئنئا گلابي، نيه ڪيا نروار يار—
آئي بوء بسنت جي

۲. نارَوَن نسرين ٻئي ٻانهون ٻڌي پيرين پيا
شاه کي صدقو ڪري تا سر ڏين سؤ وار يار—
آئي بوء بسنت جي

۳. ٿيا سمن سروي صنوبر نور نرمائي ڪري
پيش پرين جي پياسي گل چڏي گلنار يار—
آئي بوء بسنت جي

۴. قرب سان ڪيسو ڪڪوريا قيصري صورت ڏسي
محوَ ٿيا مصري مسافر ڪيترڪي تڪرار يار—
آئي بوء بسنت جي

۵. ڪر غلام محمد غلامي تي غلامن جو غلام
تان ڏسين سهڻو صحي سو حسن جو سردار يار—
آئي بوء بسنت جي

## داستانو ٻئو

(١)

گل ڦل سڀ ٻهاريا آئي عجيبن
ڪنڊهار ڪُلي ڦيا ڪئي گلڪاري گهڻن
ڪٿوري خشبوءِ ٿي ٻاري باغيچن
ڦاٿا پاڪ پريت جا چيرا لال چمن
مکريون موڙ ٻڌن، نوان نزاڪت جا.

(٢)

آئي مند بسنت جي ٽارن ٻڌا ٽئونڙ
موريا ڪچا ڪئونڙ، گلن جا گلذار ۾.

(٣)

آئي مند بسنت جي ٿيا باغ بهار
نوان نور نوازيا نوراني وَڻڪار
هر جاءِ ٿي هٻڪار، ڪٿوري خشبوءِ جي.

(٤)

آئي مند بسنت جي وَڙيا واهوندا
نوان نازڪ نڱيا لامن تي لُڏندا
هٿن ۾ هوندا، تازا گل گلاب جا.

(٥)

باغائي پهار ۾ ٽام وڻي ٽهڪن
بلبلا ٻاڦن ۾ ٻور ڏسي ٻهڪن
پيرڻو پوئڙ پيرن، گلن جي گلڪار تي.

(٦)

ڏسي چال چمن جي چٽون ٽواريون
ڪمريون ڪئنرن تي نرگس نهاريون
پوئڙا پواريون، ٻري باغيچن ۾.

(٧)

وري واهوندن، نوان باغ ٻهاريا

لٿو باغيچن تان خجلو خزانڻ
ٻوڙا ٻور ٻدنڻ، آئي عجيبن جي.

(۸)

آئي بوءِ بهار جي، لٿو خوف خزان
وٺا ميگهه ملهار ٿي بهاري باران
صاحب رب سبحان، سڪا وڻ ساوا ڪيا.

(۹)

لٿو خوف خزان جو، ٿي بهاري بارش
برپٽ سڀ بهاريا نوري نگارش
گلن گلذارش، رکي چال چمن ۾.

(۱۰)

چمن ۾ چؤڏار، گلن گلذاري ڪئي
عنبر بوءِ بهاريا باغيچا بلغار
صاحب رب ستار، ڏنا ويس وڻن کي.

(۱۱)

سڪا وڻ ساوا ٿيا ڪيدي ڪچا ڪوُنڙ
گلن جي گلڪاري ٿي پيرا پرن پؤنڙ
ٿهڪي بيٺا ٿؤنڙا، ليماڻي لامن تي.

(۱۲)

ڪلڙا گل گلاب جا، لامن ٻدا ٻور
بست باغيچن ۾ آئي نايو نور
ذوٽن جو مذڪور، ڪري ڪيان ڪيترو.

(۱۳)

باغيچا بهار ۾ ٿڻن بهاري بوءِ
ڪٿوري خشبوءِ جي هنڌين ماڳين هوءِ
واهوندي ويران جي واري رونق روءِ
راڻيون روبروءِ، حيرت ۾ حيران ٿيون.

(۱۴)

آئي بوءِ بهار جي، وڻن ڪيا ويس

ملئا ملاحت جا لامُن کي لبيس
سونهن سبز سرِيس، چوراسي چمن ۾.

(١٥)

بارش بهاري رُتَ جي وسايا ويران
ويو باغيچن مان کري خيز خزان
صاحب رب سبحان، برسي باغ بهارئا.

## وائي

مند مينهن جي آئي آهي، برسي باغ بهاريا باري

١. رتا لعل گلابي گنئتا، سونه صليب سوائي آهي
کئلئا گل کري گلذاري، مند مينهن جي آئي آهي

٢. چوڏس چارئي طرف چمن ۾ تازي تن تجلائي آهي
نوري نازڪ نرما ناري، مند مينهن جي آئي آهي

٣. عجيب جيها جلوا جوڙي، بره بات بنائي آهي
هٿهي هوش صحي سڌ ساري، مند مينهن جي آئي آهي

٤. غلام محمد غم سڀ ويڙا، وهم وات وڃائي آهي
رکي يار يقينا ياري، مند منيهن جي آئي آهي

—

# سر ڍول ماروئي

## داستانو پهريون

(۱)

هتر نهين، غم نهين، جس جا راجا ڍول
وِهو تَهين جي آسري ڀاڳيا ڀيچي ڀول
ٻڌي وڏو ٻول، سانوڻ ساڻ سڪار جا.

(۲)

ٿيندا سانوڻ سڪ جا، ويندا ڏک لهي
ڪوڙي پڪا پٽ ۾ وهو راڄ رهي
پِئو جام مَٿي، ويڇا ويهي ڍول جي.

(۳)

پڪا پڪن سامهان وهو ڳڌ آڏي
ماروئڙا ٻئي ملڪ ڏي وڃو ڪيم لڏي
ڍوليو ڌارن ڪي ڇنان ڪين ڇڏي
سانگي سڀ سڏي، ڏي دلاسا دادلو.

(۴)

سوڪ وسندا مينهڙا، ساوا ٿيندا گاه
ٿيندو ويچارن تي راضي پاڻ الله
ڏوڙا ڏينديون لاه، ڇاهڪ ڇڙي ڏٻريون.

(۵)

ڍول ڍلايون نه ڪري مٿي ماروئڙن
ٽڳن تنه جي ٽوه، سين مٿي ٽوڙ ٽڙن
سي وانجا ڪين وڃن، جي ڍريا ڍاري ڍول جي

(٦)

دادلو دربار جو، ڏي دلاسا در
وهو ويجها وٽ مون، پاڳيا وڃي پر
ڪپي ڪپڙن ڪيت جون جهوپو جوڙي گهر
ڪندو ڪيڙ ڪکر، ٽيندا سانوڻ سک جا.(١)

(٧)

مَرُ سا چائي ماروئي، جنهن سان ريڏو ڍول
سيٺي آسودا ٿيا پاڳيا پڇي پول
راجا منجهه رتول، ريجهي ويٺو راج سين.

(٨)

ڪري پنهنجو ڍول ڪي پاڳين پرڏو پاڳ
مَرڪي ويٺي ماروئي متي سک سهاڳ
ڪپجڻهو لڳي آڳ، سُورن جي سيراه ۾.(٢)

(٩)

راجا ريڏو راج سان، سانگي سيڻ ڪري
هيٺين مٿي هٿڙا پارس پاڻ ڌري
پيو ڪير ڪري، ايڏو ڪرم ڪريم ڏيي.

(١٠)

سانگي سنگيتا ٿيا ريجهي راجا ساڻ
ويٺا آجهي ڍول جي جوڙي پنهنجا پاڻ
تني ساڻ رهاڻ، سدا تنهن سردار جي.

(١١)

ڏي دلاسا دادلو ڏوڙا ڏينهاڻي
پوج پليندا تسيا پٽن تي پاڻي(٣)
لاهي لاڏاڻي، وهو منهنجي ملڪ ۾.

---

(١) اصل 'ڪيڙ' جي بدران 'ڪير' (ڪ جي هيٺان زير ي تي جزم ۽ 'ر' تي زبر) (٢) اصل. ائين (٣) اصل. 'پوج پٽيندا تسيا' (يا) 'پوج پيندا تسيا'

(١٢)

ڏي دلاسا دادلو ڏينهائي ڏوڙا
وسون ٿينديون ويس ۾ وهو تي سوڙا
سائون چرندا ساوَڙي گهوڙيون ۽ گهوڙا
لوڙيون ۽ لوڙا، ڏينديون گهاٽي گاهه ۾.

(١٣)

ٿيا سانوڻ سک جا لٿا ڏک ڏکار
راجا سندي راڄ ۾ سائين ڪيو سڪار
وٺا مينهن اگوندرا، گاهن ڪيا گلذار
صاحب رب ستار، سانگي آسودا ڪيا.

## وائي

راجا ڍول وو، راجا ڍول

لاهي هلاڪت هول وو، راجا ڍول

١. وهو سانگي سک تي، پاڳيا پيچي سپ پول
وو راجا ڍول

٢. جي نه آيا اول ۾، سي ته رليا رَڪَ رول
وو راجا ڍول

٣. غلام محمد ماروئڙن تان، لحظي لٿا ڏک ڏول
وو راجا ڍول

---

## داستانو ٻئو

(١)

محبت پيئي مَن، ڪا جاراڄهي ڍول ڪي
سڏي سانگيڙن ڪي معاف ڪيائين ڏن
وڌا پنهنجي مال ۾ ماروئڙا مرڪن
ڪلي ڪير پِيَن، نالي ٿهين نرجي.

(٢)

سڀي راجا ڏول کي سانگي سيباڻا
اڏي پنهنجي ملڪ ۾ ڏي ياڳين کي ياٺا
ملوکي ماٺا، مڃي ماروئڙن جا.

(٣)

ريجهي راجا ڏول سان تيي سانگياڻيي ست
هيري جهوارات جي چوڙي ڇڏي چر
سخاوت جي سير ۾ نڪا ڪمي ڪر
ياڳين پيرنا گهر، پاڻي مال عميق مان.

(٤)

ماڙيءَ ويٺي ماروئي ريجهي راجا ساڻ
لاهي لوئي لڄ جي، ڪري ويس وڏاڻ
"لاَ نُفَرِّقُ بَيۡنَهُ وَبَيۡنَكَ" راتو ڏينهن رهاڻ
پاڻهي پرين پاڻ، پاڪ پيالا پرت جا.

(٥)

نڪا ڪمي قرب جي، نڪا ڪمي پل
مشڪل ماروئڙن جا هلي ڪري حل
ڳهلا لائي ڳل، ڪوجها ڪري پاهنجا.

(٦)

مشڪل محتاجن جا هلي حل ڪري
هيئن متي هتڙا پارس پاڻ ڌري
هٿيي هيٺ تري، ڪيجهو ڳاري ڳجهه ۾.

(٧)

قرب قرابت ڏول جو، سار سيوڻي سڪ
"وَ نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ"
بکين لاهي بک
لتو ڏوٽڙن تان ڏوگاهي جو ڏک
جوڙي جاءِ آجڪ، سانگين ڪارڻ سچ ۾.

(٨)

قُرب قَرابت ڍول جــو سيوئي ســاريج
ڪتي چاوا ڪٽ جا، ڪٽ ڏياري ڏيج
وسي سانوڻ مينهن جان رڃ ر جائي ريج
سونهان چاڙهي سيج، آسونهن ڪــي آسرو.

(٩)

ڍوليو ڍڪي ڪل ڪـــي، ڏيئي ويس وڳا
ڪنجڪ ساڻ ڪريم جـــي وتن لوڪ لڳا
تاري توه تڳا، ويچارن ڪــــي وَسَ جي.

(١٠)

ڍوليو ڍڪي ڪل ڪــي، ڏيئي وڳا ويس
”مَن طَلَبَ شَيئًا و جَدَ وَجَدَ“، سوئي سٽ ڏيس
جيهو جتي ديـــس، تيهو تني تن ڪـــي.

## وائي

منهنجا عيب ڍڪيا سڀ ڍول، ڏيئي پاند پناه جو
١. انگ اگهاڙي آگلي، چــاڙهي متي چو ڏول
ڏيئي پاند پناه جو
٢. موتي محتاجن ڪــي چام پيري ڏي جهول
ڏيئي پاند پناه جو
٣. وڳـــا ويچارن ڪـــــي ڏيج ڏيـــاري رتول
ڏيئي پاند پناه جو
٤. غلام محمد ملڪ مــان ڏرت ويا ڏک ڏول
ڏيئي پاند پناه جو

—

# ضميمو

## ١. ڪافيون

### (١)

اڄان آدم هو نہ عدم
وو وو تڏهن عشق ھلئي مون پيڙو
١. ”ڪُنۡ فَيَڪُونُ“ نڪو هو پيدا، نڪو آدم هو هويدا
وو وو نڪو لوح قلم وو، قول تڏهاڪون مون ڪيڙو
اڄان آدم هو نہ عدم
٢. دم دم دل تي برھہ جون باهون، ڪجهي ويڙهون راحت راهون
وو وو ويو ھتان مون ڪم وو، هنيو هوتن هينيڙو
اڄان آدم هو نہ عدم
٣. دونهون دل تي درد دکايو، آلُون لونءِ لونءِ ۾ لالڻ لايو
وو وو جيءَ اندر جهـم جهـم وو، ناهي اَجهامڻ جهڙو
اڄان آدم هو نہ عدم
٤. غلام محمد محب حقاني، مليو جيءَ جو جانب جاني
وو وو قادر ڪيو ڪرم وو، غم هر سڀ ويڙو
اڄان آدم هو نہ عدم

### (٢)

نيڻين وهايان ٿي نيڻون نيڻون، پاڻي پلڻ نہ جهڙو
١. اڪڻ تون منهنجي آهہ پيارا، ڳالهيون ٻنهي ڪي ڪيون ڪيون
پاڻي پلڻ نہ جهڙو

٢. پرچ پيارل پاڇيمٽڙن سان، پيش اچي جهڪي پمون پيون
پاڻي پلڻ نه جهڙو
٣. ڳالهيون تنهنجون چوڻ نه جهڙيون، روح اندر ٿم رهيون رهيون
پاڻي پلڻ نه جهڙو
٤. غلام محمد ڳالهيون ڳڻ جون، اچي عجيبن چيون چيون
پاڻي پلڻ نه جهڙو

## (٣)

چـــوڙ دم بي پرواهي دا، مئن تــه غلام تساڏا
١. تون هئين صاحب رئيس اساڏا، ڪرڪو قياس سپاهي دا
وو مئن ته غلام تساڏا
٢. تون تان ماربن دم دم ميڪون، ڳهن ڪرڙيا سرواهي دا
وو مئن ته غلام تساڏا
٣. مئن تان گداگر در تيڏي دا، شان تيڏا هي شاهي دا
وو مئن ته غلام تساڏا
٤. غلام محمد ڪون وَل مِلسين، تيسيي لطف الاهي دا
وو مئن ته غلام تساڏا

## (٤)

نيه ڪيس نيشان، هينئڙو حيران ٿيو مــون
١. ”نَحنُ اَقرَب“ قرب جو اشارو فرمايو فرقان
جيئري جيدان ٿيو مون، نيه ڪيس نيشان
٢. محبت ڪارڻ تنهنجي سپرين جيءَ اندر جولان
جسو مستان ٿيو مون، نينه ڪيس نيشان
٣. اڳڻ منهنجي آءُ عجيب تان جان ڪيان قربان
مِلڻ جند جان ٿيو مون، نينه ڪيس نيشان
٤. غلام محمد چوي گوليءَ سان گذجي ڪيو گذران
سوين احسان ٿيو مون، نينه ڪيس نيشان

(٥)

مونکي محب مٺا ھڪ واري، آچي دوست ڏيو دلداري

١. جميعت ويئي جان ۾ مان ميان، آئي بيقراري
راتو ڏينهان روح ۾ آيو روئڻ زارو زاري
مونکي محب مٺا ھڪ واري

٢. رُس مَ رُسڻ گهوريو ميان، گهوري گهارن گهاري
پرچ پرين ڏس پاڻ ڏي، ھيءَ مائٽ تنهنجن ماري
مونکي محب مٺا ھڪ واري

٣. راحت ويئي روح مان ميان، هينئڙي همت هاري
سرهو ڪر سرير ۾، جيئن باغن ۾ گلزاري
مونکي محب مٺا ھڪ واري

٤. غلام محمد دوست لاءِ دل آسروند ويچاري
ميڙيندو محبوب سي مونکي، صاحب ربّ ستاري
مونکي محب مٺا ھڪ واري

(٦)

منهنجي عجيبن ساڻ، حاجت حجت ناهي

١. خواب خوراڪ خوشي ويئي جيڏيون
هينئڙو هيٺ ي هاڻ، هوتن جي هٿ آهي
منهنجي عجيبن ساڻ

٢. بيشڪ ٻڌ ۾ بنديءَ تي دلبر
پيرتئون پنهل پاڻ، ڪرهل ايندم ڪاهي
منهنجي عجيبن ساڻ

٣. ڪيچان قاصد آيو ڙي سرتيون
پيرين جي پرڀاڻ، غم وڏا سڀ لاهي
منهنجي عجيبن ساڻ

٤. غلام محمد پند پيادت
جيڏيون جانب ساڻ، چلڻ چپر ۾ چاهي
منهنجي عجيبن ساڻ

(٧)

آءُ دِلڙيون دلدار، درد ونديءَ جي ديري

١. روز اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۾ توسان، ڪيڙم قول قرار
قالوا بلىٰ هڪ پيري، آءُ دلڙيون دلدار

٢. ڪيچان ڪاهي لعل لڪن ۾، ورج ڪوهيارل يار
جوش پيا منجهه جيري، آءُ دلڙيون دلدار

٣. ڏاتر مانَ ڏيکاري ڏکيءَ کي دلبر جو ديدار
منجهه صبوح سويري، آءُ دلڙيون دلدار

٤. غلام محمد "مَنْ لَّهُ الْمَوْلىٰ فَلَهُ الْكُلُّ" شمار
پول پڃي چڙي پيري، آءُ دلڙيون دلدار

(٨)

اڇي ڏي ڪا ڪل ور، ڪانگل ڪويهارل جي

١. مونکي محبوبن جا پور پون پَل پَل وو
ڪانگل ڪويهارل جي

٢. فراقن جا جيڏيون سيني اندر سَل سَل وو
ڪانگل ڪويهارل جي

٣. جُدائيءَ جا جيءَ ۾ جوش پيا جَل جَل وو
ڪانگل ڪويهارل جي

٤. غلام محمد حب مان هوتن ڏي هَل هَل وو
ڪانگل ڪويهارل جي

(٩)

نَهيں نبھاؤ نال ڪَهيں دي
دنيا دا جنسار، وو ماهي يار

١. ڪِتْ ڪِسرىٰ ڪِتْ تخت سُليمان، ڪتْ حاتم طيءِ دار
وو ماهي يار

٢. ڪتْ دارا ڪتْ مُلڪ سڪندر، ڪتْ حاڪم سردار
وو ماهي يار

٣. ڪٿ شاهي فرمان فريدون، ڪٿ رستم دي تلوار
وو ماهي يار
٤. ڪٿ يوسف ڪٿ ذوق زليخا، ڪٿ مجنون منٺار
وو ماهي يار
٥. ڪٿ ليلان ڪٿ چاهہ چنيسر، ڪٿ ڪوُنرو ڪٿ هار
وو ماهي يار
٦. غلام محمد در واحد دي، ڪر توبه تڪرار
وو ماهي يار

(١٠)

وڃي تون مومل جو محل ماڻ، سچي صحبت ساڻ
محبت مان ميان مينڌرا
١. "قَالُوا بَلَىٰ" کي قلب مان منهنجا جاني، ڇيو آلستئون پاڻ
محبت مان ميان مينڌرا
٢. "وَفِي أَنْفُسِكُمْ" سڪي منهنجا جاني، سائين تون سڃاڻ
محبت مان ميان مينڌرا
٣. "فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ" منهنجا جاني، هي پرين پرياڻ
محبت مان ميان مينڌرا
٤. غلام محمد حب ري منهنجا جاني، مَ ڪرين چاڻج چاڻ
محبت مان ميان مينڌرا

(١١)

سڻ تون بندي دا سوال، ميثون خدا ميل ماهي
١. عرض بندي دا نه وي ميان، سڻ تون اهو ڏي نه وو
جيءُ جڙيا جهين نال، سو تون ملا يا الاهي
سڻ تون بندي دا سوال
٢. هر دوجهان وچ وي ميان، ماهي جو پاجهئون نه وو
مٺن تان نمائي دي نال، ڪير ڪري خيرخواهي
سڻ تون بندي دا سوال

٤. غلام محمد دل ديوانـي ، بنا جـانب جـاوِداني
پـر ۾ پيئي پـچـي پـچـي وو جـيـڏيـون
چير وجهي سا پلي نچي نچي

(١٨)

في الحقيقت تون منصوري ، متان تون منصور سڏائين
١. بولي لڱون ءِ لڱون ۾ آنالحق حي ، ناهي حاجت ما سبق جي
لا آحوصي سـچي سوري ، متان تون منصور سڏائين
٢. مرڪب محبت جهي راڪـب ٿيندا ، ويري وحدت ڏي آهي ويندا
ساهه سسي ڏيندا سي سوري ، متان تون منصور سڏائين
٣. "فثم وجه" جـهه ين وٽ آيو ، "فاذڪروني" تنهه فرمايو
حاضر حضرت ۾ سي حضوري ، متان تون منصور سڏائين
٤. "من عرف" جا جي عارف ٿيندا ، آنالحق جو سي سبق ڏيندا
ڪندا ڪثرت ۾ سي قصوري ، متان تون منصور سڏائين
٥. غلام محمد رمـز ربـانـي ، آهـي بيحد بي بياني
ظاهر بـاطن سـا ظهوري ، متان تـون منصور سڏائين

(١٩)

متن موهي مستان ، ديدن تنهنجن ڪيو ديـوان
١. زلف ظـالم مظلومـن ڪـي ، ڪرن پـريشان
ديدن تنهنجن ڪيو ديوان
٢. آنف پرون پئي باب بندي ءَ جي ، مثل ڪان ڪمان
ديدن تنهنجن ڪيو ديوان
٣. قـد قـداور سروڏون سهڻو ، رخ روشـن رخشان
ديدن تنهنجن ڪيو ديوان
٤. غلام محمد صفت سڄڻ جـي ، سـارو سرِ سبحان
ديدن تنهنجن ڪيو ديوان

(٢٠)

ٻول ڪانگا مٺي ٻولي، منهنجا جاني ڪڏهن ايندا

١. آءٌ انهن جي آهيان پلو ميان
الو ميان، چڏي ڏينديس سڀ سانگا
نمائي جي نال نيندا- ٻول ڪانگا مٺي ٻولي

٢. ڪاهي ايندا ڪيچ کان پلو ميان
الو ميان، لنگهي لڪيون لَڪ لانگها
مُلاقي مٺڙءِ سان ٿيندا- ٻول ڪانگا مٺي ٻولي

٣. آسر وندي آهيان، پلو ميان
الو ميان، مَٺائي انگ آڙانگا
نيٺي گوليءَ کي گڏيندا- ٻول ڪانگا مٺي ٻولي

٤. غلام محمد حب مان، پلو ميان
الو ميان، ڪيا جيڪي نيهُه نانگا
تنهن کي ڪين ڇڏيندا- ٻول ڪانگا مٺي ٻولي

(٢١)

خدا کي ياد ڪر بندا، ڇڏي دنيا سندا ڌندا

١. دنيا ڪم ڪينڪي ايندي، وڃان تو هِي وَهي ويندي
پشيماني اچي ٿيندي، ايندا ڪم پيش شرمندا
خدا کي ياد ڪر بندا

٢. آجل تان اوچتو ايندوءِ، وٺي هن ديس تان نيندوءِ
ادا ارمان پوءِ ٿيندوءِ، تہ هَي هَي حال مون سندا
خدا کي ياد ڪر بندا

٣. ڪٿي دارا سڪندر شاه، ڪٿي سلطان بيپرواهہ
ڪٿي موسيٰ سندي درگاه، لڏي ويا لوڪ هن هَنڌا
خدا کي ياد ڪر بندا

٤. غلام محمد ڏسو آڏا، ڪاڏي ويڙا آبا ڏاڏا
جتي جا ٿي گهڏيا گاڏا، ويا سڀ زاريون ڪندا
خدا کي ياد ڪر بندا

## (٢٢)

تنهنجي قدمن تان قربان وڃان

١. هي جند جاني جي ڪم لائين، تان چشمن تي فرمان مڃان
تنهنجي قدمن تان
٢. رکان ٿي سِرُ ساهُ سلامت، آهي ايءُ ارمان اڄان
تنهنجي قدمن تان
٣. لاهي لاڳاپا لوڪ ساري جا، پيرِ پيري پِرَ مانُ پڄان
تنهنجي قدمن تان
٤. غلام محمد ڇٿي محب منهنجا، لائي دروان اڄان
تنهنجي قدمن تان

## (٢٣)

تنهنجي چشمن ڇُوتَڪَ لائي يار

١. اکيون اگهين ڪيف ڪڪوريون، پيو ڪجل جي تجلائي يار
تنهنجي چشمن
٢. صورت تنهنجي سهڻا سائين، حور پَري شرمائي يار
تنهنجي چشمن
٣. "اَلاِنسانُ سِرّي آنا سِرّهُ"، رانول رمز رَلائي يار
تنهنجي چشمن
٤. غلام محمد دل ديواني، گهُورن تنهنجن گهائي يار
تنهنجي چشمن

## (٢٤)

تنهنجي نازن ناث نِوايا يار

١. عشق تنهنجي ۾ جيءَ جا جاني، جوڳن جيءَ جلايا يار
تنهنجي نازن ناث
٢. ڏهي سهڻي صورت تنهنجي، سامِن سور سمايا يار
تنهنجي نازن ناث

۲. در تنهنجي تي وردَ ويراڳين، ويهي ويراڳ وڃايا يار
تنهنجي نازن نات

۴. غلام محمد مرد مدامي، گهورن تنهنجن گهايا يار
تنهنجي نازن نات

(۲۵)

سوهيا موهيا من ميهار سهيان^
لئون لڳي هي لون^ لون^ دي وچ

۱. رات انڌاري زور ظلم دي، ڪڄي جهڙ وچ، ڳاج آجل دي
بجليان دا چمڪار سهيان، مل آيا ول مينه متي مچ
موهيا من ميهار سهيان

۲. ڏاڍي هيبتناڪ ندي دي، وهڪ نال ڪپر ڪون پڙندي
ڪرن ڪن ڪڙڪار سهيان، مرون مانگر مچ تهين وچ
موهيا من ميهار سهيان

۳. ڪٺ ماهي ڪٺ مال منجهين دا، نهين ويجها چيه ڪنڌي دا
رو وي زارو زار سهيان، ڳاري جهوري جان جگر ڪچ
موهيا من ميهار سهيان

۴. غلام محمد در واحد دي، راتو ڏينهان نال ادبان دي
ڪر توبه تڪرار، تان رسين تون سير سچي وچ
موهيا من ميهار سهيان

(۲٦)

سدا تو ساري الا، هيون هوت حبيب ڪي

۱. ڏک آلاپي ڏکيءَ ڪي، ڏونگر ڏيکاري الا
هنيون هوت حبيب ڪي

۲. رويو روهن وچ ۾، هنجهون هيءَ هاري الا
هنيون هوت حبيب ڪي

۳. ڏوريان ڏونگر جن لاءِ، سي ڏاتر ڏيکاري الا
هنيون هوت حبيب ڪي

۴. غلام محمد حب مان، قادر ڪم ڪاري الا
هنيون هوت حبيب ڪي

(٢٧)

ڏيج ڏکن جو ڏونگر، ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

١. ڏينه ٽٽو پنون ٽـــامڻي، پيو وٽر واٽون ور
ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

٢. آسُونهين کي سُڃ ۾، ورج ولهيءَ جا وَر
ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

٣. ڏسان شال اکين ســان، کيچ ڏٺي کنه پَر
ڏير ڏيئي ويڙ ڏورو ڏکيءَ کي

٤. غلام محمد غـم ۾ ســـور سُڃيءَ کـــي سمر
ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

(٢٨)

ووڙيندي‌س پنهنجو وَرُ ڙي پيـنر
ٿيندي‌س جــڳ ۾ جوڳياڻي

١. ڏسان شال اکين ســان، وڃي دوستن جو در
ڙي پينر

٢. آهيان هوت پنهل جــي، ناتُو چڙهي نوکر
ڙي پينر

٣. اندر باهه برهه جــي، ڪين آجهامي کنه پَر
ڙي پينر

٤. غـلام محمد مٺيءَ کـــي پهچائيندو پـــرور
ڙي پينر

(٢٩)

موٽي محب ملن، لاءِ جَن منهنجو جيءُ جڪي ٿو

١. مـَن ۾ مچ مجاز جـــا، پـــاريـا پـــاروچــن
لاءِ جن منهنجو جيءُ جکي ٿو

٢. ماري مـــون معذور کـــي، سهڻي سونهَ سندن
لاءِ جن منهنجو جيءُ جکي ٿو

٣. پيش هن ڀوريءَ جي، ڪهل ڀوي ڪا ڪيچين
لاهه جن منهنجو جيءَ جکي ٿو
٤. غلام محمد مُنڌ ڪي مٽن ۾ مڇ ٻرن
لاهه جن منهنجو جيءَ جکي ٿو

(٣٠)

وڻ گورن جو ڳَسُ،
سسئي رَسُ، سانگو سِرَ جو ڇڏي تون
١. ڏَسُ ڏنائون اوڏڙو، ڪاهي پرين ڪي پَسُ
سسئي رس، سانگو سر جو ڇڏي تون
٢. حيف تہ اهڙي ننڊر ڪي، جاڳايو نہ جَرَسُ
سسئي رس، سانگو سر جو ڇڏي تون
٣. وڃ مَ وساري و يسري، ور پنهنجو پنهنجي وَسُ
سسئي رس، سانگو سر جو ڇڏي تون
٤. غلام محمد غم ۾، سيرجن سُورَ سَرَسُ
سسئي رس، سانگو سر جو ڇڏي تون

(٣١)

پنهنجو ڪتن حي نا ڪتن،
تان پہ سندن آهيان گولن گولي
١. ڏيندا ٻُڪي ٻاجهہ جي، دارو دردوندن
تان پہ سندن آهيان گولن گولي
٢. اديون منهنجي درد جو، کهڙو بارُ بندن
تان پہ سندن آهيان گوان گولي
٣. مولي محب ميڙئين، دل گهريا گُهرندن
تان پہ سندن آهيان گولن گولي
٤. عاصي غلام محمد چوي، دوست ملي درماندن
تان پہ سندن آهيان گولن گولي

(٣٩)

مونکي ماڙين ۾ ٿيو ماتام، هيت نه اچي مون مَن آرام
ڏي موڪل ميان عمر، مونکي ماڙين ۾ ٿيو ماتام
• سياڻو ٿي ميان سومرا، تون لاهي بندي تان دام
ڏي موڪل ميان عمر
٢. مارُن جي ميان سومرا، مونکي تن ۾ طلب تمام
ڏي موڪل ميان عمر
٣. قيدن مؤن مسڪين کي، ڪر آجو عمر ڄام
ڏي موڪل ميان عمر
٤. غلام محمد ڪين مُڪا اِج، سرتين مان ڏي سلام
ڏي موڪل ميان عمر

(٤٠)

سانگياڻي جو سرور، هيڪر ڪر ميلو مارُوئڙن سان
١. ميڙ مون مسڪين کي ڏوٿيڙن سان ڏاتر
هيڪر ڪر ميلو مارُوئڙن سان
٢. سياڻو ٿي ميان سومرا، زور ڇڏي زوار
هيڪر ڪر ميلو مارُوئڙن سان
٣. ملان مان ملير ۾، وڇڙيچن کي ڪنه پر
هيڪر ڪر ميلو مارُوئڙن سان
٤. غلام محمد ميڙئين، پنهوارن سان پرور
هيڪر ڪر ميلو مارُوئڙن سان

(٤١)

آهيان هيت آءٌ ماندي، امُر قضا جي آندي
ڏي موڪل ميان عمر، آهيان هت آءٌ ماندي
١. عرض نه سڻ تون صاحب سائين لڳ سانئل جو
ڪڍ قيدن مؤن ميان عمر، ڪر عاجز کي آجو
فيراقن ڪؤن ڪنه پر نماهي دل مون واندي
ڏي موڪل ميان عمر

۲. مائٽ مڻيءَ جا ميان عمر، مارو ٿر ۾ ٿيا
ڪيئن ڪوٽن ۾ ڏڪان، سانگيڙن کان سوا
ساڙو سهڻي ڏيو سور مڻي ءِ سيراندي
ڏي موڪل ميان عمر

۳. ڪَنه حاڪم ڪونه ڪيو مسڪينن سان زورو
سچ چوان ٿي ميان عمر تو حاڪم ڪي پورو
زور ڪري زورآور، تو عورت ڪئي باندي
ڏي موڪل ميان عمر

۴. غلام محمد چئي اٿم اميدون اجان
هيڪر جيئري وري ويڙهيچن ڏي وڃان
سانگياڻي جا سانگي ڏيندا ٿر ۾ ڏاڍي
ڏي موڪل ميان عمر

(۱۴۳)

آءٌ ته پنهور پوچ پٽن جي
وو هت ڪيئن ڏڪان ڪوٽن ۾

۱. پَٽ پنهور پلڪ پنگهوڙا، سيئي سڙين جهالر جهوڙا
ووءِ ووءِ هيرڪ ناهيان ڪٽن جي، سونهان لوئي لٽن ۾
آءٌ ته پنهور پوچ پٽن جي

۲. نڪي ڏاريون ديگ ديگچا نڪي چوُنريون چاوَ مانچهچا
ووءِ ووءِ ورجس ناهي وٽن جي، پيون لپ لوٽن ۾
آءٌ ته پنهور پوچ پٽن جي

۳. عمر جي هت عود دُڪائين، پسند نا ٿم جيڪين ڪائين
ووءِ ووءِ پلي بوءِ پٽن جي، واري ويلوٽن ۾
آءٌ ته پنهور پوچ پٽن جي

۴. غلام محمد منڊ هت ماندي، قيد ڪري تو عورت آندي
ووءِ ووءِ گهيٽيوال گهٽن جي، جهوني ڪيه جهوڻن ۾
آءٌ ته پنهور پوچ پٽن جي

(۴۵)

خواب ڏٺم هڪ رات

ڏوٿيڙا وو، ملڪ ملير ۾ پهري پيڙا

۱. ساوا گاهه تيون گلزاريون بوند وٺي برسات
ڏوٿيڙا وو، ملڪ ملير ۾ پهري پيڙا

۲. هلو هلو آهي لوءِ وڃڻ جي، واٽي ويڙيچن وات
ڏوٿيڙا وو، ملڪ ملير ۾ پهري پيڙا

۳. ساهه سيباڻم جهوپا جهانگين، ٻن ماڙيون محلات
ڏوٿيڙا وو، ملڪ ملير ۾ پهري پيڙا

۴. غلام محمد ماروئڙن ۾، شال پُڄي هي حيات
ڏوٿيڙا وو، ملڪ ملير ۾ پهري پيڙا

(۴۶)

ساريو ساري ساهه، عمر ماروئڙا ساريو ساريان

۱. وڃي ويڙيچن ۾ ميان، نيٺي پڇايان پساهه
عمر ماروئڙا ساريو ساريان

۲. وٺا مينهن ملير تي ميان، موريا گسن تي گاهه
عمر ماروئڙا ساريو ساريان

۳. جدا جهانگيڙن کان ميان، پايان بنگلا باهه
عمر ماروئڙا ساريو ساريان

۴. غلام محمد ماروئڙن ۾، ميڙيندم سو الله
عمر ماروئڙا ساريو ساريان

(۴۷)

چام عمر تي ماري ماري

مونکي پرت پنهوارن جي پار جي ميان

۱. جدا جهانگيڙن کان ميان، ڪير گهڙيون هت گهاري گهاري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي

۲. قضا آنديس ڪوٽ ۾ ميان، لوح قلم جي لاري لاري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي

۳. مانَ ميڙاڊو مون تئي ميان، ويڙيچن ڏي واري واري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي
۴. غلام محمد ماروئڙن کي ميان، ساه سدا تو ساري ساري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي

(۴۸)

مَن ۾ آڪنڊ آڪير،
مونکي ماروئڙن جي ملڪ جي
۱. سياڻو تـــي ميان سومرا، لاهم ظالم جـا زنجير
مونکي ماروئڙن جي ملڪ جي
۲. قضا آنـديس ڪــوٽ ۾، منهنجو ملڪ ملير
مونکي ماروئڙن جي ملڪ جي
۳. ڪـاڍ بند يـاڻي بند مــان، پنهوارن جـا پير
مونکي ماروئڙن جي ملڪ جي
۴. غلام محمد مٺيءَ ڪـــي، فيراقـــن ڪيو فقير
مونکي ماروئڙن جي ملڪ جي

(۴۹)

چام عمر تو ماري،
مونکي قيد قوي، هن وو ڪوٽ جو
۱. موڙائي مَنج ماروئي، همت ويڙيچن ڏي واري
مونکي قيد قوي هن وو ڪوٽ جو
۲. پاريان سي پنهوار سان، قول ڪيم جي ڪرڏاري
مونکي قيد قوي هن وو ڪوٽ جو
۳. پٽ پهرينديس ڪينڪي، لڄ لوئي جي لچاري
مونکي قيد قوي هن وو ڪوٽ جو
۴. غلام محمد مـارن ڪي، وهـان ڏيئن وسـاري
مونکي قيد قوي هن وو ڪوٽ جو

(٥٠)

ماڻهي تنهنجي آهنن ماري، يار، توسان زوراور زاري

٠١ آيس تو در وو يار پيارا وو ميان
پائي ڳچي وو مواريان، پائي ڳچي ڳل ڳاري يار
توسان زوراور زاري

٠٢ اکڙيون اڙائي ني يار وو، دلڙي کسيويون وو ميان
دوست ڏيو وو مواريان، دوست ڏيو دلداري يار
توسان زوراور زاري

٠٣ باهه بره جي نه وو، لايا آلانبا وو ميان
تو جا تڪي وو مواريان، تو جا تڪي وري ٻاري يار
توسان زوراور زاري

٠٤ عاصي غلام محمد جو ني وو، عرض اهوئي وو ميان
يار رکو وو مواريان، يار رکو مون سان ياري يار
توسان زوراور زاري

(٥١)

جا ٿي کوڙي عشق قناتون، تاڻي ذات پڇي نه صفاتون

٠١ شاهه ڪري گهوڙن جا گاهي، گولن کي ڏي شرف شاهي
ووء ووء پاڻ ٿيئي اِثباتي، ڳم ٿئن مصلحاتون
جاٿي کوڙي عشق قناتون

٠٢ آري عشق جي جيڪو ايندو، هوش تهين کان ڇڏي ويندو
ووء ووء ٿيندو مثل مماتي، توڙي هجي افلاطون
جاٿي کوڙي عشق قناتون

٠٣ قوّة ناهي ڪنهه کي ڪائي، واري عشق اگيان جو وائي
ووء ووء دست ڌري جڏه ڪاتي، بند ڪري سڀ باتون
جاٿي کوڙي عشق قناتون

٠٤ غلام محمد عشق شڪاري، محبت تنهنجي پنيان ماري
ووء ووء هيبتناڪ حياتي، مزا ماڻ مماتون
جاٿي کوڙي عشق قناتون

۳. دمدم دل تي درد جون‌ادانهون، ڪنهڪي پڌايان هينئڙي جون آهون
نيڻين وهايان ٽـــي نـار، ڙي آهٔ جوش ۾ جـــيءَ جلايان
وو ڪيچ ڏٺي ڪان ڏار
۴. غلام‌محمد منڌ هت ماندي، ناهي ويچاري وڙهه ڪان واندي
واڳ ولهيءَ تـــي وار، ڙي آهٔ ڪـــوڙنين ڪانگ اڏايان
وو ڪيچ ڏٺي ڪان ڏار

(٥٥)

جيڻ جنجل جو تي جيان ڙي
جيڏيون! مونکي ماريو فيراقن
۱. هينئڙو هٿي نيٺي قيد ڪيائون، هاٿي ڪاڪيون ڪيڻ ڪيان ڙي
جيڏيون مونکي ماريو فيراقن
۲. هي سر صدقو يار سڄڻ تان، گهورون گهمائي نيٺي ڏيان ڙي
جيڏيون مونکي ماريو فيراقن
۳. دعا ڪيو اوهين سڀيون سرتيون، نيه نباهي شال نيان ڙي
جيڏيون مونکي ماريو فيراقن
۴. غلام‌محمد غـم و هـم جـــا، پُر پيالا تـــي پـيـان ڙي
جيڏيون مونکي ماريو فيراقن

(٥٦)

وسئون ڪين چڏيندا وساري، ايندا واڳ وري وَرُ واري
۱. راڻو ڏينهان يـــار سڄڻ ڪي، ساه سدا تـــو ساري
ايندا واڳ وري ور واري
۲. گـــولي نيٺي نـــال گـــڏيندا، ننگي ننگ نِهاري
ايندا واڳ وري ور واري
۳. محبت جـو ڪـو پِرت پيالو، مـــانُ پيارل پياري
ايندا واڳ وري ور واري
۴. غلام‌محمد محب تـــه منهنجو، جييءَ جڏا تو جياري
ايندا واڳ وري ور واري

(٥٧)

دوست بنان دم ڪوئي، هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان
١. هي جڳ جانب ڀاڄهئون جيڏيون، ساريان سئور سپوئي
هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان
٢. حال جو پائي ڪونه تي پايان، روح ريجهايان روئي
هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان
٣. ڪيئن پيئن سپ وسري ويڙا، تيڙم حال اهو ئي
هت ڪاڪرن ڪيئن گذاريان
٤. غلام محمد درماندي جي، دوست ڪندا دلجوئي
هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان

(٥٨)

دلبر جو ديدار لو، مور نه وسري
سڄڻ جو سينگار لو، مٺان مور نه وسري
١. او اندر آڳ عليل ڪي، لئونءِ لونءِ منجهه لغار لو
مونکي مور نه وسري
٢. او ميخون محبت سنديون، لايئون لوه لهار لو
مٺان مور نه وسري
٣. آءٌ ڪمان ويهي ڪن سان، گويائي گفتار لو
مونکي مور نه وسري
٤. غلام محمد غم ۾ ڪندو پال پتار لو
مٺان مور نه وسري

(٥٩)

ويڙا رات وري وو، جاڳان تان جت جيڏيون
١. اندر آڳ عميق جا، پيڙا مچ ٻري وو
جاڳان تان جت جيڏيون
٢. ڦوڙائي فراق جي، ڪولي دوست دري وو
جاڳان تان جت جيڏيون

۳. هاڻي هــن پنيور ۾ آهي ڳالهه ڳـري وو
جاڳان تان جت جيڏيون

۴. غلام محمد غـم ۾ ويندپس مـاڳ مـري وو
جاڳان تان جت جيڏيون

(٦٠)

منهنجي جيئي جڙي جند جان ڙي
آءُ وڃان وري آن ڏيه ڏي

۱. حب وطن جي ڪاڻ قريبن، فائق جو فرمان ڙي
آءُ وڃان وري آن ڏيه ڏي

۲. اصل هـيـڙيس عاق عقل جي، نينهن ڪيس نيشان ڙي
آءُ وڃان وري آن ڏيه ڏي

۳. ڏسڻ ساڻ سڄڻ تان صدقو، ساه سِـسي سامان ڙي
آءُ وڃان وري آن ڏيه ڏي

۴. غلام محمد غم محبن جي، من ڏٺم مستان ڙي
آءُ وڃان وري آن ڏيه ڏي

(٦١)

گوندر منجهه گولي الا، چڏي چوري چو ويا
۱. منهنجي محبوبن ســان ٻانهپ جـــي ٻولي الا
چڏي چوري چو ويا

۲. ڏني مـــادر مٽيءَ ڪـــي اڪن جـــي لـولي الا
چڏي چوري چو ويا

۳. راتو ڏينهان روح ۾، هـئي هـئي جي هولي الا
چڏي چوري چو الا

۴. غلام محمد منڌ ڪـــي، ڇيهاڙيـون چولي الا
چڏي چوري چو ويا

(٦٢)

تيڏي چلڻ دي چال، ميڏا من موهيا

١. مٺڙه مليح لٽبين ڪُون لائي، جوبن جوت جمال
ميڏا من موهيا

٢. زيور زردي مور نه سُهندي، سهڻي حسن دي مال
ميڏا من موهيا

٣. عجب جيهي بي پرواهي، نڪا قيل مقال
ميڏا من موهيا

٤. غلام محمد دردوندي ڪُون، ڪيتا قرب ڪنگال
ميڏا من موهيا

(٦٣)

ڪونهي ڏکيءَ جو ڪو حال، آءُ لهه ساجن سارسنڀال

١. حال جو پاڻي ڪونه ٿي پايان، ڪنه سان ڪيان هي مقال
آءُ لهه ساجن سارسنڀال

٢. اندر اداسي تو لاءِ آهي، محب ميٺا متوال
آءُ لهه ساجن سارسنڀال

٣. توڻي پاڇهؤن جيءَ جا جاني، جيئڻ منهنجو جنجال
آءُ لهه ساجن سارسنڀال

٤. غلام محمد مٺيءَ کي ماري، ڪيٺڙو قرب ڪنگال
آءُ لهه ساجن سارسنڀال

(٦٤)

نيهه ديوانڻ مون سان لايو آه
تيون شاديون لک شڪرانا

١. اڱڻ آسروند جي سرتيون، پرينءَ پر گهمايو آه
تيون شاديون لک شڪرانا

٢. مليو محب لٽي مانڊائي، والي وهم وڃايو آه
تيون شاديون لک شڪرانا

۳. ويهي وٺ مون "آسرِيتَسرا"، سهڻي سير سمجهايو آه
ٿيون شاديون لک شڪرانا
۴. غلام محمد غم سڀ ويڙا، مولهي محب ملايو آه
ٿيون شاديون لک شڪرانا

(۶۵)

سڻ ماهي ميڏيان مقالڙيان
مقالڙيان ڪي ڏون وو ڳالهڙيان
۱. عشق تيڏي ديان سيني دي وچ، نوڪان لڳيان ڪي نرالڙيان
سڻ ماهي ميڏيان مقالڙيان
۲. ڏي دلاسا دوست تيني ڪون، قرب ڪيتيان جي ڪنگالڙيان
سڻ ماهي ميڏيان مقالڙيان
۳. تيڏي ڪيتي سهڻا سائين، سنجهه صبوح سوالڙيان
سڻ ماهي ميڏيان مقالڙيان
۴. غلام محمد درماندي ديان، دست تيڏي تہ دوالڙيان
سڻ ماهي ميڏيان مقالڙيان

(۶۶)

نينه لايون نيون نوڪون، وو جيءَ منهنجي منجهه جاڏي
۱. دوست مليو سون نيوو، سانوڻ تيڙا وو ميان
محبت جون لڳيون موڪون، وو جيءَ منهنجي منهه جائي*

## (۶۷) سر سارنگ

سُونه پريو سردار، پينر پلين آيو
ڏيهن جو ڏاتار، آديون پلين آيو
۱. سُرهو سنگ ٿيم سڄڻ سان، واسيا سڀ وڻڪار
پينر پلين آيو

---

* هن بعد صفحو خالي ڇڏيل آهي، يعني تہ ڪاتب ڪي ڪافي جون باقي مصراعون لکيون هيون.

۲. ٻَرين ٻَحرين شاديون ٽِيَڙيون، چوڏس تي چوڌار
پينر پلين آيو
۳. طرحين طرحين ترهل ٽِينڙا، برسي بوند بهار
پينر پلين آيو
۴. غلام محمد غـــم سڀ ويـڙا، محب مليو منٺار
پينر پلين آيو

(٦٨)

منهنجا مارو منجهه ملير عمر
آهِ ڪيئن هت گذاريان
۱. موٽائي مُنجِ مــاڙ ڏي، لوها لاهه زنجير عمر
آهِ ڪيئن هت گذاريان
۲. پيان پنهوارن سان وڃي، ڪاوُڙ ڪلي ڪير عمر
آهِ ڪيئن هت گذاريان
۳. جدا جهانگيڙن ڪـــان سيني انـدر سِير عمر
آهِ ڪيئن هت گذاريان
۴. غلام محمد غم ۾ ويئي، نئيون نايان ذير عمر
آهِ ڪيئن هت گذاريان

(٦٩)

منهنجو مارن سين ميلو، مولي ڪندو ڪڏهن
۱. والـــي ويڙيچن ڏي، اتـــم روح سندو ريلو
مولي ڪندو ڪڏهن
۲. وارث ڪنديس وطني، وڃي ٿـــر ۾ ٿـــاريلو
مولي ڪندو ڪڏهن
۳. ڏکيو ڏيل ڏکيءَ جـــو، ڪيو ڏکن ڏهيلو
مولي ڪندو ڪڏهن
۴. غلام محمد غـــم ۾ ڏســـان سڄڻ سَوِيلو
مولي ڪندو ڪڏهن

(٧٠)

گولين جي آهيان گولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي
١. ڪاڻ ڪوهياري ني وو ميان، پنڌ پيادي پلو الو
ڏونگر پايان ڏولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي
٢. راتو ڏينهان ني وو ميان، جيءَ جسي ۾ پلو الو
هوت پنهون سندي هولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي
٣. طعنا تنڪا ني وو ميان، لوڪ ساري جا پلو الو
سي ته جهليندياس جهولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي
٤. عاصي غلام محمد چئي، محب پياري سندي پلو الو
نوڪر آهيان نرولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي

(٧١)

مٺيءَ ڪي ٽيون مارين محب ميارون
تنهنجي ملڻ جون، هينئڙي ۾ آرون
١. ڪنهن ڪي ٻڌايان دانهن درد جي
قرب ڪيون ڪيڏيون ڪٺل سان ڪارون
مٺيءَ ڪي ٽيون مارين محب ميارون
٢. حال جو پائي ڪونه ٿي پايان
ڪنهن سان ڪيان ولهي پرت پچارون
مٺيءَ ڪي ٽيون مارين محب ميارون
٣. آهه ٿي گذاريان پوري پنيوريسن
ڪرها ڪري ويا ڪيچ قطارون
مٺيءَ ڪي ٽيون مارين محب ميارون
٤. غرض غلام محمد جو آهي اهو ٿي
ڏي ڪو ڏکيءَ ڪي درد جو دارون
مٺيءَ ڪي ٽيون مارين محب ميارون

(٧٢)

ڪڇهيون جي ڳالهيون ڪنهن ڪي ٻڌايان
ڪونه ڏسان ٿي حال جو پائي

## (۷۴) ڇيڙ

پاروچن ڏون ڏار، ڏکيا ڏينه گذاريان
۱. ڏسان شال اکين سان سونهن پريو سردار
ڏکيا ڏينه گذاريان
۲. ڏوري ڏسنديس ڏونگرين، ڪيچ ڏٺي ڪوهيار
ڏکيا ڏينه گذاريان
۳. ويهي ڪيئن وساريان، جانب جي جيار
ڏکيا ڏينه گذاريان
۴. غلام محمد غم ۾، پيو ڙيج پتار
ڏکيا ڏينه گذاريان

## (۷۵)

وڙينديس وٺڪار، جتن ڪارڻ جيڏيون
۱. اٿم هوت پنهل جو، اندر انڊوڪار
وڙينديس وٺڪار
۲. هلي هوت پنهل جا پنڌ پڇايان پار
وڙينديس وٺڪار
۳. ماري مون معذور کي ڏونگر جو ڏهڪار
وڙينديس وٺڪار
۴. غلام محمد هوت لئي روئان زارو زار
وڙينديس وٺڪار

## (۷۶)

موٽ مران ماندي وو، ڇپر ڇيهو نه ڪري
۱. پينر هن پنهور ۾ ابرادي آندي وو
ڇپر ڇيهو نه ڪري
۲. ڪاهي تيندم ڪارٺي، ڪيچ ڏٺي ڪانڌي وو
ڇپر ڇيهو نه ڪري

٣. جوڙي ڏني جيءَ کي، سڀ ورن سيراندي وو
چپر اِچيهو نہ کري
٤. غلام محمد غم ۾، دم نہ دل واندي وو
چپر چيهو نہ کري

(٧٧)

کنہ نون مٿن آکان حال ماہوڙي، مٿن کنہ کون آکان
کنہ کون آکان، کنہ نون مٿن آکان
کنہ نون آکان حال سهيوڙي، مٿن کنہ کون آکان
١. حسن رانجهن دي دري نهين نهايت، عرب عجم دا جمال
کنہ نون مٿن آکان حال مايوڙي
٢. کِجهڙيان رمزان رانجهن لايان، پيم جيءَ جنجال
کنہ نون مٿن آکان حال مايوڙي
٣. کٿ چماڻ منڍا کٿ گذران، کتان جهنگ سيال
کنہ نون مٿن آکان حال مايوڙي
٤. غلام محمد مٿن ساندي دري، لهسي سڄڻ سنيال
کنہ نون مٿن آکان حال مايوڙي

# مولود

## (۱)

مولو ميلائي، آلا مالڪ ميلائي
مونکي مير محمد مدني شل مولو ميلائي
۰۱ ڪيائين دين قوي، الا اسلام قوي، ٿيو قوم ڪفر تي آشدّ ني
شل مولو ميلائي
۰۲ نظر ساڻ ڪري، الا نظر ساڻ ڪري، الا دوزخ تاب سرد ني
شل مولو ميلائي
۰۳ 'لا' ڪلمي جي ساڻ، 'لا' ڪلمي جي ساڻ، ڪيائين لات غزيٰ پئي رد ني
شل مولو ميلائي
۰۴ عاصي عرض ڪري، الا عاصي عرض ڪري، آلا غرضئون غلام محمد ني
شل مولو ميلائي

## (۲)

سهڻو چڙهيو سفر تي وو نيزو ڪڻي نيشان لو
ٿيو سوار سَقبَ تي وو ساراهيو سبحان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو
۰۱ مترڪَ تہ محمد مير جو وو وڏي شاهي شان لو
آهي سَينان^ سهڻو وو صورت جو سلطان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو
۰۲ ظاهر باطن ۾ ٿيو وو ضعيفن جو ضمان لو
ڪين ڇڏيندو ڪڏهن وو آڙيا منجھہ عِصيان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو
۰۳ عاصي غلام محمد ڪي وو ڏيارينڊو ڏان لو
بخشيندو بدڪار ڪي وو دانہ دين ايمان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# لولي (ٽيه اکري)

الف عاليَن کي ڏني اِخمر خماري
سِرڪي سِري صرافَ جي جني ٻيٽي ٻياري
آيا "اَنا اَعرفُ" مان ٿي وره واپاري
تَن کا ڏيکاري، مايا مُلڪ عميق جي
لک ٽورا سچڻ لک ٽورا
تنهنجي موٽي ته مِلڻ جا لک ٽورا

ٻي بَس ٿيا بس ۾، جيتي بس نه بصيرُن
فِڪر فقيرن جو فنا، پرک نه پيرن
کهلَ قُروبت جي، نڪو عقل آکيرن
سُر نه صفيرن، سَنَد نه صيادن جي
لک ٽورا سچڻ لک ٽورا

ٽي تَن تازو ٿيو وچي ذوق ۾ ذاتي
اَصلُ سمعُ سِڪَ ۾ آيو فَسعوا صِفاتي
ڪُڙهه ۾ قريبن جي لڳي قرب جي کاتي
اَمل اِماتي، جيئڻ جدا جن جو
لک ٽورا سچڻ لک ٽورا

ٿي ٿوابت سُپرين، سدا سُونهن ۾ سُونهان
ونڻ وات وصل جي ٿيڻي موٽي نه مُونهان
اندر در فراق جا، جاڳي ڏکيم دونهان
لُونءِ لونءِ منجهه لونهان، لايُون آلانءِ عشق جي
لک ٽورا سچڻ لک ٽورا

**جيم** جدا ٿي جنڊڙو جلي جوش ۾ جاڏي
"جي يَبصُرُ بي يَسمَعُ" آهي سِرُ سُبحاني
"بي يَمشِي" يار جي، يَڪي نينهن نشاني
اُن جو مُعاني، سالڪ سمجهن سونهن جا
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

**حي** حقي حق هيڪڙو، ٻيو ٻيٽي ٻٽائي
لاحَدُّ لامَدُّهُ لا وَصلُ وِداعي
لا اَسفَل عُلوي، لا وَلَهُ لِوائي
خاڪ نماڻي، سونهن سندا سُپرين
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

**خي** خَرَّ مُوسيٰ ڍيو، ٽِپي طُور تي تازو
آيو طُوا مان ٽِڪو ٿي "فَاخلَع" آوازو
عرش مٿي اِستويٰ لايو غمزي غمازو
غير جو غازو، لاهه تان لوائي وڃي
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

**دال** دوا دردَ جي ڏي موٽي ميان مون
هينڙو هيرڻ پَن جِين ڦُٽي ٽيڙم ڦارون
تن تُنبي تارُون ڪيو، ڏري عشقَ جي تاڪُون
منهنجو ميثاقُون، سينو سڪي سِڪَ ۾
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

**ذال** "ذُبَابُ الذي لاَ ذوقُ لَهُ" جَن
لذت لوزينات جي جو سِرُ نه صحي ڪَن
آندن اکيان آرسي اِصفا مِثل سِفالَن
منهنجو موهي مَن، وچ ۾ پَراهون پرين
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

ري راضي ٿيِي آئيا پيرين، مون ڏي پاڻهي پيرَ
عطر عُودُ عبير سان سڀئي سڙها ٿيا سيرَ
ماري مشتاقن کي ٿئي دلبر تنهنجي ديـر
هينيَڙي سندي هيرَ، دَمُ نه لهي دِل تان
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

زي زَلزَلا زاريون پيئُون هينيَڙي منجهه هزار
”لا يَفرَح“ روح ۾ رهيو جنهن جي جُسي کان ڏار
حِرْقَ حَرارَت جي ٿـي نارُ اعليٰ نـار
چهرو سـپ چمار، ڀَرنِ ٻيرا ٻـاقَ ۾
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

سين سُڪرُ سِڪَ جي ڪيئي دِلڙي ديواني
جَرح جـدائيءَ ۾ ڪيا قرب جي ڪاني
ڪونه ڏسان ڪيڏَهين ٿـي توجيهو جاني
دارون دَوا نِي، ڪَر تـه قراري ٿيـان
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

شين شمع عشق جي جاني ٻُڙي جَن ٻَري
”لا يَنيل في قَلبِهِ اِلا يَومُ الـدا“ وري
ويندا ڏُنـوبن جـا ٿِي دَفـع دَفتري
وَرندو واءُ وري، وَصل جي ۾ وِصال جو
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

صاد صَدا سِڪَ جي ڪَيان ساجُهر سويري
جاني جـدا جِندڙو ڪـامي ڏيئڙم ڪيري
رَقبو رقيبن جـو وَري وِرهَ ۾ ويـري
دلبر دَلبيري، ڏي تـان تَواني ٿيان
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

ضاد ضيا وَرَضو تي راضِي رَهي هوءِ
جِهت جِهاتِي ويا، جتي 'وَجهِي'[٨] وڏو رُوءِ
"لا رَيبَ فِي جِلِهِ" تِي جانِي سندِي جوءِ
بابُو 'بَلِي' بوءِ، آدِي عجيبن جي
لک ٿورا سچڻ لک ٿورا

طوئِي 'طاه' 'يٰسين' ۾ صفا صفت سڀيرن
داخل دوا دارِ وَرِي وِره نه وِيرَن
ڪعبو بنا قلب جي، ٿِمي پسڻ نه پيرَن
دَمُ نه دَليرَنِ، دعوي دَلالت جِي
لک ٿورا سچڻ لک ٿورا

ظوئِي ظِلَّهُ ظِلِّتِي لا ظِلَّ لَهُ هوءِ
پسڻ ڏاران پرينءَ جي جانِي پَلُ نه پرِي پوءِ
"ڪانَ لَهُ فَلَهُ" هوءِ لالڻ سندي لوءِ
تان ڪين[٨] وَتان توءِ، دم نه جُدائي ٿِمي
لک ٿورا سچڻ لک ٿورا

عين 'عِندَهُ' آن ڪان ٿي عين عنايت
نافِي نَفخُ ذِيهُ جي سان واسِين ولايت
مَحل مَوازِين جي ۾ حامِي حمايت
ڪافِي ڪِفايتَ، پالَ پلا پاڻيان
لک ٿورا سچڻ لک ٿورا

غين غمومَن ۾ ويا وِرِهَ وِلوڙِي
اندر دردَ فِراقَ جي وڏا عضوا آلوڙِي
منهنجا جيرا ٻُڪيون جانِي رکج تون جوڙِي
مُنهن مِنا موڙِي، وِجهم مَ جهوري جنڊڙو
لک ٿورا سچڻ لک ٿورا

**في** فنا فراق ۾ ڪيو فلڪ فراقي
جاڏي جدا جندڙو ڪري وڃي ٿيون ياڪي
ڏينديون ڪنڌ مٿي سان اچي مُحب مُلاقي
سڄڻ ٿي ساقي، ڏي ڪا سرڪي سِڪ جي
لک ٹورا سڄڻ لک ٹورا

**قاف** قلم قرب جو جنڌ والي وهايو
تنهن حصو سِڪ جو آچي سيني سمايو
نڪو تان ڪن فيڪون هو نڪو يُعرف رايو
اوڏاهون آيو، جاني جنڌي جيءَ جو
لک ٹورا سڄڻ لک ٹورا

**ڪاف** ڪهف قلب ۾، ڪئي 'قالوا' قراري
"ڪيف بنى بينه" جوڙيو جبل جباري
بيرون بر بحر ۾ وري وره جي واري
طلب جي تاري، پٽ تان پڇان پره ڪي
لک ٹورا سڄڻ لک ٹورا

**لام** لطف تنهنجا، جاني ڳڻ لکين ڳايان
نوڪر نيلي نانوَ جي ساڳي اسم سڏايان
رڪي رمي رجلين جي لوڏو لڳن لايان
نيڻين سمايان، سرڪي سڪر سِڪ جي
لک ٹورا سڄڻ لک ٹورا

**ميم** منهنجي من تي لايون عشق آيلان
ويٺي هنجهون هاريان، رويو رت جون ٿي ر يلان
والي وار ولهيءَ تي وري وصل جون و يلان
تنهنجي طفيلان، تاري تڳان تن ۾
لک ٹورا سڄڻ لک ٹورا

**نُون** نِڌر نارَ جو ٿي نارَ نِوالو
حَطَب هڏا هڏيون، سڙي سينو سِفالو
طلبَ طَهُورا متجهان ڪِجان اندر ڪي آ'و
پِرت پيالو، ڏي تان ٿَسِي نہ ٿيان
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

**واو** وَجهُ تنهنجو، جاڙي منهنجو جياپو
بَدرُ الدُجيٰ دِل تي، پيو ڪَرن ۾ ڪاپو
"آناالَڪَ وَ آنتَ لِي" جو آيو نِيهہَ نياپو
محب ميلاپو، ڪر تان ڪَسائي وڃي
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

**هي** هادي حقُ مهڙيين، جنهه لئي جُکي جِي
سو مِلي مون سپرين، جتي اکيون لڳيون هِي
ڪڏهن چُوندم چِت سين، اچي پُر پيالو پِي
صَلبُ سُڪُر سِينٰ، ويندو وڃان وسري
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

**اَلف** اَلانٰ عشق جي لايُون لُونءِ لونءِ ۾ لاٽون
ٻرن ٻيرا ٻوٽيون ٿيا جهَٽڪي ۾ جهاٽون
لڳيون درد فراق ۾ آچي آندُر آساٽون
وِره جون واٽون، وٺيو ويڳاڻي وتان
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

**لا** لائي تون سپرين، وِڌي واٽون واجهايان
لوهُو لال اکين جو لُوڙيو لڳن ڪي اِلايان
جاني جدائيءَ ۾ ٿي جيرا جلايان
پائِي نہ پانيان، جنهه سان ڪِجي ڳالهڙي
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا

ڏيي ياري تو يار جي آهي ڀاؤر يتيمن
آقوي آقاليمَ ۾ ٿئي ظفر ضعيفن
عاصي غلام محمد کي ڏي ڪلمون مٿن
تنهه جي طفيلن، تن ۾ تواني ٿيئي
لک ٿورا سڄڻ لک ٿورا
تنهنجي موٽي ۽ ملڻ جا لک ٿورا
لا اِلٰه الا الله محمد رسول الله

بسم الله الرحمن الرحيم

## مناصح المؤمنين

اي غلام محمد شروع ڪر هي ڪتاب
آهر ٿيو تصنيف سنڌي جو شتاب
آهر ڪيو مونکي ميان ڪارڻ ڪريم
سو ميان استاد مون 'عبدالحڪيم'
مُلڪ ريگستان 'ٿر ي' جي ڪنار
شهر 'ڇوٽياري' چوان اِي هوشيار
لقب تنهن 'ٿري' سندو 'ڪارو' لڪن
سو ٿيو استاد منهنجي جو وطن.

اي جو نالو پاڪ تنهنجو ٿي شفا
زور نافع آهي ڏٺه جملي دوا
لا دوا وارو چڱي ڏٺه درد رنج
جو وٺي نالو لهي سو صحت سنج
پڻ شفا دل جان جي هي نام پاڪ
ساڻ سيني ياد ڪر ي هوشناڪ
ڏٺه منافق حال ۽ ڏٺه شرڪ شڪ
ڏٺه ريا اي نُور منهنجا مترڊ مڪ.

نعمتن تنهنجن ڪنان اي بادشاه
خلق عالم کي وڏي آهي پناه
تا خوشي سان کين سي ٿَند ڪؤن طعام
ساڻ رونق رُوء تازي مٿه تمام

"قُل هو الله آحد" تنهنجي ٿي صفت
وصف تنهنجي ڪاڻ مون مذهب مِلّت
ڪرم پنهنجي سان ڪرين آسباب خلق
شُڪر ڪي شب روز ۾ آواز حلق.

تون ڪريم آهين ڪرين ڪيڏا ڪرم
تون قوي قدرت ڪرين راحم رحم
تون شفاعت جو ڏٿي شافع شفيع
تون فتح مونکي ڏئين نافِعُ نفِيع
رحم منهنجي حال تي ڪر اي ڪريم
جو ڏکويو دل گهڻو آهيان، حليم
فضل ڪر ڪو اي ٻڌندڙ مون مٿي
تون سٺين سڌ ڙا سوالن جا سٿي.

ثابتائي ۽ سچائي سين صفا
پيرَ پُورائي مٿي منهنجا رَکا
تان پچائي دين پنهنجي تي ڪريم
پيروي پيغمبري ڏي مستقيم
ساڻ پيغمبر سندس اولاد ساڻ
ڏينه محشر جي هُجي منهنجِي وَراڻ
پاڪ پيغمبر مٿي ٿؤ لک صلوات
سي سندس اولاد تي بيحد برات.

سُرڪ پيالِي عشق پنهنجي جي پيار
پيروي تي پير مون قابو ٻيهار
سُرڪ سان ڏي دل ديواني کي ڪٿر
تان ٿيان تنه ڪان وڃي خود بيخبر
هي وڃن ويلا وَڏائي جا وَهِي
تان سچائا ذات تنهجني کي صحي

اول ۽ آخر خدا خاوند جو
ظاهر ۽ باطن سڀني سڀ هنڌ جو.

سو خدا صاحب وڏائي ۾ وڏو
جنهن ڪيو سڀ لوڪ ساري جو لڏو
ذات پنهنجي تي سدا قائم ڪمال
لوڪ دنيا ۾ نه آهي هيڪ حال
فهم ڪوته ڏنهن حقيقت ذات پاڪ
فهم فاني ٿي ڪري سا هولناڪ
سا هميشه ذات آهي لامڪان
بي‌مثل آهي نه جهڙو هي جهان.

خلق جو خالق خدا خاوند سو
پاڪ آهي سو، نه ڪنهن فرزند سو
ڪونه ڇاڻو تنهن منجهان مخلوق خاڪ
پاڻ آهي هيڪڙو سو پاڻ پاڪ
هيڪڙو حق آهي واحد لاشريڪ
سو قديمي ذات، سو اوڏو نزيڪ
پاڪ سو بي‌عيب آهي بي‌مثال
سو وڏائي ۾ وڏو بي‌قيل قال.

درد آندر ۾ ٿيا منهنجي مقيم
ڪر دوا دردن سندي تون اي حڪيم
لطف پنهنجي سان اندر ڇوٽاءِ تون
خوف ڪان آجا ڪرين آجزاءِ مون
فضل تنهنجي جي نهايت ناهه ڪا
رحم تنهنجي ۾ نه ٻي پرواهه ڪا
ڪرم پنهنجي سان سخي بخشيش ڪر
مون مٿي اي رحمتي منجهه بحر برّ.

ذات تو اوڏي گھڻو سون ڪان گھڻي
ٿي چڪي تحقيق جي توڏي تڻي
بلڪ تنهنجي ذات کي آهي بقا
بي بقا فاني اسان جو هي لقا
هي سڀو باطل فنا فاني وجود
ذات ذاتي کي ڪيو ملڪن سجود
تون آهين موجود تنهنجي ذات پاڪ
پيا سڀئي موجود فاني خونُ خاڪ.

رزق جو ضامن خدا سڀڪنهن سندو
بيشڪو بدنيڪ جو پيدا ڪندو
آهو آهي رزق ڏيندڙ ڏينهن رات
قوم کي قادر قوي سونهون صفات
جو انهين سونهين ڪنان ٿيندو شڪي
وات ويندي تنهن وٽان پاسي پڪي
ٻن جهانن ۾ اهو ٿيندو خوار
جو ڪندو بي وات جي ٻيهر پچار.

جو جهد پرهيزگاري ۾ ٿيو
تنهن وٽان غم درد آندوهه ويو
سو چٽو لڄ شرم آخر جي ڪنان
جنهن ڏران ڏوڻي ڇڏيا پاپي پٽان
جنهن ڇڏي دنيا دورنگي دين ڪاڻ
آخرت جو تنهن ڪنيو سامان ساڻ
قرب جا سرُ تي سروپا سو ڪندو
جو ٿيو خالص خدا صاحب سندو.

نيڪ نحسي جي ستارا ڏينهن رات
جي نجومي علم ۾ باري برات

جي ڦيرن ٿا مُنھ مٿي ھي آسمان
مرض گرمي سرد جا بيحد بيان
ري اَمُر ڪِنھ جو نہ سي نالو وڃن
جي ھجن عرشن مٿي ٽوڙي پَٽن
نام مولىٰ جو ضراري ۽ قھار
نام نافعُ نُور سو صاحب ستار.

شُڪر مونکي جنھ خدا خاوند پاڪ
خلقيو خاصو ڪري ڏَنھ خونُ خاڪ
نعمتون اسلام جون مون تي ھزار
ظاھري پيدا ڪيون پروردگار
اُمتي مان مصطفىٰ جو آھيان
مير مرسل پانھنجو سارائيان
ڏنھ خدا خاوند راضي ٿو رھان
آھنج سھنجو حال برسر تي سھان.

سو سچو سالار سو والي وفا
بادشہ سو مُرسلن جو مصطفىٰ
ڏينھ محشر جي شفاعت جو ڏڻي
سا اُميد آھي گنھگارن گھڻي
سو محمد مصطفىٰ نالي نَجيبُ
خلقيو خاصو خدا پنھنجو حبيب
ختم ٿي تنھ تي نبوت بي گمان
ڪاڻ تنھ پيدا ٿيا ھر دو جھان.

شخص سو گمراہ جو گمراہ ٿيو
جو شريعت ۾ مخالف واہ ٿيو
گَم ٿيو گمراہ ۾ گمراہ ٿي
ويو وڃائي واٽ سو بي واہ ٿي

سو ٿيو تابع شقي شيطان جو
پيروي ۾ نفس نافرمان جو
تنهن سندي صحبت زهر قاتل سڄاڻ
ٿي پڇي بيزار تنهن کان اي جوان.

طمع ڪي اسباب دنيا جو م ڏيج
دل منجهان پاڙون پٽي بوٽو ڇڏيج
دوستي دل مان دنيا جي دور ڪر
ٿي يگاني يار جو يار اي پسر
مڪر ڪندڙ هي دنيا آهي حرام
لعنتي ڪئي ملڪ جي مالڪ تمام
ٿي هئي ڏاڍا دورنگي وات ۾
وات حق جي ٿي جهٽي سا جهات ۾.

ظلم ظالم ڪي ڪري خامي خوار
ظلم سان ٿيندو وڃي سو سنگسار
درد مان جي ٿو ڪڍي مظلوم آه
تان ٻڌي سا دانهن ٿو تنهن دم الله
ٿو ڏڪي هي عرش هڪڙي آه سان
جي ڪري ڪو ظلم ٿو بيواه سان
عرش مان غلبو اچي ٿو هولناڪ
ظالمي ٿيندو ظلم سان خون خاڪ.

علم جي اک سان ڏس تون ذات حق
تان وڃن تنهنجا سڀي هي شور شق
ڏس مثل تون درسني جي پئي جهان
تنهن منجهان گم ٿي وڃن تنهنجا گمان
هر طرف الله باقي هيڪ آهه
سو ڏسين جيڪو نمازي نيڪ آهه

سا حقيقت تو مٿي پڌري ادا
جي ڪيون نيشانيون پيدا خدا.

ذات حق جي کان سواءِ ٻيو ڪين آهه
جو ڏسين ٿو سو آهو نابين آهه
هي حديثن ۾ خبر ٿئي معتبر
ٿول سڀ فاني فنا ۾ سربسر
ذات حق موجود دائم ٿي مدام
ذاتيون ٻيون ٿي فنا ويندڀون تمام
جي نهارين هر طرف آئي يقين
تان ڏسين هڪ ذات حق ٻيو ڪين ڪين.

فهم پنهنجي فڪر ڪي ڇڏ اي جوان
عقل تجويزي جزا ڏي ٿو زيان
ڪر توڪل هي سڀئي حيلا ڇڏي
جان دل جو ڪڻ سمر لوڪان لڌي
جو سوا حق جي هجي سو دور ڪر
ڪيم ڪين تنهه جو وري مذڪور ڪر
تنه پڇاڻا واٽ واحد جي وٺج
واٽ ٻي ڪل ذات جي کان مُنهه مٽيج.

اي نپائيندڙ تون اي قادر ڪريم
اي تون خالق خلق جو اعليٰ عليم
فيض تنهنجي روءِ روشن ڪيو جهان
ظاهري ۾ هي زمانو آسمان
ڏي شفا شافعِ ڳهري ٿو هي غلام
ڪر ڪٽي اِمراض کان آجو تمام
بخش ڪر ڏي روشني ايمان جي
ڏوُر اوندهه ڪر ڪفر نادان جي.

پاڪ ڪلمون ڪر وظيفو پانهنجو
ڪيم ٿي ڪاهل قوي دل ڪانڌ جو
پڙهه تون ڪلمون پاڪ سو دل جي حضور
سڀڪهين اوقات ۾ اي نيڪ نور
سان ڪلمي 'لا' سندي لائي ترار
ڪُل عالم کي ڪپي ڪر سنگسار
پوءِ رکج دل ۾ تون اِثباتي خدا
سو خدا توکان نه آهي دم جدا.

دوستي دنيا سندي ڇڏ اي جوان
دوستي حق جي جدائي ڏنه جهان
جو خدا جو دوست ٿيو خاصو خلاص
سو محمد مصطفيٰ جو دوست خاص
نعمتون تابع تهين جي ٿيون سڀي
ڪانڪا تنه کان جدا پي ڪا لڀي
نعمتون نافع تني جي دوستي
سا يقيناً قرب قادر جي رتي.

مڙس سو جو زال تي غالب هجي
سو نه ڇڙبو زال جو طالب هجي
زال سا جا تني امر ۾ زيردست
سو ڇٽو ڏنه زال جي قيدان ڪست
ڇا هجي هو زال اي هوشيار
نفس نافرمان شومي کي شمار
ٿيو جهين کي نفس نافرمان
سو پيلين تنه جو متو ڏي هيٺ پير.

هي وڏائي حال نفساني سندو
ساڙ سو ڏيئي آلان ماري متندو

ڀوت ٿئي اکيون هوا ۽ حرص کان
هي نصيحت هاڻ تو لاءِ لکان
ڇڏ بخيلي ڪيم ٿي ٻخلي بخيل
ٿي سخي ڏي مال پنهنجو في سبيل
ڇڏ تڪبر بغض بازي ۽ ڏمر
تان ٿيئي روشن گھڻو تنهنجو اندر.

”وَ هُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ“ سچاڻ
آهيان هر جا اوهان جي ساه ساڻ
اي ٿيو آهي خدا توسان جڏهن
تون ڦيرائي مُنهن تهين ڏي ڪر تڏهن
ٿي طرح اهڙي ڇڏي هن نفس کي
آءُ آڏامي پيچ قضا جي قفس کي
تان ٿئين واقف خدا جي راز جو
جي رکين پر کو سچي پرواز جو.

هي دنيا آهي نه راحت جو مڪان
ٿو جهنم ۾ وجهي جاهل جهان
چيو پيغمبر پاڪ ”دنيا ساعتون“
تان مَ پنهنجو پير تنهن ۾ پاءِ تون
ٿي مثالي دونيِ دنيا متيَّنا
طالبو تنهن جا ٿيا ڪُتيون ڪُتا
دوستي تنهن جي وڏي آفات ٿي
ڇڏ صفائي سونهن کي تون ذات ٿي.

علم کي لازم ڪري وٺ روز شب
ڪر سخاوت سان عدالت جي طلب
ساڻ ذِوڙت هو خدا جي خلق ساڻ
ڪيم ٿي مشغول دل ۾ دلق ساڻ

هو حياسين، سان شفقت هو فقير
ڪيم ڪي تون ملڪ ۾ تي مير پير
ڪر تون عادت پانهنجي مسڪين حال
ڪيم تي حاسد حسد جو پائمال.

تون هتي آيون دنيا ۾ اي ادا
تان سجائين پاڻ ۾ پنهنجو خدا
تي حقيقي ذات جو حق اليقين
ڪيم ڏس ڪنه ذات ٻي ڏي اي امين
ڏي خدا جي وات تي پنهنجي چمار
ڪر سخا ڏي مال پنهنجو بيشمار
دين جي تون امر ۾ تي رات ڏينهه
ڪيم تي شيطان شومي شير شينهه.

يا الاهي خير سان ڪج خاتمون
وقت آخر ڏيج ڪلمون وات مون
فضل رحمت سان پنهنجي پاڻ تون
ڪيم ڏي مونکي ڪهين جي ڪاڻ تون
لطف پنهنجي سان هي رضوي غريب
پانهنجو ڪج نيڪ نامي ۾ نجيب
منهن م ڏي مونکي نه ٻي ڪنه تات جو
روز شب ڏي شوق پنهنجي ذات جو.

تي پلاڏي مصطفیٰ جي عام تي
جي پيغمبر امتي اسلام تي
ٿيو نبي صاحب سچو سردار سو
بار امت جو متي بردار سو
پڻ محمد جو سچو اولاد پاڪ
تن سندي پيرن چمان پيزار خاڪ

ٿيو خدا جي مهر سان پورو ڪتاب
سؤ صلواتون مصطفيٰ تي ڇڏو شتاب.

جيڪڏهن سن سال هجرت جو پڇن
سن تيره سئو، وَره ٻيو ٿا لکن
هي مهينو ٿا لکن ساري صفر
تي جُهين تاريخ معنيٰ مُعتبر
جو پڙهي پورو مناصح کي ڪري
همت دعا جا ڏي دعا ڏيندڙ ڌَري
بخش ڪر والي ولهي جا والدَين
بخش بخشڻهار، پاوُر نُور عين
بخش ڪر استاد جي جاني جهان
وقت آخر ڏيچ مون ڪلمون زبان.

---

بس پورو ٿيو ڪتاب مناصح المؤمنين
تاريخ پندرهين مهيني رمضان مبارڪ
سن تيره سؤ ٽري ١٠٣٣ھ
هٿان غلام محمد جوڙيندڙ
جي بس

# غزل

اچي ساقي سڳاين کي ڀري ڏي مئي سندا پيالا
تہ جيرا جوش جانب جي جلايون جان ۾ جالا
سڳاين مهر مولا جي وسي برسات ٿي دائم
جني تي مينهن محبت جو نمي جا نيڻ نيت نالا
وٺي جي واٽ وحدت جي ايا ميدان ۾ مانجهي
زره جولان جي پائي ڪندا چوگان ۾ چالا
سڻي سڪ سوز صحبت جي جني پيتي منجهان محبت
وڃي سيئي وصالت ۾ ٿيا خوشنود خوشحالا
ترن جي تار رئي ترهي بحر عرفان ۾ عارف
تني کي ڇا سمندر دريا، ڍنڍيون ڍورا نديون نالا
جني کي لڱون سندي لالڻ لڳي لُونءِ لُونءِ اندر لوري
ويا تن کان سيئي وسري دنيا دولت مڏيون مالا
ڇڏي هي ملڪ لاهوتي لڪاپور ڏي لڏي ويڙا
رمي تنهن راز کي رسيا جتي نا قيل ڪو قالا
سدا ڏک درد دلبر جو رکج دل ۾ "غلام محمد"
سوا سڪ سوز ساجن جي زلن منجهہ روہ ريزالا.

○

مئي محبت جي منجهان ساقي اچي ڏي سُرڪ ڪا
ڪيم ڪي تون عاشقن کي مُرڪ کان ساقي سڪا
جي سدا دبدار تنهنجي لئي آيا ٻانهون ٻڌي
تن ڪنان منهنجا پرين تون ڪيم ڪي منهن کي لڪا

ڪي منجهان جاڻي مسلماني ٿيا مومن مدام
ڪي وجهو جهٽيا وڃن ٿا ٽِلڪ جا لايو ٽِڪا
ڪي مُنڌل محبوب کان موڳا مدامي بيخبر
ڪن ڪي مالڪ مُلڪ جي پيغام پلپل ۾ مُڪا
ڪن منجهان مٿي جام جي پيتو شريعت جو شراب
ڪي وٺي ويٺا بداعت ۾ ڪٺي چِلمون حُقا
ڪي عبادت ۾ مدامي ٿا عمر ڪي صرف ڪن
ڪي ڪٺيو پنگي وجهن ٿا پنگ ۾ ڏوبو ڏُڪا
ڪي ڏکو پنسو ڪري ڪن سور سين سوڙهي دنيا
ڪن سندا ڇوڙيو وڃن ڪي هِميائي مان ٽَڪا
ڪي ڪپڙ ڪورو وڇايو ٿا وتن ڪيو ڇاڪ ڇاڪ
ڪي آڌوراڻا سچا ڪن سمُيءِ سان ڏيئي ٽُڪا
معرفت جي مُلڪ جا جامان ڏڪيا جي عارفن
ڪن ڪيا ڪارا ڪُلهن تي، ڪن ڪيا ساوا سچا
ڪي وتن ٿا ذوق ظاهر جي غلام محمد مدام
ڪي وتن ٿا لوڪ ۾ هو لال لاهوتي لِڪا.

○

عشق جي آزار کي ڇيو طبيبن لا دوا
ويچ سڀ ورچي ويا حيلا حبيبن جي ڪيا
عاشقن کي عشق جو آزار جاڳيو جان ۾
شاد ٿيا تنهن درد ۾ تنهن جو نه ڪن دارون دوا
جي وڏيل محبوب جا سي ڪيئن طبيبن کان ڇُٽن
تن وٽان حاذق هٽي دارون دوا واري ويا
ڪينڪي ڪنهن پر ڪڏين آهي طبيبن جو غرض
پاڻ پنهنجو پوءِ ڇڏي جي پيش پرين جي پيا
سي وري سالم نٿا ٿيئن طبيبن جي هٿان
جي نياپي نيه جي هو نرءُ نهوڙي نِيا

درد ۾ همدم نہ ٿيندو ڪو قريبن مان قريب
ماءُ ڀيڻو ڀائر سڳا ٽوڙي هجن سو ٽر ۽ سيا
درد پنهنجي جي دوا ڪر تي غلام محمد طبيب
'الف' جو علاج ڪر تون 'ميم' مان معجونيا.

○

آهُ تون عجيب اوري صاحب سدا سوپارا
وره تون اچي اڱڻ ۾ اوڏو اڏي اوتارا
صورت پسي پرين جي ڦاٽا ڦِڪي ڦرت ۾
ڏوران ڏسيو ڏين ٿا لائي لقا لامارا
عاشق سدا اداسي تو لاءِ ٿيا سناسي
ڏي ڪو دلئون دلاسو تن کي ڀرين پيارا
تون سير سچو سخا جو، تنهنجا سوين سوالي
سائل سدا سڪندر تو در مدام دارا
پائي ليهو پرت مٿون ڏي ڪو پرين ڏِڪالو
تنهنجي هڪي ڏسڻ تان صدقو بلخ بخارا
لاءِ وصال تنهنجي صاحب سوين سڪن ٿا
جهڻن ٿا وتن ٿرن ۾ روجهون هرڻ آچارا
صورت سچي پرين جي ڏس تون غلام محمد
محبن جو مٽ نہ ڪوئي سچ چنڊ ڪتيون تارا.

○

پرين جي اکيان ڇا وڏي بخت وارا
سڪندر تہ مسڪين درويش وارا
سدا سي متا مير مخمور مست
جني جام پيتا منجهان مٺي جلارا
پيالا جني پرت مان پاڪ پيتا
تني کي ڪندا ڪوه آرهڙ سيارا

آجهي هوتَ جي ڇانوَ وڻا اڏي
وسن ٿا تني جا اوطاقون اوتارا
ڪي مومن مسلمان ايمان سين
ڪني پڻ ڪفر جا ڪيا ويس ڪارا
ٿئن ٿوڪ پيدا مڙيئي مُند تي
ميوا ڪن مُنديتا ليسُوڙيون ليارا
غلام محمد رک هوشداري
انهين واٽ تان پي پليا هوش وارا.

○

مَ تي دم ڪو تون جاني جُدا
تو لاءِ دل تي جو ساري سدا
جيڪا نيڪي بدي منهنجي حق ۾
سا تان لوحان لکي ازل آبدا
آءُ تون عجيبا اڱڻ اسان جي
جان ڪيان آءٌ توتان فدا
تون تان سدائين صاحب سخا جو
آءٌ تان تنهنجي در جو آهيان گدا
عشق ئون غلام محمد کي
ويا سور سڀي هاڻي وسري آدا.

**صندوق** مان مراد آهي ”طالب جي بيخبري ۽ بي فهمي“، جنهن ۾ ويڙهيل ۽ سانڍيل هجي، ۽ درياءَ جي دهشت جي ڪل نه رکي.

**درياءَ** مان مراد آهي ”حقيقي ماءُ جي جهولي“، جا پناه وارن کي پناه ۾ رکندڙ ۽ امن امان ڏيندڙ آهي.

**ڀنڀور** مان مراد آهي ”هيءَ دنيا يا جهان.“

**رنگريز** يعني ڪتيءَ مان مراد آهي ”مرشد ڪامل“، جو طالب کي پنهنجي گهر يا پَر ۾ نپائي ٿو، ۽ جڏهن نپجي وڏو ۽ پختو ٿو ٿئي، تڏهن کيس پنهنجي گهر جو مالڪ ٿو بنائي.

**سسئي جي حسن** مان مراد آهي ”عمل صالح“ يعني موچارا ۽ نيڪ ڪم.

**سسئي جي بالغ ٿيڻ** مان مراد آهي ”مرشد ڪامل مڪمل جي حالت ۾ هڪجهڙو ٿيڻ“ يعني ”فنا في الشيخ“ (مرشد ۾ گم ٿيڻ) جي درجي کي رسڻ.

**ڪتيءَ جي ڀائرن جو ڪاڻس سسئيءَ جو سڱ گهرڻ** تنهن مان مراد آهي ”دنياوي ۽ نفساني خيالات“.

**پنهون جي منشيءَ جو ڀنڀور ۾ اچڻ.** تنهن مان مراد آهي ”محبوب حقانيءَ جو طالب حق جي طرف خواهش جاري ڪرڻ جو سبب“. ڇاڪاڻ جو ان جي پهچڻ ڪري طالب حق جي ڪشش مطلوب جي طرف پاڻان گهٽي ٿيندي. جڏهن پنهونءَ جي منشيءَ يعني حق جي خواهش طالب کي قولن ۽ فعلن ۾ مرشد ڪامل منجهه محو ڏٺو، ۽ ان کي پنهون يعني حقيقي بادشاهه جي لائق پاتائين، تڏهن ڪيچ طرف خبر لکيائين.

**ڪيچ** مان مراد آهي ”ملڪ وحدانيت جو“ يعني ”قرار جي حاويلي.“

**وفاتي پنهونءَ جي ۽ سسئيءَ جي مقبري منجهه، دفن ٿيڻ.** تنهن مان مراد آهي ”يُوصِلُ الحَبِيبُ اِلي الحَبِيبِ“ (دوست کي دوست سان گڏجايو ويندو). طالب ۽ مطلوب جو هڪ حالت ۾ گڏجڻ، جئن پاڻي پاڻيءَ ۾، کير کير ۾ وڃي ۾ ڪو ويڇو نه رهڻ، ۽ طالب جو ”فنا في الله“ جي درجي کي پهچڻ. و الله اعلم با الصواب.

## ساهڙ ۽ سهڻي جا ڪنايا

**ساهڙ** مان مراد آهي ”مطلوب“.

**سهڻي** مان مراد آهي ”طالب“.

**ڏم** مان مراد آهي ”نفس امارو“

**درياه** مان مراد آهي ”شريعت جي وات ۾ پنڌ“ ۽ ”متابعت محمدي (ص)“.

**درياه جي هيءَ ڪنڌي.** تنهن مان مراد آهي ”هي جهان“ ۽ ”پنهنجي وجود (هئڻ) جو دنيا منجهه اثبات ڪرڻ.“

**درياه جي هوءَ ڪنڌي.** تنهن مان مراد آهي ”فنا في الله“ يعني ”حاويلي قرار ۽ بقا جي“ يعني ”پاڻ کي فنا ڪرڻ؛ ذات جي اثباتي، ۽ گم ٿيڻ صفات جو.“

**سهڻيءَ جو رات کي وڃڻ.** تنهن مان مراد آهي ”جاهايءَ جو جهان“.

**ڪچو دلو.** تنهن مان مراد آهي ”غير شرعي ڪم ڪري يا خيال ڏاري شريعت ۾ رخنو وجهڻ“؛ جهڙوڪ ڪفر ۽ بدعت جا بچڙا ڪم، جي ظاهر ۾ پسند پيا ايندا، پر باطن ۾ بدعت ۽ بي‌ديني آهن، جئن شيخ عطار (رحمت‌الله‌عليه) فرمايو آهي:

مان مراد آهي "خاص شفاعت ۽ رجوع ٿيڻ مطلوب جو طرف طالب جي"، يعني ته ظاهر ۾ فراق جي تفرقي ڪري سو جدا آهي، پر باطن ۾ خاص شفاعت ڪري ازلي شفقت جي پاڇولي هيٺ رهي ٿو. و الله اعلم بالصواب.

## عمر ۽ مارئيءَ جا ڪنايا

**عمر** مان مراد آهي "نفس امارو" (يعني نفس سرڪش جو بد ڪمن جو امر ڪري).

**مارئي** مان مراد "حق جي ابدالن جي روحن منجهان هڪڙو روح"، جي آلَسۡتُ واري ڏينهن ذات پاڪ جي ديدار منجهه مست ٿيا هئا.

**مارئي جو مڱيندو.** تنهن مان مراد آهي "ذات پاڪ" (جنهن سان ازل ۾ ابدالن جي روح لائون لڌيون هيون).

**ڍٽهوار ۽ سانگي.** تن مان مراد آهي "حق جي سيني ابدالن جا روح"، جن جي ذات ۽ صفات ۾ ڪو فرق ناهي. جڻ ته فنا في الله جي درجي تي آهن ۽ هن جهان جي "هٿن" جي خبر نٿا رکن، ۽ ظاهر توڙي باطن ۾ دل جو ڪشف حاصل اٿن (يعني ته الاهي اسرارن چاڻڻ لاءِ سندين دل هميشه کليل آهي)؛ تنهين واسطي انهن حق جي ابدالن جي ذات ۽ روحن وچ ۾ ڪو فاصلو ۽ فرق نه آهي.

**ملڪ ملير.** تنهن مان مراد آهي "ملڪ وحدانيت جو".

**مال ماروئڙن جو.** تنهن مان مراد آهي "قرب ذات جو طرف صفات جي."

**ڀيڻن ڪير ۽ ڏوري ۽ لسيءَ جو ۽ انهن مان لذت ۽ وٽ وٺڻ.** تنهن مان مراد آهي "ياد رکڻ ۽ دور ڪرڻ سبق 'آلَسۡتُ بِرَبِّكُم قَالُوا بَلٰي' جو".

**ڪلاري** مان مراد آهي ”ڪلمو پاڪ توحيد جو“ ۽ ”لا إله إلا الله“ ان جي تڪائي يا پاٽي آهي.

**ٿال** مان مراد آهي ”قربيت ۽ وصال جو سبب.“

**سر ڏيڻ راءِ ڏياچ جو.** تنهن مان مراد آهي ”فنا في الله“ يعني صفات کي فنا ڪري باقي ٿيڻ، ۽ ذات سان سمائجي وڃڻ. جڏهن ذات ذات سان ملي هڪجهڙي ۽ هڪ ٿئي، تڏهن صفتون سڀ گم ٿيو وڃن. و الله اعلم بالصواب.

## ڪنايا هير ۽ رانجهوءَ جا

**رانجهي** مان مراد آهي ”ذات پاڪ“.

**هير** مان مراد آهي ”ازلي عاشقن جي روحن مان هڪڙو روح“.

**سرڪي ڪير جي جا هير پيتي.** تنهن مان مراد آهي ”الست بربكم قالوا بلى جو دور ياد ڪرڻ“.

**جهنگ سيال.** تنهن مان مراد آهي ”هي جهان“.

**هير جو ڪڙم قبيلو.** تنهن مان مراد آهي ”دنيا جا لاڳاپا ۽ نفساني خيال“.

**منع ڪرڻ ماءُ ۽ عزيزن جو هير کي** تنهن مان مراد آهي ”شيطاني لشڪر“.

**کيڙو جو هير جو مڙس هو.** تنهن مان مراد آهي ”ماسوا الله“ يعني غير خدا سان ڳنڍ هجڻ ۽ غير سان دوستي رکڻ. جيتوڻي نڪاح ماسوا الله ساڻ هوس تان پڻ سندس اصل ذاتي اصل سان ڳنڍيل ۽ لڳل هو.

**مال ۽ مينهون رانجهي جون.** تنهن مان مراد آهي

"قرويت تحويلات جي" يعني اهي معاشي يا گذران جا ٿول جن سان روح کي راحت ۽ فرحت رسي ٿي.

**ڪن پيرڻ هير جو رانجهي هٿان.** تنهن مان مراد آهي "وصال جي لذت ۽ حظ وٺڻ".

**هير جو جهنگ سيال کي ڇڏڻ.** تنهن مان مراد آهي "هن جهان جا علائقا ڇوڙڻ ۽ حال حيانيءَ ۾ 'مُوتُوا قبل آن تَمُوتُوا' جي درجي کي رسڻ، ۽ ماسوا الله جا خيالات پٺي ڦٽا ڪرڻ.

**رانجهي ۽ هير جي هڪ ٻئي سان دوستي رکڻ.** تنهن مان مراد آهي "فنا ٿيڻ صفات جو ذات ۾، ۽ ماسوا الله جو حرف 'هئڻ' جي ڦرهي تان ميساري ڇڏڻ. والله اعلم بالصواب.

**ڪهاڻي چنيسر ۽ ليلان جا**

**چنيسر** مان مراد آهي "ذات پاڪ".

**ليلان** مان مراد آهي "ماڻهن جي روحن مان هڪڙو حرص وارو روح".

**نڪاح ڪرڻ چنيسر جو ليلان کي.** تنهن مان مراد آهي "ذات پاڪ کان 'الست بربکم' جو صادر ٿيڻ، ۽ حريص ۽ صفاتي روح جو 'قالوا بليٰ' چوڻ". انهي حالت ۾ نڪاح جي عقد بندي ٿي.

**ڪونروءَ** مان مراد آهي "صفات جو امتحان (آزمائش) ذات جي هٿان".

**هار** مان مراد آهي "بهشت ۽ ان جو سينگار". جڏهن بهشت جو سينگار ۽ جنسار ڏٺائين، تڏهن پنهنجي حق کان (جنهن مان مراد آهي 'ذات') دل کڻي انهيءَ ظاهري ۽ فريبي

مٿيئر جو ملڪ معاف ٿيڻ. تنهن مان مراد آهي ”ذات ۽ صفات جو هڪ ذات ٿيڻ، خواه لاريبي حساب ۾“. و الله اعلم بالصواب.

## ڪنايا چام جڪري جا

**چام جڪري** مان مراد آهي ”رسول خدا(ص)جي تقديري حڪم جو غلبو“.

**آڌڙ** مان مراد آهي ”نفس امارو سرڪش“ يا ”شيطان جو لشڪر“.

**ملڪ ڪڇ** مان مراد آهي ”ملڪ محمدي“ (ص). ”دارالسلام“ يا ”دار القرار“.

**اڌڙ جو ملڪ جو رڻ جي ٻئي طرف آهي.** تنهن مان مراد آهي ”زلزلي وارو ملڪ جنهن ۾ ٻيٽيل ۽ هٺيلو نفس امارو راڄ ڪندڙ آهي“ يعني ”جهالت جو ملڪ جتي شيطان جي فوج داخل آهي“.

**رڻ** مان مراد آهي ”حق جي طالبن لاءِ امتحان جو ميدان“.

**اڌڙ جو ڪڇ تي لشڪر ڪيڻ.** تنهن مان مراد آهي ”شيطان جو حملو، جو مومن محمدي (ص) جي قلب ۾ واهمو وجهي ٿو“.

**اڌڙ جو ڪڇ مان لشڪر سان ڀڄڻ.** تنهن مان مراد آهي ”دين محمديءَ (ص) جي غلبي ڪان شيطان ۽ سندس همراهن جو ڀڄڻ“.

**ڪڇ جي رعيت.** تنهن مان مراد آهي ”مومنن جا روح“.

**ڪڇ جي رعيت کي امن ۽ امان ۾ رکڻ.** تنهن مان مراد آهي ”دين محمديءَ جي پناهه ۾ ٿيڻ“. جتي دين متين محمدي تقويت وارو هوندو، اتي شيطان جو لشڪر ضرور ضعيف هوندو.

**سڀون** مان مراد آهي ”آمنتُ باللهِ و ملائڪته و ڪُتبهِ و رُسلهِ و القدر خيره و شرّه من الله تعاليٰ و بعد الموت و اليوم الآخر و أشهد أنْ لا آلله الا الله و أن محمّداً عبدهٗ و رسولهٗ“ (ترجمو: ايمان آندو مون الله تي، سندس ملڪن تي، سندس ڪتابن تي: توراة، انجيل، زبور ۽ فرقان ۽ ٻيا صحيفا؛ سندس رسولن تي، هن تي ته نيڪيءَ ۽ بديءَ جي تقدير الله کان آهي؛ موت پڄاڻا وري جيئري ٿيڻ تي؛ پوئين ڏينهن يعني قيامت تي؛ ۽ شاهدي ڏيان ٿو ته سواءِ هڪ الله جي ٻيو ڪو پوڄا جو لائق نه آهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان ته محمد (ص) سندس ٻانهو ۽ نياپو آڻيندڙ آهي“.)

**خيرات ڏيڻ ڄام سڀڻ جو.** تنهن مان مراد آهي ”دين محمديءَ (ص) جي متابعت (پيروي)“. اهي شخص جي سچا طالب آهن، تن کي سخاوت جو حصو زياده ٿو ملي، ۽ جي شخص سچي ويساه وارا نه آهن تن کي سخاوت جو حصو انهيءَ قدرت موجب ٿو ملي.

اهڙي طرح قياس ڪجي ته ڪيترين ئي معنائون ذڪرن ۽ فڪرن جون ٿيون اچن، پر هن ٿوري بيان تي پورائي ڪئي وڃي ٿي. و الله اعلم بالصواب.

پورو ٿيو ڪتاب ”منهاج العاشقين“

## شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ٽن بيتن جي روحاني معنيٰ

(١)

مَکِين هاڙهي هَلَّ، مَکِين ويهُ ڀنڀور ۾
ڪوڙين ڪيچ مَ ڪنهن سان، سچي ساک مَ سَلَّ
جاڻَب ڪاڻ مَ جَلَّ، سَڪُ وسار مَ سسئي.

معنيٰ بيت جي هن دستور تي معلوم ٿئي:

**هاڙهي** مان مراد آهي "ملڪ شريعت جو، متابعت محمدي (ص)"

**ڀنڀور** مان مراد آهي "هي جهان". جڏهن هاڙهي ۽ ڀنڀور ٻنهي ڪنان منع ٿو ڪري، تڏهن اشارو ٿو ڪري "فنا في الله جي واٽ ڏي".

**ڪوڙي ڪيچ م ڪنهن سان.** تنهن مان مراد آهي "ذاتپاڪ جي اثباتي". جڏهن (طالب) فنا في الله جي درجي کي رسيو ۽ پنهنجي حقيقي پنهونءَ کي قلب منجهه ڏٺائين، تڏهن ما سوا الله (خدا کانسواءِ) سڀ دفع ٿي ويو. تهان پوءِ هاڙهو ۽ ڀنڀور ٻئي "هٺن" جي ڦرهيءَ تان ميٽجي وياه پوءِ جڏهن حال "هٺن" جو ويو ۽ ذات جي اثبات ٿي، تڏهن حقيقي پنهون جي ذات اثبات ڪرڻ سو ٻڻ عين ڪوڙ آهي، خطا آهي، غلط آهي. انهيءَ دليل تي هڪڙي بزرگ بيت ڏنو آهي:

ڪلمو پڙهان ته ڪافر ٿيان، ڪلمو پڙهي ڪير؟
جيڏنه راه رسول جي، تيڏنه پريان نه پير
سون تنين سان وير، جنين محمّد مڃيو.

۽ بهشت جي حرص کان پاڪ آهن اهي صراف حقيقتيءَ جي حساب کان پڻ بي خوف آهن؛ ۽ اهي روح جي روز ميثاق جي دنيا ۽ بهشت جا طالب ٿيا، سي پاڻ ماٺري ۾ پوندا. تنهن جي مراد آهي ته ميثاق جي ڏينهن کان وٺي ويندي مماتيءَ جيڪي به هن عالم ڪثرت ۾ دنيا ۽ بهشت خاطر ڪيائون، تن جي ڪاٿن پڇا ٿيندي؛ جهڙو منڪر نڪير سان سوال جواب، پل صراط تان گذر، تُر ميزان (عملن جو ترارو)، قيامت جي ميدان ۾ سج جي گرمي وغيره وغيره. پر اهي روح جي دنيا ۽ بهشت کان اصلاً بيزار ٿيا ۽ ذات پاڪ جي لقاء منجهه مشغول رهيا سي سيڪنهن قسم جي باز پرس کان ڇٽا، ۽ "ان" اولياء الله لا خوف عليهم و لا هم يحزنون" جي درجي هيٺ آيا. والله اعلم بالصواب.

# ڪن اڻوکن لفظن جي معنيٰ

[داستانن هيٺ ڇاپايل ڏنگين ۾ نمبر بيتن جا آهن]

## سر ڪلياڻ

داستان- ١

(١) آلو=اوزار
پاڙهورو=
(١٥) ويڳيا=موڳا، چريا
(١٦) اڏوهي=بيڏوهي
(١٧) سڀوجهي (سڀوجهه)=
وڏي سمجهه سان،
وڏي ڏيان سان

داستان- ٢

(١٦) سيراه=سيراپ، ڊپ،
هيبت

داستان- ٣

(٤) ويسند=وٺي، ساهي
(١٠) آرانگ=ارانگهه، اورانگهه
(١٢) ضمّ ڪري=گڏ ي،
گڏ ڪري، ملائي
(١٥) سُورُ (ع)= حضرت
اسرافيل واري

داستان- ٤

(٤) پهلو=پالهو (؟)
(٦) دير=مجوسين يا ڪرستانن
جي پاٺ پوڄا جي جاءِ

## سر جمن

داستان- ١

(٤) وِوهُ=ونءِ، وڇ
مڇڻ=متان
(٧) رنجا=رنجيا، رنجائيا،
ڏکويا
(٨) ناري=ناڙي، نبض
(١٣) تُڪا=پتّها (ملم جا)

داستان- ٢

(٢) سترڪ=سرس، وڌيڪ،
سگر، چڱو
(٤) جائي=پڪي، پوري،
بلڪل صحيح
(٦) سينون=سينو
(٨) سڳرين=سانڻين، رفيقن ڪي

(باه ۾ پچڻ سببان)

داستان-٧

(٥) لِيڏ= نئين لڌل شيءِ، کوجنا (Discovery)

ورسيا=رهجي ويا، وانجيا

(٧) سيڌڻ=سڄائي، صحيح صورت ۾ ڏسڻ

ابڏڻ=ڳولي هٿ ڪرڻ

ويڌڻ=سور سختي سهڻ

وِرَ=وڏو اونهون ڦٽ، زخم

(٨) ٻَريان=پار پتا

هينين سان هٿڙ = دل سان هنيائڻ

(٩) اکين ۾ موءِ= اکين ۾ وار، پرواز

(١٠) آزاڪي=جن وٽ زڪوات جيتري بچت ناهي، غريب

مَيا=متارا

## سر سراڳ

داستان-١

(٣) ڪينان= 'ڪِين' جي اوڙڪ

(٦) اکهيري = جنهن جي گهيري جي حد ڏي نه هجي، بيحد گهيري واري

گرداب=ڪُن

جوپڻ=ڪشي پٽڻ

(٧) ستوهَ=سختي

(٨) نِيران=نير مان، پاڻي مان

نجابت=وڏگر دائي سان

(١١) ڇوهو= مينهن سان گڏ سخت تکو واءُ

ڪيلا=ڪِلا

(١٢) سيمان=پاڻي جا سمنڊ ليڪا

صلابت=پختائي، پڪائي

(وائي) ميٽرا=ميٽرا، ملاحڙا

داستان-٢

(١) نمائي=ڏيکاريندڙ، سونهون

(٣) چاڇ=ڇيچ، وڏو وسيع پاڻي، سمنڊ

ڏراڇ=ناپسنديدگي

(٨) مُشتِرِي=خريدار

طِلا=سون

سيماءَ=چاندي

(٥) مهاڙنا=مهاڙيو تي ورتا، خريد ڪيا

(١١) ڪيچُل=ڪچ

(١٢) ڪَري=سچي

(١٤) تاڪي=پوري، بند ڪري

(١٥) پاڻي پرکڻا=سچي آيل پاڻي کي پرکيندڙ

(وائي) ارُ=نقص، عيب

داستان-٣

(٣) امليا=جن جو ملھ ڪري
نہ سگھجي
ڪالسمڪ في البحر =
جيئن مڇي سمنڊ ۾
نهارو=ڳولائو
نونڻ=اونهائي
(١٧) مسموعن=ٻڌندڙن
صمومن=ٻوڙن

## سر سامونڊي

داستان-١

(٤) ٻاري=سمنڊ ۾ درياء
جي ڇوڙ واري جاء،
ٻيڙي جي بندر ڪرڻ
لاء سلامتيء واري جاء
(٦) ٻاريء جهل=ٻاريء لڳ
نل=نار، اکين مان
ڳوڙهن جو لڳاتار وهندڙ
پاڻي
(١٠) واڻ=وڏا ٻيڙ

داستان-٢

(١) بسم الله مجريها =
الله جي نالي سان انهن
(ٻيڙين) جو هلڻ
(٢) ڪيڙا=ڪيڙائو،
هاڪاريندڙ، ملاح

داستان-٣

(١) ڪتان=ڪتون، فتحون،
ڪاميابيون
(١٢) مليندڙا=وڏي ملھ وارا؟

داستان-٤

(١) لڪائو=لڪا (لنڪا)
يا سيلان ويندڙ، پرلڪا
(پرلڪ)، يا سوماترا ويندڙ
(٣) سفرڻ=سفر تي وڃڻ
سفريا=سفر تي ويندڙ
(١٥) ساڳيا=ساٿ (ٻيڙن جا)

داستان-٥

(٩) لڪائي=لڪا وارا،
پرلڪا ويندڙ
لاڳيا=لاڳاپا
(١١) پرار=پرئين پار جو

داستان-٦

(٣) لڪائين جي = لڪا
(پرلڪ) ويندڙن جي
(٥) مويا تيو مسيت=مويا
وارو ڏوراهون بندر بہ
ايترو ويجهو جيترو
ٻاهران مسيت
مامونئي = ڪجھ ڳوليندڙ،
نوان ديس ۽ بندر دريافت
ڪندڙ
(٦) نوائي = چپ چپات،

رات جي لڙڻ وقت
(وائي) چوء=چوي

داستان—٧

( ١ ) مويا=بندر جو نالو(؟)
منڊن = هڪ ٻئي لڳ
ناهي لنگرانداز ڪن
( ٢ ) آهو=آسرو
ٻرٻر=وڻتر وڏيڪ، گهڻو
( ٣ ) سافرو=سفر ۾
( ٤ ) اڳيئي پرڀات = پرڀات
کان اڳيئي
( ٥ ) ڪِڙواهَ=ڳالهائڻ جو
هلڪو آواز
ٻَهير=ٻيڙين جي قطار

داستان—٨

( ٢ ) ناريون=ٻيڙيون،ناتاريون
( ٦ ) ڪيڙائن=ڪيڙائڻ سين،
سامونڊين سين

## سر سهڻي

داستان—١

( ١ ) ٻِرهه نبات=عشق جو
ستلو، محبت جو بنياد
( ٨ ) آڙهي=وُڙهِي

داستان—٢

( ٣ ) لغور=بيهمت، گيدي

داستان—٣

( ١ ) سيجاهو=سامهون،واقف
( ٩ ) سِڄَڻ=سِڄهڻ،
پورا ٿي چڪي وڃن

داستان—٤

( ٤ ) آمد=جوش، چاڙهه
(درياء جو)
( ٦ ) تاڪا=تڪڙ وارا
ورڪڻ وٽڻ
(١٣) طفيلاهي ڇڏڻ=(ڏاڍي
جو هيٺي ڪي) پنهنجي
هٿ وس ڪري ڇڏڻ

داستان—٥

( ٨ ) آريءَ=ڪارائي
(١٧) مُسْتَسْقِي=اڃارو،
پيئڻ لاءِ آتو

داستان—٦

( ١ ) سمن پڌڻ=ملڻ جو
انجام پڌڻ
رڳني=رنڻ، بنا وارث
وسيلي جي
( ٢ ) پرنيون=گڏوگڏ
( ٨ ) ڪُر=مانڻي، عزازت
(١٠) طلب=خواهش
(١٢) هور هڙڪ=دپ داءُ
(١٤) لاس=لغار، اثر

داستان—٧

( ١ ) مويا=پاڻي
( ٢ ) اِصْبِر=صبر ڪر

سلال = سنڌوالا، وڏا،
پڪا (سڌ ساهڙ جا)
(٧) سهو = ڳڌجائي، سچائپ

## سر سسئي آبري

داستان-١

(٩) فجارون = فغارون (؟)
دانهون
(١٠) مستوراتيون = ڳجهيون،
ڍڪيل
(١٢) وسال = وس، برسات
(١٩) لهاٽون = لوهاٽو درياء
(١٤) ولهاگو = اڪيلي،
سچي (؟)
(١٥) ڪيم آلاڻ = بيهار نه،
چوڙي نه، چڏ

داستان-٢

(١٢) سياڪت = مائٽي

داستان-٣

(٣) سلتي = سلي، پڌائي

داستان-٤

(٤) عاق = بي نتيجي، لاوارث،
نافرمان، باغي
ورجيس = رت پهت
تدريس = مطالعو
تجنيس = هڪ جيهائي
(٥) ورژ = ڪميٺا

(٧) شينهن شمائل = عادتن
۾ شينهن جهڙو

داستان-٥

(١) ڏاه = خبر
ڏري = ڏر واري،
خوفائتي
(١٠) ڏاڻ = انعام

داستان-٦

(٤) ڪاف = جبل، روهه
(٦) هوري = هلڪي
جاڏي = وڏي ڏکيي
(٧) مڻ = هل، ڏور

داستان-٧

(٣) قذف = بهتان
زير زراف = هيٺان چڙهي
لاء 'زراف' (جانور) آهي.
چڪ ۾ هڪ ست ۾
(٤) لليجيون = ذڳ،
ڪوڙيون
(وائي) چرپٽا = سرجٽا

داستان-٨

(٣) چران = منڊيان
(وائي) باب = جوڙ، مٽ، جوڳي
دمو ويٺي دموچ = حشمت
هلي ويٺي (؟)

داستان-٩

(١٠) ڪور = انڌيون

(۳) قِيردَةٌ = پولڙو

داستان—۱۰

(۱۰) ڪِياء = ڪتان

داستان—۱۱

(۱) مُحِيْطي = چوڏاري
گهيرو ڪندڙ
نَمر = نئن
(۱۰) ڪيس = رنگ
(۱۲) هپچِي = هچندڙ
(۱۴) رَهِي = جيڪا پويان
رهجي وڃي
رَمَهُ = رلي ويندڙ (؟)
سيڇاهو = سچاڻ جيڪي
سيني کي سنيالين
ڇيهڪڙي = ڇيڪ ٿيل،
اڪيلي

داستان—۱۲

(۹) جويا = ڳولا

داستان—۱۳

(۹) ڪيرون = ڪيرن جا وڻ
جن هيٺ ويهي ساهي ڪئجي
(۱۰) پڙمُ پيمُ = پرين پرين
(۱۲) ڪيٽن = ڪيٽان، ڪين

داستان—۱۵

(۷) دم پيچڻ = گهڙي ڪن ساهي
ڪڍڻ، ترسڻ

داستان—۱۷

(۲) اوليِي = اولپل، پٺڪيل

## سر معذور

داستان—۲

(۱) لوحان = لوح محفوظ کان

داستان—۳

(۵) سير = اڻ لکا پيچرا
(۱۲) جاف = سڪل، ڪوڪو

داستان—۴

(۹) وانگيِي = ڪا پهر، ڪو
ماڻهو
(وائي) جرس = گهنڊ، گهڙيال،
ڪنهن ڪُڙڪي

داستان—۵

(۱) قساوت = تڪليف، سخت
دل، ڏکسور، مصيبت
ڪاري = سخت

## سر ديسي

داستان—۱

(۱) ڪيڻ طعام، ڪاڌا

داستان—۲

(۳) هَرَ = اٽڻ
(وائي) مَدَ = شراب
اُمعاب = ڳارو

داستان-٥

(٦) تسي=خوش ٿئي،
خوشيون ڪري

داستان-٦

(١) ٌرماليي=واريءَ واري
(١٢) آڌريوُن=دلاسا، دلداريون
ٿيڪون

## سر ڪوهياري

دنستان-٢

(٩) ڦيري پوڻ=اٿلي پوڻ
(ڦٿن جو)
(١٨) سائون=سئون، برابر

داستان-٧

(٦) جاء=(اردوءِ جادو) ٌوڄ

## سر حسيني

داستان-٥

(١) ٌرويت=تصوير، منهن

داستان-٦

(١٠) جولاهَن=(هت معنيٰ)
ڪوريٽن

داستان-٧

(٥) ڏوسيا=پيرمرد

داستان-١٤

(١) ڪيٺاڻون=ڪِتاڻون

## سر ڪنيات

داستان-٣

(٩) لَوحان=لوح محفوظ
ڪان وٺي
(١٣) حَلاوتِي=مِٺو

داستان-٤

(٤) ناڳو=ناقو، اٺ
(٨) مَزات=مازاد، ماءُ پيئان
تازو چانيل، ننڍو گونرو
(١٢) چاهَڪ=ساوڪ
چاهَڪ چڪَب=ساوڪ
مٿ

## سر بلاول

داستان-١

(٤) دزي=متيءَ ۾ ملي (؟)
مِٽي، ڌوڙ
(٨) پَرَ تي=پروان تي،
ڌارين تي

داستان-٢

(١) آمائون=امانتون، سامون
(٦) ترهلون=هيٺاهيون، چِنون
(٧) ڏرهو=ڏيو

## بروئو سنڌي

داستان-١

(٨) سَليندي=سوراخ
ڪيندي

داستان-٣

( ١ ) اِستسقا=ڪيتري به پاڻي پيئڻ سان اُڃ نه لهڻ

داستان-٤

( ١ ) خيز ڪري=ڪڏ ڪري، خوشيءَ سان

( ٣ ) ايريو=سخت ڪڙائي (ايريءَ جهڙي)

( ٥ ) ٻوٽڻ=ٻوٽيون ٻوٽيون ڪرڻ

## سر سارنگ

داستان-١

( ٦ ) ڏوڳاهو=ڏڪار

( ٨ ) آڳوندرا=سٺا، وڏي فائدي وارا

داستان-٢

( ٥ ) خضرات=ساوڪ

( ٨ ) پاڇوها= (؟)

داستان-٣

( ٢ ) آلوڙيون لوڙين=ڪير واريون ڳايون ڪريون ڪائين

(١٤) نيرت ڏي ناسين=مينهن جي پاڻي ڏي واجهائن

## سر آسا

داستان-١

( ١ ) آستان=نيستا، هيڻا، ضعيف (عاشق)

لاڏي=لات، وائي (محبت جي)

داستان-٢

(١١) نوش=پيالو، جام

## سر سورٺ

داستان-١

( ٥ ) منگهه=گهر، اڇا، ذات

داستان-٢

( ٣ ) مُرسَل=موڪليل (ڪنهن جو موڪليل)، آماڻيل

( ٥ ) لڪ=تو لاءِ

ليءِ=مون لاءِ

( ٩ ) ويٺي=هلي وئي، مشهور ٿي وئي

(١٢) ڪيريو=روڄ

(١٤) عُسرتِ=ڏکي حالت

مسرت=خوشي

(وائي) حَبّذا هٰذا=وڻ هيءَ (سر)

داستان-٣

( ١ ) عَجيبيُون=اجايون

(١٠) فرداڻي جو فام=انفراديت جو احساس

## سر پرڀاتي

داستان-١

(٦) زير ٻمي آواز=هيٺ ۽ مٿي واري وڄت

(١٢) ڳانيچ=ڳاچ، راڳ

## سر ڪاموڏ

داستان-١

(٨) لڱيا ليڙ=ڦاٽل ڪپڙا

(١٦) ڪُنوڙا= ڪوجهي وڙ وارا، گهٽ سونهن وارا

داستان-٣

(١٥) ڪيرولِيُون = مثال ڪُم جي پاڙن وارو گول ڦر

## سر ڪاريهل

داستان-١

(٦) هري= هلڪي، گهٽ

(٨) هنجهر=بدڪ جو قسم

(١٣) سانهيڻ = سانءَ (پکي جو قسم)

## سر ڪاهوڙي

داستان-١

(٦) نيچَ=اوزار

(١١) پاڳهلا=پوڳهلا، اياڻا

داستان-٢

(١٠) ڪانئو=مالڪيءَ جو حق

داستان-٤

(٣) تم=ختم

## سر رپ

داستان-١

(١٠) اورانيو=سڪ، پيار

داستان-٢

(٩) سڏيون=گوشت جون مشڪون

داستان-٣

(١٣) غاسِل=غسل ڏياريندڙ

(١٨) آهيل=آڏ مو، آچل (سِڪ مان)

## سر رامڪلي

داستان-١

(١) تاڪي=پوري
روڪائي جي روڙ=روڪ ۽ دير جو اثر

(١٠) ڏِساند ر=ڏيساند ر، پراهون ڏيهه، پرڏيهه

داستان-٢

(٤) تيلاهون= تنهن ڪري
تڻ=ناٿين، سڪ رکن

(٥) سوتي=سٽ جي (سيلهي)

داستان—٢

(١٧) حاڪيي=حڪايت ڪندڙ

داستان—٣

(٦) جوازان=جوازمان، جائز هجڻ واري تصديق مان

داستان—٤

(٩) قبرڦيلو=قبر جي پچار

داستان—٥

(٥) آڏنڊ=آڏامندڙن

(٩) پتر=پيالو، جمن

داستان—٦

(١) ڏماچي= (؟)

(٨) دار=گهر

ڏواري=رهڻ جي جهوپڙي

جواري=پاڙيسري

(١٠) پهر=جتي ڪا پهر هجي، وسڻون

داستان—٧

(٢) ڏڙڪيون=رليون

دنستان—٨

(٧) جالين=جلائين

نالين=هٿ ڪن

(٩) آڪو=آڪو، منتر، متنڊ

(٢٣) پريو=سولو ٿيو، وريو

(٢٨) پاپوهيندي مونه=منهن مرڪندي

داستان—٩

(١) صنم=بت (جنهن جي پوڄا ڪجي)

سمن=ملڪ جو وعدو

## سر ليلاچنيسر

داستان—١

(٨) لياري=ليئور جو (؟)

داستان—٣

(٩) سائون=سنئون، برابر

## سر ڏهر

داستان—١

(٢١) ماهو منبڻ=جنگ جوڙڻ

داستان—٢

(٤) ڪوڏارن=ڪوڏر وارن (اوڏن)

(٨) ڪِرڙيون=پڪڙا، جهورپڙيون

(١٠) نمري=صحيح، سالم

(١٧) گڏي چڏ=ختم ڪري ڇڏ

داستان—٣

(١) هيرات=هرات (ملڪ جي

(٢٠) بال=ڪنب

داستان—٤

(١) سندايون=سهڻايون

داستان_٥

(٤) ٻني=ڪڇ جو هڪ مشهور علائقو

(٥) گرڙيي=گرڙيي ۾ (گرڙيو اڙاسيو ڪڇ جو اتر_اولهنديون علائقو)

(١٣) تجليس=وِهڪ

داستان_٦

(١) واڳڙ=ڪڇجو اپرنديون هڪ علائقو

(٣) جَهريو=ڪڇ ۾ ٻني علائقي جي مٿان هڪ جبل لوٽيو=سنڌ کان ڪڇ ڏانهن ويندڙ واٽ تي رڻ جي ٻئي طرف جو ڳوٺ

(٩) وايُوران=نالوماڳ جو

(١٥) رَحيل=لڏي وارا

## سر ڪاپائتي

داستان_٣

(٩) اميٺ=نه مٺي (؟)

داستان_٤

(١) وکل=هيڪلائي

(٨) تورا=توريندڙ

## سر گهاتو

داستان_١

(٣) مَڇُوا=مڇي مارڻ لاءِ نديڙيون ٻيڙيون

(٧) دنگيي=ٻيڙيءَ جو قسم

(١٠) تَرَ (جمع) تَرون = ڪکن جو ٺهيل ترهو

(١٥) ترازيون=ٻيڙيون

داستان_٢

(٦) جيئڙاي جي جُفتا = ساهه جا ساٿي

سُفتا=سيتل، سيبيل، سمايل

داستان_٣

(٣) ميئڙو=ميٺڙو، گهاٽو، ميربحر

زاف=ضعيف، هيڻا

## سر راڻو

داستان_٢

(وائي) نيڪر=ناقص، خام

داستان_٥

(١١) حَدَسُ=حسد

داستان_٧

(٢) عُسرتيي=ڏک وارا

## سر ماروئي

داستان_١

(٩) بافيندڙ=اُڻندڙ

(وائي) آنُڪر=هانوڪار، رضا

داستان-٤

( ٩ ) وَلاَ تَجْلِسْ فِي الْقُصُورِ =
ماڙين ۾ نہ ويهہ
وَلاَ تَلْبِسْ لِبَاسَهُ عَلَى
جَسَدِكَ = سندس لباس
پنهنجي جسم تي نہ پاءِ
كُلُّ شَيءٍ يَرْجِعُ إِلَى
أَصْلِهِ = سڀڪا شيءِ
پنهنجي اصل ڏي موٽي ٿي

داستان-٧

( ٥ ) نيهيُون (واحد نئِن) =
وسڪاريواري پاڻي جا
وهڪرا

( ١٠ ) وَ اللهِ = قسم الله جو،
سچ تہ

داستان-٩

( ١ ) كُنْفان = كُنْ

فَيَكُونُ كان، پيدا
ٿيڻ واري مهل کان
زوي = هلچل، رسم

( ٥ ) تَرهَل = هيٺاهين جُوءِ،
چَنَ

داستان-١٠

(١٥) جَرس = چڙو، چڙي

جو آواز
(واڻي) ماڙ = مارواڙ، ٿر

## سر ڏناسري

داستان-١

( ٦ ) كَماحَقُون = جيئن جو
ٺيئن، جيئن گهرجي ٺيئن

( ٨ ) داڙُو = سنگهار، واهرو

(١٣) ڌِهو = بڻ، بنياد، سلسلو

## سر شينهن ڪيڏارو

داستان-١

( ٩ ) نايُون = نُهنبون،
ڇُهنبون
طنبيلا = طبلا، طبل، دهِدپا
ٿبريز = بريز بريز،
دڙڪا تاب

(١١) ڪيڏارا = حملا، هنگاما

(١٥) شَمُون = باسون، ٻُويون

(١٣) طفيلي چڏڻ = پنهنجي
وس ڪري ڇڏڻ، مطيع
ڪري ڇڏڻ

داستان-٢

(١٢) پري جي پَلتار = شڪار
۾، پَرو جهلي قطار
ڪري هڪل ڪرڻ

## سر بسنت

داستان-۱

(۱) واهُوندن = سياري جي خاتمي تي ڏکڻ- اولهه طرفان لڳندڙ هوائن

(۱۳) راٺيون = رات جـون راٺيون

## سر ڍول ماروئي

داستان-۱

(۵) وانجا ڪين وڙن = احسانن ۽ انعامن کان محروم نه ٿيا

داستان-۲

(۷) آجـُـڪ = جوکي کان خالي، سلامتي واري

# صحت نامو

| صفحو | بيت | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ١ | ٥ | آپڙهار | آپاڻهار |
| ٢ | ٨ | ١ | پڌري | پڌرو |
| ٢ | ٩ | ١ | پڌرو | پڌري |
| ٥ | ٢ | ٣ | ٿي | لٿي |
| ١٠ | ١٣ | ٢ | چور | چورِ |
| ١٦ | ٦ | ١ | سهنون | سينو |
| ١٨ | ١٧ | ٢ | قِصاين | قَصابن |
| ٢٤ | وائي | ١، ٣ | جڏو | جڏاو ٿئي |
| ٢٥ | " | ٢، ٤، ٦، ٩ | جڏو | جڏو ٿئي |
| ٢٧ | ١١ | ١ | پڳتڙا | پکتڙا |
| ٢٧ | ١٣ | ١ | ميڙ | ميڙِ |
| ٢٩ | ٧ | ٣ | وَرُ | وِرَ |
| ٢٩ | ٩ | ٣ | آزاڪي | آزاڪي |
| ٣١ | ١ | ٢ | درياهِ جون | درياه جون |
| ٣٣ | وائي | ٢ | سِنڌِيتدا | سِينڌدا |
| ٣٥ | ٨ | ٣ | طِلا ۾ سيماه | سِلا ۾ سيماء |
| ٣٥ | ١٢ | ٣ | ڪَريي | ڪَرِي |
| ٣٧ | حاشيه | | (١)اصل:ڪِدي(٢)اصل:وَوُ | (١)اصل:وَؤ(٢)اصل:ڪِدي |
| ٣٨ | ١٢ | ٢ | قُمِ اللّيلِ آلاقليلا | قُمِ اللّيلِ اِلاقليلا |
| ٣٨ | ١٧ | ١ | مَسمُوعَن | مَسمُوعَن |
| ٥٢ | ١٥ | ٣ | سيهي | سيني |
| ٥٣ | ٦ | ٣ | آڌيرُون | آڌيرون |

# Gulam Muhammad Khanzaee jo Risalo

بيت ڏولِيو ڏِي ڪُل کِي ڏِيئي وڳاوِيس مَن
طلب ٿيا جذ وجد سوئي سُتٽ ڏِينِس جِيهو
جِتي ڏِينِس تِيهو تِيِي ٽنگي وائي مُهجا عيب ڍڪِيا
سَپُ ڏولُ ڏِيئي پائند پناه جو: آنگا اُگاٽِي اڳلي
چاٽِ هي مَتي چو ڏولُ ڏِيئي پائند پناه جو مُوٽي
مُحتاجن کِي جام پيرِي ڏِي جهولُ ڏِيئي پائند
پناه جو وڳاوِ پچارن کِي: ڏِيج ڏِيارِي ٽولُ
ڏِيئي پائند پناه جو غُلام محمد مُلڪ مان ڏُرت
وِيا ڏُک ڏولُ ڏِيئي پائند پناه جو

SHAH ABDUL LATIF BHITSHAH CULTURAL CENTRE
BHITSHAH SIND, PAKISTAN